# سنڌي ٻوليءَ بابت مقالا ۽ مضمون

(جلد-I)

مرتب:

ڊاڪٽر انور فگار هَڪڙو

سنڌي لئنگويج اٿارٽي، حيدرآباد

# سنڌي ٻوليءَ بابت
# مقالاءِ مضمون
(جلد I)

مرتب

**ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو**

سنڌي لئنگويج اٿارٽي
حيدرآباد، سنڌ
2007ع

سنڌي لئنگويج اٿارٽيءَ جو ڪتاب نمبر (103)

سڀ حق ۽ واسطا محفوظ

# سنڌي ٻوليءَ بابت مقالا ۽ مضمون (جلد 1)

مرتب: ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو

ڇاپو: پهريون

سال: 2007ع

تعداد: 1000

قيمت: 120 روپيا/ 7 ڊالر/3 پائونڊ

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

Catalogue Reference
Hakro, Dr. Anwar Figar
Papers on Sindhi Language
Sindhi Language
Sindhi Language Authority
ISBN: 978-969-8194-95-6

**Sindhi Boli -a- Babat Maqala & Mazmoon(Vol-I)**

| | |
|---|---|
| Compiled By: | Dr. Anwar Figar Hakro |
| Edition: | First, 2007 |
| Quantity: | 1000 |
| Price: | Rs. 120/-, $ 7/ £ 3 |
| Published by: | Sindhi Language Authority, National Highway, Hyderabad, Sindh 71000, Pakistan. |
| Tel: | 022-9240050-53 |
| Fax: | 022-9240051 |
| E-mail: | sindhila@yahoo.com, sindhila1@hotmail.com |
| Website: | www.sindhila.com.pk |
| Composed by: | Muhammad Ramzan |
| Printed by. | Intel Communications, Hyderabad 022-2721172 |

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

هيءَ ڪتاب اداري جي چيئرمئن عبدالقادر جوڻيجي، ميسرس انٽيل ڪميونيڪيشنز حيدرآباد مان ڇپرائي، سنڌي لئنگويج اٿارٽيءَ جي آفيس، نئشنل هاءِ وي، حيدرآباد، سنڌ مان پڌرو ڪيو.

# انتساب

<u>تنوير عباسيءَ جي نالي</u>

تـــوان شـــناخـت به يک لحظه از شمايل مرد.
کہ تاگجاش رسيده است پايگاه علوم (سعدی)

ترجمو: مرد جي گڻن مان سمجهجي ٿو تہ.
علمن ۾ سندس پيڙ ڪيستائين کپيا آهن.

ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو

# فهرست


| | |
|---|---|
| ناشر نوٽ | VI |
| پيش لفظ | VII |
| مهاڳ | X |


## ڀاڱو پهريون


| | | |
|---|---|---|
| 1. ٻولي ۽ تهذيب | پيرو مل مهر چند آڏواڻي | 32 |
| 2. نئين سنڌي ڊڪشنري ۽ اعرابون | پيرو مل مهر چند آڏواڻي | 43 |
| 3. نئين سنڌي ڊڪشنري ۽ اعرابون | پيرو مل مهر چند آڏواڻي | 65 |
| 4. سنڌي ۽ سنڌي لغت | پيرو مل مهر چند آڏواڻي | 68 |
| 5. سنڌي ٻوليءَ جي واڌاري ۾ اٽڪون | پيرو مل مهر چند آڏواڻي | 73 |
| 6. سنسڪرت ۽ ديوناگريءَ بابت ويچار | پيرو مل مهر چند آڏواڻي | 76 |
| 7. سنڌيءَ جي دڪدائڪ حالت<br>سڌارڻ لاءِ رٿ | پيرو مل مهر چند آڏواڻي | 82 |


## ڀاڱو ٻيو


| | | |
|---|---|---|
| 8. عربي سنڌي صورتخطي | محمد صديق ميمڻ | 102 |
| 9. سهڻي ۽ سلوڻي سنڌي | حڪيم فتح محمد سيوهاڻي | 112 |

| | | |
|---|---|---|
| 10. سنڌي ٻولي دنيا جي سڌريل ٻولين مان هڪ آهي | حڪيم فتح محمد سيوهاڻي | 120 |
| 11. سنڌي ٻولي | پروفيسر اين. آر ملڪاڻي | 134 |
| 12. سونهري سنڌي | ڊاڪٽر ليلا رام ڦيرواڻي | 139 |
| 13. سنڌي ٻولي: ماضي، حال، مستقبل | گلراج ايم خوشحالاڻي | 142 |
| 14. سنڌي ٻولي | کيمچند هيراڻي | 146 |
| 15. سنڌي ٻوليءَ جون خصوصيتون | ڏيارام وسڻ مل مير چنداڻي | 152 |
| 16. سنڌي ٻوليءَ جو ابتدائي احوال | پهلاج راءِ ليلا رام واسواڻي | 156 |
| 17. علم لغات يا شبد وديا | آسانند مامتورا | 174 |
| 18. سنڌي ٻولي ۽ ديوناگري لپي | ڏيارام وسڻ مل مير چنداڻي | 179 |
| 19. پروفيسر ڀيرو مل مهر چند جي سنڌي ڊڪشنري ۽ اعرابون | پروفيسر ڀوڄراج هوتچند ناگراڻي | 184 |
| 20. سنڌي اعرابون ۽ پروفيسر ڀيرو مل مهر چند | پروفيسر ڀوڄراج ناگراڻي | 187 |
| 21. اعرابن بابت منهنجا ڪي ويچار | پروفيسر منگهارام ملڪاڻي | 202 |
| 22. سنڌي لغات تي ودوانن جا وڌيڪ رايا ڊاڪٽر دائود پوٽي کي جواب | منوهر داس ڪوڙو مل | 208 |
| 23. ڪشنچند بيوس جي تقرير | | 211 |

# ناشر پاران:

سنڌي ٻوليءَ ۽ لسانيات تي ٿيل سموري ڪم جو احاطو ڪرڻ لاءِ اڪيڊمي پاران گهڻو وقت اڳ هڪ رٿا شروع ڪئي وئي، جنهن لاءِ طئي ڪيو ويو هو ته سنڌي ٻوليءَ ۽ لسانيات بابت شايع ٿيل مضمون ۽ مقالا گڏ ڪري شايع ڪيا وڃن. هن سلسلي ۾ سڀ کان پهرين ڊاڪٽر انور فگار هڪڙي کي گذارش ڪئي وئي هئي ته هُو صاحب ورهاڱي کان اڳ خاص طور تي "سنڌو" رسالي ۾ سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب بابت شايع ٿيل مقالا سهيڙي ڏئي. ڊاڪٽر انور فگار هڪڙي، اداري جي گذارش کي مان ڏيندي، وڏي محنت سان مقالا ۽ مضمون سهيڙي اداري حوالي ڪيا، پر بعد ۾ هيءَ ڪم اڳتي وڌي نه سگهيو.

اسان هن رٿا کي اهم سمجهندي نه صرف ڊاڪٽر انور فگار جي مرتب ڪيل مقالن کي ڇپائڻ لاءِ اڳڀرائي ڪئي، پر اداري ۾ ڪم ڪندڙ نوجوان محقق خان محمد جروار کي به اها ذميواري ڏني ته هو ورهاڱي کان پوءِ مختلف رسالن ۾ سنڌي ٻوليءَ بابت ڇپيل مضمون ۽ مقالا ترتيب ڏئي. اهڙيءَ ريت هاڻي اسان وٽ ورهاڱي کان اڳ ۽ پوءِ ڇپيل تقريباً سمورا مقالا گڏ ٿي چُڪا آهن، جن کي ٽن جلدن ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو پيو وڃي، هيءَ ڪتاب ان سلسلي جو پهريون جلد آهي.

سنڌي ٻوليءَ تي جامع تحقيق لاءِ هيءَ رٿا بنيادي ثابت ٿيندي ۽ هن قسم جي مجموعن جي اشاعت، سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ کي منظم ڪرڻ ۾ مدد ڏيندي. آءٌ ڊاڪٽر انور فگار هڪڙي جو نهايت ٿورائتو آهيان، جنهن وڏي انتظار کان پوءِ اداري سان ڀرپور تعاون ڪيو.

21 مئي 2007ع

**عبدالقادر جوڻيجو**

چيئرمئن

# پيش لفظ

موجوده دؤر ۾ سنڌي ٻولي ۽ ادب ۾ لسانيات جي حوالي سان جيڪو تحقيقي ڪم ٿيو آهي، سو پنهنجي نوعيت ۾ معيار ۽ مقدار جي لحاظ کان انفرادي حيثيت رکي ٿو. لسانيات تي سنڌ ۾ سڀ کان گهڻو ڪم ڪيو ويو آهي. هند ۾ لڇمڻ خوبچنداڻي جون اڪثر تحريرون انگريزيءَ ۾ آهن.

پرسي گدواڻي ۽ ڊاڪٽر مرليڌر جيتلي جي حاصلاتن کي ٻه معيار جي لحاظ کان وڏو مان مليو آهي. انهن ٻنهي ماهرن جي حاصلات کي سنڌ واسين ٻـ قدر جي نگاه سان ڏٺو آهي. اسان جي انهن مڙني ماهرن ۽ محققن جي تحقيق ۽ حاصلات کي هاڻي حوالا جاتي نوعيت حاصل ٿي چڪي آهي.

حقيقت اها آهي تہ سنڌ ۽ هند جي محققن جنهن تندهيءَ سان جدوجهد ڪئي آهي، تنهن لاءِ ڪين جس هجي. اهو ئي ڪارڻ آهي، جو ڏينهون ڏينهن اسان جي ٻوليءَ ۽ ادب جي شاگردن ۽ استادن جو ٻـ لسانيات جي موضوع ڏانهن توجهہ وڌندو پيو وڃي. هن وقت لسانيات جي حوالي سان جيڪو ماحول پيدا ٿيو آهي، سو ٻـ اُنهن جي ڪوشش جو نتيجو آهي. اميد آهي تہ جيئن ٻوءِ تيئن مثبت نتيجا اسان جي آڏو ايندا رهندا. هونئن ٻہ هاڻي اسين لسانيات جي ميدان ۾ ڪجهہ پاڻ پرا آهيون. ورهاڱي کان اڳ ۽ خاص طور تي ورهاڱي کان پوءِ سنڌي لسانيات تي جديد انداز سان قابل قدر ڪتاب، مضمون ۽ مقالا شايع ٿيا آهن.

سنڌ ۾ سنڌي لسانيات تي ٿيندڙ ڪم ۾ مختلف رخن جي حوالي سان تڏهن ڪان وڌيڪ اضافو ٿيو آهي، جڏهن ڪان "سنڌي ٻولي اٿارٽيءَ قائم ٿي آهي. هن اداري شروعات ۾ سنڌ جي مختلف علائقن ۾ ڳالهائجندڙ لهجن ۽ محاورن تي تحقيقي تصنيفون شايع ڪرايون. جهڙوڪ: "سبيءَ جي ٻولي" (ڊاڪٽر داد محمد بروهي)، "ماٿيلي –اباوڙي جي ٻولي". (پروفيسر شيخ محمد فاضل)، "شڪارپور جي ٻولي" (ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي)، "ٿر جي ٻولي " (ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو ۽ هدايت پريم)، "ماڇر، ڪڪرالي ۽ ڪاري جي ٻولي" (حافظ حبيب سنڌي) ۽ اترادي ٻولي (ڊاڪٽر هدايت پريم) وغيره. انهن ڪتابن جي اشاعت سان مختلف محاورن/ لهجن جو مطالعو ميسر ٿيو ۽ هڪ قسم جي ڪمي ڪنهن حد تائين پوري ٿي. هينئر هن اداري هڪ مثبت قدم اهو به کنيو آهي تہ سنڌي ٻوليءَ تي آڳاٽن ۽ هاڻوڪن رسالن ۾ شايع ٿيل مختلف مضمون ۽ مقالا گڏ ڪرائي، لسانيات جي ماهرن ۽ شاگردن آڏو ڪتابي صورت ۾ پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جيئن لسانيات ۾ هر قسم جا موضوع ۽ ويچار سامهون اچن. اهڙي عمل سان سنڌي لسانيات، جي تاريخ جا اهڃاڻ پڌرا ٿيندا. هن سلسلي ۾ "سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري" مون تي اهو ڪم رکيو تہ آءٌ ورهاڱي کان اڳ شايع ٿيندڙ مشهور ۽ معياري رسالي ماهوار"سنڌو" ۾ شايع ٿيل اهڙا مضمون سهيڙيان. اهڙو هڪ خط اداري جي سيڪريٽري پاران (خط نمبر ايس- ايل- اي/ ائڊمن 98/712 – تاريخ 98 .9 .23) موصول ٿيو. خط ملڻ شرط آءٌ مختلف ادارن جي لائبررين ۽ ڪن دوستن جي ذاتي ڪتب خانن ۾ "سنڌو" رسالا ڳولهيندو ۽ مواد حاصل ڪندو رهيس. انهن

مضمونن جي حصول ۾ مون کي تقريبا ڇهن مهينن جو عرصو لڳي ويو. هن ڪتاب ۾ ٻيڪي ٻه مضمون گڏ ڪيا ويا آهن. سي سنڌي لسانيات جي تاريخ جو اهم حصو آهن. هنن مضمونن جي مطالعي سان اسان کي جهونن ليکڪن ۽ دانشورن جا ان وقت جي لسانيات جي موضوعن موجب دانشمندانه ويچار معلوم ٿين ٿا. ان وقت جي سموري تحقيقي نوعيت ۽ علمي صورت حال کي سمجهڻ جو موقعو ملي ٿو. اهڙيءَ طرح لسانيات جي موضوع تي بحث۔ مباحثي لاءِ هنن مضمونن مان اسان کي ڪيترائي علمي ۽ فني نُڪتہ ۽ دليل ملن ٿا. جيڪي وقت گذرڻ سان ڄڻ فراموش ٿي ويا آهن.

آءٌ "سنڌي ٻولي اٿارٽيءَ" جي چيئرمين محترم عبدالقادر جوڻيجي جو ٿورائتو آهيان جنهن ذاتي دلچسپي وٺي هن اهم ڪم کي سمجهيو ۽ ان جي اشاعت لاءِ ڪوششون ورتيون. محترم خالد آزاد صاحب جا پڻ ٿورا، جنهن ڇپائيءَ جي مرحلن تي خوب ڌيان ڏريو.

**ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو**

سنڌي شعبو

سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو

# مهاڳ

انگريزن جڏهن سن 1843ع ۾ سنڌ تي قبضو حاصل ڪري ورتو تڏهن انهن سنڌ ۾ تعليم جي نظام کي تبديل ڪرڻ ۽ سنڌي ٻوليءَ کي سرڪاري زبان بنائڻ لاءِ بمبئي جي "بورڊ آف ايڊيوڪيشن" پاران سن 1845ع ۾ سنڌ ۾ ايڊيوڪيشنل ايجنسي ٺاهڻ جو منصوبو هٿ ۾ ڪنيو. (1) انهيءَ منصوبي کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ بنيادي طور تي جنهن اهم شيءِ جي ڪمي محسوس ڪئي ويئي، سا هئي سنڌي ٻوليءَ لاءِ ڪا آئيوينا مقرر ڪرڻ. ڇاڪاڻ ته ان کان اڳ هتان جا سنڌي ماڻهو ڪا هڪ رسم الخط يا آئيوينا ڪتب ڪونه آڻيندا هئا. مسلمان عربي رسم الخط ڪتب آڻيندا هئا ته هندو وري ديوناگري لپي- اهڙيءَ طرح خواجه، خواجڪي ۽ ميمڻ ميمڻڪو رسم الخط ڪتب آڻيندا هئا. ائين سنڌ ۾ هڪ کان وڌيڪ لپيون ڪتب اينديون هيون. جن جو سمورو تفصيل ڊاڪٽر غلام علي الانا پنهنجي تصنيف "سنڌي صورتخطي" ۾ ڄاڻايو آهي (2).

لسانيات جي مطالعي مان خبر پوي ٿي ته هڪ ئي وقت سنڌ جي خطي ۾ رهندڙ ماڻهو جن جي رابطي جي زبان به هڪ ئي "سنڌي" هئي، مگر اهي لکتن ۾ مختلف لپيون ڪتب آڻيندا هئا. تنهن جو هڪ اهم سبب مذهبي ۽ ٿلهي تي سگهي ٿو ته ٻيو ڪارڻ سماجي ۽ سياسي. اُهو اِهو ته هتان جا ماڻهو ڌارين جي قبضن، تسلط ۽ غلامانه ذهنيت سبب ايترا ته پوئتي پئجي ۽ هيسجي ويا هئا. جو هڪ ٻئي

سان پنهنجي لڳ لاڳاپن ۾ بہ گهرائي پيدا ڪرڻ کان پئي ڊنا.

اهڙيءَ طرح اهي پنهنجي اندر جي اوڙ مذهبي خيال، سياسي نظريي، سماجي روين ۽ اقتصادي توڙي آمدنيءَ جي وسيلن جي حوالي سان بہ ڳليءَ طرح پاڻ ۾ ياڳي پائيوار ٿي نہ پئي سگهيا. ڪين هميشه اهو ڊپ ۽ ڊڄ رهندو هو تہ ڪٿي سندن ڪنهن جائز يا ناجائز معاملي جي پروڙ پڌري نہ ٿي پوي يا متان ڪانئن شعوري يا غير شعوري طور اوچتو ڪا اهڙي غلطي سرزد ٿي وڃي، جنهن جي نتيجي ۾ سرڪار نامدار جو عتاب پوڳٺو پوي. اهڙائي ڪارڻ ٿي سگهيا ٿي، جو هرهڪ طبقو جيڪو مذهبي لحاظ کان هڪ ٻئي کان الڳ هو تنهن الڳ الڳ لپي جو سهارو ورتو ۽ اهي طبقا، جي واپاري لحاظ کان هڪ ٻئي کان پاڻ کي ڳجهو رکندا هئا. ...ن وري پنهنجون پنهنجون لپيون ڪتب آنديون. ايستائين جو اهي فرق مذهبي، سماجي، سياسي، اقتصادي ۽ جاگرافيائي بنيادن تي پيل نظر اچن ٿا.

جيئن مٿ...ي ڄاڻايو ويو آهي تہ 'نگريزن کي جڏهن نئين تعليمي نظام ۽ دفتري ٻوليءَ لاءِ ڪا هڪ رسم الخط مقرر ڪرڻي هئي. ان سلسلي ۾ انهن "مسٽر ايلس (Ellis) اسسٽنٽ ڪمشنر جي صدارت هيٺ اٺن مقامي ۽ ٻن يورپي ميمبرن تي مشتمل هڪ ڪميٽي جوڙي جنهن تي هيٺيان ميمبر مقرر ڪيا.

راءِ بهادر نارائڻ جگننات، خان بهادر مرزا صادق علي بيگ ديوان پريداس انند رام، رامچنداڻي، ديوان اڌارام ٿانورداس مير چنداڻي، ديوان ننديرام سيوهاڻي، ميان محمد حيدرآبادي، قاضي غلام علي ٺٽي وارو ميان غلام حسين ٺٽي وارو.

انهيءَ ڪميٽيءَ تي ٻہ انگريز عملدار بہ ڪنيا ويا هئا. ڪئپٽن

جارج اسٽئڪ ۽ ڪئپٽن برٽن – (3)

مرليڊر جيٽلي مٿين ڪميٽي متعلق "سنڌ ۾ تعليم بابت رپورٽ" ( eport on Education in Sindh) جي مطالعي جي آڌار تي لکي ٿو ته: "سنہ 1853ع ۾ جنهن ڪاميٽي کان نئون الف۔ بي جو سرشتو تيار ڪرايو ان ۾ ڪئپٽن اسٽئڪ ۽ ڪئپٽن برٽن ميمبر ڪونہ هئا. حقيقت ۾ سنڌيءَ لاءِ رسم الخط چونڊڻ جي باري ۾ انهن ٻنهي عالمن جا رايا بارٽل فريئر ۽ ايلس اڳ ۾ ئي معلوم ڪيا هئا. ان ڪري ايلس صاحب, ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي ڊائريڪٽرن جو عربي۔ فارسي اکرن مقرر ڪرڻ جي فائدي ۾ آرڊر ملڻ شرط. سن 1853ع ۾ انهن جي آڌار تي سنڌيءَ لاءِ آئيويٽا جو نئون سرشتو تيار ڪرڻ جو ڪم هٿ ۾ کنيو. هن ڪاميٽيءَ ۾ وري نئين سر سنڌيءَ لاءِ ڪو هڪ رسم الخط چونڊڻ بابت بحث ڇيڙڻ واجب نہ سمجهيو." (4).

مٿي ڄاڻايل ڪاميٽي جي ميمبرن مان مرزا صادق علي بيگ نالي هڪ ميمبر لاءِ پيرو مل مهر چند آڏواڻي پنهنجي ڪتاب سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ ۾ صاف لکيو آهي تہ مرزا صادق علي بيگ, سنڌيءَ جي مشهور ليکڪ مرزا قليچ بيگ جو مربي پاءُ هو.

ڪاڪي پيرومل مهر چند آڏواڻي جي انهيءَ بيان جي وضاحت ۾ مرليڊر جيٽلي لکي ٿو تہ: "مون جڏهن مرزا قليچ بيگ جي لکيل آتم ڪٿا وارو ڪتاب "سائو پن يا ڪارو پنو" پڙهيو تڏهن معلوم ٿيو تہ مرزا صادق علي بيگ 1845ع ۾ ڄائو هو. قليچ بيگ جون ڏنل تاريخون ۽ سال خاطريءَ جوڳا آهن. اِن حالت ۾ سوال ٿو پيدا ٿئي تہ ڇا مرزا صادق علي بيگ کي سرڪار 1853ع ۾ اٺن

سالن جي عمر ۾ ان ڪاميٽيءَ جو ميمبر مقرر ڪيو هو؟ ضرور ڪٿي نہ ڪٿي ڪا غلطي ٿي آهي. ڪاميٽيءَ جا ميمبر ڪير ڪير هئا ۽ ڪاميٽيءَ ۾ ڪهڙن موضوعن تي بحث ٿيو ان جي سموري تصديق ان وقت جي سرڪاري رڪارڊن مان ئي ڪري سگهبي." (5).

مٿي ڄاڻايل ٻن يورپي مستشرقين ڪئپٽن جارج اسٽئڪ ۽ ڪئپٽن برٽن جو سنڌي ٻوليءَ جي آئيوپتا لاءِ الڳ الڳ نقطہ نظر هو. ڪئپٽن جارج اسٽئڪ سنڌي ٻوليءَ لاءِ ديوناگري رسم الخط اختيار ڪرڻ جو حامي هو تہ ڪئپٽن برٽن وري عربي لپي اختيار ڪرڻ تي گهڻ ڏيئي بيٺو رهيو. ڪئپٽن جارج اسٽئڪ ان سلسلي ۾ سنڌيءَ لاءِ سنہ 1849ع ۾ ديوناگري ۽ انگريزي ۾ هڪ گرامر (A Grammar of Sindhi Language) لکيو. جو بمبئي جي آمريڪن مشن پريس (American Mision Press) مان ڇپجي پڌرو ٿيو. اڳتي هلي ڪئپٽن اسٽئڪ ديوناگري لپي ۾ پنهنجون انگريزي ۽ سنڌي ڊڪشنريون بہ ڇپائي پڌريون ڪيون. ڪئپٽن اسٽئڪ انهن ڪوشش کان علاوه ڪاميٽي آڏو اهي دليل بہ ڏنا تہ: (1) هن رسم الخط کان يورپي عالم بخوبي واقف آهن ۽ (2) هي خط (رسم الخط) سنڌي زبان لاءِ بنيادي آهي. (6) اهڙيءَ طرح ڪئپٽن برٽن بہ ڪي رايا ڏنا. جن مان اهم ڳالهيون ڪندي هن ڄاڻايو هو تہ: ديوناگري يقيناً عالماڻو خط آهي. انهيءَ ڪري هي خط لغت، گرامر ۽ اهڙن بين ڪمن لاءِ بهتر ٿيندو جيڪي غير سنڌين (Europeans) کي سنڌي زبان سيکارڻ جي مراد سان لکيا ويا هجن. پر ساڳئي وقت ديوناگري خط ۾ ڪيتريون اوڻايون بہ آهن. گهٽ ۾ گهٽ اهڙا ويهہ حرف آهن. جن کي اعرابن (Diacritical Marks) ڏيڻ جي ضرورت

ٿيندي، جيئن مختلف آوازن جي حرفن کي ڌار ڌار سمجهي سگهجي، ازانسواءِ هي خط دفتري ڪاروبار لاءِ گهڻي قدر دشوار ثابت ٿيندو، انهيءَ کان سواءِ ماڻهو هي خط آساني سان لکي به نه سگهندا، جو هي بلڪل غير مانوس خط آهي.

ڪئپٽن برٽن، ڪاميٽي تي زور آندو ته عربيءَ جو نسخ رسم الخط سنڌ جي حالتن جي لحاظ کان نهايت ئي موزون ٿيندو. هن خط جي خوبي اِن مان ئي ظاهر آهي ته الجيريا کان وٺي گنگا ندي تائين، بخارا کان سلون تائين، هي خط پکڙيل آهي. صدين تائين هن خط کي آزمايو ويو آهي ۽ ٿوري ڦير گهير سان مختلف زبانن لاءِ ڪارگر سمجهيو ويو آهي. هن خط جي خاص خوبي هيءَ به آهي جو ٿوريءَ ئي تبديلي سان هندستان (برصغير هند - پاڪ) جي مور ڌني (cerebrals) ايران جي روان (Liquids) ۽ عربستان جي نڙيءَ وارن (gutturals) آوازن لاءِ عربي رسم الخط جون صورتون مقرر ڪيون ويئيون آهن. هن خط کي ايشيا جو اعليٰ ترين (perexcellence) رسم الخط چئي سگهجي ٿو. ڪئپٽن برٽن ڪاميٽيءَ اڳيان وڌيڪ هيٺيان دليل پيش ڪيا:

1. سنڌ جو سمورو علم - ادب قديم زماني کان وٺي هن رسم الخط ۾ ملي ٿو.
2. سيپئي پڙهيل مسلمان هيءُ رسم الخط پڙهي سگهن ٿا ۽ منجهائن اڪثر لکي به سگهن ٿا.
3. جيتوڻيڪ هندو عامل هي رسم الخط پڙهي نه ٿا سگهن، پر اها تسليم شده حقيقت آهي ته سنڌي عامل نستعليق خط (پارسي خط) مان چڱيءَ طرح واقف آهن. تنهن ڪري هي خط انهن لاءِ به مشڪل نه ٿيندو.

ڪئپٽن اسٽئڪ ۽ ڪئپٽن برٽن جي انهن دليلن سبب انگريز عملدارن کي دشوارين پيش آيون ۽ نتيجي ۾ گهڻي سوچ ويچار ۽ لک پڙهه کان پوءِ سنه 1853ع ۾ سربارٽل فريئر جي سفارش تحت ايسٽ انڊيا ڪمپني جي ڊائريڪٽرن فيصلو ڪيو ته عربي- سنڌي رسم الخط کي آزمائش طور اختيار ڪيو وڃي. اهڙي طرح موجوده رسم الخط جنهن کي ايلس جي ڻاهيل صورتخطي چئجي ٿو. مقرر ڪئي ويئي.

سنڌي ٻوليءَ لاءِ سرڪاري طور مقرر ٿيندڙ رسم الخط جيئن ته شروع کان ئي هڪ تڪراري معاملو رهيو. تيئن ان جي مقرريءَ کان پوءِ به اهو اڄ تائين تڪراري ئي رهيو آهي. اسانجي سامهون ان تڪرار جا ٻه ڪ رڻ آهن. هڪ مذهبي بنياد تي ڏٺيڙ ٻيو ٻيو فني بنيادن تي تنقيد. هاڻي سوال اهو آهي ته ٻولين جا جيئن مذهب نه هوندا آهن. تيئن انهن کي جيڪڏهن مذهب يا ڌرم جا ساٿ سگن ڪبا ته اهي پنهنجو اصل روپ ۽ روح وڃائي ويهنديون ۽ نتيجتاً جيڪي اگرا نتيجا مرتب ٿيندا. تن جي ڳڻ ڳوت هر هڪ باشعور خود بخود ڪري سگهي ٿو. ها! مگر لسانيات جي فن ۽ فڪر موجب جيڪڏهن ٻولين تي تحقيقي ۽ تنقيدي انداز سان بحث مباحثا ڪري. ڪي نوان نتيجي اخذ ڪري ڪي ترميمون ۽ تبديليون آڻبيون ته هوند اهي راهون ترقي پذير ئي ٿي سگهن ٿيون نه ڪ تنزل طرف ويندڙ. ٿيو ائين جو مٿي ڄاڻايل ٻن مستشرقين رسم الخط تي جيڪو بحث مباحثو ڪيو هو. سو ٻوليءَ. لپين. آدمشماري. علمي ذخيرن ۽ ڪن فني لوازمن کي نظر ۾ رکي دليل بازي ڪئي هئي. ٿي سگهي ٿو ته انهن جي ديوناگري لپي ۽ عربي رسم الخط متعلق ذاتي

ڇاڻ جي بنياد تي ڪو طرفداريءَ جو عنصر بہ شامل هجي، ڇا فطري تقاضا بہ ٿي سگهي ٿي. مگر اسان کي اهو بہ گمان ڪرڻ نہ گهرجي.

سنڌي ٻوليءَ لاءِ موجوده رسم الخط جي مقرريءَ کان پوءِ ڪو وقت تہ بنا ڪنهن تنقيد جي ان ۾ تعليم ڏيڻ ۾ آئي ۽ اخبارن، رسالن ۽ ڪتابن جو اجراءُ ٿيندو رهيو. مگر پوءِ جڏهن اسان جي عالمن تاريخ، تحقيق ۽ تنقيد طرف جديد نوعيت سان پنهنجو رخ موڙيو، تڏهن تاريخ ۾ تحقيق جي بنياد تي ڪي بحث مباحثا يا ڪي اختلاف ٿيا. ان پس منظر ۾ ٻوليءَ تي بہ اهڙا بحث مباحثا يا ڪي اختلاف ٿيا. جن جو پيدا ٿيڻ لازمي امر هو. جديد انداز ۾ تحقيق ۽ تنقيد جي حوالي سان اسان وٽ جيڪو ماحول پيدا ٿيو سو انگريزن جي دور ۾ پيدا ٿيو ۽ ان جو سمورو سهرو ماهوار رسالي "سنڌو" تي آهي. جو جنوري 1932ع کان مسٽر ٻولچند وسومل راجپال جي ادارت ۾ شڪارپور مان شايع ٿيو . آڪٽوبر 1935ع تائين اهو شڪارپور مان شايع ٿيڻ "ميان جي ڳوٺ" منتقل ڪيو ويو. جتان پڻ باقاعدگيءَ سان پڌرو ٿيڻ لڳو. سن 1939ع جي مئي مهيني تائين ماهوار "سنڌو" ميان جي ڳوٺ مان شايع ٿيڻ کان پوءِ جيڪب آباد منتقل ڪيو ويو. مئي 1943ع تائين "سنڌو" جيڪب آباد مان شايع ٿيڻ کان پوءِ وري ميان جي ڳوٺ منتقل ڪيو ويو.

جنوري 1947ع کان سنڌو ڪراچيءَ مان شايع ٿيڻ شروع ٿيو ۽ آگسٽ 1947ع تائين ڪراچي مان شايع ٿيڻ کان پوءِ ملڪي ورهاڱي سبب بند ٿي ويو (9).

سنڌو رسالي ۾ تاريخ، ادب، ٻولي شاعري، افسانوي ادب، تحقيق ۽ تنقيد تي ڪيترين ئي بيش بها تحريرون شايع ٿيل آهن.

گويا انئين چوڻ ۾ ڪوبہ وڌاءُ نہ آهي تہ اسان جي جديد ادب جي خوبصورت عمارت جا بنياد "سنڌو" جي صفحن ۾ موجود آهن. تحقيق جي حوالي سان هر هڪ موضوع تي اسان کي "سنڌو" رسالي مان جيڪو مفيد مايو مليو ٿو تنهن کي تحقيق سان دلچسپي رکندڙ ڏاهن ۽ شاگردن آڏو پيش ڪرڻ نهايت ضروري آهي. ڇاڪاڻ تہ "سنڌو" رسالو اسان جي ٻولي، ادب ۽ تاريخ لاءِ نئون لاڙو آهي. جنهن کي فراموش ڪرڻ تحقيق جي هڪ دور تان دستبردار هئڻ جي برابر ٿيندو. ڏنو وڃي تہ ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي جڏهن شاهہ جي رسالي کي نئين ترتيب ۽ تدوين سان شايع ڪرائي پڌرو ڪيو هو تڏهن مٿس جيڪا تنقيد ٿي، سا بہ "سنڌو" رسالي جي صفحن ۾ موجود آهي. يا پير علي محمد راشدي جا تاريخي مضمون ۽ مقالا بہ "سنڌو" جي صفحن ۾ موجود آهن. خاص طور تي راشدي صاحب جا مقالا "سکر ۾ جنگيون" اهم آهن. افساني يا ڪهاڻي جي حوالي سان ڏسبو تہ ڪيترن ئي ناميارن افسانہ نگارن جا پهريان افسانہ "سنڌو" ۾ آيل آهن. اهڙي طرح ڪاڪي ڀيرومل مهر چند آڏواڻي جا تاريخ، ادب ۽ ٻولي تي قيمتي مضمون بہ سنڌو ۾ موجود آهن. ناميار دانشور ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽي جا تاريخ، ادب ۽ ٻولي تي قيمتي مضمون/ مقالا بہ "سنڌو" ۾ موجود آهن. جن کي راقم ترتيب ڏيئي "سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري" جي تعاون سان "سون برابر سڳڙا" جي نالي سان نومبر 1997ع ۾ ڪتابي صورت ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو.

**ڪجهہ هن ڪتاب بابت:** هن ڪتاب ۾ شامل مضمونن کي ٻن ڀاڱن ۾ ورهايو ويو آهي. پهرين ڀاڱي ۾ ڪاڪي ڀيرو مل مهر چند آڏواڻي جا

مضمون ڏنا ويا آهن. جي سيئي ماهوار رسالي "سنڌو" جي مختلف شمارن ۾ شايع ٿيل آهن.

"سنڌو" ۾ ڪاڪي جا ڪيترائي مضمون شايع ٿيل آهن، جي تاريخ، ادب شخصيات ۽ تنقيد جي موضوعن کان علاوه ٻولي جي مختلف پهلوئن تي لکيل آهن. ڪاڪو پنهنجي دور جو وڏو ودوان هو. بقول پير علي محمد شاه راشدي جي، "ٻوليءَ جي مسئلن ۾ سندس راءِ آخري حرف هوندي هئي. (10) نثر کان علاوه نظم تي ٻه چڱي دسترس حاصل هيس. سخنورن جي ساٿ ۾ هو پاڻ کي "غريب" سڏائيندو هو. سندس تخلص مان نهٺائيءَ جو ڏس ملي ٿو. ورنه پاڻ علمي طور تونگر هو. اهوئي ڪارڻ آهي، جو پوپٽي هرانندائيءَ کيس نثر جو ٿنڀو ڪري سڏيو آهي، ته جي ايم سيد کيس چوٽيءَ جي اديبن ۾ شمار ڪندي لکي ٿو ته : "ڀيرو مل سنڌ جي چوٽيءَ جي اديبن مان هو. سنڌ جي قديم سڀيتا، ڪلچر روايات ۽ زبان بابت کوجنا ڪري هن جيڪو مواد ڪٺو ڪيو ۽ ڪتابي صورت ۾ آندو آهي، سو تعريف جي لائق آهي." (11) ڊاڪٽر غلام علي الانا، ڪاڪي کي سنڌي ساهت جي ستارن مان هڪ نمايان ستارو سڏيو آهي.

ڊاڪٽر صاحب جي بقول "ديوان صاحب سنڌي، سنسڪرت، هندي، فارسي، عربي توڙي انگريزي زبانن ۾ ماهر هو." (12) منهنجو استاد ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو لکي ٿو ته: "ڀيرو مل پنهنجي دلچسپيءَ وارن موضوعن تي خوب لکيو آهي. چيو وڃي ٿو ته ڪاڪي کي مرزا قليچ بيگ جي ريس هئي. جو هر موضوع تي پئي لکيائين ٻنهي ۾ فرق هي هو مرزا صاحب تاريخ، لغت ۽ شعر و

ادب جون حدون لتاڙي ٻاهر نڪري ٻين موضوعن تي بہ لکيو پر ڪاڪي انهن موضوعن کان ٻاهر سائنس جي دنيا ۾ پير نہ پاتو“ (13) ڪاڪي ڀيرو مل جي مجموعي طور ڪيل خدمتن کي واکاڻيندي ڊاڪٽر هدايت پريم لکي ٿو تہ: ڀيرو مل مهر چند جون خدمتون بطور محقق، تاريخ نويس، ماهر لسانيات، مضمون نگار ناول نويس، ناٽڪ ڪار سيلاني، شاعر ۽ مترجم نمايان آهن. (14) ڪاڪي ڀيرو مل مهر چند آڏواڻي جو ”سنڌو“ ۾ ٻوليءَ تي پهريون مضمون ”ٻولي ۽ تهذيب“ جي عنوان هيٺ آهي، جو ماهوار رسالي ”سنڌو“ جي جنوري 1944ع جي شماري ۾ شايع ٿيو.

هن مضمون ۾ ڪاڪي ڀيرو مل جا ڏاڍا ڪارائتا ويچار آيل آهن. جيئن هڪ هنڌ لکي ٿو تہ: ”ٻولي تهذيب يا سڀيتا جو آئينو آهي يا ائين بہ هيئن چئجي، تہ ٻولي ۾ انساني سڀيتا جي آتم ڪهاڻي Auto bio graphy سمايل آهي. هن باري ۾ هيءَ ڳالهہ بہ ڌيان تي رکڻ گهرجي تہ ٻولي ۾ جيڪي لفظ ڪم اچن ٿا، سي ڏکيائيءَ تي ٺهيل ڪينهن، پر هر هڪ لفظ ۾ ڪونہ ڪو خيال سمايل آهيئي آهي ۽ جيستائين اهو نہ ڄاڻبو تيستائين لفظ جي پوري معنيٰ ڪرڻ بہ وقتي مشڪل ٿي پوندي، جيڪڏهن لفظ جي ڌاتوءَ يا بنياد جي سڌ نہ هوندي تہ ساڳي بنياد مان ٺهيل ٻين لفظن مان بنيادي معنيٰ جو پتو پئجي نہ سگهندو.

ڪاڪي ڀيرومل انهيءَ سلسلي ۾ ڪن سنڌي ۽ غير سنڌي لفظن جا مثال ڏنا آهن ۽ ڪن لفظن جو تقابلي مفهوم بہ ڄاڻايو آهي. مثلاً هڪ هنڌ لکي ٿو تہ: ”يورپي عالمن ڪن قديم انگريزي لفظن مان ڪيترا آڳاٽا تاريخي احوال معلوم ڪيا آهن. مثلاً انگريزي

ڪونهي. هوڏانهن ڪڇ ۽ پنجاب جي حدن تائين جيڪي سنڌي ڳالهائيندڙ آهن، تن لاءِ هڪ يڪي آئيوپتا مقرر ڪريون ته ڀهرينءَ سٺ پراون کي پنهنجو ڪري ڇڏيون. جيڪڏهن پنهنجن مسلمانن ڀائرن جي مرضي رکي هاڻوڪي آئيوپتا جي بدران اڙدو ٻوليءَ جا اکر اختيار ڪريون، ته ٻه جيڪر ايترو ٿئي ته اڙدوءَ جي علم ادب جو شاهي خزانو اسانجي سنڌي ماڻهن لاءِ جيڪر عام طرح کلي پوي، جيڪڏهن هندن جي مرضي رکي گرمکي آئيوپتا چالو ڪريون ته جيڪر پنجاب کي انهيءَ دم پنهنجو ڪري ڇڏيون. پر جنهن صورت ۾ اسين ڀهريائين هندواسي ۽ ٻوءِ سنڌ واسي آهيون، تنهن صورت ۾ سڄي هندستان جي هنرن ۽ مسلمانن کي ملائي هڪ ڪرڻ واري هن وقت رڳو ديوناگري آهي ۽ انهيءَ جي وسيلي سڄي هندستان جو علمي خزانو اسانجي هٿ اچي سگهندو.“ ڪاڪي ڀيرو مل مهر چند آڏواڻي جو هي مضمون جنوري 1934ع جي سنڌو رسالي جي شماري ۾ شايع ٿيل آهي.

2

**نئين سنڌي ڊڪشنري ۽ اعرابون:** هن عنوان هيٺ ڪاڪي ڀيرومل جو مضمون آهي جو قسطوار ڇپيو ۽ ”سنڌو“ جي مارچ ـ اپريل 1945ع مئي ۽ جون 1945ع جي شمارن ۾ شايع ٿيل آهي ۽ اهڙيءَ طرح باقي نومبر 1945ع جي شماري ۾ شايع ٿيل آهي. جنهن کي اسان هڪ ڪري شامل ڪيو آهي.

علامہ ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽو صاحب (1896ـ 1958ع) جڏهن ڊي.پي.آءِ جي عهدي تي فائز ٿيو، تڏهن درسي ڪتابن جي اعرابن ۾ ڪي ترميمون ڪيون. جن کي سنڌي ٻولي جي

لکندڙن جي هڪ طبقي قبول ڪيو تہ ٻي طبقي انهن ترميمن کي قبول نہ ڪيو. انهن ترميمن تان جيڪو بحث مباحثو ٿيو تنهن جي هڪ جهلڪ ڪاڪي ڀيرومل آڏواڻي جي هنن مضمونن ۾ نظر اچي ٿي. انهيءَ حوالي سان اسان کي چڱي روشني ملي ٿي. ڪاڪو ڀيرومل هڪ هنڌ لکي ٿو تہ "مئي 1940ع ۾ پروفيسر جيٺمل هڪ ميٽنگ مسٽر منوهرداس ڪوڙي مل جي بنگلي ۾ ڪوٺائي. جنهن ۾ ظاهر ڪيائين تہ ڊاڪٽر دائود پوٽي درسي ڪتابن ۾ ڪي ڦيريون گهيريون ڪيون آهن ۽ اعرابن ڏيڻ جو نمونو ڦيرايو اٿس.

اعرابن بنسبت مکيہ ڳالهہ هيءَ هئي تہ "اي" ۽ "او" جا اُچار سنڌيءَ ۾ ڪئن ظاهر ڪجن؟ مثلا "ٻڪري" لفظ ۾ عام طرح "ي" جي هينان زير (ِ) ڏيندا آهن ۽ چَتون، ۾ "و" جي مٿان پيش (ُ) ڏيندا آهن. پروفيسر جيٺمل چيو تہ ڊاڪٽر دائود پوٽو چوي ٿو تہ "ٻڪري" لفظ ۾ "ي" جي بدران "ر" جي هينان زير (ِ) ڏيڻ گهرجي ۽ چَتون لفظ ۾ "و" بدران "ت" جي مٿان پيش (ُ) ڏيڻ گهرجي، پر سندس اهو نمونو غلط آهي، جو اسانکي بند ڪرائڻ گهرجي." مسٽر جيٺمل کي چيم تہ صحيح نمونو ڊاڪٽر دائود پوٽي وارو آهي، تنهنڪري توهين صحيح ۽ غلط جي ڳالهہ تي اچڻ بدران، رڳو هن ڳالهہ تي زور ڀڏي سگهو ٿا، تہ اعرابن ڏيڻ جو جيڪو نمونو هيترا ورهيہ درسي ڪتابن ۾ هلندو آيو آهي، سو قائم رهي، جو ٻوليءَ ۾ رواج بہ وڏي ڳالهہ آهي". هن ئي مضمون ۾ ڪاڪي ڀيرومل آڏواڻي رايو ڏيندي لکيو آهي تہ "عربي سيميٽڪ خاندان جي ٻولين، جهڙوڪ "هيبرو" Hebrew يعني عبراني يا يهودين جي قديم ٻولي، ڪئلڊي، آرم ۽ شام ملڪ سريا (Syria) جي ٻولين سڀ حرف صحيح آهن!!! ڪابہ ٻولي حرف علت

يا اعرابن کان سواءِ هلي ڪين سگهنديءَ عربي ۾ ا. و ي انهن ٽن اکرن کي پنهنجا پنهنجا اُچار بہ آهن، تنهن ڪري عام طرح اهي حرف علت سڏجن ٿا، پر ڪيترين حالتن ۾ اهي ساڳيا حرف صحيح ٿي بہ ڪم اچن ٿا. ڪاڪي ڀيرو مل آڏواڻي اهڙا مثال پيش ڪيا آهن. سندس هن مضمون ۾ اعرابن ۽ ٻوليءَ بابت وڏي معلومات آيل آهي. ڪاڪي ڀيرومل آڏواڻي جو مضمون پروفيسر يوڄراج ناگراڻي جي مٿين مضمونن تي ڪيل تنقيد جو جواب آهي.

**سنڌ ۽ سنڌي لغت:** ڪاڪي ڀيرو مل آڏواڻي جو هي مضمون جولاءِ 1935ع جي "سنڌو" جي شماري ۾ شايع ٿيو. هي مضمون علامہ ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽي جي مضمون (جيڪو خط طور آهي) "ديوان منوهر داس کي جواب" جي جواب ۾ آهي. علامہ دائود پوٽي صاحب جو مذڪوره "سنڌو" اپريل 1935 جي شماري ۾ شايع ٿيو هو. جو راقم جي سهيڙيل ڪتاب "سون برابر سڳڙا" ۾ پڻ آيل آهي. پڙهندڙن جي مطالعي خاطر اهو ساڳيو مضمون هن ڪتاب جي آخر ۾ ڏنو ويو آهي.

سنڌي ٻولي جي واڌاري ۾ اٽڪون: ڪاڪي ڀيرومل آڏواڻي جو هي مضمون "سنڌو" مارچ 1935ع جي شماري ۾ شايع ٿيو. جو هتي ڏيڻ ضروري آهي. ڇاڪاڻ جو هن مضمون ۾ ليکڪ ان زماني ۾ ٻوليءَ جي ترقي لاءِ جيڪي صلاحون ڏنيون، تن کان واقفيت ٿي ۽ ان وقت جي ماحول جي تصوير کي ڏسي سگهجي.

**سنسڪرت ۽ ديوناگريءَ بابت ويچار:** ڪاڪي ڀيرومل آڏواڻي جو هي مضمون "سنڌو" جنوري_ فيبروري 1944ع جي شماري ۾ شايع ٿيو. هن مضمون ۾ سنسڪرت ۽ ديوناگري جي قدامت متعلق ڄاڻ ڏنل

آهي. مضمون ۾ ڄاڻايل آهي تہ : "آڳاٽن آرين پنهنجي ٻوليءَ کي رڳو "ڀاشا" (ٻولي) پئي سڏيو ۽ پوءِ هنن جڏهن ٻوليءَ ۾ خوبيون ڏٺيون، تڏهن ان کي صفاتي نالو ڏنائون سنسڪرت. وڌيڪ ڄاڻايو ويو آهي تہ آسمان ۾ جيڪي "سپت رشي" اڄ تائين ڏسڻ ۾ اچن ٿا، تن کي نہ رڳو براهمڻ، کتري ۽ وئش بہ "ديوتائون"ڪوٺين ٿا. جو رشين جو درجو رواجي انسانن جي درجي کان گهڻو مٿي آهي. انهن رشين جي مک مان ويدن جا منتر نڪتا. جي سنسڪرت ٻوليءَ ۾ آهن. تنهن ڪري اهي "ديو واڻي" سڏجڻ ۾ آيا. انهن رشين جو آڳاٽو ۽ اصلوڪو ماڳ ميرو پربت جي چوٽيءَ تي ٻڌل شهر هو ۽ سنسڪرت آئويتا اصل اتي جڙي هئي، تنهنڪري اها اڄ تائين "ديو ناگري" يعني ديوتائن جي شهر جي آئيويتا سڏجي ٿي."

**سنڌيءَ جي ڏکدائڪ حالت: حالت سڌارڻ لاءِ رٿ:**

ڪاڪي ڀيرو مل آڏواڻي جو هي مضمون "مهراڻ" 1946ع جي پهرين جلد مان ورتل آهي. "مهراڻ" ان زماني ۾ "سنڌي ادب لاءِ هڪ مرڪزي صلاحڪار بورڊ" پاران شايع ڪرايو ويندو هو.

ڪاڪي ڀيرو مل آڏواڻيءَ جو هي مضمون مهراڻ جي پهرين پرچي (جنوري 1946ع) ۾ لکيل ڊاڪٽر دائود پوٽي جي ايڊيٽوريل ۾ ڄاڻايل ڪن نُڪتن تي آڌاريل آهي. جن مان ڪن نُڪتن تي مختصرن هتي روشني وجهجي ٿي.

**پهريون نُڪتو آهي:** "قديم ادبي ذخيرو ڪٺو ڪري، سنڌي لغت کي سهڻن سنڌي لفظن سان مالا مال ڪرڻ."

**ٻيو نُڪتو آهي:** "سنڌي صورتخطيءَ کي صحيح بيهڪ ڏيارڻ."

**ٽيون نُڪتو آهي**: ”سنڌي صرف ۽ نحو جو هاڻ نهايت ناقص آهي، تنهن کي علمي اصولن موجب ترتيب ڏيڻ.“

هن مضمون ۾ ڪاڪي لغت جي سهيڙ ۽ ترتيب لاءِ ڪي مفيد مشورا بہ ڏنا آهن ۽ ان سان گڏوگڏ صورتخطي جي سڌاري لاءِ ڪي رايا ڏيئي ڪن لفظن جا مثال پيش ڪندي چوي ٿو تہ اهڙي قسم جي لفظن جي پڻ لکت هڪ ئي مقرر ڪجي. جيئن، ٻيو_ ٻيون_ پندرهون _پنڌرهون_ پندرهن_ اوڻيهون_ اٺويهون_ اٺتيهون _ اٺتيهہ _ خدمت_ خذمت_ اڄا _ اڄان. ڪاڪي جي هن مضمون جو مطالعو ڪندي معلوم ٿيندو تہ هو ٻوليءَ جي صحيح صورت، ذخيري وڌائڻ، ڪتابن ڇپائڻ ۽ ڪاليجن توڙي يونيورسٽي ۾ سنڌي پاڙهڻ لاءِ ڪهڙا نہ ڪارائتا خيال پيش ڪري ٿو. ڪاڪي ڀيرو مل آڏواڻي جهڙا ڏاها ۽ ڏات ڌڻي ورلي پيدا ٿيندا آهن. هن جي عالمانہ انداز ۽ فڪر کي ڏسي چئي سگهجي ٿو تہ ڪيس پنهنجي ٻوليءَ جي سڌاري، واڌاري ۽ ترقيءَ جو ڪيڏو اونو رهندو هو. هو پنهنجي جيڏن جي ساٿ ۾ سرس خوبين ۽ خاصيتن وارو انسان هو.

**ڪتاب جو ٻيو ڀاڱو**: ٻئي ڀاڱي ۾ مختلف عنوانن سان مختلف اديبن جا مضمون شامل ڪيا ويا آهن. جن ۾ پهريون مضمون خان بهادر محمد صديق ميمڻ جو ”عربي سنڌي صورتخطي“ جي عنوان سان آهي. جو ”سنڌو“ جنوري 1934ع جي شماري ۾ ڇپيل آهي. هن مضمون ۾ موجوده صورتخطي جي مقرر ٿيڻ ۽ ان کان اڳ ڪتب ايندڙ لپين تي روشني وڌي ويئي آهي. مضمون جي هڪ تاريخي اهميت آهي. ورنہ اڄوڪي تحقيق گهڻو اڳتي آهي.

**سهڻي ۽ سلوڻي سنڌي**: حڪيم فتح محمد سيوهاڻي سنڌي ٻوليءَ جو

ناميارو اديب ۽ سخنور ٿي گذريو آهي. سندس ڪيترين تحريرن "سنڌو" رسالي ۾ شايع ٿيل آهن. جن مان اسان پنهنجي مطلب موجب هن مضمون جو انتخاب ڪيو آهي. هي مضمون سندس شاهڪار قلم جو بينظير نتيجو آهي. سنڌي مضمون نويسي ۾ هن مضمون جي وڏي اهميت ٿيندي.

سنڌي ٻولي دنيا جي سڌريل ٻولين مان هڪ آهي: حڪيم فتح محمد سيوهاڻي جو هي مضمون "سنڌو" جون – جولاءِ 1936ع جي شمارن ۾ شايع ٿيل آهي. حڪيم صاحب اهو مضمون سن 1936ع ۾ ٿيل ڪراچي جي "سنڌي ساهت ڪانفرنس" ۾ پڙهيو هو. جو بيحد ساراهيو ويو هو.

**سنڌي ٻولي**: پروفيسر اين_ آر ملڪاڻي جو هي مضمون "سنڌو" اپريل 1937ع جي شماري ۾ شايع ٿيو. لپي، ٻولي ۽ ادب جي مختصر پس منظر جي حوالي سان هي مضمون اهم آهي ۽ ان جي اهميت پڻ آهي.

**سونهري سنڌي**: ڊاڪٽر ليلا رام نر سنگهداس ڦيرواڻي، مشهور اديب ۽ دانشور پروفيسر شيوارام ڦيرواڻي جو ننڍو ڀاءُ هو ۽ شڪارپور جو رهواسي هو. هو وقت بوقت "سنڌو" ۾ مضمون ۽ ڪهاڻيون لکندو هو. سندس هن مضمون ۾ ڪيل اها ڳالهه ته: "سنڌي ٻوليءَ کي جنهن صورت ۾ اسين ڏسون ٿا، تنهن کي نهي آسي سال مس ٿيندا، پر ڪاٻه ڳالهه ٿي ۾ آڻڻ جهڙي ڪوشش ان ۾ ترقي، واڌاري يا سڌاري جي پوين ڏهن ٻارهن سالن کان مس ليکي سگهبي".

سندس انهيءَ راءِ تي علامه دائود پوٽي پنهنجي هڪ خط ۾ تنقيد ڪئي آهي، جنهن جو مٿي ذڪر ڪيو ويو آهي.

**سنڌي ٻولي (ماضي_ حال_ مستقبل)**: گلراج ايم خشالاڻي جو هي

انگريزن جي دور ۾ مقرر ڪيل موجوده لپيءَ جي قائم ڪرڻ جي روئداد ڄاڻايل آهي ۽ ان سان گڏوگڏ تعليم جي ماحول تي چڱي ڄاڻ ڏنل آهي. جا سماجي لحاظ کان ڪارائتي ثابت ٿي سگهي ٿي.

**علم لغات يا شبدوديا**: آسانند مامتورا، سنڌي ٻوليءَ جو مشهور ليکڪ هو. سندس ڪيترائي مضمون "سنڌو" جي صفحن ۾ محفوظ آهن. مامتورا جو هي بهترين مضمون آهي. جنهن لاءِ ائين چوڻ ۾ ڪوبہ وڌاءُ نہ ٿيندو تہ: اهو گهڻ رخي ڄاڻ کانسواءِ سماجي لسانيات جو بہ ڄڻ اوائلي مضمون آهي. انهيءَ حوالي سان هو هڪ هنڌ لکي ٿو تہ: "ٻولي ماڻهن جي شخصيت جو ئي قدرتي اظهار آهي، انهيءَ ڪري، قدرتن، اها ماڻهن جي من ۽ تن جي ورتين ۽ عادتن ڦرڻ سان ڦرڻ ئي گهرجي. هر هڪ قوم، هر هڪ جاتي، هر هڪ شخص، نت نوان نوان آزود نوان نوان آزمودا، نوان نوان آدرش ۽ مقصد ۽ نوان نوان احتجاج محسوس ٿو ڪري. اهي سڀ حالتون نون نمونن ۾ پنهنجو اظهار ڪن ٿيون گهنا لفظ نئين معنيٰ وٺن ٿا ۽ بنهہ نوان لفظ پڻ جڙن ٿا. ڪنهن بہ ٻولي جي تاريخ ڏسبي تہ لفظن جي معنيٰ بدلائڻ جا بيشمار مثال ملندا. ڪڏهين تہ لفظ بي ڪارائتا ٿي، رفتہ رفتہ غير مروج ٿيو پون ستڌارين قومن سان تعلق ڪري انهن جي ٻولين جا لفظ، صلي ٻوليءَ ۾ مروج ٿيو وڃن. اهڙي طرح هر ڪنهن ٻولي ۾ لفظ پيدا اچن، وڃن ۽ حالتن موجب متجن."

**سنڌي ٻولي ۽ ديوناگري لپي**: ڏيارام وسڻ مل ميرچنداڻي جو هي مضمون "سنڌو" جنوري 1944ع جي شماري ۾ شايع ٿيل آهي. هن مضمون ۾ ڏيارام وسڻ مل سنڌي ٻولي لاءِ ديوناگري لپيءَ کي صحيح سمجهندي ڪئپٽن استئڪ جو حمايتي نظر اچي ٿو.

**پروفيسر ڀيرو مل مهر چند جي سنڌي ڊڪشنري ۾ اعرابون:** پروفيسر ڀوڄراج ناگراڻي، جو سنڌيءَ جو وڏو ڄاڻو ۽ مهان ليکڪ ٿي گذريو آهي، سو ورهاڱي کان اڳ شڪارپور جي سي۔ اينڊ ايس ڪاليج ۾ سنڌيءَ جو استاد هو. ان زماني ۾ هن "سامي" جي سلوڪن سهيڙڻ جو ڪم هٿ ۾ ڪيو هو جو گهڻي عرصي جي جدوجهد کان پوءِ تڪميل تي رسائي ڪتابي صورت ۾ "سامي جا سلوڪ" جي نالي سان ڇپائي پڌرو ڪيائين.

پروفيسر ناگراڻي هن مضمون ۾ ڪاڪي ڀيرومل کي اعرابن جي معاملي ۾ علامه ڊاڪٽر دائود پوٽي جو مقلد ۽ طرفدار سڏي ٿو. هو لفظن جي لکڻ لاءِ اچارن جي مطابقت سان ڪي اصول طئي ڪري ٿو. جن تي مضمون ۾ روشني وڌي ويئي آهي.

**سنڌي اعرابون ۽ پروفيسر ڀيرومل مهر چند:** پروفيسر ڀوڄراج ناگراڻي جو هي مدلل مضمون "سنڌو" جنوري 1947ع جي شماري ۾ شايع ٿيل آهي. هن مضمون ۾ ليکڪ جا ويچار وڏو ڌيان لهڻين ٿا. هڪ هنڌ لکي ٿو تہ: اسانجي حجت آهي تہ عربي ۽ سنڌيءَ ۾ ساڳيا سر ڪونهن، نہ وري سيني جو اچار ساڳيو آهي، قدرت ۾ تفاوت آهن، ان ڪري جيتوڻيڪ اسان عربن وارو لکڻ جو نمونو اختيار ڪيو آهي تہ بہ اسان کي هر ڪو حق آهي تہ پنهنجن گهرجن آهر انهن ۾ اهڙيون تبديليون آڻيون جو لکڻ جو مکيہ اصول "تہ اعرابون اهڙيءَ طرح ڪم آڻيون جو سنڌي ٻوليءَ جو اچار قائم رهي". ان جي برابر پيروي ٿئي ۽ انڌ ۾ پئي اجائي پوئلڳي نہ ڪريون. هر ڪا ڦير گهير ڪنهن اصول تي هئڻ گهرجي.

**اعرابن بابت منهنجا ڪي ويچار:** پروفيسر منگهارام ملڪاڻي جو هي مضمون ڊسمبر 1945ع جي "سنڌو" جي شماري ۾ شايع ٿيل آهي.

مضمون ۾ ليکڪ ڪاڪي ڀيرومل آڏواڻي ۽ پروفيسر ناگراڻي جي مضمونن تي نظر ڏريندي پنهنجا ڪجهه خيال پيش ڪيل آهن.
**سنڌي لغات تي ودوانن جا وڏيڪ رايا_ ڊاڪٽر دائود پوٽي ڪي جواب**:
منوهر داس ڪوڙيمل جو لکيل "سنڌو" جي سمپادڪ کي هي خط انهيءَ ڪري شامل ڪيو ويو آهي. جو منهنجي اڳ ترتيب ڏنل ڪتاب "سون برابر سڱڙا" ۾ پڻ ڊاڪٽر دائود پوٽي صاحب جا اهڙا مضمون ۽ خط ڏنا ويا آهن. جن ۾ ڪاڪي ڀيرومل آڏوڻي ۽ منوهر داس کي ڪن نڪتن جا جواب ڏنل آهن. ان لاءِ پڙهندڙن کي ان بحث جي چٽي تصور آڏواچي ويندي هي خط "سنڌو" مارچ 1935ع جي شماري ۾ آيل آهي.
**بيوس جي تقرير**: تاريخ 28, 29 ۽ 30 مارچ 1941ع تي ڪراچي ۾ ٽن ڏينهن جو "سنڌي ساهت سميلن" ملهايو ويو. جنهن جي صدارت نامياري ڪوي ڪشنچند "بيوس" ڪئي هئي. انهيءَ موقعي تي "بيوس" جيڪا تاريخي تقرير ڪئي هئي, سا "سنڌي ساهت سميلن" جي سيڪريٽري ڀاڳچند چتر سنگهه ڇپائي پڌري ڪئي هئي ٻنيهن صفحن تي مشتمل انهيءَ تقرير ۾ بيوس ساهت, اتهاس ۽ ٻوليءَ تي جيڪي ويچار پيش ڪيل آهن, تن مان اسان کي گهڻي ڄاڻ حاصل ٿئي ٿي. اسان کي گهرجي تہ سنڌي ۾ ٿيل "سنڌي ساهت سميلن" ۽ ادبي ڪانفرنسن جي موقعن تي جيڪي بہ صدارتي تقريرون يا اهم مقالا پيش ڪيل آهن, تن کي سهيڙي ڪتابي صورت ۾ شايع ڪرايون تہ جيئن اهڙي قسم جي تاريخ يڪجا ٿي وڃي

**ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو**

## "حوالا"


1) Aitken. E.H. "Gazetter of the province of Sindh" Merecantile Steam Press Karachi. 1070 p. 427

2) الانا غلام علي ڊاڪٽر: "سنڌي صورتخطي": سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو حيدرآباد ڇاپو 4ـ مئي 1993ع

3) ايضاً ص 96

4) جيتلي مرليڌر: "اوائلي شايع ٿيل سنڌي لوڪ ڪهاڻيون". سنڌ تحقيقي بورڊ حيدرآباد آڪٽوبر 1990ع ص 11

5) ايضاً ص 10 ۽ 11

6) ڏسو حوالو ٻيو ص ص 98 ۽ 99

7) ايضاً ص ص 99 ۽ 100

8) ڏسو حوالو پهريون

9) وڌيڪ تفصيل لاءِ ڏسو راقم جو مقالو: "ماهوار سنڌو- هڪ آڳاٽو ادبي رسالو". ٽماهي مهراڻ 3ـ4/ 1994ع

10) راشدي پير علي محمد : "اهي ڏينهن اهي شينهن". سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو جلد 1981.3ع ص 229

11) جي. ايم سيد: "جنم گذاريم جن سين" : سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد 1967ع: جلد 2 ص 328

12) الانا غلام علي ڊاڪٽر: "سنڌي نثر جي تاريخ" زيب ادبي مرڪز حيدرآباد 1966ع ص 124

13) جوڻيجو عبدالجبار ڊاڪٽر: "سنڌي ادب جي مختصر تاريخ": زيب ادبي مرڪز حيدرآباد: 1983ع ص 98

14) هدايت پريم ڊاڪٽر: "سنڌي ٻوليءَ جا محقق" : سنڌ تحقيقي بورڊ حيدرآباد: 1994ع ص 25

# ٻولي ۽ تهذيب
# تاريخ جوڙڻ جي نئين وات

مسٽر پيرو مل مهر چند آڏواڻي

سيني ملڪن جي قومن جيڪا بہ ترقي ڪئي آهي، سا ميل ميلاپ ۽ گڏيل ڪوشش جو ڦل يا نتيجو آهي. دنيا ۾ ڪروڙين ڪارخانا، گوديون، آفيسون، اسڪول، ڪاليج ۽ ٻيون سنستائون آهن، جي سڀ ميل ميلاپ تي مدار رکن ٿيون. ڪارخانن کولڻ واسطي وڏا وڏا سيٺيون ڀڪي سر، يا ٻين سان ڀائيواري ڳنڍي، وڏيون وڏيون رقمون سيڙائين ٿا، پر جيڪڏهن ڪاريگر ۽ مزور وٽن ڪم ڪرڻ کان ناٻري واري وهن، تہ جيڪر ڪارخانا ڪئن هلن؟ ساڳيءَ ريت جيڪڏهن هاري ناري نہ هجن، تہ زميندار يڪي سر کهڙي ڪوڙ هٽي سگهن؟ جڏهن ماڻهو ماڻهوءَ سان ملي ڪم ڪري ٿو، تڏهن چرخو چڱي ريت هلي ٿو، نہ تہ جيڪر دنيا جو چرخو ئي ٻيهي وڃي.

ماڻهن جي ميل ميلاپ لاءِ، ۽ چڱيءَ ريت چرخي هلائڻ لاءِ، ٻولي نهايت ضروري آهي. جيڪڏهن ٻولي نہ هجي تہ ڪئن جيڪر سيٺيون ۽ گماشتا، زميندار ۽ هاري ناري ۽ ٻيا ماڻهو هڪ ٻئي جي ڳالهہ سمجهي سگهن؟ جيڪڏهن سڄي دنيا ۾ ماڻهو ٻولي ڪم آڻڻ بدران گُنگن وانگر اشارا ڏين، تہ پوءِ جيڪر گهٽي ترقي ڪرڻ ئي مشڪل ٿي پوي.

ٻولي هڪ واهڻ Vehicle آهي، جنهنجي وسيلي ماڻهو پنهنجا خيال ۽ اندر جا احوال هڪ ٻئي کي ٻڌائي سگهن ٿا، ۽ سوال جواب ڪري سگهن ٿا. تنهنڪري تهذيب جي ترقي جو سچو پچو ۽

اوائلي وسيلو آهي ئي ٻولي. "ٻولي" معنيٰ جا ٻولجي يا ڳالهائجي ٿي. هڪڙي ڳالهايو ۽ ٻين سندس مطلب سمجهيو. تہ ٻولي جو مدعا پورو ٿيو. اها آهي ٻوليءَ جي معنيٰ ۽ مراد.

**تهذيب ۽ ٻولي جو گڏوگڏ واڌارو:**

ٻولي سادي ۽ سليس توڙي اُچي ۽ ڏُکي ٿئي ٿي ۽ اُن لاءِ سبب آهي. ننڍڙن ٻارن ۽ اڻ سڌريل ماڻهن جون گُهرجون ٿورڙيون ٿين ٿيون، ۽ سندن خيال بہ ٻنهہ سادا سودا ٿين ٿا. جنهنڪري سندين ٻولي بہ ٻنهہ سادي ۽ سليس ٿئي ٿي. پر ٻوليءَ ڪم آڻڻ جي جڏهن مراد ئي اها آهي، تہ ماڻهو پنهنجا خيال ۽ اندر جا احوال پوريءَ ريت ظاهر ڪن، تڏهن جاڻڻ گهرجي، تہ جيئن جيئن انسان جو دماغ ويندو کلندو ۽ خيال ويندا وڌندا، تيئن ٻولي بہ ويندي واڌارو ڪندي. نوان نوان علم، قسمين قسمين ڪاريگريون ۽ هنر جاري ٿيندا، تہ انهن سان لاڳاپو رکندڙ ڳالهين لاءِ ماڻهو ضرور پورا پورا لفظ ڪم آڻيندا، تہ جيڪي سندن ڏنڌي وارا آهن، يا جن سان سندن ڏيتي ليتي يا ٻيو واسطو آهي، سي سندين ڳالهہ پوري ريت سمجهن. مثلا ڪو ڪپڙو ڪپندو هوندو، تہ دڪاندار کي ٻڌائيندو تہ ڪهڙو ڪپڙو کپي. ڪپڙن جا گهڻيئي نمونا آهن: ململ، ڏوريو، ڏمان، بافتو، بخمل، وائيلا، پاپلين وغيره. جڏهن پورو لفظ ڪم آڻيو، تڏهن اِڪلو ڳالهہ سمجهندو. اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ تاريخ، جاگرافي، آلجبرا، جاميٽري، ٽرگناميٽري ۽ ٻيا اهڙا سوين لفظ ڪم اچن ٿا.

مطلب تہ درسي ڪتابن جا لفظ هڪڙا، قاعدن قانونن جا لفظ ٻيا، ۽ واپارين ۽ ڪاريگرن ۽ ڪاسبين جا وچان ئي اور. اهڙيءَ ريت اخلاقي

اطوار، وگيائي ويچار، روحاني راز ۽ ٻيون ڪئين ڳالهيون ٻوليءَ جي وسيلي ظاهر ڪجن ٿيون ۽ هر هڪ ڳالهه لاءِ مقرر ٿيل لفظ ڪن کي سمجهڻ سولا ته ڪن کي ڏکيا لڳندا، ته به ائين چئبو ته ماڻهن جي ترقيءَ سان گڏوگڏ ٻولي به ترقي ڪري ٿي ۽ پلٽو کائي ٿي. انهيءَ سبب چئبو ته ٻولي تهذيب يا سڀيتا جو آئينو آهي، يا ائين به هئن چئجي ، ته ٻوليءَ ۾ انساني سڀيتا جي آتم ڪهاڻي Autobiography سمايل آهي.

لفظن جي بنيادن تي ويچار:

هن باري ۾ هيءَ ڳالهه به ڌيان تي رکڻ گهرجي، ته ٻوليءَ ۾ جيڪي لفظ ڪم اچن ٿا، سي ڏکيبازيءَ تي نهيل ڪينهن، پر هرهڪ لفظ ۾ ڪونه ڪو خيال سمايل آهيئي آهي ۽ جيستائين اهو نه جهٽبو، تيستائين لفظ جي پوري معنيٰ ڪرڻ به وقتي مشڪل ٿي پوندي، جيڪڏهن ڪنهن لفظ جي ڌاتوءَ يا بنياد جي سڌ نه هوندي، ته ساڳي بنياد مان نهيل ٻين لفظن مان بنيادي معنيٰ جو پتو پئجي سگهندو. مثلا ماڻهو مرندو آهي، ته زالون اوسارينديون آهن

گل چنو گرنار جو پٽڻ ٿيون پٽين،
سوچڻ سورٺ جهڙيون اُڀيون اوسارين
(شاهه)

"اوسارڻ" لفظ جي عام طرح معنيٰ ڪن ماتم ڪرڻ، رئڻ پٽڻ، پر خود اهو لفظ پاڻ بابت ڇا ٿو ڄاڻائي، "اوسارڻ" لفظ ۾ "او" هڪ اڳياڙي "prefix" آهي ۽ "سارڻ" معنيٰ آهي ياد ڪرڻ. انجو ضد آهي "وسارڻ" معنيٰ ياد نه ڪرڻ، يا دل تان لاهي ڇڏڻ. "اوسارڻ" معنيٰ "ڏک مان ياد ڪرڻ". انهن ٽنهين لفظن يعني "سارڻ"، "وسارڻ" ۽ "اوسارڻ"

۾ بنيادي خيال آهي "سار" يعني يادگيري. ڪنهن مئل مائٽ جي يادگيريءَ ڪري ڏک ٿيندو تہ سياويڪ طرح روئڻ ايندو. اها رئڻ پٽڻ جي معني پوءِ نڪري ٿي، پر منجهس بنيادي خيال "سار" (يادگيريءَ) جو سمايل آهي ۽ اهو جڏهن جهٽبو تڏهن صحيح معنيٰ ڪرڻ سولي ٿيندي، نہ تہ وقتي اوٽ تي معنائون ڪبيون ۽ ڌڪا هڻبا.

آڳاٽن ماڻهن پهريائين لفظ ڪهڙي خيال ڪان جوڙيا ۽ پوءِ پنهنجا خيال ڪٿي ڊوڙايائون، جنهنڪري لفظ جي معنيٰ ڦري. سي ڳالهيون ڪنهن بہ تاريخ ۾ لکيل ڪينهن، پر لفظن جي بنيادن تي ويچار ڪرڻ سان هينئر بہ سمجهي سگهجن ٿيون. مثلاً سنڌيءَ ۾ چوٽي آهي تہ "ڪاٺيءَ جي ورهاڱي ۾ سنڪٽ گهڻا." هتي "سنڪٽ" معنيٰ "ورگهن، اٽڪ يا مشڪلات" حقيقتاً "سنڪٽ" لفظ ۾ "سم" معنيٰ "گڏ" ۽ "ڪٽ" معنيٰ ٽڙو Battock، جنهنڪري "سنڪٽ" لفظ جي بنيادي معنيٰ آهي "ٽڙو ٽڙي سان گڏ" ڪنهن جاءِ ۾ گهڻا ڄڻا گڏجي وهندا، پر جاءِ ٿوري هوندي، تہ ٽڙا ٽڙن سان ملائي وهڻو پوندن ۽ چرڻ پرڻ ۾ اٽڪ يا مشڪلات ٿيندين. انهيءَ سبب "سنڪٽ" لفظ جي اصل معنيٰ هئي "سوڙهہ". ۽ سوڙهہ ڪري اٽڪ يا مشڪلات ٿئي ٿي، تنهنڪري "سنڪٽ" لفظ جون اهي معنائون ٿيون. مطلب تہ هن لفظ جوڙڻ جو خيال آڳاٽن ماڻهن کي سوڙهيءَ جاءِ ۾ گڏجي وهڻ منجهان آيو ۽ اها ڳالهہ "سنڪٽ" لفظ جي بنياد مان سمجهي سگهجي ٿي.

**لفظن ۾ تاريخي احوال:**

آڳاٽن لوڪن ۽ اسانجي وچ ۾ هن وقت هڪ ڪارونيار ڪڪر غبار ڪري بيٺو آهي، جنهنڪري پنهنجن وڏڙن جي اُن وقت

جي خيالن جو اسان کي ڪو به پتو ڪونهي، پر ٻوليءَ جو اونهو اڀياس هڪ ڪارائتي دوربينيءَ جي مثال آهي، جنهن جي وسيلي اسين اهو قديم زمانو چٽ ته اکين سان ڏسي سگهون ٿا، جنهن زماني ۾ ماڻهن کي تاريخ جوڙڻ جي ڳالهه خواب خيال ۾ به ڪانه هئي. آڳاٽا لوڪ گذاري ويا، پر ڪيترا آڳاٽا لفظ اڄ تائين چالو آهن. اهي لفظ گويا آڳاٽن ماڻهن جا پيڙهي يا همعصر Contemporaries آهن ۽ جن اهي لفظ جوڙيا، تن جو خيال پلي پٽ ظاهر ڪن ٿا.

يوروپي عالمن ڪن قديم انگريزي لفظن مان ڪيترا آڳاٽا تاريخي احوال معلوم ڪيا آهن. مثلاً انگريزي ۾ "بئچيلر" Bachelor معنيٰ "ڪنئارو" يا "اٺپرٺيل". هن لفظ جي بنياد بابت ڪن عالمن جو رايو ڪهڙو ته ڪن جو ڪهڙو آهي، پر گهڻن جو رايو هيءَ آهي ته انهيءَ لفظ جو ڌاتو يا بنياد آهي "بئڪا" Bacca معنيٰ "ڳانءِ".

اڳي اڪثر رڳو مالدار ۽ کيتي ڪندڙ هوندا هئا. جيڪي ڪنئارا هوندا هئا، تن تي ڳاين چارڻ جو ڪم رکيل هوندو هو ۽ اهي ٻنيءَ ٻاري جو ڪم پڻ ڪندا هئا. "بئچيلر" جو مونث آهي "سپنسٽر" Spinister معنيٰ ڪنئاري، پر بنيادي معنيٰ اٿس "ڪاپائتي" يا "ڪتڻ واري". "سپن" (Spin) معنيٰ "ڪتڻ". اڳي جيڪي ڪنئاريون هونديون هيون، سي ڪتڻ جو ڪم ڪنديون هيون. سنسڪرت لفظ "دهتر"، پارسي "دختر" ۽ انگريزي "ڊاٽر" Daughter ساڳيا ئي لفظ آهن، رڳو اچار ڦريل اٿن. انهن لفظن جو ڌاتو آهي "دهه" معنيٰ "ڏهڻ". اڳي نياڻين تي ڳاين ڏهڻ جو ڪم رکيل هو. مطلب ته ڪنئاريون ڇوڪريون ڪتڻ جو ڪم به ڪنديون هيون ۽ ڳاين مينهن جي ڏهائي به ڪنديون هيون.

آرچ بشپ ٽرينچ لفظن جي اڀياس بابت هڪ ڪتاب On the study of words لکيو آهي، جنهن ۾ ڪن انگريزي لفظن ۽ انهن جي بنيادن مان ڪي اخلاقي، تاريخي ۽ ٻيون ڳالهيون کولي ظاهر ڪيون اٿس. مثلاً ڄاڻايو اٿس ته انگريزي لفظ "رائِولري" Rivalry اصل ۾ "رور" River (نديءَ) مان ٺهيل آهي. ساڳي نديءَ ڪناري تي رهندڙ آبادگارن جا پاڻي تان تڪرار ٿيندا هئا، جيئن اڄ به سنڌ ۽ پنجاب جي وچ ۾ سنڌونديءَ جي پاڻيءَ تان تڪرار هلندڙ آهي اهڙن تڪرارن ڪري ٻئي ڌريون هڪٻئي جون "رائيوس" Rivals (ٻهاڄون) تي پونديون هيون. اهڙين لفظن مان جيڪي احوال ملن ٿا، سي نهايت وڻندڙ ۽ وندرائيندڙ آهن. اسان جن سنڌي ماڻهن اهڙي چالي اڳي ڪڏهن ڪانه ڇڳي آهي، جو لفظن جي اونهي اڀياس ڪرڻ لاءِ هن وقت تائين هڪڙو به ڪارائتو ڪتاب ڇپجي پڌرو ڪونه ٿيو آهي.

**لفظن مان سنڌ جي تاريخ:**

آرچ بشپ ٽرينچ رڳو ڪن ٿورن لفظن جو بنياد کوليو آهي، پر سڄي انگلنڊ جي تاريخ ڪانه جوڙي اٿس. مون ڪيترن لفظن ۽ انهن جي بنيادن مان قديم سنڌ جي تهذيب جي تاريخ (Cultural History) عربن جي ڪاهه کان اڳ جي جوڙي آهي. لفظن جي بنيادن مان قسمين قسمين ڳالهيون ڪڍي سگهجن ٿيون، پر مون پنهنجو سمورو ڌيان رڳو هڪ ڳالهه تي ڏنو آهي ۽ اها آهي قديم سنڌ جي تهذيب. پنهنجي مادري زبان جي اونهي اڀياس ڪندي ڏٺم، ته ڪيترن لفظن جي بنيادن ۾ قديم سنڌ جي تاريخ جوڙڻ لاءِ گهڻوئي مصالحو آهي، تنهن ڪري هن ڪم ۾ هٿ ڳنڍيم. "ٻيءُ، ماءُ، پاءُ، پيڻ، ڌڪ، سڪ" ۽ ٻيا اهڙا لفظ جن مان تاريخي احوال ڪڍيا اٿم، سي گهڻو ڪري سيني آرين ٻولين يعني هندي يا

هندستاني، گجراتي، مراهٽي، بنگالي وغيره ۾ عام آهن. تنهنڪري جوڙيل ڪتاب کي جيڪر "آرين جي تهذيب جي تاريخ" سڏيان، پر هئن بہ آهي تہ سنڌيءَ ۾ ڪي ويدڪ زماني جا اهڙا لفظ آهن، جي ٻيءَ ڪنهن بہ ڏيهي آريہ ٻوليءَ ۾ ڪينهن. مثلاً رگ ويد ۾ "اناس" لفظ ڪم آيل آهي، ٻين ڏيهي آريہ ٻولين ۾ ڪونهي. اسان جي سنڌي ٻولي اهو اڄ تائين سانڍيندي اچي. سنڌيءِ ۾ اُچار اٿس "اڻاسو" يعني "جنهن کي هڪ ناس نہ هجي، نرجو (نرلڄو)، بيشرم انهيءَ ڪان بہ وڌيڪ مکيہ ڳالهہ هيءَ بہ آهي، تہ رگ ويد واري زماني ۾ آريہ لوڪ سنڌو ماٿر ۾ رهندا هئا. جتان پوءِ هندستان جي ٻين پرڳڻن ۾ ويا ۽ پنهنجيءَ سڀيتا جو ڦهلاءُ ڪيائون. اها اسان جي سنڌ آهي، جنهن سڀني پر ڳڻن کان اڳ پنهنجي اعليٰ درجي جي سڀيتا ۽ شاهوڪاريءَ ڪري اهڙو تہ نالو ڪڍيو جو سڄي هندو جاتيءِ سڄو هندستان (سنڌو آستان) سندس نالي پنيان سڏجڻ ۾ آيا. رگ ويد مان جنهن سڀيتا جو پتو پوي ٿو سا آهيئي سنڌو ماٿري جي سڀيتا، تنهنڪري پنهنجي ڪتاب جو نالو ئي رکيو اٿم "قديم سنڌ جي تهذيب". تاريخ جوڙڻ جو هيءُ هڪ بنهہ نئون نمونو اختيار ڪيو اٿم. مون کي ڪونہ سُجهي تہ انگريزي يا اسان جي ڪنهن ڏيهي ٻوليءَ ۾ ههڙي قسم جي تاريخ ٻئي ڪنهن جوڙي آهي، جيتوڻيڪ يورپ ۽ هندستان ۾ عالمن جي ڪا اٿاٿ ڪانهي. هيءُ سڀ شوق جي ڳالهہ آهي. اها تاريخ ڪهڙي نموني جوڙي اٿم. سو نمونو هت ڄاڻايان ٿو.

سر جو سنڌو سڄڻين، سينگ منجهان سيلو
اهڙي نينگر تڪيو ڪينڪي پار لنگهيو پيلو
هڻڻ سين حيلو جانب جيڏو ئي ڪيو.
(شاهہ)

هن بيت ۾ پهريون ئي پهريون لفظ آهي "سر" ۽ معنيٰ اٿس

ليکڻ" ۾ جڏهن چئون "ڪِرڪ" تڏهن معنيٰ اٿس "تير". جيتوڻيڪ لفظ ساڳيو ئي آهي. ائين ھي لفظ ظاهر ڪن ٿا تہ ڪانن مان تير جوڙڻ جو رواج اڳي عام هو.

سرجي ڪانن ۾ ايترو زور آهيئي ڪونہ جو جيڪڏهن تير ڪري ڪم آڻجن، تہ ڪنهن پکيءَ کي زخمي ڪري سگهن. اهڙي حالت ۾ شڪار ڪئن ڪندا هئا. سا حقيقت "سيلو" لفظ مان پوي ٿي، جو مٿين بيت ۾ شاهہ صاحب ڪم آندو آهي. "سيلو" اصل ۾ آهي سنسڪرت لفظ "شالہ شليہ". جنهنجي هڪڙي معنيٰ آهي "تير ۽ ٻي معنيٰ سيلهہ يا ڪنڊو يا اهڙي چهنبدار شيءَ جا بدن ۾ گهڙي تہ سور ڪرائي. هاڻ ظاهر آهي تہ آڳاٽا لوڪ سر جي ڪانن مان ٺهيل تيرن ۾ ٻٻر وغيره جو ڪنڊو يا ڪا تکي چهنب واري شيءِ اٽڪائيندا هئا، جنهن جي لڳڻ ڪري پکي ڦتجي پوندا هئا.

مٿين بيت ۾ شاهہ صاحب "سيلو" سان گڏ "پيلو" لفظ بہ ڪم آندو آهي. جنهنجي بہ معنيٰ آهي "تير". اهو اصل سنسڪرت لفظ "پيلو" Pilu آهي، جنهنجي معنيٰ آهي "تير". پر بنيادي معنيٰ اٿس "روڪيندڙ" يا "ٻهاري ڇڏيندڙ". ڌاتو "پيل" معنيٰ روڪڻ. هيءَ لفظ بہ ڏيکاري ٿو تہ پکيءَ کي چهنبدار ڪانو لڳندو هو. تہ هو اڏامي وڃڻ کان روڪجي پوندو هو.

تير جوڙڻ لاءِ ڪمان کپي. "ڪمان" پارسي لفظ آهي ۽ اهو ڪهڙي بہ وريل يا مڙيل شيءِ لاءِ ڪم آڻي سگهجي ٿو. جهڙوڪ دروازن جي مٿان ڪمانون ٺين ٿيون. اکين جي مٿان ڀرون بہ ڪمانون آهن تہ اندلٺ ڪمان آهي، تنهنڪري انهيءَ "ڪمان لفظ مان اهو پتو ڪونہ ٿو پوي ايران ۾ تيرن جوڙڻ لاءِ ڪهڙي شيءِ مان ڪمان ٺاهيندا هئا. اها سڌ سنڌي لفظ "سينگ" مان پوي ٿي. جو "سڱ" Horn مان ٺهيل

آهي ڄاڻائي ٿو ته ڪنڊي مينهن جو وريل سڱ يا ڪنهن هرڻ جو پيچدار سڱ ڪمان ڪري ڪتب آڻيندا هئا.

ڪمان لاءِ ٻيو پورو پورو لفظ اسان وٽ آهي "چاپ"، جو نج سنسڪرت لفظ آهي ۽ بنيادي معنيٰ اٿس "بانس جي وريل ڪاٺي" هن مان ظاهر آهي ته بانس جي مڙيل ڪاٺي، کي به ڪمان ڪري ڪتب آڻيندا هئا. آڳاٽن لوڪن پوءِ وڏيڪ ترقي ڪري ويدڪ زماني ۾ ٿي رڪ جي راسيون (لوڪن) وارا تير جوڙيا. جن جو رواج انهيءَ قديم زماني کان وٺي ڪلهوڙن جي صاحبي تائين هلندو آيو جنهنڪري شاه صاحب سسئيءَ جي واتان چوايو آهي ته:_

"پنهونءَ جي پيڪان جون
راسيون منجهان رُڪ"

قديم سنڌو ماٿر جا رهاڪو پڙهڻ سکيا، ته اول ڪٿي لکندا هئا سنڌي لفظ "لکڻ" ۽ انگريزي جي "رائيٽ" write جي بنيادي معنيٰ آهي "گرڙڻ، رهڙڻ، يعني اکرڻ. اهي لفظ ڄاڻائين ٿا، ته اڳي پٿر ما ڪنهن ڏاتوءَ تي اکر اُڪريندا هئا. خود "اکر" لفظ جي معنيٰ آهي "کرجي نه، يا جو ڊهي نه". مس قلم سان لکيل اکر ڊهي وينڊا، پر اڪريل اکر نه ڊهندا، تنهنڪري اهو "اکر" لفظ پنهنجي کهاڻي پاڻ پيو ٻڌائي.

ڊاڪٽر سنيتي ڪمار چٽر جيءَ پنهنجي ناهيل ٻوليءَ جي تاريخ ۾ سنسڪرت لفظ "پستڪ" (ڪتاب) جو لاڳاپو پارسي لفظ "پوست" (کل) سان ڄاڻايو آهي، جنهنڪري چئبو ته ڪجهه وقت کلن تي به لکندا هئا. پوءِ ته عام رواج هيءُ هو ته وڻن جي پنن تي لکندا هئا، جنهنڪري "پن" (Leaf) ۽ "پنو" (ڪاغذ) ساڳيئي بنياد (سنسڪرت "پرڻ") مان آهن.

انگريزي لفظ "ليف" Leaf جي به هڪڙي معنيٰ آهي وڻ جو

پن ۽ ٻي معنيٰ ورق (ڪتاب جو) خود "ورق" لفظ جون ٻہ اهي ٻئي معنائون آهن.

"مس" لفظ جي بنيادي معنيٰ آهي "ڏئي جو قلو". منهنجيءَ سانپير ۾ ٻـ ڏئي جي قلي مان مس جي ٽڪين جوڙڻ جو رواج عام هوندو هو. هُوان شيانگ ثالي هڪ چيني مسافر عيسويءَ ستينءَ صديءَ ۾ هندستان ۾ سير ڪرڻ آيو هو تنهن پنهنجي سفر نامي ۾ لکيو آهي تہ مون هندستان ۾ ڪيترن هنڌ ماڻهن کي وڻن جي پنن تي لکندي ڏٺو هو. اڳي ڀوڄـ وڻ Birch tree جا پن عام طرح لکڻ لاءِ ڪم آڻيندا هئا. اهي پن هڪٻئي جي پنيان رکندا ويندا هئا، پرمتان ڪنهن وقت پنن جو ٿهو ڪري پوي ۽ پن پن ڪان ڌار ٿي وڃي، تنهنڪري ڀوڄـ وڻ جو چوڏو انهن پنن جي ٿهي مٿان رکي، پوءِ چوڏي ۽ پنن مان آر پار ٽنگ ڪندا هئا ۽ ٽُنگ مان ڌاڳو لنگهائي ڳنڍ ٻڌي ڇڏيندا هئا، تہ سنئون سولو ڪتاب ٿي پوندو هو. انهي کي سڏيندا هئا "گرنٿ" جنهنجي هڪڙي معنيٰ آهي پستڪ يا ڪتاب ۽ ٻي معنيٰ "ڳنڍ" سنسڪرت لفظ "گرنٿ_ گرنٿي" جو اُچار بگڙجي "ڳنڍ" ٿيو آهي ۽ "گرٿ" بہ ٿيو آهي.

"ٻڌي گوڏ گرٿ، ساٿو هٽجي سور جو."

(شاهہ)

گوڏ ۾ گرٿ ٻڌڻ معنيٰ گوج ۾ ناڻي جي ڳنڍ ٻڌڻ. اهڙيءَ طرح شاهہ جي رسالي ۽ ٻين سالن مان ڪي بيت ۽ ٽُڪون بلڪ ڪي ڀهاڪا ڏيئي انهن ۾ ڪم آيل قديم لفظن مان آڳاٽن سنڌين جي هنرن، ڏنڌي ڌاڙي، گهرو جيوت، ڳوٺاڻي جيوت، ريتين رسمن، هڪٻئي سان ورتاءُ ۽ تهذيب جي ٻين ڳالهين جو نقش چٽيو اٿم. اميد تہ اهو ڪتاب جلد ڇپائي ٻڌرو ڪندس.

# نئين سنڌي ڊڪشنري ۽ اعرابون

ڀيرومل مهر چند آڏواڻي

ڪراچيءَ جي ڊي. جي. سنڌ ڪاليج ۾ تيرهن ورهيہ ساندهہ سنڌيءَ جو ليڪچرار هوس. اهو سڀ وقت پاڙهيم پئي، تہ پڙهيم بہ پئي. ڪاليج جي لئبرريءَ جو خوب فائدو ورتم. سنڌي ٻوليءَ جي اونهي اڀياس ڪرڻ لاءِ لئبرريءَ ۾ ڀهريائين بلڪل ٿورا ڪتاب هئا، پر پوءِ ٻيا گهڻيئي گهرائي پڙهيم. انهن ”سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ“ جوڙڻ لاءِ ڪيترو مال ڪٺو ڪيم.

ڪاليج جي لئبرريءَ ۾ ڪيترين ئي سنسڪرت، پالي، پراڪرت، هندي، پارسي، عربي وغيره ڊڪشنريون آهن، جن مان ڪي نهايت ڳري ملهہ واريون آهن ۽ ڪي تہ ٻئي ڪنهن بہ هنڌان ملڻ ئي مشڪل آهن. انهن مان ايترن سنڌي لفظن جو بنياد مليم، جو پنهنجي نئين ڊڪشنري جوڙڻ شروع ڪيم، جنهن ۾ هرهڪ لفظ جو بنياد ڄاڻائيندو ويس. ڊاڪٽر ٽرمپ واري سنڌي گرامر، بيمس صاحب واري آريہ ٻولين جي گرامر ۽ ڊاڪٽر ڀنڊارڪر جي علم لغات بابت تقريرن ۾ گهڻن ئي سنڌي لفظن جا بنياد ڏنل آهن، سي بہ الف ب وار ڀيهاريم. ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ واري شاهہ جي رسالي جي ٽن جلدن ۾، ماستر جهمٽ مل نارومل جي جوڙيل ”وِتپتي ڪوش“ ۾ سنڌي لفظن جا جيڪي بنياد ڏنل آهن، سي ٻين لفظن سان ڀيٽيم، ۽ جيڪي صحيح سمجهيم، سي ڪنيم. شرٽ صاحب واري ڊڪشنري ۽ مسٽر پرمانند واري ڊڪشنري سامي جي سلوڪن، سچل جي رسالي، ديوان فاضل، ديوان قاسم ۽ ٻين ڪن ڪتابن وارا ڪيترائي لفظ ڪينهن، انهن جا ڏاتو بہ هٿ ڪري وٺم، تہ منهنجي ڊڪشنري مسٽر پرمانند جي ڊڪشنري کان ٻيڻي اڍائوڻي ٿي پيئي.

توهان وٽ اڳ ئي آهن. اهي ڪولي ڏسو ته مون پاڻ پنهنجي ڊڪشنري ۾ اعرابون ائين ڏنيون آهن، جئن پروفيسر جيٺمل ۽ پروفيسر ناگراڻي چون ٿا. ڊاڪٽر دائود پوٽه وارو نمونو اختيار ڪيو ئي ڪونهي.

مون واري ڊڪشنري سيکنهن ڏني آهي، تنهنڪري پڙهندڙن کي عرض ته منهنجا جوڙيل ڪتاب، جهڙوڪ سنڌي گرامر، گلقند، نوبهار، گلزار نثر و نظم جي گڏريل پنڌرهن ويهن ورهين کان ڪيترن ئي اسڪولن ۾ پاڙهڻ ۾ پيا اچن سي ڏسن. انهن ڪتابن جي رڳو ڏسو ته مون پنهنجو نالو لکيو جي "پيرومل"، يعني "و" جي مٿان پيش ڏنو اٿم! ائين لکڻ صحيح آهي؟ سورهن آنا غلط!!! اِنهيءَ سبب ائين چئبو ته مونکي پنهنجو نالو به لکڻ نٿو اچي. جيڪڏهن مون بابت ائين ڪونه ڪو چوندو، ته به ايترو ته ضرور پڇندو جڏهن سنڌي جا هو ٻه پروفيسر چون صحيح نمونو آهيئي اِهو تڏهن مان اُنکي غلط چوڻو ڪوٺيان؟ وڏي ڳالهه ته جيڪڏهن مان اهو نمونو غلط سمجهان ٿو ته پوءِ اُهو اختيار ڇو ڪيم؟ هيءَ بلڪل واجبي سوال آهن، جن جا جواب مون کي ئي ڏيڻا آهن. تنهنڪري هيءُ ليک اٿم، ته اعرابن جي ڳالهه پيا به سمجهن.

**اعرابن بابت سمجهاڻي:**

اسڪولن جي شاگردن کي به سڌ آهي، ته جيڪي به حرف علت آهن، تن سيني کي پنهنجو پنهنجو اچار آهي، ۽ حرف صحيح آهي گونگا اکر آهن يعني پاڻمرادو اُچار ڏيئي نٿا سگهن، تنهنڪري رڳو اُنهنکي اعراب ڏني، يا انهن سان ڪو حرف علت گڏبو "چٽون" لفظ ۾، "و" حرف علت آهي، تنهنڪري انهيءَ تي پيش (ـُ) ڏيڻ سراسر غلط آهي. اڳيئي پنهنجو اُچار اٿس، ته پوءِ اعراب وري ڇاجي ڏبي؟ هيءُ اعتراض نمبر پهريون.

ٻئي اعتراض تي اچڻ کان اڳ، هيءَ ڳالهه ڄاڻڻ ضروري آهي، تہ عربي سيتميٽڪ خاندان جي ٻولي آهي. انهيءَ خاندان جي ٻولين، جهڙوڪ "هيبرو" (Hebrew) يعني عبراني يا يهودين جي قديم ٻولي، ڪئلڊيہ آرم ۽ شام ملڪ (سريا Syria) جي ٻولين ۾ سڀ حرف صحيح آهن!!! ڪابہ ٻولي حرف علت يا اعرابن کانسواءِ هلي ڪين سگهندي عربيءَ ۾ا. و ي انهن ٽن اکرن کي پنهنجا پنهنجا اُچار بہ آهن. تنهنڪري عام طرح اهي حرف علت سڏجن ٿا. پر ڪيترين حالتن ۾ اُهي ساڳيا حرف صحيح ٿي بہ ڪم اچن ٿا. مثلا "اُڏارو" لفظ ۾ پهريون الف حرف صحيح ۽ وچون حرف علت آهي. "وڳو" لفظ ۾ پهريون "و" حرف صحيح ۽ پويون حرف علت آهي. "يقين" لفظ ۾ پهريون "ي" حرف صحيح ۽ وچون حرف علت آهي. مطلب تہ ا. و ي مان ڪهڙي بہ اکر جي هيٺان يا مٿان ڪابہ اعراب ڏبي، تہ چئبو تہ اهو حرف صحيح ڪري ڪم آندو ويو آهي. ا. و ي جڏهن ڪنهن لفظ جي وچ يا پڇاڙيءَ ۾ ايندا آهن، تڏهن حرف علت آهن. پر جيڪڏهن وچ يا پڇاڙي ۾ ڪم آيل "و" يا "ي" جي مٿان يا هيٺيان ڪابہ اعراب ڏبي، تہ اُهو بہ ڦري حرف صحيح ٿي پوندو. اها آهي سڃاڻڻ جي وات. هاڻ اچو اعتراض جي ڳالهہ تي.

"اُٺ. ٻُٺُ. ڪڏُّ" ۽ ٻين اهڙن لفظن ۾ هر هڪ اکر جي مٿان پيش (ـُ) ڏجي ٿو. تہ "اُ" جو اُچار پيدا ٿئي ٿو. "اُٺُ" لفظ جي هِجي ڪبي، تہ چئبو. تہ "الف" پيش "اُ"، ٺ پيش "ٺُ". (اُٺُ). ساڳيءَ ريت "و" جي مٿان پيش ڏيو تہ اُچار ٿيندس "وُ".

"چتون" لفظ ۾ "و" حرف علت آهي. تنهنڪري اوتهيءَ تي اعراب ڏيڻي ڪانهي. پر جيڪڏهن اعراب ڏبي، تہ پوءِ حرف صحيح ٿي پوندو ۽ اُچار ٿيندس "وُ". جنهنڪري سڄي لفظ جو اُچار ٿيندو "چِت وُن"!!! منهنجي

نالي "پيرومل" ۾ به جيڪڏهن "و" جي مٿان پيش (ُ) ڏبو ته رڳو "اُ" جو ننڍڙو اُچار پيدا ٿيندو پر ڊگهو "اُو" جو اُچار هرگز پيدا نه ٿيندو. تنهنڪري ائين لکڻ ئي غلط آهي. هيءُ اعتراض نمبر ٻيو.

پروفيسر جيٺمل ۽ پروفيسر ناگراڻي چوندا، ته "اُو" جو ڊگهو اُچار پيدا ٿيندو ئي تڏهن، جڏهن "و" جي مٿان پيش (ُ) ڏبو!! مٿي اڳيئي چيو اٿم، ته "و" جي مٿان پيش ڏيڻ ڪري اُچار "وُ" ٿيندو. جيڪڏهن هنن ٻن پروفيسرن جي ڳالهه سچي آهي، ته سوال اُٿندو ته "اُوڌوداس" نالي ۾ الف اکر اڳيان ڇو وجهجي؟ پوءِ ته رڳو "و" جي مٿان پيش (ُ) ڏيئي لکجي "وُڌداس"!!! سچيءَ سنڌ مان ڪو چئي وجي، ته ائين لکڻ صحيح ٿيندو؟

هاڻ سوال اُٿندو ته تڏهن صحيح نمونو ڪهڙو آهي؟ اُنجو پورو پتو تڏهن پوندو، جڏهن ڳالهه جي بنياد ۾ وڃبو. انهيءَ سبب اعرابن جو بنياد کولي ٻڌايان ٿو.

**اعرابن جو بنياد:**

"آعراب" جي بنيادي معنيٰ "جا اُچار کي چِٽو ڪري ٿي." "عرب" معني "چٽو ڪرڻ" اعراب کي "حرڪت" نه چئبو آهي، جنهنجي بنيادي معنيٰ آهي "چُرپُر، چور پور. جيڪي حرف صحيح آهن، سي پاڻيهي چُري نٿا سگهن، تنهن ڪري "حرڪت" (اعراب) سان چوريو اٿن، ته اُچار چٽو ٿئي. "آعراب" لاءِ سنسڪرت لفظ آهي "ماترا"، جنهنجي بنيادي معنيٰ آهي "ماپيندڙ"، يعني "جا ماپي ٻڌائي ٿي، ته اُچار هيترو ڪي هيترو ٿيندو ۽ نه گهٽ يا وڌيڪ". انجو ڌاتو يا بنياد آهي "ما" معنيٰ ماپڻ".

عربيءَ ۾ سڀ حرف صحيح آهن، ته پوءِ اُهي چُرن ڪئن؟ پر عربيءَ ۾ ا، و ي، انهن ٽن اکرن کي پنهنجا اوچار آهن. جنهنڪري اهي حرف علت

تي بہ ڪم اچن ٿا، ۽ اُهيئي ٿي اکر عربيءَ جي اعرابن جو بنياد آهن.

"ا، و ي" مان عربن ٿي اعرابون ناهيون: "الف" مان "اَ"، "و" مان "اُ" ۽ "ي" مان "اِ". اهي ٽئي ننڍي اچار واريون اعرابون آهن. ٻوليءَ ۾ ڊگها اُچار بہ ڪپن. ان لاءِ هيئن ڪيائون، جو بہ سمان يا هڪجهڙا لفظ اُچار گڏيائون، تہ ڊگهار اُچار هن ريت ٺهي پيا:_

اَ+اَ = آ اُ + اُ= اُو، اِ+اِي = اي

اٺين ٽن اُچارن بدران ڇهہ اُچار ٺهي پيا! عربيءَ ۾ "اادم" جو اُچار "آدم". اٺين بہ الف پاڻ ۾ مليو، " آ " جو ڊگهو اُچار ڏين ٿا. هن مان ظاهر آهي تہ آ، اُو ۽اِي" دو علت يا ٻٽا حرف علت (Diphthongs) آهن. اهڙيءَ ريت اي، لکي او ۽ اُو بہ دو علت آهن يعني ٻن ٻن اُچارن جي ميلاپ سان ٺهيل آهن، پر انهن سڀني جو بنياد اهيئي ٽي اکر، ا، و ي آهن.

ڪي هندو شايد چوندا، تہ سنڌيءَ جو بنياد سنسڪرت ٻولي آهي، تنهنڪري سنڌي ۾ عربي ٻوليءَ جي اهڙن قاعدن پٺاندڙ اول هلون ڇو؟ هن باري ۾ منهنجو هيءُ چوڻ آهي تہ اهي ساڳيا قاعدا تہ سنسڪرت ۾ بہ آهن. سنسڪرت گرامر جوڙيندڙ انهن کي سڏيو آهي "سنڌيءَ جا قاعدا ( Rules of Euphony). "سنڌيءَ" جا قاعدا "قدرت جا قاعدا" (Natural Laws) آهن.

قادر جي قدرت ۾ ٻيائي آهيئي ڪانہ تنهنڪري اهي سنسڪرت، عربي ۽ دنيا جي ٻين سڀني ٻولين سان هڪجهڙا لاڳو آهن.

انگريزي ۾ Cool, Fool, Tool ۽ ٻين اهڙن لفظن ۾ "او" ( 0) بہ گهڻا گڏ ڪم آڻجي ٿو "او" جو ڊگهو اچار پيدا ٿئي ٿو. ساڳي ريت sheep, weef keep ۽ ٻين اهڙن لفظن ۾ ٻٽو اِي (e) اکر، لنبو "اِي" ( ee) جو اُو پيدا ڪري ٿو. هاڻ اچو "اُو" "اِي" جي اُچارن تي، جن تان هي معاملو متو آهي.

**اعرابن ڏيڻ جو صحيح نمونو:**

اُو جو اُچار _ اعرابن جو بنياد ڄاڻائيندي اڳيئي چيو اٿم، تہ "و" حرف علت مان پيش(ُ) يعني "اُ" ٺهيو آهي.

"وُٺو مينهن وڏ ڦڙو ڪيو ڏڻ ڪاهي." (شاهہ)

هتي "وُٺو" لفظ جي پهرين اکر "و" کي ٿورو نرم (Soften) ڪبو تہ "اُ" ٿي پوندو، جنهنڪري "وُٺو" جو اُچار ڦري ٿيندو "اُٺو" "مينهن وُٺو" جو اُٺو " معنيٰ مينهن وسيو يا برسات پيئي".

سنڌي لفظ "سو" _ (100) جو اُچار آهي "س+ اُ". "پو" معني "ڊپ"، تنهنجو اچار آهي "پ+ اُ". تنهنڪري ڪيترا لکن ٿي "پءُ". هن ريت جڏهن "و" کي حرف علت ڪري ڪم آڻجي ٿو تڏهن اهو فقط "اُ" جو اُچار ڏئي ٿو ۽ انهيءَ کي طاقت ئي ڪانهي، جو ڊگهو "اُو" جو اُچار ڏيئي سگهي، اها طاقت تڏهن ٿيندي، جڏهن ساڻس ٻيو بہ "اُ" گڏ ڪم آڻي، ٻئي ملائي، ٻڪا ڪبا سولو مثال.

سنڌيءَ ۾ "وِڄُ" معني "بجلي". "وڄ" جو جمع "وڄون" (وڄ + ا، ن).
هتي "وڄ" لفظ جي پڇاڙيءَ ۾ "ڄ" جي مٿان پيش (ُ) يعني "اُ" جو اُچار آهي.

انجي جمع جوڙڻ مهل پراڪرت جي جمع واري "اُ" پڇاڙي( Phural termination) "لکون ٿا. تہ ٻئي "اُ" جا اُچار پاڻ ۾ ملي، ٻڪو ڊگهو "اُو" جو اُچار پيدا ڪن ٿا. جنهنڪري جمع لفظ "وڄو" ٺهي ٿو پر اسان سنڌي ماڻهن کي لفظن ۾ "ن" غنہ يا نڪ جي بالائي اُچار گڏڻ جي عادت گهڻي آهي، تنهنڪري عام طرح "وڄ" جو جمع چئون "وڄون". ساڳيءَ ريت "ڪنڌ" جو جمع "ڪنڌون" ۽ "مس" جو جمع چئون "مسون" (مس+ا+ ن).

پروفيسر جيٺمل ۽ پروفيسر ناگراڻيءَ جي چوڻ موجب "و" جي مٿان پيش (ُ) ڏيڻ سان "اُو" جو ڊگهو اُچار پيدا ٿئي ٿو!!! اڳيئي چيو اٿم تہ "اُٺ"

عربي لفظ "مسجد" ۾ "س" اکر تي ڪابہ اعراب ڪانهي، پر اسان سنڌي ماڻهن کي لفظن ۾ "اِ" جي اُچار گڏڻ جي عادت تمام گهڻي آهي، جنهنڪري انگريزي لفظن ۾ بہ "شڪول" بدران "اسڪول" (School) ۽ "شڪرو" بدران "اِسڪرو" (Screw) چون ٿا "مسجد" لفظ ۾ بہ اٿين "س" جي هيٺان زير گڏيائون يعني "اِ" جو اُچار وڌائون. پراڪرت ۾ قاعدو آهي، ٻن علت حرفن (اعرابن) جي وچ ۾ ڪو حرف صحيح هوندو تہ ممڪن آهي، تہ اهو حذف ٿيندو يعني نڪري ويندو. "آلاجي" بدران چئون "الائي". هتي بہ اٿين ج، اکر وچ مان نڪري ويو تہ باقي لفظ بچيو "مس + اِد". هتي "س" جي هيٺان زير يعني "اِ" جو اُچار آهي، ۽ "اِد" جي اڳيا بہ "اِ" آهي، اهي ٻئي اُچار گڏي اسانجا سنڌي ماڻهو چوڻ لڳا "مسيد". اٿين ٻگل لفظ وري ٿهي پيو! (اِ + اِ = اِي دو علت). جن سنڌي ماڻهن هن ٻگل لفظ جي ملم پٽي ڪري، وري ان کي سڄو ڪيو ان لاءِ اٿين ڪونہ چئبو تہ سنسڪرت ۽ پراڪرت گرامرن جي قاعدن جو اڀياس ڪيل هون. هو قدرت جي قاعدي تي هليا. قدرت ڪين اٿين ڄاڻايو تہ "اِ+اِ" جو گڏيل اُچار "اِي" ٿيندو.

حاصل مطلب تہ سنڌي ٻوليءَ جي "حرف علت جي ترتيب" (Vowel System) تڏهن سمجهڻ سولي ٿيندي، جڏهن هن ريت ڳالهہ ۾ اُنهو ويجبو نہ تہ ڀلي تہ ڪو وينو مٿو هڻي. هاڻ اچو رواج جي ڳالهہ تي.

**رواج کي شرف:**

سنڌيءَ ۾ لکيل ڪتاب عيسوي سورهين صديءَ کان وٺي موجود آهن. انهن ۾ اعرابن ڏيڻ جو صحيح نمونو هندن. مسلمانن بلڪ ڊاڪٽر ٽرمپ جهڙن عالمن، سنہ1904ع تائين، چار صديون سانده، اهوئي اختيار ٻئي ڪيو جو مٿي ڄاڻايو اٿم. اعرابن ڏيڻ جا بہ نمونا هٿائي ڪين، جئن هن

هلچل مهل ڪن هُلايو هو. پنهنجو به ته ڪجهه هوش هلائڻ گهرجي، ته اعرابن جا جيڪڏهن به نمونا هجن ها، ته اُچارن جا به به نمونا هجن ها، پر اٿين آهيئي ڪين، تنهنڪري اهو هُل بنهه بي بنياد هو.

حقيقت هن طرح آهي، ته سنڌي، گجراتي، مراهٽي وغيره ٻولين جي نون درستي ڪتابن جوڙڻ لاءِ "ٽيڪسٽ بوڪس رويزن ڪاميٽي"، سنه 1903ع ۾، مسٽر ڪار رلٽن جي زير صدارت، مقرر ٿي هئي، جنهن ۾ سنڌ مان رڳو هڪڙو ميمبر سرڳواسي راءِ بهادر ديوان پريمچند آوٽراءِ جهانگياڻي بيءَ اي هو ۽ سبقن نقل ڪرڻ لاءِ ڪيس فقط هڪ سنڌي ڪلارڪ مليل هو. جنهن هن وقت اسانجا ڪيترا هندو ڀائر سمجهن ٿا، ته "بڪري" لفظ ۾ "ي" جي هيٺان زير (ـِ) ڏبي، ۽ "چٽون" لفظ ۾ "و" جي مٿان پيش (ـُ) ڏيو. تنهن هن سنڌي ڪلارڪ به غلط فهميءَ ڪان اٿين اعرابون ڏنيون. ديوان پريمچند ۽ مسٽر ڪاورنٽن هڪ هڪ سبق بلڪل خبرداري سان ٿي پڙهيو پر هن اعرابن جي ڳالهه منجهائن ڪنهنجو به ڌيان ڪونه ڇڪيو تنهنڪري سڄي جوابداري مسٽري ڪاورنٽن جي چئبي، جو ڪاميٽيءَ جو پريزيڊنٽ هو. انهن سبقن لکڻ ۾ سنڌ مان جن مدد ڪئي، ان مان هڪڙو مان پاڻ هوس، ۽ مونکي انهن ڳالهين جي ذاتي سڌ آهي. انهيءَ هوندي به چوان ٿو ته منهنجي اها ڳالهه ڪو وسهي يا نه ته به ايترو ته هر ڪو قبول ڪندو ته اعرابن ڏي جو اِهو غلط نمونو اُنهيءَ ڪاميٽي نُهڻ وقت (1903ـ1905) ڪان وٺي چالو هو. ۽ انهيءَ ڪان اڳي ڪونه هو.

سنه 1905ع ۾ مسٽر پرمانند ميوارام پنهنجي سنڌي ڊڪشنري جوڙڻ شروع ڪئي جا 1910ع ۾ ڇپائي پڌري ڪيائين. دراصل ڪتابن ۾ اعرابن ڏيڻ جو هيءُ ڦريل نمونو 1905ع ۾ ڏٺائين، ته پاڻ به اهو اختيار

ڪيائين. اهو غلط رواج ايتري قدر وڌي ويو جو خود ٽائيپ جوڙيندڙن ٽائيپ انهيءَ ريت ڍلئيو جو "ي" هيٺان زير ۽ "و" جي مٿان پيش (ُ) ڏيئي چڙهيائون پوءِ ته مون به آسري نام جي، اهو نمونو اختيار ڪيو. جيتوڻيڪ ڄاتم به ٿي ته اهو نمونو سراسر غلط آهي. ٻوليءَ ۾ رواج کي شرف ڏنو آهي، ۽ غلط ۽ صحيح ڳالهه ڳڻتي ڪانهي. هن لاءِ مثال ڏٻا.

"ويهه" ۽ "ٻويهه" ٿيا "چاليهه" پر "چاليهن" ڪانپوءِ چئون "ايڪيتاليهه، ٻائيتاليهه" وغيره. ائين ٻاتن وانگر " تاليهه، تاليهه" چوندا وتون!!! ساڳي ريت "پنجاهه" ڪانپوءِ چئون "اڪونجاهه" "سٺ" ڪانپوءِ "ايڪهٺ" ۽ "ستر ڪانپوءِ "ايڪهتر" وغيره. ائين .پنجاهه بدران "ونجاهه"، "سٺ" بدران "هٺ" ۽ "ستر" بدران "هتر" چئون ٿا!!! ته سمجهون به ٿا، ته اهي غلط اچار آهن. مگر رواج کي شرف ڏيون ٿا. هيئنر وڏو بيوقوف چئبو جو "ايڪيچاليهه، ايڪپنجاهه، ايڪهٺ ۽ ايڪتر" وغيره چوندو. مون انهي رواج کي ڏسي، اهو غلط نمونو هلايو. پروفيسر جيٺمل پروفيسر ناگراڻيءَ اعرابن بابت هلچل ٿي هلي،ته مون منڊ ۾ ئي کين صلاح ڏني، ته صحيح سنڌي جي ڳالهه تي اچو ئي نه. جو اوهين رڳو رواج جي ڳالهه تي زور ٻڌي سگهو ٿا. منهنجي صلاح مڃيائون. ته نتيجو به اهڙو ئي نڪتو

**هلچل جو نمونو ۽ نتيجو:**

پنهنجيءَ ڊڪشنري جوڙڻ مهل مون ان وقت جي رواج پٽاندر اعرابون ڏنيون هيون ۽ چاليهه صفحا ڇپجي به ويا هئا. انهيءَ سبب مون پنهنجي سر ڪوشش ڪئي، ته اهو رواج هلندو هلي، ۽ منهنجو ڪيل خرچ سجايو ٿئي. سنڌي ادب (ساهت) لاءِ مرڪزي صلاحڪار بورڊ آگسٽ 1940ع ۾ سنڌ سرڪار مقرر ڪيو ۽ اُنجو هڪ ميمبر مان به مقرر ٿيس.

انهيءَ بورڊ تي سنڌ سرڪار نئين ڊڪشنري جوڙڻ جو به ڪم ڪنيو ۽ "ڊڪشنري ڪاميٽيءَ" جو هڪ ميمبر مان به آهيان. انهيءَ بورڊ جي ڪن ميمبرن جي روبرو چيم، ته چوڻي آهي ته غلط العام صحيح" ته پوءِ ڇو نه اهو رواج هلائيندو رهجي؟ آن وقت مرحوم حڪيم فتح محمد سيوهاڻي حيات هو ۽ بورڊ جو ميمبر هو. هن صاحب چيو ته 'غلط العام صحيح" تڏهن چئبو جڏهن هندو توڙي مسلمان پڙهيل توڙي اڻپڙهيل، ڪنهن هڪ ڳالهه کي صحيح ڪري هلائيندا هوندا. مان پنهنجي سر اِنهي غلط نموني اعرابون ڪونه ڏيندو آهيان. پين ڪان به پلي پڇي خاطري ڪريو." پوءِ ته "ڊڪشنري ڪاميٽي" نهراءُ ڪيو ته جيستائين اعرابن جو فيصلو ٿئي، تيستائين نئين ڊڪشنري ۾ اعرابون ڏبيون ئي نه. 15 سيپٽمبر 1940ع کان وٺي ڊڪشنري جوڙڻ جو ڪم شروع ٿيو پر هلچل هلندي آئي، ته اسان به اهو سي وقت اعرابون ڪونه ڏنيون.

حڪيم فتح محمد جي ڳالهه سچي نڪتي، سنڌ جا مسلمان درسي ڪتابن جي اعرابن وارو غلط نمونو اختيار ڪندا ئي ڪينهن. سنڌي ٻوليءَ تي جهڙو حق هندو جو تهڙو مسلمانن جو. تنهنڪري مون جيڪو رواج تي زور ٿي ڀڌو سو زور ٽٽي پيو! سگهوئي ڪنهن صاحب هن ڳالهه تي ڌيان چڪايم، ته ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ به پنهنجي شاهه جي رسالي ۾ اصلوڪي صحيح نموني اعرابون ڏنيون آهن. پوءِ ته منهنجي ڳالهه ڪمزور ٿي پيئي.

انهيءَ وچ ۾ پروفيسر چيتمل نه فقط اخبارن ۾ ليک پئي لکيا. پر "سنڌي ساهت سڀا" به برپا ڪيائين.. جنهنجو پريزيڊنٽ پاڻ ٿيو. انهيءَ سڀا جي سهاري هيٺ، ڪي چوپڙيون ڇپائي، ڀڌريون ڪيائين. مسٽر منوهرداس ۽ پاڻ گڏجي ، سنڌ سرڪار کي هڪ ڪليل خط لکيائون، جو هڪ چوپڙيءَ ۾

ٻه ڇپائي پڌرو ڪيائون. انهيءَ ۾ ڄاڻايائون ته ڪاورٽن ڪاميٽيءَ (1905-1903) مرحوم شمس العلما ميرزا قليچ ۽ سرڳواسي راءِ بهادر ديوان ڪوڙيمل جي هڪ "سب ڪاميٽي" مقرر ڪئي هئي. ۽ انهن ٻن عالمن ٺهراءُ ڪيو هو ته درسي ڪتابن ۾ اهڙين اعرابون ڏجن!!! ڪاور ٽتن ڪاميٽيءَ جي ڇپيل رپورٽ، ڪتاب جي صورت ۾، ڪاور ٽتن صاحب جي صحيح سان، اڄ تائين موجود آهي. جيڪڏهن انهن ٻن عالمن جي "سب ڪاميٽي" مقرر ٿي هجي ها، ته انهي مکيه ڳالهه جو ذڪر رپورٽ ۾ ضرور هجي ها. پر ان ۾ اها ڳالهه آهيئي ڪانه!!! سگهوئي پوءِ بورڊ جي ڪنهن ميمبر کي "ساميءَ جي سلوڪن" جو ڇاپو نيون هٿ آيو جو سرڳواسي ديوان ڪوڙيمل، ايڊورڊ پريس، سکر، مان پنهنجي جيٺري جون 1906ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو هو.

"سٽگر جهڙو شاهه ڪونه ڏنوسين ڪاٿهين،

پرچي ڏنو جنهن پوربي، آتم ڌن اٿاهه"

(سامي)

"پوربي" لفظ ۾ زير (ِ) ڏنل آهي "ب" جي هيٺان، ۽ نه "ي" جي هيٺان !!! اهڙين سڄوئي ڪتاب زيرن زبرن سلان جهنجهيو پيو آهي، ۽ انهيءَ ۾ ديوان صاحب اعرابن ڏيڻ جو اهوئي نمونو اختيار ڪيو آهي، جو عيسوي سورهين صدي کان وٺي 1904ع تائين چالو هو ۽ جو هيئنر ڊاڪٽر دائود پوٽه وري جاري ڪرايو آهي. سڄيءَ سنڌ مان ديوان ڪوڙيمل بابت اهڙين ڪوبه ڪونه چوندو ته هو صاحب ڪو ٻٽي نيتي وارو هو جو 1905ع ۾ ڪاورنٽن ڪاميٽيءَ کان اعرابن ڏيڻ جو هڪڙو نمونو چالو ڪرايائين، ۽ ڇٽن ورهين کانپوءِ انهيءَ نموني کي پاڻ نوڪر هٽي، سنه 1909ع ۾ اعرابن جو اڳوڻو نمونو اختيار ڪيائين. ديوان ڪوڙيمل جهڙي سنڌي عالم جو به اعرابن جو

اصلوڪو صحيح نمونو اختيار ڪيل ڏنم، ته پوءِ رواج جي ڳالهه تي ڪوبه زور ٻڌي ڪين سگهيس.

مسٽري جيٺمل جنهن وقت هيءَ هلچل شروع ڪئي، تنهن وقت ٿي اسانجي بورڊ ٺهراءَ ڪيو ته اسان مان ڪوبه هن هلچل ۾ شامل نه ٿئي، جو ائين مرڳو ترشي وڌندي هيءَ ٺهراءُ بلڪل نيتيءَ وچان ٿيل هو. پروفيسر جيٺمل جنهنکي اعرابن جو صحيح نمونو ۽ "سنسڪرتي نمونو" ٿي سڏيو تنهن بابت اڳيئي چيومانس، ته اهو غلط نمونو آهي ۽ ڊاڪٽر دائود پوٽه وارو اعرابن جو نمونو جنهنکي پاڻ "عربي نمونو" ٿي سڏيائين تنهن بابت چيو مانس، ته اهوئي صحيح نمونو آهي. انهيءَ سبب منڊ ۾ ٿي صلاح ڏني مانس، ته رڳو رواج جي ڳالهه تي زور ٻڌو. درسي ڪتابن واري غلط رواج کي مّان پنهنجي سر اهڙو ته چچڙ ٿي چنبڙيو هوس، جو خود پنهنجي نالي تي غلط طرح اعراب ڏيندي، سانگو ڪونه ٿي ڪيم ته به مون بابت هنڌين ماڳين ائين پئي هلائين، ته مان ڊاڪٽر دائود پوٽه جو حمايتي آهيان!!! ڊاڪٽر دائود پوٽه سان منهنجو ويهن ورهين کان رستو آهي، ته به علمي ڳالهين ۾ هڪٻئي جو ڪوبه لحاظ ڪونه ڪريون. مهتمم صاحب خود اوهان "سنڌو" مخزن ۾ هڪ لڳا اسان ٻنهي جي وچ ۾ چٽا پيٽي لڳي هئي، جنهن مان به ظاهر آهي ته علمي ڳالهين ۾ رک رکائي ڪريون تي ڪانه پر هن حالت ۾ هو صحيح هو تنهنڪري پروفيسر جيٺمل جو طرف وٺي نٿي سگهيس.

اسانجي بورڊ پنهنجن ميمبرن جو ٻڌي ڪونه ڇڏيو هو. پنهنجي خانگي حيثيت ۾ ڪو پنهنجي شخصي رايو وٺي ظاهر ڪري ها، ته منع ڪانه هيس. پر مسٽر جيٺمل جي ڇپايل چوپڙين جي جواب ۾ اعرابن بنسبت ڀهريائين پهريائين مسٽر سوڀراج نرملداس ۽ مسٽر لالچند امر ڏنه مل پنهنجا

شخصي رايا ظاهر ڪيا، تہ "سنڌي ساهت سڀا" جي باني ڪارن ڪين "ڊي-پي- آءِ Director of public Instruction i.e. Dr Daudputa جو حمايتي سڏيو!!! (ڏسو) "سنڌي ساهت سڀا" جو پترو نمبر (1) مطلب تہ جيڪي بورڊ جا ميمبر ساڻن شامل راءِ نہ ٿيا، تن لاءِ اِجهو ائين پئي هلايائون! ائين ٿيون بہ ڪي ڳالهيون هيون، پر مان شخصي ڳالهين ۾ وڃڻ نٿو چاهيان. هن ڳالهہ جو بہ اهو ٿورو ذڪر هنڪري ڪيم اٿم تہ پڙهندڙ پوريءَ ريت سمجهن، تہ ڊاڪٽر گربخشاڻي وارو شاهہ جو رسالو ۽ ديوان ڪوڙيمل وارا "ساميءَ جا سلوڪ" ڇاپو ٿيون) اهي بہ مکيہ ڪتاب هئا. جي ڊاڪٽر دائود پوٽہ جا سچا پچا حمايتي ٿيا بيٺا ۽ هنن ٻنهي سنڌي جي پروفيسرن جي هلچل کي آڏو آيا، ۽ اسانکي خامخواه بدنام پئي ڪيائين.

14 سيپٽمبر 1940ع واري "هندو" اخبار ۾ وڏو مهتممي ليڪ ڪن "تعليم يافتن" جي چورڻ تي پيو هو. ان ۾ شرٽ صاحب واري ڊڪشنري بابت چيل هو تہ ان ۾ اعرابون ائين ڏنل آهن، جيئن درسي ڪتابن ۾ آهن!!! پوءِ ساڳي "هندو" اخبار ۾ پروفيسر جيٺمل جي صحيح سان هڪ ليک ڇپيو. جنهن ۾ کولي ٻڌايائين، تہ شرٽ صاحب واري ڊڪشنري، شرٽ صاحب (ڪرستان)، خانبهادر ميرزا صادق علي بيگ (مسلمان) ديوان اڌارام ٿانورداس (هندو) جي جوڙيل آهي. انهن ٽن جدا جدا قومن جي عالمن، درسي ڪتابن وانگر "سنسڪرتي نموني" ان ۾ اعرابون ڏنيون، تہ شرٽ صاحب واري ڊڪشنري هڪ "عهدنامو" ڪري مونکي ۽ ڊاڪٽر دائود پوٽہ اهو "عهدنامو" جوڙيو آهي!!! اِنهيءَ سبب سڄي سنڌ جا هندو هيڪاري ائين وسهڻ لڳا، تہ اعرابن جو صحيح نمونو آهيئي اهو جو پروفيسر جيٺمل چوي ٿو.

حقيقت هن طرح آهي، تہ شرٽ صاحب واري ڊڪشنريءَ ۾ اعرابون

ائين ڏنل نہ آهن، جڏهن پروفيسر جيٺمل هلايو هو. ان ۾ آڳاٽي نموني پٽاندر "ٻڪري" ۽ ٻين اهڙن لفظن ۾ "ي" جي هيٺان (ـِ) آهيئي ڪانہ. پر اڳين اکر جي هيٺان آهي. ساڳيءَ ريت "ڇتون" ۽ ٻين اهڙن لفظن ۾ "و" جي مٿان (ـُ) ڪونهي، پر اڳين اکر جي مٿان. پروفيسر جيٺمل اها رڳي من گهڙت ڳالهہ ڪئي هئي، ۽ اُها بہ سندس هلچل ڪي آڏو آئي. "پنهنجي ڪئي جو نڪو ويچ نڪو طبيب"!

ڪجهہ عرصو ٿيو تہ سنڌ سرڪار هاڻوڪن سنڌي درسي ڪتابن سڌارڻ لاءِ هڪ نئين ڪاميٽي مقرر ڪئي، جا اڄ تائين اهو ڪم پئي ڪري. انهي "ٽيڪسٽ بوڪس رويزن ڪاميٽيءَ" منڍ ۾ ئي هيءَ ٺهراءُ ڪيو تہ نون درسي ڪتابن ۾ اعرابون ائين ڏجن، جڏهن شرٽ صاحب واري ڊڪشنري ۾ اڳيئي ڏنل آهن! ائين پروفيسر جيٺمل وارو "عهدنامو" (شرٽ صاحب واري ڊڪشنري) پاڻ هن ڪاميٽيءَ جي هٿ ۾ هڪ هٿيار ٿي آيو جنهن پروفيسر جيٺمل جي هلچل جي هڪ پاڙ ڪپي ڦٽي ڪئي!

ڪنهن وقت پروفيسر جيٺمل اسانجي بورڊ جي هڪ ميٽنگ ۾ آيو تہ ڊاڪٽر دائودپوٽہ شرٽ صاحب واري ڊڪشنري ۽ ٻيا ڪيترا ڪتاب کولي، آرسيءَ وانگر منهن اڳيان ڏنس، تہ ککو وکو ٿيو! انهيءَ تي اسانجي بورڊ جي چيئرمن آنريبل سيد ميران محمد شاهہ چيس، تہ هيترين ثابتين هوندي بہ جيڪڏهن چئو تہ ڪا سب ڪاميٽي مقرر ڪريون جا اعرابن جي ڳالهہ جو فيصلو ڪري. پروفيسر جيٺمل اها ڳالهہ قبولي. شاهہ صاحب ائين بہ چيس، تہ انهيءَ سب ڪاميٽيءَ جو چيئرمن ۽ ٻيا ميمبر جيڪي توهين چئو سي مقرر ڪريون.

پروفيسر جيٺمل پاڻ چيو تہ سب ڪاميٽيءَ جو چيئرمن مسٽر آءِ۔ آءِ. قاضي بئرسٽر ٿئي، ۽ مسٽر ڏيارام وسڻمل ميرچنداڻي (اڳوڻو هيڊ ماسٽر)

ڊڪشنري ٺاهيم، سا محنت ٿي برباد!!! ڊڪشنريءَ جي ڀرين ڇاليهه صفحن جون 1250 ڪاپيون ڇپايم، سو خرچ به ويو!!! هاڻ وري محنت ڪري، سڄي ڊڪشنري جون ويهي اعرابون ڦيرايان! اها محنت به ڪٽي ڪريان، پر انهيءَ ڪري خرچ تمام گهڻو وڌندو. اها ٿي منهنجي شخصي ڳالهه، پر درسي ڪتاب به هنئر گهڻو خرچ ڪائيندا، تنهنجو ويچار ڪريو.

هن وقت ڇاپخانن ۾ جيڪو ٽائيپ موجود آهي، تنهن ۾ "ي" جي هيٺان زير (ـِ) ۽ "و" مٿان پيش (ـُ) اڳيئي ڏنل آهي ۽ اهو فقط هڪ اکر جي جاءِ والاري ٿو. هنئر جيڪڏهن "ي" ۽ "و" خالي ڇڏبا، ۽ اعراب اڳين اکرن تي ڏبي، ته اُها اعراب ڌار جاءِ والاريندي. هنئر هرهڪ صفحي ۾ 22 يا 23 سٽون آٽي سگهجن ٿيون، پر پوءِ اڌ جيتريون سٽون مس اچي سگهنديون، جنهنڪري ڇپائي، پنن ۽ جلد ٻڌائيءَ جو خرچ وڌندو ته درسي ڪتابن جي قيمت به ضرور وڌندي. نئيڙا پار سنڌي ڪتاب جلد جلد ڦاڙيو يا وڃايو ڇڏين، ته ٽوٽو سندن مائٽن کي آهي، جن کي هن مهانگائي جي وقت ۾ اهو وڌيل خرچ ڪرڻو پوندو. هن لاءِ جيترو به ارمان ظاهر ڪجي، تيترو ٿورو. انهيءَ لاءِ مان هنن ٻنهي پروفيسرن کي جوابدار سمجهان ٿو جن اُونڌي نموني هيءَ هلچل هلائي، سڄيءَ سنڌ کي هيءَ نقصان پهچايو. هيءَ شخصي جلهيہ نه آهي، پر حقيقت آهي، جا ڄاڻايان ٿو.

پڇاڙي ۾ عرض، ته جيڪڏهن ڪنهن به صاحب کي اعرابن بنسبت اجا به ڪا شنڪا هجي، ته پلي ته "سنڌوءَ" جي وسيلي ظاهر ڪري، ته مان سنديس اُها شنڪا گهڻي خوشيءَ سان مٽائيندس. جيڪڏهن ڪو صاحب سمجهي، ته اعرابن بنسبت مون ڪا غلط ڳالهه ڪئي آهي، ته پلي ته منهنجي اها غلطي سڌاري مان سکڻ لاءِ تيار اهيان. منهنجو متوئي اهو آهي ته "Live and learn" "سکيو سکيجانءِ، جيسين جيئرو آهين جڳ ۾."

رويزن ڪاميٽيءَ منجهن ڪي اهو ٺهراءُ ڪيو ته نون درسي ڪتابن ۾ اعرابون ائين ڏجن، جيئن شرٽ صاحب واري ڊڪشنري ۾ ڏنل آهن.“

هاڻ سوال رڳو هيءَ آهي ته شرٽ صاحب واري ڊڪشنري موجب هلجي يا نه؟ انهيءَ ڊڪشنري ۾ ”ٻڪري“ لفظ ۾ ”ر“ جي هيٺان زير ڏنل آهي، ۽ نه ”ي“ جي هيٺان. ساڳيءَ ريت ”چٽون“ لفظ ۾ ”ٽ“ اکر جي مٿان پيش (ُ) ڏنل آهي، ۽ نه ”و“ اکر جي مٿان جيڪڏهن پروفيسر ناگراڻي سمجهي ٿو ته اعرابن ڏيڻ جو اهو نمونو غلط آهي، ته ڪولي ٻڌائي ته ڪهڙي حساب غلط آهي؟

شرٽ صاحب واري ڊڪشنري 1879ع ۾ ڇپجي پڌري ٿي هئي، جڏهن ڊاڪٽر دائود پوٽه اڃا ڄائو به ڪونه هو! انهيءَ سبب ڊاڪٽر دائود پوٽه جي طرفداري ڪرڻ جي هتي ڳالهه آهيئي ڪانه. جيئن پروفيسر ناگراڻيءَ بنهه غلط طرح ڄاڻايو آهي هيءَ اجائي غلط فهمي ياد ڪرڻ جون واڳون آهن. جي اعتراض جوڳيون ڳالهيون آهن. ديوان ڪوڙيمل به پنهنجي ڇپايل سامي جي سلوڪن ۾، ۽ ڊاڪٽر ٽرمپ پنهنجي ڇپايل شاهه جي رسالي ۾ ۽ سنڌي گرامر ۾ اعرابون ائين ڏنيون آهن، جيئن شرٽ صاحب واريءَ ڊڪشنريءَ ۾ ڏنل آهن. انهن سبب پروفيسر ناگراڻيءَ کي کليو کلايو للڪاريان (Challenge) ٿو ته ثابت ڪري ته ڊاڪٽر ٽرمپ، شرٽ صاحب، ديوان ڪوڙيمل ۽ بيان اڳيان عالم سڀ غلط صحيح رڳو پاڻ ۽ پروفيسر جيٺمل آهن.

پڇاڙيءَ ۾ ڪيس هيءَ عرض ٿو ڪريان ته وري آوارو نه وڃي ۽ هڪ ڳالهه ٽپي، ٻيءَ ڳالهه تي وڃڻ بدران، سنئون سڌو اعرابن جي ڳالهه تي اچي، ته ڳالهه جي صفائي ٿئي. جيڪڏهن پاڻ صحيح هوندو ته پوءِ مان به ٽيڪسٽ بوڪس رويزن ڪاميٽي جي ميمبرن سان ڳالهائڻ جهڙو ٿيندس. نه ته منهنجي نظر ۾ اعرابون بلڪل صحيح طرح وينا ڏين، ۽ مونکي ڪجهه به ڪڇڻ لاءِ سبب ڪونه ٿو ٿئي.

# سنڌي ۽ سنڌي لغت

ڀيرومل مهر چند آڏواڻي

منهنجو ڌيان ڪنهن صاحب گذريل اپريل (1935ع) مهيني واري "سنڌوءَ" ڏي ڇڪايو آهي. جنهن ۾ ڊاڪٽر دائود پوٽي سنڌي لغت جي باري ۾ مسٽر منوهر داس ڪوڙيمل تي چوهه چنڊيندي هي لفظ لکيا آهن:-

"سنڌيءَ جي ڄمار سٺ اسي ورهيه نه آهي، جيئن مسٽر ڀيرومل يا مسٽر ڏيارام يا مسٽر ڦيرواڻي لڪيءَ مان لٺ ڀڃي فرمائين ٿا، پر چار سو ورهيه آهي!!"

حقيقتون مون اهڙي بيهودي ڳالهه ڪڏهن ڀلئي ڀلائي به ڪانه ڪئي آهي. ڀائنجي ٿو ته ڪنهن ٻئي صاحب سنڌيءَ جي ڄمار اسي ورهيه ڄاڻائي آهي ۽ ڊاڪٽر دائود پوٽي هنجي نالي بدران منهنجو نالو ڀل ۾ ڄاڻايو آهي. جيڪڏهن سچ پچ اها ڀل ڪئي اٿس ته اوهانجي مخزن جي وسيلي اها هينئر قبول ڪرڻ مٿس ڏنڊ آهي.

**سنڌيءَ جي ڄمار:**

سنڌيءَ جي ڄمار سٺ اسي ورهيه نه آهي. پر چار سو ورهيه آهي. ڊاڪٽر دائود پوٽي جي هنن لفظن مان " هر ڪو اها معني ڪيندو ته هو چوي ٿو ته سنڌي ٻوليءَ کي ڄائي چار سو ورهيه ٿيا آهن ڇاڪاڻ ته سنڌيءَ جي ڄمار معني "سنڌي ٻولي جي ڄمار". جيڪڏهن سندس چوڻ جو مطلب آهي "سنڌي ساهت جي ڄمار" ته پوءِ چئبو ته هو ٻولي" Language ۽ "ساهت" Literature جي وچ ۾ فرق رکي ئي ڪونه ٿو جنهن ڪري به پڙهندڙن کي منجهائي ٿو. آءٌ سنڌ جي تاريخ جو به ابياسي آهيان ۽ ڳچ ورهيه محنت ڪري ٿورن سالن کان "قديم سنڌ جي تاريخ" ۽ "سنڌي ٻوليءَ جي

تاريخ" اهي ٻه ڪتاب تيار ڪيا اٿم. جن مان پوئين اميد ته جلد ڇپائي پڌرو ڪندس. پنهنجي انهيءَ ڪتاب ۾ مون سنڌي ٻولي جي جنم ۽ سنڌي ساهت پيدا ٿيڻ جون تاريخون تخميني روءِ اڳيئي ڄاڻايون آهن. کوجنائن ڪرڻ سان مونکي ائين معلوم ٿيو ته سنڌي ٻولي سنه 1100ع ڌاري (پراڪرت مان ڦري) ڌار ٻولي ٿي ڪم اچڻ لڳي هئي جڏهن قاضي قاضن ۽ ٻيا مسلمان شاعر جن جا نالا ڊاڪٽر دائود پوٽي پنهنجي هن ليک ۾ ڄاڻايا آهن سي اڃا ڄاوا به ڪونه هئا. مطلب ته سنڌي ٻوليءَ جي ڄمار نو سو ڪن ورهيه آهي، ۽ نه فقط چار سو ورهيه. جئن ڊاڪٽر دائود پوٽي ڄاڻايو آهي. جيڪڏهن "سنڌي ٻوليءَ جي ڄمار" مان سندس مطلب آهي "سنڌي ساهت جي ڄمار" ته پوءِ سندس ڳالهه برابر چئبي ڇاڪاڻ ته سنڌي شعر جي تاريخ عيسوي سورهين صديءَ کان وٺي شروع ٿئي ٿي. حقيقتون سنڌي شعر عيسوي چوڏهين ۽ پندرهين صدي ۾ به چوڻ ۾ ايندو هو پر اهو موجود ڪونهي، تنهنڪري جيڪو شعر موجود آهي سو خيال ۾ رکي چئجي ٿو ته سنڌي ساهت عيسوي سورهين صدي کان وٺي شروع ٿئي ٿو. سنڌي شعر نه رڳو آڳاٽن مسلمان شاعرن ٿي چيو جئن دائود پوٽي جي ليک مان سمجهڻ ۾ اچي ٿو پر آڳاٽن هندن به سنڌي شعر چيو ٿي. انهي جهوني شعر جو نمونو سکن جي گرنٿ صاحب مان ملي ٿو.

"لوئڻ لوئي ڏٺ، پياس نه ٻجهي مون گهڻي
نانڪ سي اکڙيان ٻين، جن ڏسندو مان پري"

(راڳه مارو محلا پنج).

مطلب ته سنڌي ٻولي سنه 1100ع ڌاري ڄائي، ۽ سنڌي شعر عيسوي

سورهين صدي کان وٺي موجود آهي باقي سنڌي نثر جا ڪتاب گهڻو پوءِ عيسوي اٺويهين صدي کان وٺي ڇپيا. تنهنڪري جنهن صاحب چيو آهي ته "سنڌي جي ڄمار سٺ اسي ورهيه آهي". تنهن چئبو ته "سنڌي نثر جي ڄمار" ڄاڻائي آهي. هاڻ ڊاڪٽر دائود پوٽو پاڻ ٻڌائي ته هتي "لئيءَ مان لٺ پيڻ" جي ڪهڙي ڳالهه هئي جو پاڻ اهو اصطلاح ڪم آندو اٿس. سندس انهن لفظن مان هر ڪو ڪهڙو مطلب ڪڍندو سو آءٌ اڳيئي کولي ٻڌايانس ٿو.

## ڊاڪٽر دائود پوٽي جو ٻانور

ڊاڪٽر دائود پوٽي جا لفظ جي مون ٻجنسي مٿي ڄاڻايا آهن تن ۾ "لئيءَ مان لٺ پيڻ" وارو اصطلاح جنهن نموني پاڻ ڪم آندو اٿس تنهن نموني مان ظاهر آهي ته منهنجي دوست کي پنهنجي علميت جو گهڻو ٻانور آهي ۽ اهڙي جهڙي ۾ اک به نٿي ٻڏيس، نه رڳو ايترو پر ائين سمجهي ٿو ته پيرومل ۽ مسٽر ڏيارام وسٽمل ڪراچي جي سرڪاري هاءِ اسڪول جو اڳوڻو هيڊ ماسٽر ۽ مسٽر ڦيرواڻي نئينءَ مان شاماٽا آهن جي سنڌي جا ٻه اکر سکي هاڻي علمي ميدان ۾ ٽپي پيا آهن ۽ ڏيکاري ائين ٿا ڏين ڄڻ ته پاڻ ڏاڍا ڪي قابل اچي لٿا آهن. پر سنڌيءَ جي سڌ اڄها اها اٿن جو سنڌي جي ڄمار چار سو ورهيه ته پيا ٻڌائين سٺ اسي ورهيه!!!

حقيقتون "سنڌي جي ڄمار" سان سنڌي گهٽي ڄاڻڻ يا ٿوري ڄاڻڻ جي ڳالهه جو ڪوبه واسطو ڪونهي، ڇاڪاڻ ته اها تاريخ جي ڳالهه آهي، جنهن مٿي اڳيئي ڄاڻايو اٿم. انهي هوندي به ڊاڪٽر دائود پوٽي جو مٿيون اصطلاح انهي ڳالهه سان ڳنڍيو آهي سو صفا ڏيکاري ٿو ته پنهنجي علميت جو ٻانور اٿس، سو به ايتري قدر جو اهو پتو به ڪونه پيو اٿس ته سنڌي جي ڄمار سٺ اسي ورهيه ڪنهن ڄاڻائي هئي ۽ آءٌ نالو ڪنهن جو ٿو ڄاڻايان. جيڪڏهن دل تي سچ پچ اهو اثر ويٺل اٿس ته سنڌي جي ايتري ٿوري ڄمار

مون ڇاڻائي هئي ۽ ارادتون منهنجي باري ۾ اهو اصطلاح ڪم آندو اٿس ته ٻه منهنجي ڀاڱي سڪ آهي. ڀلي ته پنهنجي دل کي خوش ڪري.

ڊاڪٽر دائود پوٽي جي هڪ ٻي به ڳالهه آهي جنهن ڏياڻ لهڻو. لکي ٿو ته "سنڌ ۾ پڙهيلن جون ٽي پنڪيون مس آهن. جن جا نالا ڳاڻ ڳڻيا آهن. هن جي معنيٰ ته سنڌ ۾ رڳو مٺ ماڻهن جي پڙهيل آهي ۽ ٻيا سڀ اڻ پڙهيل ۽ جاهل مجهول آهن!!! "پڙهيل" لفظ جي بدران جيڪڏهن "سنڌي ٻولي جو اونهو اڀياس ڪندڙ" يا ٻيا اهڙا ڪي لفظ ڪم آڻي ها ته ٻي ڳالهه. باقي هن طرح لکڻ ڪري ڇٻو ته گهڻن سنڌين جي آبرو ورتي اٿس. پر اجا ڪتي ڳالهه پيئي آهي. سنڌ ۾ پڙهيلن جون ٽي پٽڪيون مس آهن. جن جا نالا ڳاڻ ڳڻيا آهن." اهي لفظ لکي پوءِ تيرهن ڄڻن جا نالا ڏنا اٿس. جهڙوڪ ديوان نرملداس. ڊاڪٽر گربخشاڻي، حڪيم فتح محمد سيوهاڻي، مولوي دين محمد وفائي، مسٽر محمد صديق ميمڻ ۽ ٻيا ٿورا مسلمان 7 هندو جن ۾ منهنجو نالو به آندو اٿس!!! هندو ڪرستانن مان مسٽر پرمانند ميوارام جو نالو ڇاڻايو اٿس. پنهنجي هيءَ رٿ ظاهر ڪئي اٿس ته نئين سنڌي لغت جوڙڻ لاءِ انهن تيرهن ڄڻن جي منڊلي ٺاهي ۽ پنهنجي نالي لکيو اٿس ته "هن مسڪين کي به جيڪڏهن انهن قابلن جي قطار ۾ ليکيو ويندو ته تن، من، ڌن سان تيار آهي." سندس انهن لفظن مان هر ڪو جيڪو اهو مطلب ڪڍي ته ڏاڍي نئڙت ۽ نهٺائي ڏيکاري اٿس ۽ پنهنجيءَ علميت جو ٻانور منجهه ڪونه اٿس. پر ڏسو ته اتيئي انهيءَ ساڳي ليک ۾ لکي ڇاتو. اجهي هي آهن سندس لفظ:

"اڳوڻيءَ نج سنڌيءَ ۾ اهڙا لفظ آهن. جي ڪنهن به سنڌي ڪوش ۾ نه ليندا. مثلا شاهه ڪريم جو هيءُ بيت جو اڄ تائين ڪنهن نه سمجهو آهي:

جهوپڙا جهڻڪن. متي مين مڱڻا.

سپڙ رات سمگنا. ڏکيا ڏينهن ڏسن.

گهرڻا گهوٽ وڃن. چندا لٿي چارٹين."

درسي ڪتاب طور منظور به ڪجن پر ڪڏهن ڪنهن ورلي جو ڪتاب اسڪولن ۾ هلائين ته ته راڄا ڀاڳ هشتر جي ڏينهن وارو اهوئي نار ۽ اهائي ڪنگري اڄا ملي اچي! جنهن صورت ۾ اهو بوڪ ڊيپو مقاطعو سنڌي ساهت جي واڌاري کي ڌڪ هڻي بيٺو آهي تنهن صورت ۾ جي اسان کي ويهن ئي نهن جو زور هلائي اُنهي ٻجي ٻنهي بند ڪرائڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي ۽ يونيورسٽيءَ ۾ ڏنئن گهرجي ته سيني ڪلاسن لاءِ سنڌي مقرر ڪن.

ساڳي وقت اها به ڪوشش ڪرڻ گهرجي ته آئيندي سڀ درسي ڪتاب سنڌ جي ڇاپخانن وارن کي ڇپجڻ لاءِ ملن. ائين لکندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي همتائبو ته جلد ئي سنڌي ساهت زور وٺندو ۽ اسانجو ڪنڌ ٻين قومن اڳيان مٿي ٿيندو.

قلم تازو _ آءُ هنئر مانا ڪائي ٿي آيو آهيان تنهنڪري مونکي پنهنجي ڪا لالچ ڪانهي، باقي سنڌي ساهت واڌارو ٿيندو ئي تڏهن جڏهن بمبئي يونيورسٽي ۾ تعليم ڪاتي وارا اسانجا اهي واجبي عرض اونائيندا.

# سنسڪرت ۽ ديوناگريءَ بابت ويچار

مسٽر ڀيرومل مهر چند آڏواڻي

هندن جا آڳاٽي ۾ آڳاٽا ڌرمي پستڪ ويد آهن. تن مان رگ ويد کان آڳاٽو ٻيو ڪوبه پستڪ سڄيءَ دنيا ۾ ڪونهي. ويدن ۾ ڪم آيل ٻولي عام طرح "ويدڪ سنسڪرت" سڏجي ٿي. اها ٻولي بہ نهايت قديمي ڇٽبي. پر "سنسڪرت" نالو قديم ڪونهي، جو اُهو ڪنهن بہ ويد ۾ ڪم آيل نہ آهي. قديم آريہ لوڪ پنهنجيءَ ٻولي کي "ڀاشا" چوندا هئا، جنهنجي معنيٰ آهي "ٻولي". خود "ٻولي" معنيٰ "جا ٻولجي يا ڳالهائجي ٿي". مطلب تہ سندي ٻوليءَ تي ڪو خاص نالو رکيل ڪونہ هو.

ويدن کانپوءِ سوٽرن وارو زمانو آيو. "سُوتر" اهو ساڳيو لفظ آهي، جنهنجو اُچار سنڌي ۾ آهي "سُٽُ". "سوٽلي" (سٽي) بہ ساڳي ڌاتوءَ مان آهي. انهيءَ زماني ۾ وڏيون فيلسوفيءَ جون، توڙي ٻيون، ڳالهيون ٿورڙن پرمائيدار لفظن ۾ ائين آڻيندا هئا، جو ڄڻ تہ سٽ يا ڌاڳي ۾ موتي پوئندا هئا!

انهيءَ سوٽرن واري زماني ۾ "سنسڪرت" نالو پهريائين پهريائين آيل ڏسڻ ۾ اچي ٿو. انهيءَ زماني ۾ جيڪي رشي ۽ مني هئا، تن مان هڪڙو يا سڪ مني هو جنهنجو جوڙيل پستڪ "نرڪت" نالي مشهور آهي. اهو پستڪ هڪ ڊڪشنري يا لغت آهي، جنهن ۾ ويدڪ لفظن جي معني ۽ انهنجو بنياد ڄاڻايل آهي. ٻيو پاڻني مني هو جنهنجي جوڙيل "اشٽا ڌيائي "قديم سنسڪرت ٻوليءَ جو گرامر يا ويا ڪرڻ) مشهور آهي. ٻئي مني عيسوي سن کان پنج ڇهہ صديون اڳي ٿي گذريا آهن. جنهن صورت ۾ "نرڪرت" نالو هنن منين جي وقت ۾ پهريون ئي پهريون ڀيرو ڪم آيل ڏسڻ ۾ اچي ٿو ۽ ويدن ۾ اُهو آهيئي ڪونہ. تنهن صورت ۾ ائين وسهڻ لاءِ سبب

مان هڪڙي جو نالو "جمون دويپ" آهي. وشنو پراڻ ۾ لکيل آهي ته "جمون دويپ جي وچ ۾، ميرو پربت جي چوٽي تي، هڪ شهر ٻڌل آهي، جو پرٿوي سرڳ يا بهشت آهي ۽ برهما جو لوڪ آهي.

منهنجو نظريو (View or Theory) هيءُ آهي ته سنڪسرت آئيوينا انهيءَ برهما جي ميرو پربت جي چوٽيءَ تي ٻڌل شهر ۾ جڙيل هئي، جنهن ڪري اها اصل "براهمي" يعني "برهما جي لوڪ جي آئيوينا" سڏبي هئي. انهيءَ تي "ديوناگري" نالو به انهي ڪري پيو جو اهو ميرو پربت جي چوٽي تي ٻڌل شهر ديوتائن جو شهر به ڪوٺيو هو. انهيءَ لاءِ ته گهٽيئي حوالا ڏيئي سگهجن ٿا. مثلا ڀاسڪر آچاريه جي "سوريه سڌانت" (12_67) ۾ لکيل آهي، ته "مير پربت ڏي ديوتائن کي سج رڳو هڪ ڀيرو ڏسڻ ۾ ايندو آهي، جڏهن سج پنهنجو اڌ ڦيرو مکيه راس کان وٺي شروع ڪندو آهي." هن هڪڙيئي مثال مان به ڳالهيون ظاهر ٿين ٿيون:-

(1) ته ميرو پربت تي ديوتائون رهندا هئا.

(2) ته ديوتائن جو اهو شهر، جو ميرو پربت جي چوٽيءَ تي ٻڌل هو. سو اتر قطب هو جتي هر ڪنهن سال سج نقط هڪ ڀيرو ايرندو آهي، جنهنڪري اتي سانده ڇهه مهنا ڏينهن ۽ ڇهه مهنا رات ٿيندي آهي.

هيءَ ساڳي ڳالهه مهاڀارت جي "ون پرو" (اڌيا 163_164) ۾ به لکيل آهي، جنهن ۾ ڄاڻايل آهي، ته پانڊون جو وچون ڀاءُ ارجن ميرو پربت ڏي ويو هو. اتي جا جيڪي اکين ڏٺا احوال ڏنا اٿس تن ۾ چيو اٿس، ته "ميرو پربت ڏي سج ۽ الهندي کان ايرندي ڏي پرڪشنا " ڪندا آهن يعني ڦرندا وتندا آهن." وڌيڪ هئن: چيو اٿس، ته "اُتي ڏينهن ۽ رات اُتي جي رهاڪن لاءِ هڪ ورهيه جي برابر آهي." هيءَ صفائي صفا اُتر قطب جي ڳالهه آهي، جتي اڄ تائين ٻارهين معني سج ايرندو آهي، ۽ اتي سج، چند ۽ ٻيا گرهه گولائيءَ ۾ اٿين ڦرندا ن نظر ايندا آهن، جئن ڪو ماٿهو ڪليل ڏوپ چٽي پنهنجي مٿان

جهلي ڦيرائيندو آهي. اهو ڦيرو الهندي کان شروع ٿيندو آهي ۽ ايرندي ڏي پورو ٿيندو آهي.

هاڻ ظاهر آهي، ته اُتهاس (مهاڀارت) ۽ پراڻن ۾، توڙي ڀاسڪر آچاريہ جي "سوريہ سڌانت" ۾، ميڪرو پربت واري شهر (برهما جي لوڪ) جا رهاڪو "ديوتائون" سڏبا هئا، ۽ اهي جيڪا ٻولي ڳالهائيندا هئا سا "سر ڀارتي"يا"ديوواڻي" يعني ديوتائن جي ٻولي سڏي ويئي آهي، جنهنکي هاڻ عام طرح "سنسڪرت" سڏيون ٿا. اها ٻولي جنهن آئيوپتا ۾ لکجي ٿي، سا بہ ساڳي سبب "براهمي" (برهما جي لوڪ جي آئيوپتا) سڏبي هئي، جنهن تي پوءِ "ديوناگري" نالو پيو جنهنجي بہ اکري معني آهي "دِيوتائن جي شهر" (ميرو پربت تي ٻڌل برهما جي لوڪ) جي آئيوپتا. هاڻ سوال آهي، تہ اهي ديوتائون ڪير هئا؟ هن بابت ويچار ڪندي، مونکي هيءَ ڳالهہ خيال ۾ آئي آهي.

اسين هندو چئون ٿا تہ اسانجا ديوتائون اتر ڏي آهن. اڄ بہ جنهن رات آسمان ۾ جهڙ ڪونهي، ۽ تارا چٽيءَ ريت تمڪندا نظر اچن ٿا، تنهن رات جو اُتر طرف نهاريون ٿا، تہ ستن تارن جو ميڙ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. اهي ست تارا آسمان ۾ اهڙي ريت بيٺا آهن، جو جڻ تہ ڪو "وڏو رڇ" بيٺو آهي. انهيءَ سبب انگريزي ۾ لکيل کگول وديا (Astronomy) جي ڪتابن ۾ اُنکي ursa Major or Great Bear يعني "وڏو رڇ" سڏيو اٿن. اسين هندو عام طرح انهن ستن تارن جي ميڙ کي "سپت رشي" (ست رشي) سڏيندا آهيون.

انهن ستن تارن مان بہ تارا "ڏس ڏيکاريندڙ" (Pointers) آهن، ۽ انهنجي پريان سڌيءَ ليڪ ۾ "ڌرم" تارو (Pole_Star) ڏسڻ ۾ ايندو آهي، جو سائين اُتر ڏي هوندو آهي. اهو ڌرو تارو جڻ تہ ائين جاڻائي ٿو تہ انهن ستن رشين جو اصلوڪو ماڳ اتر ڏي (ميرو پربت طرف) هو ۽ ستن تارن مان بہ تارا جي "ڏس ڏيکاريندڙ" آهن سي بہ اهائي اُتر ڏسا ڏيکارين ٿا.

رگ ويد جي پنيان جيڪو شتپٿ براهمڻ گرنٿ آهي، تنهن ۾ ستن

رشين جا نالا گوتم، ڀردواج، وشوامتر، جمدگني، وسشٽ، ڪشيپ ۽ اَترِي ڄاڻايل آهن.

"رشي" لفظ انهن اعليٰ درجي جي انسانن لاءِ ڪم آڻيو آهي، جن جي مک مان ويدن جا منتر نڪتا. اسانجن شاسترن پٽاندر ويد "اپُور رشيہ" آهن يعني ڪنهن بہ پرش يا ماڻهوءَ جا جوڙيل ڪينهن. اهي ايشور جا وچن آهن، جي رشين ٻوليا، جڏهن ڪين سرسوتيءَ ٻولايو. مطلب تہ ويدن جا منتر ڪنهن جهڙي تهڙي ماڻهوءَ جي واتان ڪين نڪتا هئا، پر انهن رشين جي واتان، ۽ اهڙن مهاپرشن کي آڳاٽن براهمڻن جيڪڏهن "ديوتا" ڪوٺيو تہ اها ڪا وڏي يا عجيب ڳالهہ ڪانهي.

هن وقت سڄي هندوستان ۾ جيڪي براهمڻ آهن، سي سڀ آڳاٽن رشين جو اولاد آهن. سارسوت براهمڻن ۽ ٻين براهمڻن جي گوترن تي نالائي انهن رشين جا پيل آهن، جن مان خبر پوندي آهي تہ هيءُ فلاڻي فلاڻي رشيءَ جي نسل مان آهن. اسين بہ پنهجي ماءُ پيءُ کي ديوتان جو روپ ڪري سمجهون ٿا. ۽ جي براهمڻ بہ پنهنجن وڏن کي "ديوتا" سڏيو تہ چئبو پنهنجي سعادت ڏيکاريائون. پر اهو بہ ڪو اڄ ڪلهہ جو رواج ڪونهي خود رگ ويد جي "سوڪتن" ۾ ڪيترن هنڌ "رشي" ۽ "ديوتا" لفظ ائين گڏ ڪم آيل آهن، جو ڄڻ تہ ٻئي ساڳيءَ معني وارا لفظ آهن.

آسمان ۾ جيڪي "سپت رشي" اڄ تائين ڏسڻ ۾ اچن ٿا، تن کي نہ رڳو براهمڻ، پرڪتري ۽ وئش بہ "ديوتائون" ڪوٺين ٿا جو رشين جو درجو رواجي انسانن جي درجي کان گهڻو مٿي آهي. انهن رشين جي مُکَ مان ويدن جا منتر نڪتا، جي سنسڪرت ٻوليءَ ۾ آهن، تنهنڪري اها "ديوواڻي" سڏجڻ ۾ آئي. انهن رشين جو آڳاٽو ۽ اصلوڪوماڳہ ميرو پربت جي چوٽيءَ تي ٻڌل شهر هو ۽ سنسڪرت آئيويتا اصل اُتي جڙي هئي، تنهنڪري اها اڄ تائين "ديوناگري" يعني ديوتائن جي شهر جي آئيويتا سڏجي ٿي.

# سنڌيءَ جي دڪدائڪ حالت سڌارڻ لاءِ رٿ

پيرومل مهرچند آڏواڻي

اڳي سنڌي رڳو مئٽرڪ تائين پاڙهڻ ۾ ايندي هئي. ٻين ڏيهي ٻولين وانگر ڪاليجن ۾ پير پائڻ نٿي مليس! بمبئي يونيورسٽيءَ جو اعتراض رڳو هيءُ هو ته سنڌيءَ ۾ ساهت ڪو گهڻو ڪونهي، ۽ نثر جا ڪارائتا ڪتاب، جي ڪاليجن ۾ پاڙهجن، سي ته ٻه ڳاڻ ڳڻيا آهن. پڪارن پنيان پڪارون ٿيون، تڏهين جون 1924ع کان وٺي، فقط بي. اي امتحان جي نصاب ۾ سنڌي درج ٿي، سا به آزمائش طور! ان وقت تائين شڪارپور وارو ڪاليج اڃا کليو ڪونه هو. حيدرآباد وارو ڪاليج برپا ٿيل هو پر ان ۾ اڃا بي. اي ڪلاس ڪونه کوليون هئائون. ڪراچيءَ واري ڪاليج ۾ بي. اي وارن کي سنڌي سيکارڻ لاءِ، جون 1924ع کان وٺي، مسٽر دائود پوٽه (هاڻ ڊاڪٽر) سنڌيءَ جو ليڪچرر مقرر ٿيو. سگهوئي پوءِ هو صاحب ڊاڪٽريءَ جي ڊگري حاصل ڪرڻ لاءِ ولايت هليو ويو. ٻئي ٽرم ۾ يعني نومبر 1924ع کان وٺي مان سندس جاءِ تي، سنڌيءَ جو ليڪچرر مقرر ٿيس. مان تيرهن ورهيه ڪاليج ۾ رهيس، پر ساڍا ٻارهن ورهيه ڪن سانده ڪاليجن جي پهرين ٻن ڪلاسن ۾ سنڌي سيکارڻ ۾ ڪانه آئي! سنه 1937-1938ع ۾ منهنجي رٽائر ڪرڻ کان فقط ٿورا مهنا اڳ، ڪاليجن جي سيني ڪلاسن ۾ سنڌي پيئي، ته گهڻو خوش ٿيس. ائين مئٽرڪ کان وٺي بي. اي تائين سانده سنڌيءَ سيکارڻ جو رواج پيو، جو اڄ تائين هليو اچي. ٻئي سال کان وٺي بي. اي آنرس وارنکي به سنڌي سيکارڻ ۾ ايندي، جا هيڪاري وڌيڪ خوشيءَ جي ڳالهه آهي.

سنه 1938ع کان وٺي منهنجو ڪاليج سان ڪو به واسطو ڪونه رهيو آهي، ته به من جي منشا هيءَ اٿم، ته ڪاليجي شاگردن کي اهڙا ڪي

ڪتاب موجود ڪري ڏجن، جي ڪين پنهنجيءَ مادري زبان جي مايي وڌائڻ ۾ مدد ڪن. ڪو هڪڙو ٻه ڪتاب لکٽو هجي، ته مان جيڪر پاڻ ئي لکي پورائي ڪريان، پر منهنجي جيڪا رٿ آهي، تنهن موجب گهٽ ۾ گهٽ ساڪرن (اديبن) جي سهائتا ۽ سهڪار گهرجي. اهڙا دل گهريا دوست جيستائين ملن، تيستائين مون يڪ سر، ٽي ورهيه پورهيو ڪري سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ تيار ڪئي، جا بمبئي يونيورسٽيءَ ٻي. اي جي شاگردن لاءِ درسي ڪتاب طور منظور ڪئي آهي. اها تاريخ اڃا لکي پوري ڪانه ڪئي هيم، ته ڪانگ پئي اڏايم ته ڪي هڏ ڏوکي همراه هٿ اچن، جي اهڙن ڪمن ۾ هٿ وٺائين. اوچتو ئي هڪ اهڙي واٽ کلي، جا مونکي خواب خيال ۾ به ڪانه هئي.

سنه 1940ع ۾، سنڌ سرڪار سنڌ سان پنهنجا پال پلائي، سنڌي ادب (ساهت) لاءِ هڪ مرڪزي صلاحڪار بورڊ برپا ڪيو، جنهنجو هڪ ميمبر مان به آهيان. اهڙو بورڊ سڄي هندوستان ۾ ٻيءَ ڪنهن به ڏيهي ٻوليءَ جي ترقيءَ لاءِ اڄ تائين برپا نه ٿيو آهي.

انهي بورڊ جا اسين سڀ ميمبر جهجهي چاه سان ڪم ڪرڻ لڳاسين. ۽ هن وقت تائين سنڌ جو جيڪو گهٽوئي پلو ٿي سگهيو ها، پر اسانجي قسمت ۾ ڪا ڪارڻ ٿي ڏسجي جو منڍ ڪاٿي وٺي هن بورڊ تي هڪڙو نه پيو گره بيٺوئي آهي! هن وقت ڪنٽرول جو ڪنڊو ڪاپار ۾ اٽڪيل اٿس، جو اُسرڻ نٿو ڏئيس، جنهنڪري اهو هڪ گهائي گره چٽبو. ان لاءِ ڪو جاب ڪرائجي، نه ته اڃا گهڻائي ڏينهن پيڙا پوڳڻي پوندي!

ڪنٽرول ڪاٿي جي قاعدن موجب 1939ع يا 1943ع ۾ جن ڪتاب ڇپايا هئا، تن جا نالا رجسٽرڊ پبلشرس جي يادداشت ۾ داخل ڪيا اٿن، ۽ ڪين پنن جي ڪوٽا مقرر ڪري ڏني اٿن. هيءُ بورڊ آگسٽ 1940ع ۾

هستيءَ ۾ آيو. سگهوئي پوءِ ٿورا ڪتاب پنهنجي ئي ڇاپائي پڌرا ڪيائين، پر 1943ع ۾ ڪو به ڪتاب ڪونه ڇپايائين. تنهنڪري نڪي رجسٽرڊ پبلشرس جي ياداشت ۾ نالو داخل ٿيل اٿس. نڪا ڪا پنن جي ڪوٽا منظور ٿي ملي اٿس! ائين ڪم ڪٿي هلندو؟ جنگ جي وقت ۾ پنن جي اڻاٺ ٿي، ته هند سرڪار حڪم ڪيو لته جنگ هلندي، ڪابه نئين اخبار يا نئون مخزن چالو نه ٿئي. بورڊ کي مهراڻ ڪيڍڻي هئي، ته سنڌ سرڪار جي سفارش تي، هند سرڪار انهيءَ مخزن ڪيڍڻ جي خاص طرح موڪل ڏني. انهيءَ سبب آسرو اٿم، ته سنڌ جو هاڻوڪو تعليمي وزير آنرريبل پير الاهي بخش ترت تدارڪ ڪندو ۽ ڪنٽرول جي رڪاوٽ لهرائي ڏيندو. ڪنٽرول جا قاعدا هاڻ اڳين جهڙا سخت ڪينهن ۽ سهولتون ڏيندا پيا وڃن. تنهنڪري هيءَ وقت به سٺائو چٽبو. شمس العلماءُ ڊاڪٽر دائود پوٽه به چڱي وائي واتان ڪڍي آهي، جو مهراڻ جي پهرئين ئي پرچي ۾ پاڻ لکيو اٿس ته: مهراڻ جو ميدان ۾ اچڻ سگوري سوڻ جو سنيهو آهي. مون ته ڪي پيا به سوڻ ڳڻيا آهن، جن جو ٿورو ذڪر ڪريان ٿو.

مهراڻ جو پهريون پرچو جنوري 1946ع ۾ نڪتو ته ڏٺم ته انجي پهرين ئي پهرين سٽ ايڊيٽوريل بورڊ (اداره) هنن لفظن سان شروع ڪئي آهي:

اسانجي محبوب وطن جي محبوب زبان، ڪهڙا نه مٺا ۽ وڻندڙ لفظ! پهرينديئي شرط اها اوسهه آئي، ته منهنجي دل شاهدي ڏني، ته بورڊ برپا ٿيڻ سان جٽن ڪيترا ڪارا ڪڪر مٿانئس غبار ڪري اچي بيٺا هئا ۽ پوءِ آهستي آهستي پاسيرا ٿيندا ويا، ۽ هاڻ سج ڪني به ڪڍي آهي، جو بورڊ جي سهاري هيٺ مهراڻ ڪيڍڻ جي موڪل خاص طرح ملي آهي. نئين باقي رهيل هڪ به ڪارو ڪڪر به سگهوئي ٽڙي پکڙي ويندو ۽ اسان جو سنڌي

ساهت هاڻ ڏينهون ڏينهن ڏيهه پوءِ چڱو زور وٺندو ويندو. اسانجو ساهت ڪيتري قدر زور ٿئي، سا مراد بہ ايڊيٽوريل بورڊ پنهنجي اِنهيءَ ليک جي پڇاڙيءَ واري فقره ۾ هٿن ڄاڻائي آهي تہ: سنڌي ساهت جي چمن ۾ اهڙا عمدا گل پيدا ٿين، جن جي پيٽ دنيا جي نامور باغيچن جي گلن سان ٿي سگهي، ۽ جن جو عطر دنيا جي ٻين پاڳن ۾ نمايش لاءِ موڪلي سگهجي. آمين!

ساڳي مهراڻ ۾ مولوي عبدالڪريم چشتيءَ جو سنڌي ٻوليءَ بابت لکيل مضمون بہ ڏنل، جو هن ريت شروع ڪيو اٿس:

هر هڪ قوم ۾ هر هڪ ماڻهو جي خيالات ۽ جذبات سمجهڻ جو وسيلو ٻولي آهي. هر هڪ قوم جي علم ۽ فضل، ۽ سنديس خوبين ۽ ڪمالتن جي معلوم ڪرڻ لاءِ ٻولي ئي هڪ بهترين ذريعہ آهي. ڪنهن بہ قوم جي طبعيت جو آئينو سنديس ٻولي آهي، جنهن مان سندس خال خط ۽ حسن جمال ڏسي ٿو سگهجي، نہ رڳو ايترو پر هر هڪ قوم جي ماضي ۽ حال سان گڏ سندس مستقبل بہ ٻوليءَ تي مدار رکي ٿو سنڌي ٻولي معمولي ۽ غير اهم ٻولي نہ آهي. هوءَ هڪ شاندار ۽ اهم لذيذ ٻولي آهي.

هي لفظ پڙهيم، تہ دل ۾ آيم تہ مهراڻ جي ايڊيٽوريل بورڊ وارا ۽ مرڪزي ادبي بورڊ جا ٻيا ڀهڙا ميمبر، جن کي پنهنجي مادري زبان لاءِ هيتري غزت ۽ سڪ آهي، ۽ ٻوليءَ جي اهميت پليءَ پت محسوس ڪن ٿا، تن جي اڳيان جيڪڏهن پنهنجا ويچار ظاهر ڪندس، تہ هو اٽيچو جوڳو ڌيان ڏيندا.

پنهنجيءَ رٿ ظاهر ڪرڻ جي همت هيڪاري هن سبب ٿيم، جو مهراڻ جي انهيءَ ساڳي پهرين پرچي ۾ شمس العلماءَ ڊاڪٽر دائود پوٽہ جو ليک ادبي سنگت جي سري سان ڏنل، جنهن ۾ ڏسو تہ ڪهڙي نہ اُتاهه سان اسانکي ڪوٺ ڏني اٿس:

اچو يارو، هندو مسلم ڀائرو ته هڪبئي سان ملي، مهراڻ جي وسيلي، هڪ اهڙي ادبي سنگت _ ادبي ياري يا جمعيت ٺاهيون، جنهنکي ملڪ جي ادبي انتيءَ جو اونو هجي.

اِنهيءَ ساڳي ليک ۾ هيٺين به لکيو اٿس:

مهراڻ جا باني مباني، مرڪزي ادبي بورڊ جا عضوا، ۽ سنڌ جا ٻيا اديب، هندو توڙي مسلمان، گڏجي هڪ ادبي منڊلي بنائين، جنهنجي فردن ۾ ٻيائيءَ جي بوءِ نه هجي، ۽ جي وصال جا ورق واري، ۽ وڇوري جا وڍ وڃائي، سنڌي ساهت کي معياري صورت ڏين، پختگي ۽ پابندگي بخشين.

هن ڪان وڏيڪ ٻيو اسانکي ڇا گهرجي؟

اڳي ائين پئي چيم ته مونکي ڪي وڻائيندڙ هجن، تن جو پتو ته هنئر مهراڻ مان پيم، پر سندن خيالن مان به چڱيءَ طرح واقف ٿيس.

ڊاڪٽر دائود پوٽه جي مٿين لفظن ته مون ۾ هيڪاري نئون سنئون آسرو ۽ اتساه پيدا ڪيو آهي، جو منهنجي جيڪا رٿ آهي، تنهن مان ڪي ڳالهيون پاڻ اڳيئي ڄاڻايون اٿس. انهيءَ سبب اول اُنهن جو ذڪر ڪريان ٿو. ڊاڪٽر دائود پوٽه ادبي سنگت جا ڪي وظيفا ڄاڻايا آهن، جن مان پهريون ۽ مکيه هيءُ آهي:

قديم ادبي ذخيرو ڪٺو ڪري، سنڌي لغت کي سهڻن سنڌي لفظن سان مالا مال ڪرڻ.

منهنجيءَ رٿ موجب به شاگردن توڙي ٻين لاءِ اول ته عمدي لغت گهرجي. اها ته ضرورت اڳيئي محسوس ڪري، سنڌي ادب لاءِ مرڪزي صلاحڪار بورڊ تي، سنڌ سرڪار جيڪي ڪم رکيا آهن، تن مان هڪڙو مکيه ڪم هيءُ به آهي، ته هڪ مڪمل سنڌي لغت تيار ڪري، ۽ سائنس جا نوان نوان لفظ ۽ محاورا به گهڙي اُن ۾ وجهي.

بورڊ جي پهرين ميٽنگ 14 سيپٽمبر 1940ع جي ٿي، جا ٻئي ڏينهن بہ هلي، اُن ۾ ٺهراءُ پاس ٿيو تہ لغت جوڙڻ جو ڪم بنا دير شروع ٿئي. بروقت هڪ سب ڪاميٽي مقرر ٿي، جنهنجو هڪ ميمبر مان بہ آهيان. اسان يڪدم ٻئي ڏينهن يعني 16 سيپٽمبر 1940ع کان وٺي، سنڌي _ سنڌي لغت جوڙڻ شروع ڪئي. هن وقت تائين انهيءَ لغت جا پهريان بہ جلد تيار بہ ٿي چڪا آهن، جن جي ڇپائڻ ۾ ڪنٽرول جي رڪاوٽ ۽ ڪن ٻين سببن ڪري، دير ٿي آهي. اميد تہ اهي جلد ئي ڇپجي پڌرا ٿيندا، ۽ انهنجي پٺيان ٻيا جلد بہ رفتي رفتي نڪرندا. ايترو چئبو تہ هيءُ هڪ تمام وڏو ۽ اڻکائيو ڪم آهي، جو ڪي ورهيہ وٺندو. هاڻ سوال هيءُ آهي، تہ اِنهيءَ وچ ۾ ڇا ڪجي، ۽ اُهو ڇو ڪجي؟ هن لاءِ اول هاڻوڪيون حالتون ڏسو. اڳي شرٽ صاحب واري سنڌي ڊڪشنري هئي، جا ڪيترن ورهين کان ڪمياب آهي. سنہ 1910ع ۾ مسٽر پرمانند ميوارام سنڌي _ انگريزي ڊڪشنري ڪڍي، سا بہ ڏهن ٻارهن ورهين کان بازار ۾ وڪري لاءِ موجود ڪانهي! سنہ 1933ع ۾ مسٽر پرمانند انگريزي_ سنڌي ڊڪشنري ڇپائي، سا بہ گهڻن ڏينهن کان کپي ويئي آهي، ۽ ملي نٿي سگهي! هن قت جيڪڏهن اسان کان ڪو پڇي، تہ توهان وٽ ڪهڙيون ڪهڙيون ڪارائتيون سنڌي _ انگريزي ۽ انگريزي _ سنڌي ڊڪشنريون موجود آهن، تہ جيڪر ڪهڙو جواب ڏيونس؟ لڄ وچان جيڪر ڪنڌ هيٺ ڪرڻو پوندون! اردو، هندي، گجراتي، بينگالي وغيره ۾ ڪارائتيون ڊڪشنريون بيشمار ۽ سنڌيءَ ۾ انهنجو ڏڪار! اسان وٽ سنڌي عالمن جي بہ اڻاٺ ڪانهي، تنهن هوندي بہ هيءُ حالت! افسوس!

ڪي صاحب شايد چوندا، تہ ڍيري ڍيري ڏنئرو جمندو ۽ ٽپ ڪوہ ڪين ڪجندا. پر سوال آهي، تہ اڃا ڪيترا ڏينهن ترسون؟ هن وقت سنڌ ۾

جيڪا حالت آهي، تنهنجو ته ويچار ڪرڻ گهرجي. مهراڻ جو 3، 4 ۽ 5 پرچو جو ڪو نڪتو آهي، تنهنجي صفحه 79 ۾ حل طلب جي سري سان هڪ ليک پيو آهي، جنهن ۾ ڪنهن صاحب هيٺين لکيو آهي:

مونکي ڪن سنڌي بيتن جي معنيٰ پوريءَ طرح سمجهه ۾ نٿي اچي. نوازش فرمائي، هيٺين سٽن کي پنهنجيءَ مخزن ۾ وجهي، سنڌي دانن کي عرض ڪندا، ته چٽيءَ طرح سمجهائي ڏين.

اهي لفظ لکي، پوءِ ڪن بيتن جون سٽون ڏنيون اٿس، جن ۾ سمير، رهاڙ وڏاڙ ۽ ٻيا ڪي لفظ ڪم آيل آهن. جن جون معنائون ڪنهن به سنڌي لغت ۾ ڏنل ڪينهن. هاڻ مهراڻ جي ايڊيٽوريل بورڊ جا ميمبر پاڻ چون، ته هن صاحب کي مهراڻ جي ذريعي اهو جواب ڏيندا ڇا، ته ٿورا ورهيه ترسو ته اسانجي مرڪزي بورڊ جي جوڙيل ڊڪشنري ڇپجي تيار ٿيندي، تنهن مان اُنهن لفظن جون معنائون ڏسجو؟

جيڪڏهن مهراڻ جا باني مباني مرڪزي ادبي بورڊ جا عضوا، ۽ سنڌ جا ٻيا اديب، هندو توڙي مسلمان، عام خالق جي هيٺين گهرجن جو حال گهٽ خيال نه ڪندا، ته پنهنجن ٻچڙن جو اونو به ڪونه ڪندا ڇا، جي اڄ اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ تعليم پرائي رهيا آهن، ۽ جن ۾ آسرن اميدون اٿئون، ته منجهائن ضرور ڪي نه ڪي اهڙا عالم ٿيندا، جو سنڌي ٻوليءَ ۽ ساهت کي ڪنهن وڏي اوج تي آڻي، پنهنجو ناماچار ڪيندا، ۽ پنهنجي پرڳڻي جو به منهن مٿي ڪندا؟

جيڪڏهن خود ماسترن ۽ پروفيسرن کي سنڌي لفظن جون معنائون ڪتان به ملي نه سگهنديون ته اسانجن نونهالن کي ڇا سيکاريندا؟ انهنکي به ائين چئون ڇا ته ٿيستائين ترسو جيستائين مرڪزي ادبي بورڊ واري لغت

ڇپجي تيار ٿئي؟ وڏي ڳالهه ته جڏهن هن دکدائڪ حالت جو ترت تدارڪ ڪري سگهجي ٿو تڏهن وڌيڪ دير وجهڻ ڇو؟ هھڙي ضروري ڪم ۾ دير وجهڻ، سو آهي پنهنجن ٻچڙن سان دشمني ڪرڻ! اُنهيءَ سبب پنهنجي رٿ هيءَ آهي، ته مسٽر پرمانند واريون ٻئي ڊڪشنريون، مرڪزي صلاحڪار بورڊ سڌاري، ۽ ڪجهه قدر وڌائي، پنهنجي پاران ڪڍي. بورڊ تي سنڌ سرڪار جيڪي ڪم رکيا آهن، تن مان هڪڙو هيءُ به آهي، ته جيڪي ڪارائتا ڪتاب اڳ جا ڇپيل هجن، ۽ هن وقت نه ملي سگهندا هجن، سي بورڊ وري ڇپائي. بورڊ کي اها اختياري جڏهن اڳيئي مليل آهي، تڏهن هن ضروري ڪم ۾ دير پوي ڇو؟ ٻنهي ڊڪشنرين کي تمام گهڻي قدر وڌائڻ يا مڪمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪبي، ته پوءِ وري به دير پوندي. انهيءَ سبب منهنجي رٿ هيءَ آهي، ته بورڊ جي ڊڪشنري ڪاميٽيءَ وٽ جيڪي سنڌي لفظ اڳيئي ڪٺا ٿيل آهن، ۽ مسٽر پرمانند واري ڊڪشنريءَ ۾ ڪينهن، سي بلاشڪ ان ۾ گڏجن، ۽ انهن جي گڏڻ ۾ ڪو گهڻو وقت ڪو نه لڳندو. ڪي ڦير ڦاريون گهربل هجن، ته اهي به مناسب هنڌن تي پلي ڪجن. سنڌي ڊڪشنريءَ ڇپجڻ جو ڪم شروع ٿئي، تهنڪانپوءِ ڪي وڌيڪ لفظ ملن، ته اهي ڊڪشنريءَ جي ٻنيان ضميمي ۾ وجهجن. انگريزي_ سنڌي ڊڪشنريءَ ۾ به ائين ڪجي. جيڪڏهن هڪڙي ڊڪشنري هڪڙيءَ پريس ۾، ۽ ٻي ڊڪشنري ٻيءَ پريس ۾، ڇپجڻ لاءِ ڏبي، ته ٻئي ڊڪشنريون ٽن چئن مهينن جي اندر ڇپجي تيار ٿي وينديون، ۽ گهڻن جو سهنج ٿي پوندو. ناست ڪان آست ڀلي. اڻ هوند ڪان هوند چڱي. ڪنهن مڪمل ۽ وڏي ٿهور واري ڊڪشنريءَ لاءِ ترسڻ جو ضرور ئي ڪونهي. هيءُ ڪٽي ننڍي ٿهور واريون ٿينديون، پر منجهن ڪيترائي وڌيڪ لفظ جهٽ پٽ گڏي سگهجن ٿا.

هينئر _ هينئر، جڏهن تڏهن_ جڏهين تڏهين، ڏئو_ ڏيو_ ڏيئو

سئارو _ سيارو_ سيئارو، ڪئو_ ڪوئو ڪُهر _ ڪوهر، زالون ويون_ زالون ويئون، هو آيا هوا_ هو آيا هئا وغيره. جنهن صورت ۾ سنڌ جي ڊئريڪٽر آف پبلڪ انسٽرڪشن هيءَ ڳالهه پاڻ چوري آهي، تنهن صورت ۾ هن ڳالهه جي پختي پائي سڏڻ لاءِ مان سنڌس ڏيان، موجوده درسي ڪتابن ڏي ڇڪايان ٿو، جو اهو ڪم انهن ڪتابن کان وٺي شروع ٿيڻ گهرجي. هن وقت مونکي فقط سنڌي ٻيو ڪتاب ۽ ٽيون ڪتاب ملي سگهيا آهن، تن مان ٿورا مثال ڏيان ٿو.

سنڌي ٻئي ڪتاب ۾ لکيل آهي سبق پنڌرهون (هڪڙي نور جي ڳالهه)، ۽ سنڌي ٽئين ڪتاب ۾ لکيل آهي، سبق پندرهون. شرٽ صاحب واري ڊڪشنريءَ ۾ ٻـ پندرهن ۽ پندرهون لفظ لکيل آهن. پندرهن اصل ۾ آهي سنسڪرت لفظ پنجہ ۽ اکري معنيٰ اٿس پنجہ ۽ دس (ڏهہ). يعني پندرهن (15). دس لفظ د ۾ آهي، تنهنڪري پندرهن ۽ پندرهون لفظن ۾ د بدران ڏ ڪم آڻڻ غلط آهي. مونکي ڪونہ سجهي، تہ اڳين درسي ڪتابن ۾ اِها غلطي هئي. هيءَ غلطي ويجهڙائيءَ ۾ ٿيل ٿي ڏسجي، جا بنا دير درست ڪرڻ گهرجي.

ساڳي سنڌي ٻئي ڪتاب ۾ لکيل آهي. سبق اُوٺيهون (ڪتي ۽ سنڌس پاڇي جي ڳالهہ). اوٺيهون لکڻ غلط آهي، اِها غلطي شرٽ صاحب واري ڊڪشنريءَ ۾ ٻـ آهي. صحيح اُچار آهي اُڻويهہ. انجي منڍ وارو اڻ لفظ اُوڻائي يا گهٽتائيءَ جي معني ڏيکاري ٿو پر انگن ۾ خاص طرح هڪڙو گهٽ ڏيکاري ٿو. يعني اُڻويهہ _(اُڻ +ويهہ) جي اکري معنيٰ آهي ويهن مان هڪڙو گهٽ(19). اهڙيءَ ريت اُڻاسي معنيٰ اسيءَ مان هڪڙو گهٽ. جيڪي

اوڏيهه ۽ اوڏيهون لکن ٿا. سي چئبو ته هن مرڪب لفظ ۾ ويهه جو اُچار ٻنهه ڦيرائي ٿا ڇڏين. ساڳيئي ڪتاب ۾ سبق اُٽيهون لکيل آهي. اُٽيهه معنيٰ ٽيهن مان هڪڙو گهٽ (29). اهو اٺٽيهون لفظ صحيح آهي. ساڳي طرح اوڻيهه به اوڻويهه هئڻ گهرجي. هيءَ ڳالهيون ڏيکارين ٿيون ته سنڌيءَ جي هاڻوڪي دکدائڪ حالت مثان وٺي سڏارٽي آهي، جو اهڙي اونده، پيءَ ڪنهن به ٻوليءَ ۾ ڪانهي.

سنڌي ستين ڪتاب جو پندرهون سبق مهمانداريءَ بابت آهي. انجي پهرين ٽي پهرين سٽ ۾ لکيل آهي. خذمت چاڪري! هيءَ نئين غلطي ڏسو! سچ پچ ته خذمت بدران خدمت لکڻ گهرجي. خادم، مخدوم وغيره ساڳئي بنياد مان آهن ۽ انهن ۾ "د" ڪم آئجي ٿو ته خدمت ۾ ذ اکر ڪهڙي حساب لکيو اٿن؟ جيڪڏهن اها ڇاپي جي چوڪ آهي، ته ڪتاب جي ٻئي ڇاپي ۾ درست ڪرڻ گهرجي. ٻيا درسي ڪتاب به جاچڻ گهرجن، متان انهن ۾ به ڪي چڪون هجن. هن ليکڪ لکندي به ٻيون ڳالهيون به خيال ۾ آيون اٿم: عددن ۾ ڇٽون پهريون، ٻيو، ٽيون، چوٿون وغيره. ڪي ٻيو بدران ٻيون به چون. رواج موجب ٻئي صحيح آهن. پر لفظ ڪي هڪڙي ٻيهڪ ڏيارڻ لاءِ مان جيڪر چوان ته درسي ڪتابن ۾، توڙي بورڊ جي ڊڪشنريءَ ۾، ٻيون لکجي. پهريون، ٽيون، چوٿون وغيره جي پڇاڙيءَ ۾ "ن" آهن، ته هن حالت ۾. ٻه ن وجهجي، ته سيني عددن جي پڇاڙيءَ وارو اُچار هڪ ساريڪو ٿئي. ائين ڪبو ته ٻنهي لفظن جي معنيٰ ڪي به پوري ٻيهڪ ملندي، يعني ٻيو معنيٰ ساڳيو نه، علحدو، نرالو (other, another). ۽ ٻيون معنيٰ پهريون، نه (Second)، انهيءَ سبب هن حالت ۾ ٻيو بدران ٻيون چوڻ ۽ لکڻ چڱو ٿيندو.

سنڌي درسي ڪتاب جي ننڍڙي هوندي، مون پاڻ پڙهيا هئا. تن ۾

انجان، چنگون وغيره لفظ لکيل هوندا هئا. هن وقت ڪي لکن اڃا تہ ڪي لکن اڃان. ساڳيءَ ريت ڪي چڱو تہ ڪي چڳون لکن ٿا. جنهن صورت ۾ ح ۽ گ اکرن ۾ نڪ جو اُچار اڳئي سمايل آهي، تنهن صورت ۾ ڇيڙو ائين ٿيندو تہ اڃا، ڪڃا (ڪنيا معنيٰ نياڻي يا ڌي چڳو مڱڻو سڱ هڱ وغيره ۾ ن نہ وجهجي. پلي تہ پڙهندڙ پنهنجا رايا بہ ظاهر ڪن، تہ آئينديءَ اهڙا لفظ ڪيئن لکجن.

ڊاڪٽر دائود پوٽہ تين مکيہ ڳالهہ هيءَ لکي آهي:

سنڌي صرف ۽ نحو جو هاڻ نهايت ناقص آهي، تنهنڪي علمي اصولن موجب ترتيت ڏيڻ.

سنڌي ساهت کي معياري صورت ساندہ ملندي رهي، تنهن لاءِ اوائلي واٽ آهيئي اُها، تہ شاگردن کي ننڍڙيئي پنهنجيءَ مادريءَ زبان جي پوري پوري ڄاڻ هجي، تہ پهريائين تہ صحيح ڳالهائڻ ۽ صحيح لکڻ پاڻ سکن ۽ ڪو جملو غلط هجي، تہ سبب ڏيئي سگهن، تہ اهو ڇو غلط آهي، ۽ اهو ڪيئن درست ڪجي. جيڪڏهن نڪا پوري سڌ هوندين گرامر جي، نڪا صحيح صورتخطيءَ جي، تہ وڌي هوندي ساهت کي معياري صورت ڪيئن ڏيئي سگهندا؟ گرامر آهي ٻوليءَ جي چاٻي، جنهنجي وسيلي ٻوليءَ جو خزانو کولي، انهيءَ مان پوريءَ ريت واقف ٿي سگهجي ٿو يا مولوي چشتيءَ وارا لفظ خيال ۾ رکي، هئن چئجي، تہ گرامر جي وسيلي، ٻوليءَ جو گهونگهٽ کولي، سندس خال خط ۽ حسن جمال ڏسي ٿو سگهجي. ڊاڪٽر دائود پوٽہ گرامر جي اهميت ۽ ضرورت پاڻمرادو محسوس ڪئي آهي، ۽ روز مره اسڪولن سان لهر وچڙ ۾ اچڻ ڪري، ائين بہ معلوم ٿيو اٿس، تہ موجوده سنڌي گرامر نهايت ناقص آهن، تہ انجو ترت تدارڪ ڪرڻ سندس فرض آهي، ۽ اُها سندس وس جي بہ ڳالهہ آهي. سندس ٻيون رٿون، جهڙوڪ سنڌي لغت کي سهڻن

سنڌي لفظن سان مالا مال ڪرڻ، سنڌي صورتخطيءَ کي صحيح ٻيهڪ ڏيارڻ، سنڌي ادب کي ڪمال جي اوج تي پهچائڻ وغيره. گهڻو وقت ونڊيون، پر سنڌيس هيءَ گرامر واري رٿ تہ جهٽ پٽ عمل ۾ اچي سگهي ٿي. مهراڻ ۾ پنهنجن انهن رٿن سان گڏ هٿن بہ لکيو اٿس، تہ ادبي سنگت جا ميمبر اهڙا هئڻ گهرجن، جن کي ملڪ جي ادبي اُنتي جو اونو هجي. هن حالت ۾ پاڻ رڳو ايترو اونو ڪري، تہ مهراڻ ۾ پنهنجي خانگي حيثيت ۾، سنڌي گرامر بابت جيڪي لکيو اٿس، سو ڊئريڪٽر جي حيثيت ۾، سرڪاري طرح، مرڪزي ادبي بورڊ کي، لکي موڪلي. بورڊ کي فقط موجوده گرامرن کان وڌيڪ ڪارائتي گرامر ڪڍڻ جي ضرورت ڄاڻائڻي اٿس، ۽ صلاح ڏيڻي اٿس، تہ ڪئن اُنکي باترتيب ٻيهارڻو آهي. جيڪڏهن بورڊ کي اهڙا بہ اکر لکي موڪليندو تہ مونکي قوي اُميد آهي، تہ بورڊ هن ضروري ڪم ۾ بنا دير هٿ ڳنڊيندو، ٿوريئي عرصي اندر پنهنجي خرچ تي اهڙو گرامر ڇپائي پڌرو ڪندو. اِئين سنڌيس اها رٿ ترت عمل ۾ ايندي، تہ بورڊ کي ديس جي شيوا ڪرڻ جو وجهہ ملندو ۽ شاگردن جو بہ ڀلو ٿيندو.

ايڪ پنٿ دو ڪاج. اها ضروري رٿ ترت عمل ۾ ايندي، تہ لوڪ بہ سمجهندو تہ بورڊ جا ميمبر، مهراڻ جي وسيلي رڳو ڳالهيون ڪونہ ٿا ڪن، پر جيڪي چون ٿا، سو ڪري پيا ڏيکارين. اهو هڪ عمدو مثال ٿي پوندو تہ انهيءَ ۾ سچي بورد جو ناماچار نڪرندو جنهنجو هڪ مکيہ ميمبر پاڻ بہ آهي.

هاڻ مان ٻئ واريءَ رٿ تي اچان ٿو. ساهت جو مدار ٻوليءَ تي آهي، تنهنڪري پهريان ٿي تہ ٻوليءَ جي اڀياس لاءِ ڪتاب گهرجن، جن جو ذڪر ڪريان ٿو.

(1) هن وقت اسان وٽ ڪا بہ ڪارائتي ڊڪشنري ڪانهي. ۽ اها ترت کپي. تنهن بابت مٿي اڳيئي چيو اٿم. تہ مسٽر پرمانند واريون ڊڪشنريون

سڌاري ۽ وڌائي بورڊ پنهنجي پاران ترت ڇپائي پڌريون ڪري. درسي ڪتابن، بورڊ جي ڊڪشنرين، ۽ ٻين ڇپايل ڪتابن جي وسيلي ئي سنڌي صورتخطيءَ کي صحيح بيهڪ ڏياري سگهبي، تنهنڪري ان لاءِ ڪنهن ڌار ڪتاب ڪڍڻ جي ضرورت ڪانهي.

(2) انگريزيءَ ۾ رنگين عبارت بابت ڪيترائي ڪتاب آهن. جيئن ڪي انگريزي ۽ پارسي گرامر نوان نوان پيدا نه ڪرن، تن ۾ به اُنهن بابت هڪ هڪ باب وڌو اٿن. سنڌي گرامرن ۾ به ائين ڪجي، ۽ ڌار ڪتاب به ڪڍجي. شاه جي رسالي ۾ نهايت عمديون تشبيهون، استعاره وغيره آهن، جن مان شاگردن کي واقف ڪجي. رسالي مان مثال ڏبا، ته شاگرد چاه سان به پڙهندا.

(3) سنه 1924ع کان وٺي اڄ ڏينهن سوڌو بمبئي يونيورسٽي، بي. اي جي شاگردن لاءِ، ٽرمپ صاحب وارو گرامر مقرر ڪندي اچي، پر ڪيترن ورهين کان اهو ڪمياب آهي! سنڌ جي ڪنهن ڪاليج جي لئبرريءَ ۾ به ڪونهي، ته پروفيسر پاڻ ڪٿان پڙهندا، ۽ شاگردن کي ڪئن سنڌي ٻوليءَ جو اونهو ابياس ڪرائي سگهندا؟ ٿورا ورهيه ٿيا، ته اها ڳالهه بمبئي يونيورسٽيءَ جي ڌيان تي آئي، تنهن اُهو پنهنجي خرچ تي وري ڇپائڻو ڪيو ۽ سرڳواسي ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ تي اِهو ڪم رکيائين، ته سجوئي گرامر نظر مان ڪڍي، ۽ جيڪا ڦير ڦار ۽ واڌارو ڪرڻ ضرور سمجهي، سو ڪري، پر ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ کي ٻين مشغولين ڪري اِنهيءَ ڪم لاءِ وقت ڪونه ٿي مليو، ۽ هو صاحب اچا سنبريو پئي، ته ماڳهين راه رباني وٺي هليو ويو. هاڻ سموري ميار اسان تي آهي، تنهنڪري مرڪزي ادبي بورڊ جي چيئرمن ۽ ٻين ميمبرن کي عرض ٿو

ڪريان، ته شاگردن جي هن ضروري گهرج جو اونو ڪري، ٻن ٽن ڄڻن جي سب ڪاميٽي ٺاهي، اهو ڪم اُنهيءَ کي سونپيون. جيڪي صاحب مرڪزي ادبي بورڊ جا ميمبر نه آهن، ٻاهرين ماڻهن مان ڪنهنجيءَ مدد جي ضرورت ٿئي، ته بورڊ پلي ته سندين مدد وٺي، بلڪ محنت جو اجورو به ڏئين. اهو گرامر پوءِ بورڊ پاڻ ڇپائي، يا يونيورسٽي پاڻ ڇپائي، سو فيصلو پلي ته پاڻ ۾ ڪن، پر وڏيڪ سهڻو ائين ٿيندو ته بورڊ ڇپائي، ۽ يونيورسٽيءَ جي محتاجي نه ڪڍي. هتي مان جيڪر هيءَ رڪٽ به پيش ڪريان، ته ٽرمپ صاحب واري گرامر جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري، اهو ٽريننگ ڪاليج وارن لاءِ درسي ڪتاب طور مقرر ڪجي، ته سنڌي خواندا به پنهنجي مادري زبان جو اونهو اڀياس ڪري سگهن. هيءَ ڊاڪٽر دائود پوٽه جي وس جون ڳالهيون آهن.

(4) ڪاليجن ۾ چاسر پاڙهڻ ۾ اچي ٿو. چاسر جي انگريزي ۽ هاڻوڪي انگريزيءَ جي وچ ۾ وڏوئي ڦير آهي. چاسر پڙهڻ سان خبر پوي ٿي، ته ڪئن انگريزي ٻولي سڌارو ۽ واڌارو ڪري، هاڻوڪيءَ ڪڙيءَ تي اچي پهتي آهي. اسانجن سنڌي شاگردن کي جڏهن انگريزيءَ جو اهڙيءَ ريت اڀياس ڪاليجن ۾ ڪرايو وڃي ٿو تڏهن ڇو نه سنڌيءَ جو به اهڙيءَ ريت اڀياس ڪرائجي؟ خود سنڌيءَ جي پروفيسرن کي جيڪڏهن اها سڌ ڪانه هوندي، ته ڪئن سنڌي ٻوليءَ، سنسڪرت ۽ پراڪرت واريون پيچيديون صورتون وڃائي، هاڻوڪي سادي صورت ورتي آهي، ۽ ڪيترا عربي لفظ جي ڪن صدين کان سنڌيءَ ۾ چالو ٿي ويا آهن، تن ڪهڙن قاعدن پٽاندر پنهنجي اصلوڪي عربي صورت مٽائي، هاڻوڪي سنڌي صورت ورتي آهي، (مثلا تشخص جو اُچار ٽري تپاس ۽

تعويذ جو اوچار ڦري تائٿ ٿيو آهي)، تہ پوءِ ڪئن شاگردن کي سنڌيءَ جو اونهو اڀياس ڪرائي سگهندا؟ ٻيو، اي جي شاگردن کي ايتري بہ سڌ نہ هئڻ گهرجي ڇا؟

اهو سچ آهي، تہ انگريزيءَ ۾ جهڙو چاسر جهونو آهي، اهڙو جهونو سنڌيءَ ۾ ڪو بہ ڪتاب ڪونهي. سنڌيءَ ۾ هائي ڏائي هڪڙوئي قديم ۽ نهايت ڪارائتو ڪتاب شاه جو رسالو آهي، جو هندو توڙي مسلمان جهجهي چاه سان پڙهن ٿا، پر شاه صاحب جي سنڌيءَ ۽ هاڻوڪي سنڌيءَ جي وچ ۾ ڪو گهڻو تفاوت آهيئي ڪونہ. جيڪي مکيہ تفاوت آهن، سي بہ ٻن اکرن ۾ ٻڌائي سگهجن ٿا. رسالي ۾ هہ ۽ ن جا اُچار هاڻوڪي سنڌيءَ کان گهڻي قدر گهٽ آهن، جنهنڪري ڳالهہ _ ڪالهہ وغيره بدران ڳال _ ڪال لکيل آهي.

آڏو چڪڻ چاڙ مهجي موج نہ سهي مڪڙي

هتي چاڙہ بدران چاڙ ۽ منهنجي بدران مهجي لکيل آهي.

ههم هُند مٺي، پر ٻڌيءَ جا پيٺا ٿيا.

اڳي هونئهين بدران ههم لکندا هئا، يعني پڇاڙيءَ ۾ بہ گڏيندا هئا، تہ سمجهڻ ۾ اچي، تہ اِتي نڪ جي اُچار جي ٺڪار آهي. اهڙا سنها تفاوت ٻوليءَ جي تبديل سمجهڻ ۾ اهڙي واهر نٿا ڪن، جهڙي انگريزيءَ جي ٻاري ۾ چاسر ڪري ٿو. انهيءَ هوندي بہ ائين ڪين چئبو تہ سنڌيءَ جي هن طرح اڀياس ڪرڻ لاءِ ٻي ڪا واٽ آهيئي ڪانہ. چاسر جي ڦري هاڻوڪي انگريزي ٿي آهي، سا ڪن قاعدن پٽاندر. جو تہ ٻولين کي بہ قدرت جا ڪي قاعدا ميٺا پون ٿا، ۽ خود اهي قاعدا بہ ڪن اُصولن تي ٻڌل آهن. انگريزيءَ ۾ ريورنڊ والٽرسڪيٽ ۽ ڪن ٻين عالمن انگريزي صرف جي اصولن بابت وڏا ۽ نهايت ڪارائتا ڪتاب لکيا آهن. خود مهراڻ جي پهرين پرچي ۾ سنڌ

مسلم ڪاليج جي پروفيسر نبي بخش جو هڪ ليک پيل آهي، جنهن ۾ اکرن جي تبديل (1)، (2) حذف ۽ (3) تقليب وغيره جو ذڪر ڪيو اٿس، ۽ ڪي مثال ڏنا اٿس. هي سڀ سنڌي صرف جا اُصول آهن، جي سنڌيءَ جي اونهي اڀياس ڪرڻ ۾ گهڻي مدد ڪن ٿا. اهڙو هڪ وڏو نه، ته ننڍڙو هڪ سؤ کن صفحن جو ڪتاب سنڌيءَ ۾، هئڻ ضروري آهي. اميد ته مرڪزي ادبي بورڊ اهو ڪتاب ڊاڪٽر دائود پوٽه ۽ پروفيسر نبي بخش جهڙن اديبن جي مدد سان جلد تيار ڪرائيندو جو ٽريننگ ڪاليج وارن لاءِ به نهايت ڪمائتو ٿيندو. اهڙن ڪتابن پڙهڻ سان سنڌي ماسترن جو دماغ ڪلندو ته اُن ۾ اسانجن ٻارن جو به ڀلو آهي.

منهنجو وس واڪا، ڀڏڻ ڪم ٻروچ جو (شاهه)

(5) انگريزيءَ ۾ رواجي گرامرن ڪانسواءِ شيڪسپيئر جو گرامر ئي ڌار آهي، ته پوءِ ڇو نه سنڌيءَ ۾ شاهه جو گرامر به ڌار هئڻ گهرجي؟ شاهه صاحب پنهنجي رسالي ۾ سنڌ جي جدا جدا ڀاڱن، بلڪ ڪڇ ۽ گجرات طرف جا ڪيترا لفظ ڪم آندا آهن، پر تلفظ يا اُچار گهڻو ڪري سمورو لاڙي اٿس. تنهنڪري ائين چئي سگهجي ٿو ته سڄوئي رسالو لاڙي ٻوليءَ ۾ لکيل آهي. هاڻ لاڙي ٻوليءَ جو ڌار گرامر اسان وٽ آهيئي ڪونه. شاهه جي سنڌيءَ جون نحوي بناوتون به ڪيتري قدر خود هاڻوڪي لاڙي سنڌيءَ کان علحديون آهن. تنهنڪري ته هيڪاڙي ضرور آهي، ته شاهه جي گرامر ڌار هجي. ان ۾ ٿپ ٿپ تي رسالي مان مثال ڏبا، ته اهڙو ته عاليشان ۽ وڻندڙ گرامر ٿيندو جو عام خلق مان به ڪيترا اهو چاهه سان پڙهندا. اميد ته سنڌ جا اديب منهنجي هيءَ رٿ پسند ڪندا. مرڪزي ادبي بورڊ اهو گرامر ڪڍندو، ته انهي ڪري سندس جس به پوندو.

(6) سيني ٻولين ۾ جيڪي لفظ ڪم اچن ٿا، سي ترڪيبازيءَ تي ٺهيل نه آهن. هر هڪ لفظ ۾ ڪونه ڪو خيال سمايل آهيئي آهي. ۽ اهو جيستائين نه ڄاڻبو تيستائين ان جي صحيح معنيٰ سمجهڻ ۾ مشڪل ٿي پوندي. جيڪڏهن شاگرد لفظن جون معنائون، رواجي لغتن مان ڏسي، طوطي وانگر ياد ڪندا، ته اهو مورڳو سندن حافظي تي بوجو ٿيندو. انهي ڪري ٻوليءَ جو اڀياس هرگز نه چئبو. انگريزيءَ ۾ (Etymology made Easy) ۽ ٻيا اهڙا ڪتاب آهن، جي ٻوليءَ اونهي اڀياس ڪرڻ ۾ وڏي واهر ڪن ٿا، ته سنڌيءَ ۾ به ڇو نه هجن؟

اسان جون ڇوڪريون ۽ ڇوڪرا، جي انگريزي چڱيءَ ريت سکيل آهن، تن کي سنڌيءَ کان وڌيڪ انگريزيءَ جي سڌ آهي. مثلا انگريزي لفظ ,Success succeed, preeede, accede, unsuccessful, successful, وغيره بابت سُڌ اٿن، ته انهن سيني لفظن ۾ بنيادي خيال وجهڻ (cedo=to go) جو سمايل آهي؛ ۽ منجهن جدا جدا اڳياڙيون ۽ پڇاڙيون (Prefixes and Suffixes) گڏجن ٿيون، ته علحديون علحديون معنائون ڏين ٿا.

اسانجا ڪيترا هندو توڙي مسلمان شاگرد اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ پارسي سکن ٿا. سڄي پارسي ٻولي عربي لفظن سان ڀري پيئي آهي. هندو شاگرد عربي ڪو نه ٿا سکن، ته به سڌ اٿن، ته عربيءَ جو هڪ هڪ لفظ ڪنهن نه ڪنهن وزن تي جڙيل آهي. مثلا فعل _ فاعل ۽ مفعول جي وزنن تي، حسد _ حاسد ۽ محسود، قتل، قاتل ۽ مقتول، ظلم، ظالم ۽ مظلوم لفظ ٺهيل آهن. فرض ڪريو ته ڪنهن شاگرد کي اَظلم لفظ جي معنيٰ نٿي اچي، ته به رڳو انهيءَ لفظ جي شڪل ڏسڻ سان ڄهٽ سمجهي سگهندو ته ڌاتو يا بنياد ظلم اٿس. هيءَ ڪا ٿوري ڳالهه نه نه چئبي. پارسي گرامرن ۾ هڪ خلاصو باب

انهن ڳالهين بابت پيل آهي. ۽ سنڌيءَ ۾؟

عربيءَ وانگر سنڌي لفظ وزنن تي ٺهيل ڪينهن، پر انهنجي بـ بنيادي لفظن سان ڪي اڳياڙيون ۽ پڇاڙيون گڏبيون آهن، تہ علحديون علحديون معنائون ڏيندا آهن. جيتوڻيڪ بنيادي خيال منجهن ساڳيوئي سمايل هوندو آهي. مثلاً سار معنيٰ يادگيري. سارڻ معني ياد ڪرڻ. يا دل تي آڻڻ. پر جيڪڏهن و اڳيان وجهبس، تہ وسارڻ جي معنيٰ ئي اُلٽي تي پوندي. جيڪڏهن انهيءَ ساڳي لفظ سارڻ اڳيان او وجهبو تہ اوسارڻ جي معنيٰ ٿيندي ڏک مان ياد ڪرڻ.

سئين سورٺ جهڙيون اُپيون اوسارين. (شاهہ)

ڪنهن مئل مائٽ جي يادگيري ڪري زالون ڏک وچان اوڇنگارون ڏيئي، روئنديون رڙنديون آهن، ۽ منهن مٿو پٽينديون آهن، تنهنڪري اوسارڻ جي پوءِ معني تي رئڻ رڙڻ، سياپو ڪرڻ وغيره. پر مٿين سڀني لفظن جو بنياد آهي سار معنيٰ يادگيري

ٻئو ٻيو مثال:

سنڙ سي ڀوئي، جي تڙ توائي مڪڙا. (شاهہ).

سنڙ معنيٰ چڱو تڙ. ان جو ضد ڪتڙ معنيٰ خراب تڙ. (ساڳي طرح لڇڻ ــ سلڇڻ ۽ ڪلڇڻ ۽ پت، سپت ۽ ڪپت ۾ س ۽ ڪ اڳياڙيون گڏيل آهن). سنڙ جا ٻيا ضد: اوتڙ اکري معنيٰ تڙ کان پري، ۽ ڏُتر (اکري معنيٰ ڏکيو تڙ). تنهن مان اصطلاح ڏتڙجڻ معني ڏکيءَ يا اُبتر حالت کي پهچڻ. بد حال ٿيڻ. انهيءَ مان صفتي لفظ ڏتڙيل ٺهيو آهي. شاگردن کي لفظن جو اپياس ائين ڪرائبو تہ ڏڪي يا اوٺ تي معنائن ڪرڻ جو رواج گهٽو گهٽجي ويندو. پر سوال آهي، تہ ڪٿي آهن اسان وٽ اهڙا ڪتاب، جن ۾ سنڌيءَ جا بنيادي لفظ

هئن سمايل هجن، ۽ جي بنيادي سنڌيءَ جي اڀياس ڪرڻ لاءِ ڪارائتا ٿين؟ انگريزي ۽ عربي لفظن ۾ سمايل خيال اسانجا شاگرد سولائيءَ سان جهٽي سگهن، ۽ پنهنجن سنڌي لفظن جي مدد به نه هجي، سا نهايت ارمان جي ڳالهه آهي! جيڪڏهن رڳو 150 ـ 200 صفحن جو هڪڙو ڪتاب هجي، ۽ جيڪي عربي لفظ سنڌيءَ ۾ عام ٿي ويا آهن تن جا وزن به ان ۾ ڏنل هجن، ته انهيءَ هڪڙيئي ڪتاب ۾ ڪيترن ئي لفظن جو بنياد ڄاڻائي سگهجي، ۽ شاگرد تورڙي سنڌيءَ جا ٻيا اڀياسي انهيءَ مان جيڪر گهڻوئي پرائين.

ٻوليءَ جي اونهي اڀياس ۾ سهولت ڪرڻ لاءِ بورڊ فقط اُهي مٿيان ذڪر ڪيل ڪتاب ڇپرائين ڇپائي پڌرا ڪري، نه ته بي. اي ۽ بي. اي آنرس جون ڊگريون سستيون ليکجڻ ۾ اينديون، ۽ اُنهنجو قدر ڪوڏيءَ جيترو به ڪونه ٿيندو!

سنڌي ساهت کي زور وٺائڻ لاءِ رٿ ٻئي ليک ۾ ظاهر ڪندس. انهيءَ وچ ۾ اُميد ته سنڌ جو ڊئريڪٽر آف پبلڪ انسٽرڪشن ۽ تعليمي وزير اها ڀلائي ڪندا، جو ڪنٽرول جي رڪاوٽ ٽهرائي ڏيندا، ۽ سرڪار کان ڪجهه گرانٽ بورڊ کي وٺي ڏيندا، ته سنڌي لغت جا ٻه جلد ۽ ٻيا ضروري ڪتاب ڇپائي سگهي. ڪتابن جي وڪري مان اها رقم سرڪار کي موٽي ملندي، تنهنڪري ناڪار ڪرڻ يا دير وجهڻ لاءِ سبب ئي ڪونهي.

1.Permutation

2.Elisions

3.Metathesis or Transposition of words

# عربي سنڌي صورتخطي

محمد صديق ميمڻ

ڪابه ٻولي تيستائين ناقص ليکبي آهي، جيستائين ان ٻوليءَ لاءِ ڪا مقرر صورتخطي نه هوندي آهي. انسان پنهنجا خيال لکڻ جي رستي ٻئي جي آڏو پيش ڪري سگهي، تنهن لاءِ ٻوليءَ جي مقرر صورتخطي جو هئڻ ضروري آهي. صورتخطي به اهڙي هئڻ گهرجي، جنهن جي وسيلي ٻوليءَ جا سڀ آواز جدا جدا نشانين سان معلوم ٿي سگهن ۽ ٻوليءَ جو هر هڪ لفظ لکيل صورت ۾ پنهنجي اصليت ڏيکاري سگهي.

سنڌ ۾ عربن جي اچڻ کان اڳ سنڌ جا ماڻهو پنهنجي ٻولي ديوناگري (شاستري) يا سنسڪرت يا هندو سنڌي اکرن ۾ لکندا هئا. پر عربن جي اچڻ ڪري عربي ٻوليءَ جا لفظ جي گهڻي انداز ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ گڏجي مسجي ويا، تن لفظن جي صحيح صورت ڏيکارڻ لاءِ ديوناگري (شاستري) سنسڪرت يا هندو سنڌي صورتخطي بلڪل اڻپوري هئي، سو هن ڪري جو عربي ٻوليءَ جا ڪيترائي آواز سنڌ جي قديم ٻوليءَ ۾ موجود ئي ڪين هئا. تنهنڪري اهڙن آوازن وارن لفظن جي صحيح صورت به سنسڪرت يا ديوناگري وغيره صورتخطي ۾ قائم رهي نه ٿي سگهي. مثلاً: حفاظت، حضرت غريب، زيارت، فضيلت وغيره لفظ سنسڪرت، ديوناگري يا هندو سنڌي صورت خطيءَ ۾ ٿين ٿا:_ حڦاجت، هجرت، گريب، جيارت، ڦجيلت وغيره_ انهن سببن ڪري عربن پنهنجي صورت خطي قائم رکي ۽ دفتر جو سڀ ڪم ڪار به عربي ٻولي ۾ ٿيڻ لڳو ۽ ماڻهن کي تعليم به عربي ٻولي ۾ ملڻ لڳي.

سنڌ جا مسلمان اول عربي ۾ ۽ پوءِ پارسي ۾ جڏهن ماهر ٿيا ۽ پنهنجي وطني ٻولي (سنڌي) ۾ پنهنجا شعر يا نثر لکڻ جا خواهان ٿيا، تڏهن

اُنهن کي ٻـ وڏي مشڪلات پيش آئي. سنڌي ٻولي ۾ ڪي اهڙا آواز آهن، جي عربي يا پارسي ٻولي ۾ آهن ئي ڪين، نڪي عرب ۽ ايران جا ماڻهو انهن نج سنڌي آوازن کي پنهنجي واتان صحيح طرح ڪڍي سگهندا آهن_ مثلاً: ڪراچي، ٺٽو، چوڪر، کنڊ، ڏور، گهوڙو وغيره لفظ جيڪڏهن ڪنهن عرب کان چوائبا، تـ چوندو ڪراصي، تتو، شوڪر، ڪند، دور، غورو وغيره.

سنڌ جا پڙهيل ماڻهو نج سنڌي آواز درست طرح واتئون ڪڍي سگهيا ٿي، مگر انهن آوازن کي لکڻ ۾ آڻڻ لاءِ انهن وٽ ڪي بـ صورتون مقرر ڪين هيون. نج سنڌي آواز هي آهن:

ٻ، ڀ، ٽ، ٿ، ٺ، ڦ، ڄ، جهہ، ڃ، ڇ، ڌ، ڏ، ڊ، ڍ، ڙ ک، ڪ، گهہ، ڳ، ڻ

شاه عبدالڪريم بلڙي واري جي زماني (عيسوي سترهين صدي) کان وٺي سنہ 1854ع تائين ٻن سون ورهين جي اندر ڪيترائي ڪتاب (خاص ڪري شعر ۾ لکيل) سنڌي ٻولي ۾ تيار ٿي چڪا، جن مان ڪي اڄ تائين دستخط لکيل ۽ ڪي ڇاپيل موجود آهن. خاص سنڌي صورتخطي جي مقرر نہ هئڻ ڪري انهن ڪتابن ۾ مصنفن مٿين نج سنڌي آوازن جون صورتون پنهنجي پنهنجي خيال موجب علحديون علحديون لکيون آهن. نہ رڳو ايترو بلڪ سنڌي ٻولي جي گرامر نہ هئڻ ڪري لفظن جون ملاوٽون بہ سڀ ڪنهن مصنف پنهنجي پنهنجي خيال تي لکيون آهن. مثلاً:

(1) منجيان صدق دل جي سين ملڪ مڙيئي

(2) ڪوري آگريون جيئٽي پيير جون

قبلي وه ڪجاه
(سنڌي مخدوم ضياءَ الدين)

اڄوڪي سنڌي ۾ جيڪر اهي سٽون هن طرح لکجن:

(1) ميجيان صدق دل جي سين ملڪ مڙيئي

(2) ڪوڙي آگريون جيئي پير جون

قبلي منهن ڪجا

ٻيو مثال:

(1) مورن واڻ لڌي پسي کهي پريا

(2) مارو مرو پکن پري ملڪ مت سچاڻ

(3) (سنڌي ابوالحسن قديم ڇاپو)

اڄوڪي سنڌي صورتخطي ۾ جيڪر اهي سٽون هن طرح لکجن:

(1) موڙهن واڻون لڌيون پسي ڪي پريان

(2) ماڻهو مرون، پکڻ، پري، ملڪ مت سڄاڻ

مٿي جيڪي جهوني سنڌي صورتخطيءَ جا نمونا ڏيکاريا ويا آهن، تن ۾ ٻولي سنڌي ۽ صورتخطي عربي ڪم آندي ويئي آهي. انهي ڪري قرآن شريف پڙهڻ کان پوءِ مسلمان ٻار اها جهوني سنڌي صورتخطي تمام گهڻي سولائي سان پڙهي سگهندا هئا. جيتوڻيڪ نج سنڌي آوازن لکڻ لاءِ ڪا مقرر صورتخطي ڪانه هئي، تہ بہ جهڙي بہ نموني ۾ اهي نج سنڌي آواز لکيا ويندا هئا، تهڙي نموني ۾ نڪي لفظ جي معنيٰ ڦريو سگهندي هئي ۽ نہ اصليت گم ٿيو ويندي هئي. اڄ تائين بہ جهوني زماني جا مولوي ۽ ملان ٿوري ڦير گهير بعد اهائي جهوني سنڌي صورتخطي ڪم آڻيندا آهن.

جن ماڻهن جو پارسي سان گهڻو واسطو هوندو هو سي وري سنڌي ٻوليءَ جو نظم يا نثر پارسي صورتخطي ۾ لکندا هئا. اهي بہ نج سنڌي آواز علحده علحده صورتن ۾ لکندا هئا. سنڌ جا امير ماڻهو سنڌي مرثيا ۽ ٻيا سنڌي نظم گهڻو ڪري پارسي صورتخطي ۾ لکارائيندا هئا. اهڙي نموني جا

بياض اڄ بہ سون جي انداز ۾ مسلمان خاندانن وٽ موجود آهن.

انهي صورت خطيءَ جو نمونو هي آهي:

(ا) ساٿهہ رسي سردار قيدي ڪربلا مظلوم جا سر کهليا ماتام ڪندا جڏه شام ڏي رئندا هليا تهي پڇهيو جهہ کهہ ڪہ بيوارث آهن کهہ سندا ان تهي چو آهيون مديني جا مسافر مبتلا

(دستخط مرثيہ ثابت علي شاهہ)

اڄوڪي سنڌي صورتخطيءَ ۾ مٿين عبارت جيڪر هيئن لکجي:

سات ري سردار قيدي ڪربلا مظلوم جا سر کليا ماتم ڪندا جڏهن شام ڏي رئندا هليا ٿي پڇيو جنهن ڪنهن ڪ هي بيوارث آهن ڪنهن سندا ان ٿي چيو آهيون مديني جا مسافر مبتلا.

عربي صورتخطي ۾ لکيل سنڌي کان پارسي صورتخطي ۾ لکيل سنڌي پڙهڻ ۾ تمام گهڻي ڏکيائي هئي.

انگريزي سرڪار جي حڪومت کان اڳ گهڻي وقت لاڪر وقت جي حاڪمن وٽ سموري لکپڙهہ پارسي ۾ هلندي هئي، تنهن ڪري انهن حاڪمن خاص سنڌي صورتخطي مقرر ڪرڻ جي ڪجهہ ضرورت ڪانہ ڄاتي. انهي ڪري مسلمان پڙهيل ماڻهو پنهنجي سنڌي ٻولي وارا خيال مٿئين نموني سان پيا لکندا ۽ ظاهر ڪندا هوا ۽ سنسڪرت، ديوناگري ۽ هندو سنڌي صورتخطي ڪم آڻيندڙ پنهنجي سنڌي ٻولي لکندي عربي ۽ پارسي لفظن جون بگڙيل ۽ اڻ پوريون صورتون پيا ڪم آڻيندا هئا.

سنڌ ۾ انگريز سرڪار جي حڪومت شروع ٿيڻ کان پوءِ بہ سرڪاري لکپڙهہ پارسيءَ ۾ پيئي هلندي هئي. اٺن ورهين کان پوءِ سنہ 1851ع ۾ سربارٽل فريئر صاحب سنڌ جو ڪمشنر مقرر ٿي آيو تنهن

يورپي عملدارن کي حڪم ڏنو ته سنڌي ٻولي سکو ۽ ان ۾ امتحان پاس ڪريو ته اوهين ديسي ماڻهن کان حال احوال به وٺي سگهو ۽ سرڪار کان خاص الائونس به حاصل ڪري سگهو.

يورپي عملدار سنڌي ٻولي سکڻ لاءِ تيار ٿيا. پر سنڌي ٻولي جي ڪابه خاص مقرر ٿيل صورتخطي ڪانه هئي. نڪو اسلامي لٽريچر کان سواءِ ٻيو ڪو لٽريچر ئي موجود هو. ان وقت جي يورپي عملدارن ۾ ڪي عربي، پارسي ۽ سنسڪرت جا ماهر هئا. انهن مان ڪي جهونا نظم هٿ ڪرڻ ۾ لڳا. ته ڪي سنڌي گرامر ٺاهڻ ۾، ڪي سنڌي ڊڪشنري ٺاهڻ ۾ مشغول ٿيا ته ڪي ترجمن ڪرائڻ ۾. ٽرمپ صاحب شاه جو رسالو هٿ ڪري گورنمينٽ آف انڊيا جي خرچ سان جرمني جي ليپزگ شهر ۾ ڇپائي سنڌ ۾ آندو. پر ان وقت سنڌي ٻولي جي نج آوازن ڏيکارڻ لاءِ ڪي مقرر ٿيل صورتون نه هيون. تنهنڪري ٽرمپ صاحب واري رسالي ۾ انهن لاءِ اهڙيون نراليون ۽ عجيب جڙتو صورتون ڪم آنديون ويئون آهن جو اڄ ڪلهه جا سنڌي ته اُن ٽرمپ صاحب جي رسالي جي عبارت پڙهي به نٿا سگهن مثال:

(1) ٻانهين سجائي پاٹ، پاٹ کر پاٹ لهي.

(2) سر ڏهونڏيان دهڙ نه لهن، دهڙ

ڏهونڏيان سر ناهه

(3) مون ايتهي هليا، بندر جي تڙن

اڄوڪي سنڌي صورتخطي ۾ جيڪر مٿين عبارت هن طرح لکجي

(1) ٻاٿهي سجاٿي پاڻ، پاڻ ڪري پاڻ لهي

(2) سر ڍونڍيان ڌڙ نه لهان، ڌڙ ڍونڍيان

سر ناهه

(3) مون ايبلي هليا، بندر جي تڙن.

ان وقت سر بارٽل فريئر صاحب کي مٿان حڪم آيو تہ جيئن ٻين ملڪن ۾ سرڪاري لکپڙهہ اتي جي ديسي ٻولين ۾ هلي ٿي، تئن آئينده سنڌ ۾ بہ سرڪاري دفتر سنڌي ٻولي ۾ هلڻ گهرجي. پر جنهن صورت ۾ اڳ ڪا بہ اهڙي سنڌي آئيوبٽا (الف _ بي) مقرر ٿيل ڪانہ هئي، جنهن جي وسيلي سنڌي ٻولي جا نج آواز بہ ڪنهن خاص مقرر ٿيل صورت ۾ ڪم اچن، تنهن صورت ۾ سربارٽل فريئر صاحب سنہ 1853ع ۾ پنهنجي اسسٽنٽ ڪمشنر، مسٽر ايلس صاحب (جنهن جي هٿ ۾ تعليم کاتي جون واڳون هيون) جي زير صدارت هڪڙي پڙهيلن ماڻهن جي ڪميٽي مقرر ڪئي، جنهن جا هيٺيان ميمبر هئا:

1) راءِ بهادر نارائڻ جڳنناٿ، جنهن جي نالي ڪراچي جو هاءِ اسڪول ٿو سڏجي
2) ديوان ننديرام ميراڻي سيوهاڻي
3) ديوان پريداس انندرام رامچنداڻي حيدرآبادي
4) ديوان اُڌارام ٿانور داس ميرچنداڻي حيدرآبادي
5) خان بهادر ميرزا صادق علي بيگ مرحوم حيدرآبادي
6) ميان محمد (پوءِ نارمل اسڪول جو ماستر)
7) قاضي غلام علي ٺٽي جو وينل
8) ميان غلام حسين ٺٽي جو وينل.

سنڌي صورتخطي مقرر ٿيڻ تي گهڻو بحث هليو. ڪن زور پريو تہ اهڙي آئيوبٽا ٺاهجي، جنهنڪري 1 ۽ ع جي بدران يڪو حرف ڪم اچي. اهڙي طرح ت ۽ ط، ث، س ۽ ص، ح ۽ هہ ز ذ، ض ۽ ظ، ڪ ۽ ق جي بدران يڪو آواز پيدا ڪندڙ اکر مقرر ڪجي. باقي جيڪي نج سنڌي آواز آهن، تن جي لاءِ نشانيون مقرر ڪجن. اهڙي زور ڀريندڙن جي راءِ هيٺين سببن ڪري رد ڪئي ويئي:

(1) سنڌي ٻولي اڳيئي عربي صورتخطي ۾ لکڻ ۾ پيئي اچي، تنهنڪري باقي فقط نج سنڌي آواز ڏيکاريندڙ حرفن لاءِ صورتون مقرر ڪجن.

(2) سنڌي ٻوليءَ ۾ فارسي لفظ گڏجي ويا آهن. جيڪڏهن عربي حرفن جون صورتون مٽائي ڇڏبيون ته پوءِ لفظن جي صحيح معنيٰ ۽ اصليت بلڪل گم ٿي وينديءَ عربي ۽ پاسي حرفن کي اصلوڪي صورت ۾ قائم رکڻ ڪري اهڙي مونجهه پيدا نه ٿيندي، ڇاڪاڻ ته عربي ۽ پارسي ٻولين جون نهايت عمديون ڊڪشنريون (لغاتون) موجود آهن.

(3) مسلمانن جا ٻار هينئر پنهنجا عربي حرفن گڏيل نالا درست ۽ با معنيٰ لکي سگهن ٿا. جيڪڏهن سنڌي آئيوبٽا مان عربي حرف ڪڍي ڇڏبا، ته به مسلمان پنهنجو لاڳاپو عربي ۽ پارسي سان ڇڏي ڪين سگهندا. پوءِ مشڪلات هيءَ پيدا ٿيندي جو مثلاً هڪڙي ڇوڪري جو نالو آهي "محفوظ علي"، هاڻي جيڪڏهن سنڌي آئيوبٽا مان عربي حرفن جون صورتون ڪڍي ڇڏبيون، ته پوءِ هت پوءِ ان ڇوڪر کي اسڪول ۾ پنهنجو نالو (مثال خاطر) "مهفوز الي" لکڻ سيکاريندا. پر ان جا مائٽ ڪڏهن ڪين پسند ڪندا، ته هڪڙو با معنيٰ ۽ درست نالو بلڪل بي معنيٰ ۽ غلط صورت ۾ ٻار کي سکڻ ڏين.

(4) سترهين صديءَ جي وچ کان وٺي هن وقت تائين مسلمانن عربي صورتخطي ۾ پنهنجي سنڌي ٻوليءَ جو تمام چڱو لٽريچر موجود ڪيو آهي. جيڪڏهن هاڻي سنڌي ٻوليءَ جي آئيوبٽا مان عربي حرفن جون صورتون ڪڍي ڇڏبيون، ته اهو ٻن اڍائي سون ورهن جو لٽريچر مسلمانن جي آئيندي نسل لاءِ بلڪل بيڪار ٿي پوندو.

(5) ايشيا جي وڏين وڏين حڪومتن، مصر ۽ زنجيبار وغيره هنڌن سرڪاري دفتري لاءِ جا صورتخطي مقرر ٿيل آهي سا يا ته عربي ۽ پارسي آهي يا

انهن سان مشابهت رکندڙ آهي تنهنڪري سنڌي صورتخطي بہ عربي نموني تي قائم رکڻ گهرجي.

سر بارٽل فريئر صاحب انهي بحث مباحثي ٻڌڻ ۽ فيصلي ۾ مدد ڪرڻ لاءِ ايلس صاحب سان ٻيا بہ ٻہ چار يورپي عملدار همراه ڪيا. آخر سڀني يڪراءِ سنڌي ٻولي لاءِ عربي صورتخطي قائم رکي ۽ نج سنڌي آوازن ڏيکارڻ لاءِ نوان حرف مقرر ڪيائون:_

انهي ڪميٽي سنڌي ٻوليءَ لاءِ اهائي آئيويٽا مقرر ڪئي، جا اڄ تائين قائم آهي. عربي آئيويٽا ۾ اٺاويهہ حرف هئا:_ ا ب ت ث ج ح خ د ذ ر ز س ش ص ض ط ظ ع غ ف ق ڪ ل م ن و هہ ي

اشارو _ ۽ (همزه ۽ لا کي جدا حرف نٿو ڳڻيو وڃي، ڇاڪاڻ جو ۽ هڪڙي صورت آهي الف جي ۽ لا ملاوت آهي لام ۽ الف جي.

انهن اٺاويهن حرفن ۾ ٽي حرف وري پارسي صورتخطي جا شامل ٿيا:_ (1) پ (2) چ (3) گ _ ويهہ حرف نج سنڌي آوازن ڏيکارڻ وارا شامل ڪيائون، تہ هاڻوڪي عربي سنڌي آئيويٽا هن طرح اچي بيٺي:_

ا ب ٻ پ ڀ ت ٿ ٽ ٺ ث پ ق ج ڄ جهہ ڃ چ ڇ ح خ د ڌ ڏ ڊ ڍ ذ ر ڙ ز س ش ص ض ط ظ ع غ ف ق ڪ ک گ ڳ گهہ ڱ ل م ن ڻ و هہ ء ي

سنہ 1854ع کان وٺي سنڌي نظم ۽ نثر جا ڪتاب انهي آئيويٽا ۾ لکجڻ لڳا. مگر سنڌي لفظن جي گراميٽيڪل ملاوتن ۽ صورتن بابت ڪوبہ فيصلو ڪونہ ٿيو هو. تنهنڪري جيتوڻيڪ آئيويٽا نئين ڪم ۾ اچڻ لڳي پر لفظن جي گڏيل آوازن ۽ گراميٽيڪل ملاوتن لکڻ لاءِ سيڪو پنهنجي سر اختيار وارو هو. خود تعليم کاتي جي اوائلي ڪتابن ۾ بہ جدا جد ا نمونن سان لفظن جون ملاوتون لکڻ ۾ ايندڙيون هيون. مثلاً

(1) ڪيڏانهن ڪي ڪيڏهہ، ڪيڏنهن، ڪيڏانهہ پيا لکندا هئا.

(2) جنهن ڪي جهہ، جنهہ، جنهن پيا لکندا هئا.

(3) اسين ڪي اس

(4) مون ڪي من

(5) چڱيون ڪي چڱي وغيره وغيره

جڏهن سنہ 1888ع ۾ جيڪب صاحب سنڌ جو ايڊيوڪيشنل انسپيڪٽر مقرر ٿي آيو تڏهن ان صاحب جهڙو اسڪولن جي تعليم ڪي سڌاريو ۽ وڏايو تهڙو عربي سنڌي صورتخطي ڪي سڌاريائين. هن صاحب وڏا ڊايا گرام تيار ڪرايا، جن ۾ جيڪي جيڪي سنڌي لفظ جدا جدا صورتن ۾ لکڻ ۾ ايندا هئا، سي سڀ داخل ڪرائي انهن جون يڪيون صورتون مقرر ڪيائين، جي اڄ تائين سنڌي نثر يا نظم جي ڪتابن ۾ ڪم پيون اچن. جيڪب صاحب اهي درست لفظن وارا ڊايا گرام پنهنجي صحيح سان ڇاپائي، وڏين دفترين تي چنبڙائي، سنڌ جي هرهڪ اسڪول ۾ موڪلي ڏنا هوا.اهڙي طرح ٻيهڪ جي نشانين بابت جدا جدا ڊايا گرام ڇاپارائي اسڪولن ۾ رکارائين.

جيڪب صاحب واري سڌاريل صورتخطي ۾ اڃا بہ علم دوستن کي ڪي خاميون نظر آيون مثلاً: فعلي صورتن يا ٻين ڪن لفظن ۾ بہ زيرون ۽ بہ پيشون ڪم پيون اينديون هيون، جيئن تہ: ڪياءِ، ڇياءِ جيستاءِ ۽ وغيرہ_ اهڙي طرح ڪن لفظن جون صورتون اڃا بہ جدا جدا پيون لکبيون هيون:_ مثلا ڪرف، ڪفل ڪلفہ ڪئنچي قئنچي، چاڪ (تندرستي)، چاق، چاڪو چاقو وغيره

تنهنڪري سنہ 1915ع ۾ ايڊيوڪيشنل انسپيڪٽر صاحب بهادر سنڌ جي زير صدارت حيدرآباد جي ٽريننگ ڪاليج ۾ پڙهيلن ماڻهن جي

ڪاميٽي مقرر ٿي، جنهن ۾ خاص طرح ڪم ڪندڙ خان بهادر ميرزا قليچ بيگ صاحب مرحوم هو. انهي ڪميٽي لفظن جي هڪ وڏي يادداشت تيار ڪئي، جي جدا جدا نمونن ۾ يا غلط نمون ۾ پيا لکبا هئا.

انهن لفظن جون درست صورت واريون يادداشتون اخبار تعليم ماهه مئي سنه 1915ع ۽ جون سنه 1910ع ۾ ڇاپايون ويون هيون

جئن ته اخبار تعليم جو واسطو خاص ڪري سنڌي اسڪون جي ماسترن ۽ تعليم کاتي جي عملدارن سان آهي، جن مان ڪيترا ته اخبار تعليم کي دلچسپي سان ڪين پڙهندا آهن، تنهنڪري اُهي درست لفظن جون يادداشتون سنڌي جي عام شاعرن ۽ مصنفن جي ڌيان تي ئي آيل ڪينهن.

ٽريننگ ڪاليج مان صفا ۽ هاءِ اسڪولن مان گهڻي قدر پارسي تعليم نڪري وڃڻ ڪري اڄ عربي سنڌي صورتخطي گهڻي قدر غلط لکڻ ۾ پيئي اچي. ڪيتريون ئي اخبارون ۽ ڪتاب جي گهڻي انداز ۾ پيا ڇاپين، تن ۾ عربي سنڌي صورتخطي جي مٽي پليت ٿيندي ڏسي ڏاڍو ارمان ٿئي ٿو

جيڪڏهن ملا اسڪولن ۾، ٽريننگ ڪاليج ۾ هاءِ اسڪولن ۾ نئين سر پارسي تعليم قائم رکڻ تي ڌيان نه ڏنو ويو ته پوءِ ڪنهن مدت بعد عربي سنڌي صورتخطي جي درست صورت بلڪل نابود ٿي ويجي ته شڪ ڪونهي.

# سهڻي ۽ سلوڻي سنڌي

حڪيم فتح محمد سيوهاڻي

سنڌي سيڪو لکيل پڙهيل لکي ڄاڻي، پر ڪرو اهو جو سهڻي ۽ سلوڻي سنڌي لکي. جيڪڏهن لکڻ وارا گهري ته پاڻ جيڪي اڇي ڪاغذ تي ڪاري مس سان لکيو اٿس، سو پڙهندڙ يا ٻڌندڙ جي ڇاتيءَ تي چٽجي وڃي ۽ ڪنورن ڪارن قلبن کي ٻرندڙ ٻتي وانگي روشن ڪري وجهي ته هن کي گهرجي ته پنهنجي لکڻ ۾ سهڻائي ۽ سلوڻپ پيدا ڪري. سهڻائي ۽ سلوڻپ ڪلام ۾ جادو ۽ سحر جهڙو اثر پيدا ڪري وجهندي آهي. سلوڻي ڪلام پڙهڻ سان پڙهندڙ جو پڙهڻ وقت وات ئي پيو پاڻي ٿيندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن ڏنو ويو آهي ته جيئن آچار ۽ ليمي جي ڳالهه ڇوڻ سان وات پاڻ سان پرجي ويندو آهي ۽ ڪيترن واڇائن ڪان واڇن مان گگون وهڻ لڳنديون آهن، تيئن ڪيترائي مضمون اهڙا ته چهرا ۽ سلوڻا هوندا اهن، جن جي پرهڻ ۽ ٻڌڻ سان سچ پچ ته وات مان پاڻي ريلا ڪري وهندو آهي

ڦڪي ۽ الوڻي مضمون مان ڪوبہ سواد ۽ مزو ڪونہ ايندو آهي. اهڙا مضمون اهڙا هوندا آهن، جهڙا ڦڪا کانا ۽ اهڙن مضمونن جو پڙهڻ اهڙو هوندو آهي، جهڙو ڦڪن ڪانن جو چوسڻ. مضمون هئڻ گهرجي ماکيءَ ۽ مٺائي کان بہ مٺو آچار ۽ چٽڻي کان بہ چهرو جنهنجي ٻڌڻ سان سڪل وات بہ ٻساوا ۽ خشڪ زبانون بہ آليون ٿي وڃن.

سلوڻي مضمون بابت خود منهنجو هي مضمون بہ سلوڻو ٿيندو ٿو وڃي، جنهنجي لکڻ وقت منهنجو ته وات پاڻي ٿئي ٿو، پر منهنجي قلم جو وات بہ ڏسان ٿو ته پاڻي پاڻي ٿي ويو آهي. جنهن ڪري وڌيڪ مس ۾ ٻوڙڻ ۽ هن کي ڪاري ٻاڻي ڏي موڪلڻ جي بہ ڪا ضرورت ڪانہ ٿي ٿئي. آءٌ ڏسان

ٿو تہ ڪيترائي لکٽي داس ۽ لکٽي خان ڪنهن ڳالهہ بابت مضمون لکن ٿا يا ڪا چوپڙي يا ڪو ڪتاب جوڙين ٿا تہ رڳو مضمون نويس بڻجڻ جي شوق ۾ ديي دسي ڪٽي پورائو ڪن ٿا باقي هي خيال ذرو بہ ڪونہ ٿا ڪن تہ سندن لکڻ ۾ ڪو سواد ۽ سلوڻائي، حسن ۽ سهڻائي آهي يا نہ؟

**سهڻائي ۽ سلوڻائي جو سامان:**

سخن ۾ سهڻائي ۽ سلوڻائي ڪئن پيدا ٿئي؟ تنهن لاءِ رڳو هي خيال رکڻو آهي تہ جيئن ڳالهائجي، تيئن لکجي، جهڙو لکجي تهڙو ڳالهائجي. مطلب تہ ڪلام ۾ زور مس جا لفظ نہ وجهجن. ڳولي ڳولي ڏکيا اکر ڪم نہ آڻجن. ٻولي اهڙي لکجي، جا صحيح محاورن تي ٻڌل هجي. لکڻ مهل سنڌي جون ورجيسون نہ وسارجن ٻين ٻولين جا لفظ اُهي ڪم آڻجن. جي پنهنجا ٿي ويا هجن. مضمون ڪي اهڙو ٻيهارجي جو لکندڙ جي قلم ۽ پڙهندڙ جي وات مان نڪري، ٻڌندڙ جي ڪنن ۾ وڃڻ شرط بجليءَ وانگي سڌو وڃي دل ۾ ٺڪاءُ ڪري اهو تڏهن ٿيندو جڏهن ٻولي سهنجي ۽ عام فهم ۽ محاورن تي ٻڌل لکبي. اکر اکر سان ٺهڪندو لفظ لفظ سان ڳنڍبو مٿو مٿي سان ملندو ايندو. نہ لکڻ مهل اٽڪاءُ ٿئي نہ پڙهڻ مهل زبان هٽڪي. جنهن حقيقت بابت لکجي سان اهڙي چٽجي، جو چڻ اکين آڏو ٻيهاري ڏيکارجي. نہ شهري ٻولي جا خاص لفظ لکجن نہ ٻهراڙيءَ وارن جا جهنگلي ڪچا اکر ڪم آڻجن. جيڪڏهن ٿي سگهي تہ نظم توڙي نثر ۾ سر حرفي ڪم آڻجي، پر اهڙي نہ جو ٺهي نہ ٺهي وٺ رينگٽ ڪي. اُهي لفظ، جي زبان تي ڳرا لڳن، سي ڪڏهن نہ لکجن جهڙي طرح "ڳڙ جي ٻيڙي روهڙي ڪان رڙهندي وئي" يا سرڪاري سنڌي ٻاراڻي ڪتاب جون هيڙيون عبارتون "ٻڍا ڍڳا ڏاڍا ٻڌ" ڪنهن بہ ڳالهہ تي لکجي تہ سنڌ جو رهندڙ تي لکجي، لکڻ مهل هندو يا مسلمان ٿي نہ

لکجي. ٻولي اهڙي لکجي جو پڙهندڙ کي پتوئي نہ پوي تہ هي ڪنهن مسلمان جي، ٻهراڙي واري جي لکيل آهي يا شهري جي. جيسين لکندڙ جو نالو نہ ڏسجي، تيسين، انهي، مناٽي جو ورهائيندڙ معلوم ئي نہ ٿي سگهي تہ هندو آهي يا مسلمان. انهي طرح ڪلام جي ميناج جو مزو سيني کي هڪ جهڙو ايندو. مضمون جو حسن ۽ سونهن سيني جي اکين کي هڪ جهڙو وڻندي جيڪڏهن ڪنهن مضمون ۾ عربي جا اوکا لفظ ۽ ڪنهن ليک ۾ سنسڪرت جا اڻ چالو شبد لکيا يا نڙي مان نڪرندڙ گهڻا لفظ ۽ "ر" جي بجاءِ "ڙ" يا "ڙ" جي بدران "ر" وارا اکر جهجها هوندا ۽ پڙهندڙ پريان ئي تاڙي ويندو تہ هي مضمون ڪنهن مسلمان جو آهي يا هي لک ڪنهن هندو جو. اهو ٿيو قلم جي اولاد کي زبردستي سان هندو يا مسلمان بنائڻ. اهو ٿيو زبان زادن کي زوري شلوار پائڻ ۽ پٽڪو ٻڌائي صاحبزادو بنائڻ، يا ڄڀ جاون کي هرو ڀرو ڌوتي پائي ۽ انگر کو ڊڪائي، پائي بند چوائڻ. ٻولي نہ هندو آهي نہ مسلمان. ٻولي جو حسن نہ پردي جي لائق آهي، نہ بي پردگي جو محتاج. هن جو حسن هرجائي آهي. جيئن قدرت چهراڻ ۽ مناڻ جو مزو هندن مسلمانن لاءِ هڪ جهڙو ڪيو آهي، تيئن سخن ۽ ڪلام، ٻولي ۽ زبان جو مزو بہ عام هئڻ گهرجي نہ خاص.

لکندڙ کي قدرت جو قانون اکين آڏو رکي پوءِ قلم وهائڻ گهرجي. سنڌ ۾ ادب ۽ ساهتيہ يا لٽريچر انهي ڪري تہ زور ئي نٿو وٺي جو لکندڙن جا هٿ ۽ ڳالهائيندڙن جا وات هندو يا مسلمان ٿي ٿا لکن ۽ ڳالهائين. هو اهو خيال ئي نٿا ڪن تہ اڳيان پڙهندڙن جا وات ۽ ٻڌندڙن جا ڪن نہ رڳا هندو آهن ۽ نہ رڳا مسلمان، بلڪ نہ هندو آهن، نہ مسلمان. پر سنڌ جي رهندڙ انسانن جا ڪن ۽ وات آهن.

ڪاتي گلن جا ٻوٽا. ماڻهون تہ مڙيئي ماڻهون پر ڏسو ڪٿي تہ سڀڪنهن جي صورت جدا جدا ۽ سڀڪنهن جا مهانڊا الڳ سڀڪنهن جو رنگ ڍار ڍار ۽ سڀڪنهن جو ڍنگ نرالو_ ڪو ڀورو تہ ڪو ڪارو ڪو سهڻو ڪو ڪوجهو ڪنهنجو نڪ ڊگهو ۽ اکيون وڏيون تہ ڪنهن جو نڪ منو ۽ اکيون چوچيون. ڪو سياڻو تہ ڪو اياڻو ڪو امير تہ ڪو فقير، ڪو سوداگر تہ ڪو گراهڪ ڪو مالڪ تہ ڪو مزور، ڪو هنر وار تہ ڪو بي هنرو ڪو هاري تہ ڪو زميندار، ڪو رئيس تہ ڪو نوڪر، ڪو حاڪم تہ ڪو رعيتي، ڪو حڪيم تہ ڪو مريض، ڪو عالم تہ ڪو جاهل ڪو سچو تہ ڪو سائو.

اجهو آسمان ڏي ڪٿي نظر ڪريو تہ چمڪندڙ تارا ڪي ننڍا ڪي وڏا، ڪي ويجها ويجها، ڪي پري پري، انهن سيني حالتن کي ڏسي وسهڻو ٿو پوي تہ مالڪ ۽ مختار هَستي ڪا ضرور آهي، جا هن سڄي سنسار جي اُپائڻهار ۽ خلقڻهار آهي."

"ڪهڙي شي ڪهڙي ڪم ايندي، ڪهڙي وقت ڪم ايندي، ڪنهنکي ڪم ايندي، تنهن لاءِ ڏسون ٿا تہ دنيا ۾ ڪي قانون موجود آهن، جنکي قدرت جو قانون چئجي ٿو. بک لاءِ اناج، اڃ لاءِ پاڻي، درد لاءِ دوا، پنڌ لاءِ پير، ڏسڻ لاءِ اکيون، ٻڌڻ لاءِ ڪن، سوچڻ لاءِ عقل، تنهن کان سواءِ قوت ارادي جي، قوت خيال جي، قوت راهہ جي، قوت حافظ جي. جڏهن اهي ۽ انهن کان بہ وڌيڪ عجيب عجيب حڪمتون ۽ اسرار هن چم ۽ گوشت جي ٻوتي ۽ هن هوائي دنيا ۾ موجود ڏسون ٿا، تڏهن چوڻو پوي ٿو تہ هن ساري ڪارخاني جو پيدا ڪندڙ ۽ هلائيندڙ ڪو ضرور آهي جو جيتوڻيڪ الڪ ۽ اپس آهي، پر تہ بہ آهي ۽ ضرور آهي"

"آسمان ۾ بادل پرجي ٿا اچن، ڪارون پار ڪڪر چڙهي آيا آهن، ڪنوڻيون پيون ڪنون، وچ پئي چمڪي، گجڪارون دلين کي ٿي دهلايون ٿيون

چڙهين. مينهن وسڻ جا اسباب سڀ موجود آهن. سيڪو هڪبئي کي ڇڪي رهيو آهي ته مينهن آيو ڪي آيو. منداڻتو هوندو ته انسان ۽ حيوان، ماڻهو ۽ مرون، پوکون ۽ وڻ سڀ وات ڦاڙي سڀ وانگي پيا واجهائيندا. بي مندو هوندو ته سيڪو پيو ڏڪندو ۽ ڪنبدو. چوندو ته جيڪڏهن هي اوڙڪ آئي ته ملڪ ويران ڪري ڇڏيندي، هي برساتي طوفان آيو ته پوکون راهون برباد ٿي وينديون.

ايڏين تيارين هوندي به ڏسبو ته اُتي جو اُتي ڪڪر ڊوڙندا ٻئي پاسي پيا وڃن. ڪارو آسمان اڇو ٽيندو ٿو وڃي. هو جو جهڙ جي ڪري تارائي ڏسڻ ۾ نه ٿي آيا، سي جهرمر لڳايو بيٺا آهن. چنڊ پنهنجي چمڪندڙ چانڊوڪي ۽ دل ڪينچيندڙ روشني سان اکين ۾ نور ۽ دلين ۾ سرور پيدا ڪري رهيو آهي. هي جو سج ڪڪرن ۾ لڪو پيو هو سو اوچتو ظاهر ٿي ڏوبين جي ڪپڙن کي سڪائي ۽ پوکن کي پچائي رهيو آهي. ماڻهون ويچارا جو برسات جي خوفناڪ پوڻ سببان جي جتي، سي تتي ويهي ويا هوا، سي چوڏاري پکڙجي ويا آهن. غرض ته آسمان ۽ زمين جو نقشوئي اهڙو ته بدلجي ٿو وڃي، جو حيرت وٺيو وڃي. اکين آڏو اسباب سڀ موجود. ظاهري سامان سڀ تيار. مگر تنهن هوندي به مالڪ وٽي جو حڪيم ڦيرايو. سو ڪاڏي ويا ڪڪر. ڪاڏي ويون وڄون. جڻ ته هڪ خواب هو يا خيال. جو اُتي ئي ڏٺو ويو ۽ اُتي ئي گم ٿي ويو. ڇو؟ هن ڪري ته وسڻ ڪڪرن جي وس ۾ نه هو. هڪڙو ڦڙو ڪيرائڻ به ڪنهن جي اختيار ۾ نه هو. سواءِ انهي پاڪ هستي جي، جا هنساري جڳ جي پيدا ڪندڙ ۽ هلائيندڙ آهي.

اي خدا! جنهن به گهر ۽ جهوپڙي ۾ ڏسان ٿو ته جتي تتي تنهنجي ئي تات آهي. جنهن به ٻولي ۾ ٻڌان ٿو ته سڀ ڪنهن کي تنهن جي وائي وات آهي. ڪفر ۽ اسلام تنهنجي ئي ڳولا ۾ پنڌ پيا ڪن. تو لاءِ سيني جو اهوئي

چوڻ آهي ته تون هڪڙو ئي آهين ۽ تنهنجو ڪوبه ثاني شريڪ ڪونهي مسجد مان به تنهنجي ئي بزرگي ۽ پاڪائي جو آواز اچي رهيو آهي ته ديول ۽ مندر ۾ به تنهنجي ئي ذوق ۽ شوق خاطر گنبذ گهڙيال وڄي رهيا آهن. اي خدا تنهنجي ئي محبت جو تير تنهنجن طالبن جي سيني ۾ لڳل آهي. ساري خدائي تنهنجي ئي طلب ۾ ۽ تون وچان ئي الڪ. آءُ جو ڪڏهن مسجد ۽ ڪڏهن مندر ۾ ڊوڙي رهيو آهيان، سو رڳو توکي ئي گهر گهر ڳوليندي رهيو آهيان. اي مولا! جيڪڏهن تنهنجن خاص ٻانهن کي توسان ئي ڪم آهي، ڪفر ۽ اسلام سان ڪم ئي ڪونهين ته پوءِ رڳو مسلمان سڏائڻ سان هنن کي تون هٿ ڪونه ايندين.

"ڪفر ڪافر کي هجي نيبهه سدا،
دين ۾ مون من ڀلي ماڻي مزا"
"پر اسانجي دل ۾ اي منهنجا مٺا!
شل وسي تنهنجي محبت دائما"

"هي دنيا هڪ مسافر خانو آهي، جنهن ۾ هزارين لکين قافلا رهن ٿا. هڪڙا ڀيا اچن ۽ ٻيا ڀيا وڃن سيڪنهن مسافر کي پنهنجن پنهنجن پيرن سان منزل مقصود کي پهچڻو آهي. اسين ۽ اوهين، هندو ۽ مسلمان اوچتو اچي هن قافله سراءِ ۾ گڏ ٿيا آهيون. جيڪڏهن مٺ، محبت سان هلبو حب ۽ همدردي سان گذاريو ٿڪي تني هڪ ٻئي جو بار کڻبو اچبو ته ڪلندي ڪلندي پنڌ پورو ٿي ويندو. سيڪو وڃي منزل مقصود تي رسندو پر جيڪڏهن فتنا فساد مچائبا، جهيڙا جهٽ ڪيا، هڪ هنڌ رهي هڪ ٻئي ڏانهن نفرت جي نظر سان نهاريو دل ۾ هڪ ٻئي ڏانهن بڇان ڏاريي ته اوهين پاڻ سمجهي سگهو ٿا ته قافلي مان قرب ويندو هليو ميل ميلاپ نه رهندو حياتيءَ جو مزوئي ڪٿو ٿي پوندو ۽ دنيا جي مسافر خاني ۾ مصيبت سمجهبو. انهي ڪري گهرجي ته اسين ۽ اوهين، هي ۽ هو سڀ پاڻ ۾ ڀائرن وانگي ٿي رهون."

# سنڌي ٻولي دنيا جي سڌريل ٻولين مان هڪ آهي

حڪيم فتح محمد سيوهاڻي

سڌريل ٻولي ڇاکي چئبو آهي؟ تنهن بابت مختصر طرح اوهانجي اڳيان عرض ڪريان ٿو.

سڌريل ٻولي انهيءَ کي چئبو آهي جنهن جو نظم ۽ نثر علم ادب جي ڪسوٽي تي پاڻ کي پرکائي سچي سرن وانگر سچا ثابت ٿين.

سڌريل ٻولي پنهنجي رنگ ۽ رونق حسن ۽ جمال سونهن ۽ سوڀيا مزي ۽ ميناج لطف ۽ لذت فصاحت ۽ بلاغت لفظن ۽ معنائن تشبيهن ۽ استعارن اصطلاحن ۽ محاورن پڻ اهڙين ٻين صفتن ۽ خوبين ۾ پاڻ کي وڌائيندڙ ۽ پاڻ ڏي ڇڪيندڙ هوندي آهي.

سڌريل ٻولي ۾ دنيا جي هر ڪنهن شي جا نالا ۽ هر ڪنهن معنيٰ جا لفظ موجود هوندا آهن هڪ معنيٰ لاءِ گهڻا لفظ ۽ هڪ لفظ جون گهڻيون معنائون به سڌريل ٻولي ۾ ٿي هونديون آهن هم قافيه يا تڪ ڀائي لفظ به سڌريل ٻولي ۾ جهجها هوندا آهن ته نظم لکڻ مهل تنگي نه ٿئي سڌريل ٻولي ۾ هي به لياقت هوندي آهي ته جيڪڏهن ڪنهن معنيٰ لاءِ وٽس ڪو لفظ نه هوندو ته پنهنجي برادري يعني دنيا جي ٻين سڌريل ٻولين مان اهڙي معنيٰ واري لفظ کي پاڻ ڏي ڇڪي هن کي پنهنجي گهر جو ڀاتي بنائي ڇڏيندي آهي. جيئن جيئن دنيا ۾ علم ۽ هنر ٻيا نڪرندا. سائنس جا ايجاد ٻيا ٿيندا نيون نيون شيون پيون معلوم ٿينديون _ نوان نوان اصطلاح پيا گهڙبا. تيئن تيئن سڌريل زبان اهڙن علمن ۽ هنرن يا اهڙن ايجادن ۽ اصطلاحن جي معنائن لاءِ پنهنجا لفظ پيش پئي ڪندي

پر جيڪڏهن اهڙو مال وٽس موجود نه هوندو ته بنا ڪنهن اٽڪ يا

هنڌ جي ڪنهن به سڌريل ملڪ ۾ ادبي ڪاريگرن جي ڪارخانن مان وٺي ڪم پورو ڪري وقت تيائي چڙهيندي

سڌريل زبان جي حرفن ۽ لفظن جا آواز جانوري آوازن جهڙا هرگز نه هوندا. بلڪ اهڙا هوندا جن مان سريلپڻو ۽ سلوڻائي پئي بکندي

سڌريل زبان ۾ هلڪا لفظ گهڻا ۽ ڳرا گهڻو گهٽ هوندا آهن. ڳرا لفظ فصاحت جي فن جي برخلاف آهن.

سڌريل زبان ۾ پهاڪا مثال به قدرت جي نظارن ۽ انقلابن موجب ـ ملڪ جي رسمن ۽ رواجن پٽاندر ماڻهن جي طبعيتن ۽ سياڻن موافق جهجها هوندا آهن. اهي پهاڪا ئي آهن، جنڪي ساهت جو ساهه ۽ ادب جي جان چئي سگهجي ٿو.

سر حرفي ۽ آخر حرفي جنهن زبان ۾ جهجهي موجود هجي اُها سڌريل زبان چئبي ۽ اُها زبان پاڻ کي سينگاري سٺو بنائي سگهي ٿي. دنيا جون سڌريل زبانون ئي آهن، جن مان انسانيڪو پيد يا علمن ۽ فنن جو مخزن موجود ڪري سگهجي ٿو.

سڌريل زبانن ۾ صرف جا قاعدا ۽ نحو جا قانون قدرت جي طرفان ئي مقرر ٿيل ڏسبا آهن. تنهن کان سواءِ علم بديع ۽ بيان يعني علم معاني ـ معنائن جو علم) جو خزانو به منجهس خوب ڀرپور هوندو آهي. سڌريل زبان جو مالڪ نه فقط پنهنجا جذبا. بلڪ پاڻ کان سواءِ ٻين جا جذبا به ـ نه فقط ٿلها ٿلها جذبا. بلڪ سنهي ۾ سنهان جذبا به بيان ڪري سگهي ٿو. جذبن جو اظهار لفظن ۾ ڪو سولو ڪم نه آهي. جيڪي اکين سان نه ڏسي سگهجي ٿو سو ٻئي کي ڏيکاري سگهجي ٿو. پر جيڪي اکين سان ڏسڻ ناممڪن آهي تنهن جو چٽ چٽي پيش ڪرڻ ۽ اهڙي طرح پيش ڪرڻ جو اُها نامعلوم

حالت خود بخود ٻڌندڙ ۾ پيدا ٿي وڃي، وڏو مشڪل ڪم آهي. اهو مشڪل به سڌريل زبان آسان بنائي سگهي ٿي.

قدرت جي هر هڪ ڪشش تي سڌريل زبان قبضو ڪري سگهي ٿي. دنيا ۾ جيڪي موجود آهي سو سڌريل زبان جي ضابطه ڪان ٻاهر نه آهي.

سڌريل ٻولي جهڙي عالم جي رفيقياڻي آهي تهڙي جاهل ۽ اڻ پڙهيل جي رهبر.

هڪڙو عالم سڌريل زبان جي وسيلي سان جيڪڏهن علم جا بيشمار نڪتا ۽ ڪماليت جا بي انداز راز خاص انداز ۾ هڪ طرف عالمن جي اڳيان ظاهر ڪري سگهي ٿو ته ٻئي طرف ٻئي نموني ۽ ٻئي انداز ۾ ڪي عام حقيقتون عام لوڪن کي به سمجهائي سگهي ٿو. سڌريل ٻولي هر حالت ۾ هن سان همراه ۽ مددگار رهي ٿي.

مٿئين بيان معلوم ڪرڻ کان پوءِ اوهين جاچي ڏسندا ته پنهنجي سنڌي ٻولي ۾ اهي سڀ گڻ گهڻا يا ٿورا برابر موجود آهن.

سنڌي هڪ سهڻي ۽ سندر سلوڻي ۽ سولي ٻولي آهي. منجهس هڪ معنيٰ جا گهڻا لفظ ۽ هڪ لفظ جون گهڻيون معنائون موجود آهن. منجهس جذبن جي اظهار جا آوزار ۽ اسباب به چڱا چوکا پسجن ٿا. منجهس چقمق واري ڪشش به آهي جو ڌارين لفظن کي ڇڪيو پنهنجو بنايو ڇڏي. ڪڏهن ڪڏهن ته پنهنجي قرب واري ڪشش سان اهڙو ته پنهنجو ڪريو ڇڏي جو هو پنهنجا مائٽ ۽ پنهنجو وطن به وساريو ڇڏين.

سنڌي صلح پسند ۽ صالح زبان آهي هن آس پاس ۽ آڙي پاڙي سان هميشه چڱو رهايو ۽ سهڻو سلوڪ رکيو آهي. سندس وڏا ۽ ويجها پاڙيسري ايران ۽ عربستان آهن ۽ پراڻهون پاڙيسري ترڪستان ۽ مغلاڻو ملڪ آهي. اهوئي سبب آهي جو منجهس عربي پارسي ۽ ترڪي لفظ بيشمار پيريل آهن

ملڪن ۾ چمڪايو آهي تيئن سنڌي زبان جي عالمن پنهنجي زبان ۽ پنهنجي ساهت جي ڪابہ شاندار خدمت ڪانہ ڪئي آهي. جيڪڏهن هيڏي ساري وڏي پرڳڻي ۽ ههڙي شاندار زبان جي واڌاري لاءِ مرحوم شمس العلما مرزا قليچ بيگہ صاحب جن جو وجود مسعود موجود ٿيو تہ مرزا صاحب جن جي همت ۽ خدمت ڪي ساراهيندي ٻين علم وارن ۽ علم دوستن تان ميار جو بار ڪونہ لاهي ڇڏيو. جيڪڏهن هڪ طرف سنڌي ساهت جي واڌاري لاءِ مرحوم مرزا صاحب جهڙا مرد پيدا ٿيا تہ ٻئي طرف سنڌي ساهت جي واڌاري لاءِ بہ ڪي شمس العلماءَ ثاني پيدا ٿيڻ گهربا هوا.

جڏي سڌي صرف ۽ نحو ناهي سمجهيو ويو آهي تہ سنڌي جي خدمت ٿي چڪي. سنڌي جي صرف ۽ نحو عربي زبان مان ڪاپي ڪئي ويئي آهي. اسم فعل حرف ماضي مضارع مستقبل امرنهي جمع واحد مذڪر مونث حاضر غائب متڪلم ضمير اسم اشارو آهي ۽ اهڙا ٻيا صرفي ۽ نحوي لفظ ۽ اصطلاح سڀ عربي زبان جا آهن.

مگر ڏسجي ٿو تہ اهي ٻئي علم بہ سنڌي ۾ ڪجھ قدر ناقص ۽ غلط آهن.

هي موقعو نہ آهي جو آءٌ اهڙين ڳالهين جو ويهي تفصيل ڪريان، پر آءٌ ايترو ضرور چوندس تہ پنهنجي سهڻي ۽ من مهڻي سنڌي جي ساهت ۽ ادب جي اسان ڪابہ جڳائيندڙ خدمت ۽ ڪوبہ سهائيندڙ سڌارو ڪونہ ڪيو آهي.

اردو زبان، عربي پارسي ترڪي ۽ هندي جي مجموعہ جو نالو آهي. اردو ڄاڻندڙ ڄاڻن ٿا تہ اردو ۾ جا خوبي ۽ لياقت آهي سا گهڻو ڪري عربي ۽ پارسي جي ميلاپ سببان ٿي آهي. مگر جاچي ڏسبو تہ اردو ۽ سنڌيءَ ۾ هڪڙو اهڙو فرق موجود آهي جو سنڌيءَ کي اردو کان بہ ڪجھ وڌيڪ فائق بنائي ٿو.

اهو فرق هي آهي تہ اردو عربي ۽ پارسي جي مدد سان جيڪا صورت

اختيار ڪئي آهي تنهنڪي گهڻو وقت ڪونه گذريو آهي ۽ جيڪي عربي ۽ پارسي لفظ منجهس، داخل ٿيا آهن سي گهڻو ڪري پنهنجي اصلوڪن صورت ۾ ئي موجود آهن. جيڪڏهن ڪجهه ٿوري ڦير ڦار ٿيل آهي ته تمام ڪن ٿورن لفظن ۾ ٿيل آهي. مگر هزار ورهين جي وقت کان به وڌيڪ وقت گذريو آهي جو سنڌي ۾ عربي ۽ پارسي جي ملاوٽ ٿيل آهي.

جنهن سنڌيءَ کي گهڻي هٿي ڏني آهي.

عربي ۽ پارسي جي ملاوٽ سنڌي کي شاهي زبان بنايو آهي. تنهنڪانسواءِ خود سنڌي پنهنجي "قُوت موثره" يعني ٻئي تي اثر وجهڻ واري قوت سان ڪيترن ئي عربي پارسي ۽ ترڪي لفظن ۾ ڦير ڦار ڪري هنن کي پنهنجو بنائي ڇڏيو آهي، جنجا مختصر مثال مٿي ڏنا اٿم. عربي ۽ پارسي ۾ به ڏنو ويو آهي ته اوهائي طاقت آهي، جو ڪڏهن ڪڏهن ڌارين ٻولين جي لفظن ۾ ڦير ڦار ڪري پنهنجو بنائي ڇڏينديون آهن. انهي طاقت جي استعمال کي تفصيل جي وزن تي تعريب تفريس تهنيد ۽ تسنيد چئبو آهي. جيڪڏهن عربي زبان ڪنهن ڌارين لفظن کي پنهنجو بنايو ته انهي کي معرب چئبو فارسي ۾ ڦير ڦار ڪيل ڌارئين لفظن کي منعرس هنديءَ ۾ ڌارئين ڦيرايل کي مهند ۽ سنڌيءَ ۾ اهڙي آندل لفظ کي مسند چئبو آهي. آءُ انهي پنهنجي بنائڻ واري طاقت جي تعريف ڪندي به اردو جي اهڙي حالت کي بي طاقتي نٿو سڏيان بلڪ اها سنديس امانت داري ۽ پاڪيزگي ڄاڻان ٿو.

اردو زبان اهڙي ڦير ڦار کي پرائي امانت ۾ خيانت ۽ پرائي مال ۾ ناجائز دست اندازي سمجهي ٿي. انهي ڪري هو امانت کي سلامت رکڻ جي ڪوشش ڪري ٿي. پر سنڌي ٻولي اهڙي ڦير ڦار کي پنهنجي محبت ۽ قرب جي نشاني ڄاڻي ٿي، جو ڌارين کي پيار سان پنهنجو بنائي وجهي ٿي.

اڻ پڙهيلن جي وچ ۾ عام جام اهڙي طرح ئي چالو ۽ مشهور آهن. جهڙي طرح صورت وٺي بيٺا آهن. انهي ڪري ڳالهائبا ۽ لکبا بہ انهي ئي طرح.

ساڳي طرح جيڪي سنڌي لفظ سنسڪرت مان آيل ڦري گهري ڪا خاص صورت وٺي چڪا آهن تہ اُهي بہ انهي طرح ئي ڳالهائبا ۽ لکبا. جهڙيءَ طرح صورت وٺي چڪا آهن. جئين تہ چندر مان چنڊ جڳتر مان جڳہ سورج مان سج پرنتو مان پر نيتر مان نيڻ مستڪ مان مٿو.

اِهي ۽ اهڙا لفظ جيڪڏهن اصلوڪي صورت ۾ آڻي ڪم آڻبا تہ سنڌي ڪين چئبا بلڪ عربي، پارسي يا سنسڪرت چئبا. جيڪڏهن مسلمان اهڙي ڦير ڦار سان چالو ٿيل لفظن کي عربي يا پارسي واري اصلوڪي صورت ۾ ڪم آڻڻ جي ڪوشش ڪندا يا هندو اهڙن لفظن کي سنسڪرت واري پراڻي شڪل ۾ ڪم آڻڻ تي زور ڀريندا تہ صاف چوڻو پوندو تہ هو ادب ۽ ساهت جا گهڻ گهرا ۽ حامي نہ آهن.

هاڻي آءٌ ڪن تورين چالو غلطين ڏانهن اشارو ڪريان ٿو جي عام طرح ڏسڻ وائسڻا ماڻهو ۽ مصنف ڳالهائيندي ۽ ڪلندي ڪندا رهن ٿا. مگر انهن ڏانهن ڪو ڌيان ڪونہ ڏنو اٿن. مثال لاءِ

1. اسم جمع جي صفت مقدم بہ جمع ڪري آڻيندا آهن جيئن تہ چوندا آهن. پڙهيلن ماڻهن ويندڙن مسافرن مسلمانن دوستن هندن ڀائرن لائقن انسانن انهي طرح صحيح نہ آهي. صحيح آهي پڙهيل ماڻهن ويندڙ مسافرن مسلمان دوست هندو ڀائرن لائق انسانن.
2. اهڙي طرح اسانجا ڪيترائي منصف يا مضمون نويس اڪثر "ڪيترا ۽ ڪيترن انهن ٻنهي سوالن جي حرفن کي جڏهن چار گهڻا ۽ گهڻن يعني ڪثرت جي معنيٰ ۾ ڪم آڻيندا آهن تہ " ئي" جي وڌائڻ ڪان

سواءِ آڻيندا آهن. مثلا چوندا آهن "فلاڻي هنڌ ڪيترا ماڻهو اچي مڙيا ائين چوڻ ۽ لکڻ غلط آهي. صحيح هن طرح ٿو آهي "فلاڻي هنڌ ڪيترائي ماڻهو اچي مڙيا" يعني گهڻائي ماڻهو اچي مڙيا. ئي ڪانسواءِ ڪيترا يا ڪيترن ۾ لفظ سوال جي جاءِ ۾ ڪم ايندو آهي مثلا فلاڻي ڪيترا ماڻهو وينا هوا"؟

3. اهڙي طرح اهڙا عربي يا پارسي لفظ جنجي پڇاڙي ۾ "هه" هوندي آهي تن کي حالت فاعلي حالت مفتعولي حالت اضافي ۽ حالت جري ۾ به "هه" سان ئي لکندا آهن. جهڙي طرح "بنده کي دل شڪسته نه ٿي خدا تي ئي تڪيه ڪرڻ گهرجي" چڱو ائين آهي ته "هه" کي حالت فاعلي ۾ "و" سان ۽ حالت مفعولي وغيره ۾ "ي" سان مٽائي لکجي. انهي ڪري مٿئين جملي کي هن طرح لکجي "بندي کي دل شڪستو نه ٿي خدا تي ئي تڪيو ڪرڻ گهرجي."

4. ڪيترائي مصنف تنوين جي ٻن انگڙين جي بجاءِ پڇاڙيءَ ۾ صفا "ن" لکندا آهن. اهو به غلط آهي. ڇو ته صفا "ن" لکڻ جي ڪري واحد جو صيغو جمع جهڙو ٿي ٿو جڏهن ته تنوين لاءِ به زبرون به زيرون ۽ به پيش مقرر آهن تڏهن ڪنهنکي ڪوحق ڪونهي جو اُنهن جي بجاءِ "ن" لکي.

5. ڪيترائي سنڌي ڳالهائيندڙ ۽ لکندڙ "ڙ" جو اچار اچاري ڪين سگهندا آهن. انهيءَ ڪري لکڻ ۾ "ڙ" وارن لفظن کي به "ر" سان ڪري لکندا آهن مثلا "ڳڙ جي پيڙي روهڙي کان رڙهندي وئي" انهي عبارت کي هن طرح هرگز نه لکبو. ڳر جي پيڙي روهڙي کان ررهندي وئي" جيڪڏهن ڪنهن شعر جو قافيو "ڙ" سان آهي ته ان ۾ ڪي لفظ "ڙ" وارا ۽ ڪي لفظ "ر" وارا نه آڻبا آڙ ۽ پاڙ کي آر ۽ پار شعر ۾ آڻي اُنجو قافيو ٺار ۽ خار

جھڙن لفظن جو نہ آھي. جيڪڏھن "ڙ" وارن لفظن کي "ر" سان لکڻ جائز ڄاڻبو تہ اُھي ننڍڙا ٻار جي "ڙ" چڱي طرح اُچاري سگھن ٿا سي بہ "ڙ" کي "ر" پڙھڻ ۽ اُچارڻ تي ھري ويندا. انھي طرح ھڪ خاص سنڌي اکر جي ھميشہ لاءِ پاڙ پٽجي ويندي

6. ڪي مضمون نويس تنوين کي فقط لکڻ ۾ بگاڙي "ن" جي صورت ۾ آڻيندا آھن پر تبہ اُچارڻ ۾ تنوين جو آواز ڪڍن ٿا. مگر شد جو اصل نالو ئي سنڌي ساھت مان ڪڍيو ويو آھي. نہ تہ ڪوبہ انڪار ڪونہ ڪندو تہ جڏھن عربي لفظن سان اسين پنھنجن خيالن ۽ جذبن جي اظھار ۾ پوري پوري مدد ٿا وٺون تڏھن گھٽ ۾ گھٽ ايترو تہ اسان تي فرض آھي تہ اسين انھن سان لاڳاپو رکندڙ حالتن کي بہ قائم رکون. ھي بہ ڏٺو ويو آھي تہ سنڌيءَ ۾ انھن اکرن تي شدون ڏئي پڙھيو وڃي ٿو جتي شدون موزون آھن ئي ڪين ۽ جتي شدون آھن اُتي شد ئي ڪانہ ڏني وڃي ٿي. مون ڪيترن ئي سڪولي تعليم يافتن جا شعر ڏٺا آھن بلڪ سڪولي ڪتابن جا شعر بہ ساڳي نموني جا آھن جن ۾ شعر ٺاھڻ لاءِ زور مس ڪري شدون ڏنيون وڃن ٿيون. ڏسٽا وائسٽا سنڌي پڙھيل بلڪ مصنف کي مُصِنفَ مربي کي مُربي مدُبر کي مدبر ڪري پڙھن ٿا. ھنن جو وس ڪونھي، ننڍي ھوندي ئي تعليم کاتي جي سرشتي موجب ھنن پنھنجي زبان تي اھڙا لفظ بنا شد جي ئي آندا آھن. اسانجا مسلمان شاگرد بہ انھي ناقص سڪولي تعليم جي ڪري ساڳي طرح اھڙا لفظ بنا شد جي ڪم آڻيندا آھن. شڪرانو جو ويچاري مد کي قائم رکيو ويو آھي. مد جي لفظ جي ٻئي يا پوئين اکر دال تي بہ شد آھي. آءِ پڇان ٿو تہ مد کي مد ڪري ڇيو وڃي ٿو؟ يعني شد سان بنا شد اُچاريو وڃي ٿو؟

ڪجهه نه ڪجهه مڙيئي شد وارو زور ڏئي مد جو مد لفظ ڇيو ويندو آهي. پوءِ شد کي صفا ترڪ ڪري ڇڏڻ نامناسب قدم آهي. آءٌ اوهانکي مثال طور شد وارن لفظن کي بنا شد پڙهڻ مان جيڪا خرابي پيدا ٿئي ٿي سان ٻڌايان ٿو. ونو مصنف مربي ۽ مدبر کي. جيڪڏهن مصنف کي شد سان پڙهبو ته معنيٰ تصنيف ڪندڙ يا ڪتاب ناهيندڙ. پر جيڪڏهن بنا شد پڙهبو ته معنيٰ ٿيندي ڪنهن شي جا قسم ڌار ڌار ڪرڻ وارو اهڙيءَ طرح مربي، شد سان معنيٰ سنڀاليندڙ يا پاليندڙ ۽ مربي بنا شد سان معنيٰ وڏو وياج خور، مدبر شد سان معنيٰ سياڻو عقلمند. مدبر بنا شد معنيٰ ڪمبخت نڀاڳو. انهي ڪري ضرور آهي ته تعليم کاتي وارن کي مجبور ڪجي ته ابتدائي ڪورس ۾ شد کي به سيکارين.

آءٌ ڏسان ٿو ته سنڌي زبان ۾ ڏونگرن جيڏا نقص ۽ عيب اسانجي غفلت ۽ بيپرواهي سببان پريا پيا آهن يا پرجي ويا آهن مگر اسين ڪابه پرواه نٿا ڪريون. اردو ۽ ٻين سڌريل زبانن جا ماهر پنهنجي زبانن ۾ ڪک جيترو به نقص سهي ڪين سگهندا آهن. اسان وٽ نظم توڙي نثر جو خانو خراب ٿي رهيو آهي مگر اسين اڏول ٿيا پيا گذاريون، جڻ ته چيٽي جي ٽنبڻ وانگي اسين ساهت جي گند ڪچري ۾ رهڻ تي هري مري ويا آهيون. حقيقت ۾ زبان جي صفائي ۽ ٻولي جي پاڪائي جسم بلڪ روح جي صفائي ۽ پاڪائي جهڙي ئي ضروري آهي.

منهنجو خيال ۽ خواهش آهي ته سنڌي علم ادب مان به اوهي خوبيون ۽ خاصيتون ڪڍي ٻاهر ڪجن جيڪي سنڌي ٻولي ۾ قدرتي طرح رکيل آهن. علم بديع ۽ بيان دنيا جي هر هڪ سڌريل زبان ۾ موجود آهي ۽ سنڌي ۾ به چڱي طرح موجود آهي. مگر اڄ ڏينهن تائين انهن کي ناهي نڪي هڪ علم

جي صورت ۾ آڻڻ لاءِ ڪا ڪبه ڪوشش ڪانه ڪئي ويئي آهي. جيئن صرف ۽ نحو کي ثاهي پئي ڪيو ويو آهي تيئن جيڪڏهن علم بديع ۽ بياني ۾ به ثاهيو وڃي ها ته هيل تائين سنڌي زبان ۽ بولي سمجهي نه وڃي ها بلڪ منجهس لڪل جواهر ظاهر ٿي سنڌي ۾ هڪ جنسار پيدا ڪري وجهن ها. جيئن سنڌيءَ جي صرف ۽ نحو جا اصطلاح، عربي زبان جي صرف ۽ نحو جا ئي اصطلاح آهن، تيئن علم بديع ۽ بيان ۾ به عربي زبان جا اصطلاح ڪم آڻي انهن جي سمجهاڻي ۽ مثالن ڏيڻ سان سڀ ڪجهه ڪري سگهجي ها سنڌ ۾ جيڪڏهن سون ۽ چانديءَ جي کاڻ هجي ۽ اُنجي کوٽڻ لاءِ ولايت مان، ڪو ماهر گهرايو وڃي ته ان ۾ ڪو عيب ڪونهي. دنيا جا سڌريل ملڪ ائين پيا ڪن علم بديع ۽ بيان ۾ جهنکي علم معاني چوندا آهن. هيٺين خوبين ۽ خاصيتن جو بيان هوندو آهي. فصاحت بلاغت حقيقت مجاز اطناب ايجاز استعارو ڪنايو تشبيه تمثيل تخيل اسناد قصر حصر تقديم تاخير حذف تدبر وصل فصل اختصار تلخيص تفصيل تجنيس توفيق تليح ترصيع ابهام توضيع تاويل تعريف مدح مشابه ذم ذم مشابه مدح.

اهي ۽ اهڙيون ٻيون ڪيتريون ئي ادبي ۽ ساهتي ڪاريگريون ۽ ڪماليتون علم معاني ۾ بيان ڪيل آهن. اهي جهڙيون ٻين سڌريل زبانن ۾ موجود آهن تهڙيون سنڌي ۾ به آهن مگر اڄ ڏينهن تائين انهي پاسي ڪوبه ڌيان نه ڏنو ويو آهي. مون جيڪو ڪتاب رٿيو آهي ۽ لکبيو به آهي تنهن ۾ علم معاني جي ضروري ڳالهين جو ايترو ذڪر ڪيو ويو آهي جنهن سان سنڌي ساهت جا گهڻ گهرا ڪجهه مڙيوئي واقف ٿين. انهن ادبي نڪتن ۽ ڪماليتن جي واقفيت بعد سنڌي ساهت جي گهڻي ترقي ٿيندي ۽ ڪوبه سنڌي مصنف تيسين سنڌي ساهت جو اُمق يا ماهر ڪري نه ليکيو ويندو

جيسين انهي فن مان پوري طرح واقف نہ هوندو. آءُ ڪٿي مختصر لکندس ۽ بنياد وجهندس مگر مون کان پوءِ اميد تہ ڪي اهڙا مرد پيدا ٿيندا جي منهنجي رکيل پيڙهہ تي انهي علم جي وڏي عمارت تيار ڪري وجهندا. ههڙا مضمون بي۔ اي ۽ ايم۔ اي تي هڪ ٿي مناسب ٿيندا.

پڇاڙي ۾ آءُ هي بہ ضرور چوندس تہ سڪولي تعليم يافت جيڪو شعر ۽ نظم ٺاهن ٿا سو اهڙو آهي جو جيڪڏهن نہ ٺاهن تہ اُهو بهتر چو تہ شعر اهڙي جنس آهي جا بنا تورڻ تڪڻ جي نہ وڻي ٿي سگهجي ۽ نہ ڏئي ٿي سگهجي. شعر جو قدر ۽ قيمت سون ۽ جواهرت کان بہ وڌيڪ آهي. جڏهن سون ۽ جواهرت ڏيڻ ۽ وٺڻ ۾ هڪ رتي جي اُڻل بہ قبول ڪري نہ سگهبي آهي تڏهن شعر جهڙي وڌيڪ قيمتي وٿ جي ڏي وٺ وقت ڪيئن ذري اُڻل بہ سهي سگهبي. انهي اُڻل کان بچڻ ۽ انهيءَ اُڻل کي سمجهڻ لاءِ علم عروض جي ٿي ساهمي آهي جنهن ۾ شعر کي رکي توري سگهجي ٿو. سنڌ جي هرهڪ شاعر کي انهي علم کان واقف ٿي اها ساهمي هٿ ۾ جهلڻ گهرجي مون انهي لاءِ بہ سولو سمجهہ ۾ اچڻ جهڙو ڪتاب رٽيو آهي جيڪڏهن ساهت جو سڌارو ۽ واڌارو ٿيندو رهيو تہ ههڙا ڪتاب گهڻي قدر ڪم ايندا.

# سنڌي ٻولي

پروفيسر اين – آر_ ملڪاڻي. ايم. اي

سنڌي ٻوليءَ جي لغت خاصي آهي ۽ قسمين قسمين لفظن سان ڀرپور آهي. ساڳي شي لاءِ ڪئين لفظ ليندا. جن مان ڪي اجايا به آهن. هن ملڪ ۾ ڪا شيءِ مشڪل ملندي جنهن لاءِ سنڌيءَ ۾ ڪو نالو نه هوندو. سو آءٌ هتي جي ڪڇيءَ ڏڪيءَ سنڌي _ فارسي ٻوليءَ جي ڳالهه نٿو ڪريان. شين ۽ خاص ڪري عام شين لاءِ ته ڪئين لفظ آهن. مثلاً اُٺ لاءِ درجن نالا آهن، ڪي سجايا ٻيا اجايا. اسم ذات جا لفظ وڌيڪ ترقي ڪيل ٻولين مان ورتل آهن ۽ انهن جي ته حد ئي ڪانهي. اُنهيءَ ڪري سنڌيءَ ٻوليءَ جي لغت عمدي آهي. سنڌي ساهتيه بابت ايترو ضرور چوندس ته سنڌ فتح ڪرڻ وقت جيترا اصلي (Original) ڪتاب سنڌي ۾ هئا اوترا هندوستان جي ٻيءَ ڪنهن ٻوليءَ ۾ نه هئا. ڪن ٿورن پرڳڻن کي ايڏو ساهتيه موجود هو. پر سنڌ ۾ گهڻو ڪري عربي تان ورتل ديني ڪتاب هئا. ڪيترا ڪتاب هٿ اچي سگهن ٿا سو چوڻ ڏکيو آهي، پر پيو نه ته به ٿي سو قلمي ڪتاب بيشڪ گڏ ڪري سگهبا.

نثر ۾ تواريخن ۽ سيني اسلامي علمن جا ترجما ملندا. ڪهاڻيون اڪثري حديثن مان، پر هرو ڀرو سڀ ديني نه آهن. ٻارن کي فارسي، عربي سيکارڻ لاءِ لغتون، انشا (لکپڙه) تي ڪتاب، ٿورا طب ۽ ٻين اهڙن پيشن تي ڪتاب موجود آهن.

نثر کان شعر جو ساهتيه وڌيڪ عمدو ۽ مزيدار آهي. سنڌي شعر مرهٽي يا هندي شعر کان گهٽ درجي جو نه آهي. عربي ۽ فارسي وِيا ڪرڻ جا ڏکيا ۽ باريڪ قانون سنڌيءَ ۾ نه آهن، نه انهن ٻولين جي قافئي جو نقل ڪيو ٿو وڃي. سنڌيءَ ۾ شعر لاءِ خاص قافيا آهن. پشتو ۽ ٻين آس پاس جي ٻولين وانگر

شعر جا وزن نقل نہ ڪيل آهن. شعر ۾ ساءُ سواد خوب آهي. سهڻيون اصطلاحون، تز ورجيسون ۽ عبارت ۾ خيالات جي تازگي ۽ ڪچ زور آهي. سنڌيءَ ٻوليءَ ۾ جو هيتريون اُپ ڀاشائون (Dialeets) آهن. تنهنڪري اونچ درجي جا مصنف ڏاڍي سولائيءَ سان جنهن ٻوليءَ ۾ قصو واقع ٿيل ڏيکاريندا آهن اتي جا چالو حرف ۽ ورجيسون وٺي پنهنجي عبارت کي زور وٺائين ٿا. ۽ بيان کي اهڙي نموني چٽين ٿا جو ڳالهہ سچ جو روپ وٺيو بيهي. تجنيس خطيءَ جو حد شوق اٿن ۽ (ويا ڪرڻ جي) حالتن جون نشانيون ۽ ٻيا اهڙا ٻي لطف پچ هرويرو ڪين ٽنبين. تنهن ڪري شعر جو وزن چيدو ۽ عمدو بهاريل آهي. سنڌي شعر جو سنڌي ماڻهن تي جادو جهڙو اثر ڏسي پڪ ٿيندي تہ شعر ۾ زور ۽ معنيٰ ٻئي آهن. صوفي عالم بہ وقتي پنهنجن عربي فارسي ڪتابن ۾ سنڌي ٽڪون وجهڻ کان عار نہ ڪندا آهن. شعر جا مکيہ نمونا هي آهن:-

1) مدح - خدا تعاليٰ، رسول ۽ زاهدن جي.
2) منا جات - يورپي (hymns) گيتن وانگر آهن. رواجي ماڻهو سنڌيءَ ۾ گيت چون پر علما عربيءَ ۾ چوڻ پسند ڪندا آهن.
3) مرثيہ - حسن حسين جي شهادت بابت.
4) ڪوار يا لغت - سنڌيءَ ۾ بہ نمونا آهن. هڪ 'مالح' فضيلت وارو ۽ ٻيو 'قبيح' گار گند وارو. اثر مان سمجهبو تہ هنجو سنڌ ۾ گهڻو قدر آهي. پر اثر مضمون تي منحصر آهي.
5) مٿيان چار نمونا عربي فارسي زبانن تان ورتل آهن ۽ مسلم ملڪن ۾ عام آهن.

هينيان چار خاص سنڌي آهن:

(1) **فتح نامو**: سوڀ جي تعريف ۾ لانگها ناهيندا آهن. مضمون ۽ طرز موجب عربي شعرن جهڙائي زوردر آهن.

(2) **ڪافي يا وائي** : اڪثري عشق تي ۽ اٺن ڏهن مصراعن جي. انهن کي ٽپو يا خيال چوندا آهن. گهڻو ڪري ڳائبي آهي ۽ ماڻهن کي ڏاڍي وڻندي آهي.

(3) **بيت**: اهي بہ تنبوري تي ڳائبا آهن. ڏوهيڙو ٻئي سر جو ٿئي ٿو ۽ دهل سان ڳائبو آهي.

(4) **سنيهڙو**: عاشق جو معشوق ڏي. اهي علحدي نموني جا آهن ۽ نڙ سان ڳائبا آهن. جهنگلي قومن کي جو مزو نڙ مان اچي سو ٻئي ڪنهن ساز مان نہ ايندو آهي.

(5) تصنيفن کان سواءِ ڪئين ڳجهارتون، پروليون آهن، جي عربي ۽ ايراني مصرا وانگر آهن. انهن ۾ ٿوري گهڻي مڙيوئي ڪا خوبي آهي ۽ نهايت لطيف ۽ لذيذ ٿين ٿا. جيئن ٻين اڌ سڌريل قومن ۾ ٿين تيئن سنڌ ۾ گهڻو شعر ترڙيل پکڙيل آهي، جو اڃا گڏ نہ ڪيو ويو آهي. ممڪن آهي تہ ڪڏهن بہ هٿ نہ ڪيو ويندو. پر ڪجھ شعر سنڌي عالمن جي ڌيان جوڳو آهي، ۽ ڪجهہ حصو تہ مشرقي عالمن جي اڀياس جو لائق آهي. سنڌ ۾ ٻين پرانتن وانگر، شاعرانو ساهتيہ اڃا اصلي ۽ سوادي آهي. مضمون جهڙو سليس ۽ سولو تهڙي ئي لغت ججهي ۽ ٻر معنيٰ. مگر اسانجي تعليمي سرشتي هيٺ شاعرن جي طرز بنہ نقلي ۽ بنا وتي ٿي پيئي آهي. ظاهر پيو ڏسجي تہ ٻين ٻولين جي نقل ڪرڻ ۾ عبارت جي چوري ڪرڻ ۾ ٿي اچي. نثر ۾ اهو هلي بہ وڃي، پر شعر ۾ پڌرو ٿيو پوي. پراچين مرهٽي ڪوتا ڏسو ۽ پوين ويهن سالن جي ڪوتا سان ڀيٽيو تہ جيڪي چوان ٿو سو ثابت ٿيندو.

**ليفٽيننٽ آر. اين برٽن جي سنڌي تي لکيل ڪتاب تان ورتل عربي سنڌي اکر**

مسٽر ايلس، هڪ نهايت قابل ۽ تيز فهم شخص ڪمشنر جو ريونيو اسسٽنٽ هو. عربي سنڌي اکر ڀرياڻين واپرائڻ لاءِ سنڌ سندس شڪر گذار آهي. تنهن کان اڳ سنڌي هندن، يعني فقط واپاري لوڪن کي پنهنجا اکر هئا، پر اهي اهڙا ڪچا، علحدا علحدا ۽ خاص ڪم لاءِ هئا جو عام ماڻهن جي ڪم لاءِ هڪ ٻي لپي ڪڍڻ جي ضرورت سمجهي ويئي. مسٽر ايلس جي خوبي اها هئي جو هن هاڻوڪا عربي سنڌي اکر ڳوليا ۽ گهڙيا، جي اڄ سڄيءَ سنڌ ۾ چالو آهن. مسٽر ايلس سنڌ ڇڏڻ کانپوءِ به سنڌ ۾ تعليمي واڌاري لاءِ ڪوشش ڪندو رهيو. جنهن پرڳڻي جي حالت هن سر بارٽل فريئر (ڪمشنر) سان گڏجي سڌاري، تنهن پرڳڻي کي مدد ڏيڻ لاءِ هو هميشہ سعيڪار رهيو ۽ ويندي 1869ع تائين، جڏهن سنڌي سڪولن ۾ هندو سنڌي (يعني واڻڪي سنڌي) اکر وجهڻ جو سوال اٿيو ۽ انهن جي سڌارڻ ۽ بدلائڻ جي ضرورت ڏيکاري وئي، تڏهين پڻ هن انهي سوال ۾ خوب ڀرو ورتو.

**ڪمشنر مسٽر ايون جيمس جو نوٽ:**

اها نهايت حيرت جي ڳالهہ آهي تہ سنڌي ٻولي جيتوڻيڪ هڪ جدا ۽ ڌار ٻولي آهي جا سنسڪرت مان نڪتل ٻولي آهي، ۽ جا ڪڇ ۽ مارواڙ ۾ چالو ٻولين سان گهڻي مشابهت تي رکي، تنهن ٻوليءَ کي انگريزن جي فتح کان اڳ ڪا لکيل لپي ڪانہ هئي. سنڌي هندو يعني واپاري ماڻهو برابر هڪ قسم جي نهايت ڪچي لپي لکندا هئا، پر اها ساڳئي شهر ۾ بہ ڦريل هوندي هئي، ۽ ٻيا هندو نہ پڙهي سگهندا هئا. انهي لپيءَ جا اکر هندوستان ۾ شاهوڪار ۽

واپاري ماڻهو جنهن لپيءَ ۾ " حساب ڪتاب ۽ هنديون لکندا آهن تنهن جهڙا آهن، پر تنهن ۾ ڪوبہ ساهتيہ نہ لکيل هو ۽ انهي لپي جا بہ 17 نمونا هئا. مسلمانن ۾ جي هن پرڳڻي ۾ گهڻائي ۾ آهن، فقط گهڻو سڏريل ئي لکي سگهندا هئا ۽ اهي هميشہ فارسي ۾ لکپڙه ڪندا هئا، بلڪ ائين ئي سمجهيو ويو تہ سڀ معتبر ۽ عالم ماڻهو انهيءَ زبان ۾ ئي گفتگوءِ ڪندا. سنڌي ٻولي فارسي ۽ عربي لفظن سان ڀريل آهي، تنهنڪري عام ماڻهن ۽ خاص ڪري مسلمانن جي فائدي لاءِ هڪ سنڌي لپي عربي اکرن ۾ ۽ عربي فارسي مان نڪتل سر بارٽل فريئر جي-ڏينهن ۾ سر بٿرو ايلس ٺاهي تيار ڪئي. اها هن وقت سرڪاري آفيسن ۽ خانگي لکپڙه ۾ عام طرح چالو آهي. ٿورو پوءِ مٿئين ذڪر موجب هڪ ٻيو سڌارو ويچاريو ويو. خاص هندن جي فائدي لاءِ هڪ هندو. سنڌي لپي ديوناگري يا سنسڪرت مان نڪتل ۽ سنڌ جي سيني واپارين لاءِ ٺاهي ويئي. 1872_1873ع ۾ هندو سنڌيءَ لاءِ ڇاپو گهرائي ڪي اسڪولي ڪتاب ڇپيا ويا ۽ ٿورا سڪول پڻ کوليا ويا، جن ۾ فقط واڻڪي سنڌي سيکاربي هئي، پر تنهنجو نتيجو خاطر خواه نہ نڪتو. هن وقت عام طور عربي _ سنڌي سيکاري ويندي آهي ۽ چالو آهي. هندو سنڌي جڻ آهيئي ڪانہ. ٿورڙا شهر مثلا شڪارپور وغيره آهن، جن ۾ هندو آدم جهجهو آهي، اتي پڪا هندو اجا سنڌي _ هندو اسڪول هلائين پيا، ننڍا مسلمان آبادگار ڳوٺ جي شاهوڪارن وٽ پنهنجو حساب ڪتاب پڙهي سگهن. تنهن لاءِ سنڌي هندو لپي ۽ انگ سکڻ سيني لوڪل بورڊ اسڪولن ۾ فرضي آهي. پر 1910ع کان وٺي انهيءَ لپيءَ ۾ ڪي بہ ڪتاب ڪونہ ڇپيا ويا آهن ۽ حساب ڪتاب کان سواءِ ڇٽيجي تہ عام عربي سنڌي ئي چالو آهي.

# سنڌي ٻولي

## (ماضي _ حال_ مستقبل)

گلراج _ايم_ خوشحالاڻي (سيناپتي) ب_اي

ان ڏينهن دوست وٽ ڪائي اخبار ڏٺم. پڙهڻ جي ڪوشش ڪيم پر سمجهي ڪونه سگهيس. سوچيم ته ڇا سچ پچ هيءَ سنڌي آهي؟ سنڌي ٻوليءَ جي هيءَ بري حالت ڏسي بلڪل ڏک رسيم. جا اسين پڙهيل به نٿا سمجهي سگهون سا ڳوٺن ۾ اڻ پڙهيل ڪيئن سمجهي سگهندا هوندا! پوءِ به اسين چئون ته اها اسان جي مادري ٻولي آهي!! سنڌيءَ کي هن وقت ٻولين (Scheduled languages) جي قطار ۾ نه ٿو ليکيو وڃي. ان کي بگڙيل ٻولي (Dialeet) چيو وڃي ٿو.

ڇا اهو سنڌيءَ جو اصل يا سچو روپ آهي؟

سنڌيءَ جا ڪيترا اکر اسان کي رگ ويد ۾ ملن ٿا. ان مان صاف ظاهر آهي ته سنڌي تمام جهوني ٻولي آهي ۽ ان وقت به موجود هئي جنهن وقت ويدڪ ڀاشا ٻول چال جي ٻولي هئي. سنسڪرت اها ٻولي آهي جا پاڻني رشيءَ جي سڌانت جي قاعدن اندر ڦري گهري. انهن قاعدن کان جيڪا ٻاهر وڃي ته اها سنسڪرت نه آهي. پاڻني رشيءَ هڪ استائي (Permanent) ٻولي ٺاهڻ جي خيال کان سنسڪرت بڻائي ۽ ان کي قاعدن اندر قلم بند ڪيو ان لاءِ ته ان ٻوليءَ ۾ ظاهر ڪيل خيال ۽ ساهتيه پويان سمجهي سگهن.

ان مان ظاهر آهي ته سنسڪرت ويدڪ ڀاشا کان پوءِ پيدا ٿي آهي ۽ سنڌي ان وقت موجود هئي جنهن وقت سنسڪرت جو جنم ڪونه ٿيو هو. ان ڳالهه جي چڱي طرح ڇنڊ ڇاڻ لاءِ کوجنا جي ضرورت آهي. ويدڪ ڀاشا ۽ سنسڪرت جي ويا ڪرڻ ۾، الڳ الڳ هئڻ کان سواءِ ٻيو خير ڪو تفاوت

آهي. ان ڪري تصديق نٿي ڪري سگهجي تہ سنڌي سنسڪرت کان اڳ جي ٻولي آهي يا سنسڪرت سنڌي کان اڳ جي. پر ان ڳالهہ کي سيڪو مڃيندو تہ سنڌي سنسڪرت جي سم ڪالين (Contemporary) ڀاشا آهي ۽ ان سان گهرو لاڳاپو اٿس.

اڄ بہ اسان کي سنڌي ٻوليءَ ۾ اڌ کان وڌيڪ اکر ملندا جن جي اصليت (Origin) سنسڪرت ۾ آهي. پٽ _ مٽ_ ڄاتو وغيره اکر سنسڪرت جا پتر _ مترو غيره آهن.

سنڌيءَ جي لپي (Character) پڻ ديوناگري هئي. 1857ع تائين سنڌي ٻولي ديوناگري لپيءَ ۾ لکي ويندي هئي. سنسڪرت جي پڻ اها ئي لپي آهي. ان کان ٻي مٿي ڪهڙي ثابتي ٿيندي تہ ان وقت جي حيدرآباد جي ڪليڪٽر ڪرنل سٽئڪ بہ شبد ڪوش (Dictionaries) هڪ سنڌيءَ مان انگريزيءَ ۾ ٻي انگريزيءَ مان سنڌيءَ ۾ ۽ هڪ ويا ڪرڻ سنڌيءَ ۾ لکيا، جي بمبئي سرڪار ڇپائي پڌرا ڪيا هئا ۽ جي هن وقت بہ موجود آهن. اهي ٽيئي ڪتاب سنڌيءَ ۾ پر ديوناگري لپي ۾ لکيل آهن. هيءَ اهو وقت هو جڏهن هنديءَ کي ڪو پورڻ روپ ڪونہ هو ۽ سنڌيءَ جي عزت هنديءَ ان گهڻو وڌيڪ ۽ سنسڪرت کان گهٽ ڪانہ هئي. سنڌي ساهتيہ جو ٻول ٻالا هو. جڏهن سنڌي ساهتيہ جو جي پرپور خزانہ مان ۽ سنڌي ڪوين جي ڪوتائن مان ٻيا پرانتڪ ماڻهو سڪو پٽ جون سرڪيون پريندا هئا.

ان ڪانپوءِ ڪيئن لپين جو جهڳڙو لڳو ۽ ڪيئن لپيءَ موجوده روپ اختيار ڪيو ۽ انهن لاءِ جوابدار ڪير آهن. تنهن ۾ وڃڻ جي هينئر ضرورت نہ ٿو سمجهان. فقط ايترو چوڻ ڪافي ٿيندو تہ پهرياڻين سنڌي ديوناگري مان ڦيري عربي لپيءَ ۾ لکي ويئي پر پوءِ يڪدم ٿوري ڦير ڦار ڪئي ويئي. اها پڻ عربيءَ

وانگر اڙدو ڍنگ تي هئي، جنهن ۾ شاه صاحب جو پراڻو رسالو ڇپيل آهي. ان روپ آخرين شڪل اختيار ڪانه ڪئي. ان کي بہ ڦيري هيءُ موجوده روپ ڏنو ويو جنهن کي رنڊا لپي چيو وڃي ٿو. هن لپيءَ ۾ 52 اکر آهن ۽ جدا جدا لپين جي اچارن مان آواز جهڙتي نوان لفظ گهڙيا ويا آهن. نتيجو اهو نڪتو آهي جو "ڏوٻيءَ جو ڪتو گهر جو نہ گهاٽ جو" اڙدو لپيءَ ۾ عربي پارسي، اڙدو پشتو پنجابي ۽ ڪي ٻيون ٻوليون لکيون وڃن ٿيون. ديوناگري لپيءَ ۾ سنسڪرت پالي، ماگڌي، اوڌ ما گڌي شير سئيني، هندي برج ڀاشا، اوڏيہ بنديلکنڊي، ڇتيس ڳڙهي، مرهٽي، ڀوجپري، مارواڙي، جوڌپوري، جيپوري ۽ جيسلميري لکيون وڃن ٿيون ۽ ڪڇ گجراتيءَ سان پڻ لاڳاپو اٿس. ان ڪري هڪ ٻولي ڄاڻندڙ_ لپي ساڳي هئڻ سبب، ٻي ٻولي پڙهي سگهي ٿو ۽ سکڻ ۾ آساني حاصل ڪري ٿو. سنڌيءَ کي اها سهوليت ڪانہ آهي. سنڌيءَ پنهنجي ڪچٽي جدا رڌي آهي.

چوندا آهن تہ ٻارهن ڪوهن تي ٻولي ٻي ٿيندي آهي. سنڌيءَ سان پڻ ساڳي ڪار آهي. جدا جدا تڪر ۾ ڳالهائڻ ٻولهائڻ جي ٻوليءَ ۾ فرق آهي. سرائڪي ٻولي جا اتر ۾ ڳالهائي وڃي ٿي:_ ڇا وڃ (وٺي وڃ)، ڄل (هل) ۽ گهن (وٺ) وغيره. اهو سنڌيءَ جو روپ آهي. اُپي جي ٻولي جا اباوڙيہ ميرپور ماٿيلي ۽ گهوٽڪيءَ وغيره طرف ڳالهائن ٿا:_ ادي سمهندي آ اُٿي_ پوندي آئيڙ پو ايڪ پيا لهندا هي ڏوجهان پيا چڙهندا هي. (ادي سمهندي آهي متي _ پوندي آهي ماڪ پوءِ هڪڙي نہ ٻي (بيماري) لهيس ٿي نہ ٿي). اها پڻ سنڌي آهي.

ٿري جا ٿرپارڪر ڏانهن ڳالهائڻ ۾ ايندي آهي:_ لئي لٽي گهر جي ڏڪان ڪج تہ مان لونگڙ وهٽائي اچان تہ ڦوسڙي نہ ڇٽي پوي (اڙدي ادي گهر جي سنيال ڪج تہ مان جوڙءَ ڪڍائي اچان تہ ٻلي نہ ٽپي پوي) سنڌي هونديءَ پيو ڪير چوندو تہ سنڌيءَ جي شڪل اٿس.

انهن سڀني ڳالهين هوندي ساهتڪ ٻولي هڪ آهي. افسوس جو هن وقت ان هڪ ساهتڪ يا لکڻ واري ٻوليءَ ۾ پڻ ڦوٽ جو ٻج وڌو ويو آهي. گهڻو ڪري مسلمان سنڌي ٻوليءَ کي عربي ۽ پارسي اکرن سان ٿمر ٿار ڪري ٿا ڇڏين، ان جو ثبوت اخبارئي بس آهي.

ڏنو ويو آهي ته هندو سنڌي ٻوليءَ ۾ سنسڪرت جا اکر عام طرح ڪونه ٿا ڳڏين. هو گهڻو ڪري عام فهم لفظ ئي ڪم آڻين ٿا. پر ڪي ٿورا متي ذڪرڪيل اڻ وٽندڙ منورتيءَ جو جواب سنڌي ٻوليءَ کي سنسڪرت اکرن سان ڀرپور ڪرڻ سان ڏين ٿا. عجب جي ڳالهه آهي ته عام فهم لفظ هوندي به اسين ٻين ٻولين ڏانهن نهاريون ۽ مدد لاءِ پنون!

پنجاب ۾ پنجابي ٻولي هوندي به پڙهائڻ جو ذريعو ( Medium of instructions) ۽ دفتر جي ٻولي (Count language) اڙدو آهي. سبب صاف آهي. پنجابي ۾ ڦوٽ پئجي ويئي آهي:

بهاولپوري- ملتاني- لاهوري- جلندري- راولپنڊيءَ واري وغيره پنجابي ٻوليءَ جا جدا جدا روپ آهن.

سنڌي ٻوليءَ جي هن وقت حالت علاج جهڙي آهي. پر ان کان مرض ڪجهه وڌيڪ ته سنڌي ٻن ٽڪرن ۾ ورهائجي ويندي جنهنکي هندڪي سنڌي ۽ مسلمانڪي سنڌي ڪوٺيو ويندو. جنهن جو روپ ڪن ڪن نقلي ۽ هٺراڏو پنڊتن ۽ مولوين مان ملي ٿو. پر ٽيون طبقو ماڻهن جو پڻ آهي جن کي انگريزيءَ کان سواءِ ڳالهائڻ نه ٿو اچي ۽ ان کانسواءِ جي نه ٿا سگهن.

اهي سنڌيءَ کي انگريزيءَ سان ڪنان ڪر ڪري ڇڏ ين ٿا. ڪڏهن ته اها به خبر نه پوندي اٿن ته انگريزي ٿا ڳالهائين يا سنڌي جي ان طبقه به ڪر ڪنيا ته ٽي ٻوليون ٿي پونديون. هندڪي سنڌي، مسلمانڪي سنڌي ۽ فرنگي سنڌي. پوءِ پڪ آهي ته سنڌ سان به ساڳي پنجاب واري حالت ٿيندي.

# سنڌي ٻولي

مسٽر کيمچند هيراڻي، بي- اي

انساني آزمودن ۽ خيالن کي لفظي جامون پهرائڻ واسطي ٻولي هڪ مکيه واهڻ يا وسيلو آهي. هر ملڪ کي پنهنجي قومي ٻولي ٿئي ٿي. ساهت کي اثر پذير ۽ عام فهم بنائڻ واسطي ضروري آهي ته سليس، سپڪ ۽ سوادي ٻولي استعمال ڪجي، جئن عام ماڻهوان کي چٽيءَ طرح سمجهي سگهن. ان مان کين رس، ۽ لاڀ پڻ پراپت ٿئي. ڪنهن به ملڪ جي علم ادب ڄاڻڻ لاءِ پهريون قدم ٿيندو ان ملڪ جي ٻوليءَ جو اڀياس ڪرڻ. انهيءَ نقطہ نگاه کان ٻوليءَ کي نهايت عظيم اهميت حاصل آهي.

سنڌي ٻوليءَ جو بنياد سنسڪرت مان آهي، جا هندوستان جي قديم ۽ مول ڀاشا ليکجي ٿي. اسانجا رشي ۽ مني سنسڪرت کي "ديوواڻي" يا "سر ڀارتي" به سڏيندا هئا، جنهن جي معنيٰ آهي "ديوتائن جي ٻولي" سنسڪرت جنهن لپيءَ ۾ لکجي ٿي تنهنکي "ديوناگري" سڏجي ٿو. سنسڪرت لفظ جي اکري معنيٰ آهي "صاف ڀاشڌ ٻولي" سنسڪرت مان اول پراڪرت ٻوليون نڪتيون، جيڪي هندوستان جي جدا جدا ڀاڱن ۾ مروج ٿيون. رفتہ برفتہ اهي سنسڪرت مان نڪتل پراڪرت ٻوليون ويئون بگڙنديون ۽ بدلبيون، تنهنڪري انهن کي ڪوٺيائون "اپڀرنش" يعني بگڙيل ٻوليون. انهن "اپڀرنش" ٻولين ئي هندستان جي جدا جدا پرڳڻن ۾ علحدا علحدا نالا، جهڙوڪ: هندي، گجراتي، مرهٽي، وغيره ورتا. سنڌي ٻولي سنسڪرت جي جنهن شاخ مان نڪتل آهي تنهنکي سڏجي ٿو "وراچڊ اپڀرنش"، يعني وڌيڪ بگڙيل ٻولي. مطلب تہ سنسڪرت ٻولي گويا هڪ وڻ آهي جنهن مان هندوستان جون پراڪرت ٻوليون ٽارين وانگر ڦٽي نڪتيون آهن.

جيئن ته سنڌي جو بنياد سنسڪرت مان ٿيو تنهنڪري سياويڪ اسانجي ٻوليءَ جا تقريبا اڌ لفظ سنسڪرت سان لاڳاپو رکندڙ آهن. پر تنهنڪري ائين وسهڻ نه گهرجي ته صرف سنسڪرت ائين ئي اسان جي چالو سنڌي جو گهاٽ ويهي گهڙيو آهي. پارسي اديبن ۽ عربي عالمن پڻ ائين گهٽ پورهيا ڪين ڪيا آهن. چوندا آهن ته جهڙو راجا تهڙي پرجا." مسلمانن جي حڪمرانيءَ هيٺ سنڌ جي تهذيب ۽ تمدن تي سندن ڪافي اثر پيو. سنڌي ٻولي پڻ انهي اثر کان وانجهي ڪانه رهي. ڪيترا پارسي توڙي عربي الفاظ سنڌي لغت ۾ داخل ٿيا. ساڳيءَ ريت انگريزن جي حڪومت هيٺ پڻ ڪيترا انگريزي لفظ مثلا: "فنڪشن. اسڪول. ڪنٽرول. راشن" وغيره سنڌيءَ ۾ چالو ٿي ويا آهن. سنڌي ٻولي گويا هڪ درياءَ مثل آهي جنهن ۾ سنسڪرت، پارسي، عربي ۽ انگريزيءَ جون پرتي ڪندڙ شاخون اچي ٿيون ملن.

باقي نج ۽ نيٺ سنڌي لفظ محاورا. اصطلاح ۽ عبارتون سنڌ جي ڳوٺن ۾ ڪڙمين ڪاسبين. هارين نارين ۽ وڏڙن وڏڙين وٽ محفوظ آهن. ڳوٺاڻن جي ٻولي نهايت سليس ۽ سوادي ٿئي ٿي. شهرن ۾ نج سنڌي لفظن ۽ محاورن جو استعمال جيڪس ڇڊو ٻاڊو نظر ايندو. شهرين جي عبارت البت عالماڻي آهي ۽ منجهس سنسڪرت. پارسي ۽ عربي لفظن جو آميز زياده آهي.

سنڌ ۾ برهمڻ گهراڻي جو راجه سنه 712ع ۾ ختم ٿيو ۽ عربن جي حڪومت برپا ٿي. عربن کان پوءِ سومرا. سما. ڪلهوڙا ۽ مير آيا. اهڙي طرح اٽڪل هڪ هزار ورهيه سنڌ مسلمان حاڪمن جي هٿ هيٺ رهي. انهيءَ عرصي ۾ سنڌ لاءِ ڪا خاص لپي يا آئيوبيٽا مقرر ڪانه هئي. سرڪاري دفترن جي لکپڙه پارسي زبان ۾ هلندي هئي. ڪامورا ڪڙا به پنهنجا خانگي

خط پٽ پارسي ۾ لکندا هئا. واپاري لوڪ پنهجي لکپڙهه هندو سنڌي آئيوبٽا ۾ ڪندا هئا. برهمڻ ۽ پنڊت وري ديوناگري استعمال ڪندا هئا.

سنہ 1843ع ۾ سر چارلس نيپيئر سنڌ فتح ڪئي ۽ انگريزن جي حڪومت قائم ٿي. سنڌ صاحبيءَ ۾ پڻ پهريائين ڪجهه سال سرڪاري خط و ڪتابت پارسي زبان ۾ جاري ٿي. سنہ 1850ع ۾ سربارٽل فريئر سنڌ جو ڪمشنر مقرر ٿيو. هن صاحب اهو محسوس ڪيو تہ سرڪاري ڪاروبار ڪاميابيءَ سان هلائڻ واسطي لازمي ٿيندو تہ حڪومت جا سڀ مکيہ ڪارپرداز ۽ عملدار سنڌي ٻوليءَ جا ڄاڻو هجن ۽ سرڪاري لکپڙهہ پڻ پارسي بدران سنڌي ٻوليءَ ۾ هلي. آخر سنڌس سر جوشيءَ سان، سخت ڪشمڪش بعد، سن 1853ع ۾ سر رچرڊ برٽن جي رٿ موجب، عربي آئيوبٽا جي اکرن ۾ ضروري ڦير ڦارون ڪري سنڌي آئيوبٽا تيار ڪئي ويئي. جا اڄ سوڌو سنڌ ۾ چالو آهي. هتي هڪ ڳالهہ ڪرڻ نهايت ضروري آهي تہ جيتوڻيڪ سنڌ ۾ عربيءَ سنڌي آئيوبٽا قائم آهي، تڏهن بہ سنڌي ٻوليءَ جو بنياد عربيءَ مان نہ بلڪ سنسڪرت مان آهي، جئن اڳيئي مٿي بيان ڪيو ويو آهي.

عام چوڻي آهي تہ ٻارهين ڪوهين ٻولي ٻي. پر سنڌ ۾ تہ چپي چپي تي ڦريل ٻولي ٻڌڻ ۾ ايندي سنڌي ٻولي ڪيترين ننڍين ٻولين (Dialects) ۾ ورهايل آهي، جن مان مکيہ هيٺيون چار آهن:

1. **سرولي**: جيڪا سنڌ جي اترين ڀاڱي ۾ ڳالهائبي آهي. جيڪب آباد کان وٺي سيوهڻ تعلقي جي اڌ تائين هڪ طرف ۽ اباوڙي کان وٺي خيرپور ميرس تائين ٻئي طرف هن ڀاڱي جي حد آهي. سنڌ جو غالبا چوٿون حصو آدم هيءَ ٻولي ڳالهائي ٿو. سنڌ جا ڪيترا اوائلي قصا ۽ ڪهاڻيون هن ٻوليءَ ۾ تصنيف ٿيل آهن. روحل ۽ مراد فقير جا پڻ ڪجهه شعر هن ٻوليءَ ۾ چيل آهن.

2. **وچولي**: جيڪا سنڌ جي وچين ڀاڱي ۾ ڳالهائبي آهي. ۽ ان ۾ ساهتي جو پرڳڻو بہ اچي وڃي ٿو. اسان جا درسي ڪتاب هن ٻوليءَ ۾ لکيل آهن ۽ اها سيني کان سڌريل ٻولي ليکبي آهي.

3. **ترپلي**: جيڪا ٿر ۾ ڳالهائبي آهي. هن ٻوليءَ ۾ ڪيترا ڪڇي ۽ مارواڙي لفظ پڻ داخل ٿي ويا آهن. هن ڀاڱي جا مکيہ شهر آهن، ڏيپلو ڇاڇرو مٺي نگر پارڪر ۽ عمرڪوٽ.

4. **لاڙي**: جيڪا لاڙ ۾ ڳالهائبي آهي، يعني حيدرآباد کان هيٺ ڪيٽي بندر تائين. منجهس ڪراچي ۽ حيدرآباد ضلعن جون ٻوليون اچي وڃن ٿيون. شاهہ عبداللطيف جو رسالو هن ٻوليءَ ۾ لکيل آهي ۽ انهيءَ ۾ اٽڪل ويهہ هزار لفظ ڪم آندل آهن. انهيءَ اعليٰ شرف ڪري هن ٻوليءَ جو مان مرتبو ساهت جي نقطہ نگاه کان مٿڀائي موچارو آهي.

مٿي ذڪر ڪيل چارئي ٻوليون ويا ڪرڻ جي قاعدن ۾ هڪجهڙيون آهن. مگر انهن مان هرهڪ ٻوليءَ کي نرالا لفظ اچار ۽ محاورا آهن جيڪي سنڌي ساهت جي شبد ڀنڊار (Vocabulary) کي مالا مال بنائن ٿا. اهڙي ڪا شي ٿي ڪانہ جنهن لاءِ ٻيا نالا نہ هجن، مثلاً زال لاءِ ڏس ڪيترا لفظ سنڌي لغت ۾ موجود آهن: ٻائي، جوءِ، جائري، ونيءَ، وهو وغيره. سنڌي ٻولي لفظن جي گوناگونيءَ ڪري نهايت وسيع آهي. هيءُ جو ڪيترا سنڌي خواندا اثين ڄاڻائيندا آهن تہ سنڌي هڪ سڃي ۽ محدود ٻولي آهي، سا ڳالهہ سراسر غلط آهي. حقيقتاً سنڌي نهايت برجستي ۽ ڪشادي ٻولي آهي. سنڌ جي هرهڪ ڀاڱي ۾ نرالا لفظ علحدا عحدا محاورا ستعمال ٿين ٿا. سري جا لفظ هڪڙا، وچولي جا ٻيا، ٿر جا ٽيان، تہ لاڙ جا وري چوٿان! ڪڙمين ڪاسبين ۽ ديهاتين جا تہ لفظ ئي عجيب! ڪنهن مير بحر وٽ ويندو تہ توهانکي مڇين جا سوين نالا ٻڌائيندو. پسارين وٽ ڪيتريون عجيب و غريب شيون هونديون جن جا نالا شايد ڪنهن بہ سنڌي ڪوش (Dictionary) ۾ نہ ملن. اهي سڀ

ڳالهيون سنڌي ٻوليءَ جي شاهوڪاري جي ساک ڀرين ٿيون.

سنڌي ٻوليءَ کي اڃا سٺيو ستابو ۽ سرسبز بنائڻ واسطي گهڻو ڪي ڪري سگهجي ٿو. سنڌ جا نونهال جيڪي مغربي سڀيتاجي چڪر ۾ اچي، پنهنجو اباڻو ورثو وساري، شيڪسپيئر ۽ ڪيٽس پٺيان ڪمر ڪشي ڪاهي پيا آهن، سي جيڪڏهن پنهنجي مادري ٻوليءَ جي واڌاري ڏانهن توجه ڏين ته هوند سنڌي علم ادب جي چڱي ترقي ٿي پوي. سنڌي ساهت جو اڄ ڏينهن سوڙهو ڪا خاطر خواه ترقي ڪانه ڪئي آهي سا سڀ اسانجي الغرضائي جي شامت آهي. سنڌي ٻوليءَ کي زور وٺائڻ لاءِ ڪيترائي عملي اپاءَ اختيار ڪري سگهجن ٿا، جن مان ڪي هيٺ ڏجن ٿا.

1. سنڌ جي ڳوٺڙن ۽ ٻهراڙين ۾ ڪئين لفظ، ورجيسون، محاورا ۽ اصطلاح استعمال ٿين ٿا جن جي شهري ماڻهن کي ڄاڻ ٻه ڪانه آهي. سنڌي علم ادب سان دلچسپي رکندڙن مان ڪي هوشيار ۽ برجستا آدمي مقرر ڪرڻ گهرجن جي اهڙن لفظن، ورجيسين ۽ عبارتن جو ذخيرو گڏ ڪري عام ماڻهن اڳيان رکن.
2. درسي ڪتابن ۾ ٻوليءَ، گرامر، صورتخطيءَ ۽ عام واقفيت جون جيڪي اوڻايون آهن سي سڌارڻ گهرجن. سنڌ ۾ جهونا درسي ڪتاب شروعات کان وٺي ساڳئي جا ساڳيا هلندا ٿا اچن. سنڌ جي تعليم کاتي وارن کي گهرجي ته اهي بيڪار ڪتاب بدلائي، چالو زماني جي رفتار ۽ وقت جي تقاضا موجب نوان ڪتاب مقرر ڪن، جن مان علم جي طالبن کي تهذيب، اتهاس، ساهت، ۽ و گيان بابت هر قسم جي نئين ۽ صحيح واقفيت حاصل ٿئي. ائين ڪرڻ سان ترقي پسند ليکڪن جي همت افزائي هڪ طرف ٿيندي ته ساهت جو واڌارو ٻئي طرف ٿيندو.
3. سنڌي ماڻهو پنهنجا خانگي خط پٽ سنڌي ۾ لکن. سنڌن درميان گفتگو ۽ بحث مباحثه پڻ سنڌي زبان ۾ ٿيڻ گهرجي.

4. اسڪولن خواه ڪاليجن ۾ تعليم مادري زبان ذريعي ڏيڻ گهرجي. علم طبعي (Physics)، علم ڪيميا (Chemistry) ۽ علم منطق (Logic) وغيره جا ڪتاب سنڌي ۾ ترجمو ڪري ڇاپرايا وڃن. انهن ڪمن جا امتحاني پيپر پڻ بجاءِ انگريزيءَ جي مادري زبان ۾ تيار ڪرڻ گهرجن.

شاهه سائينءَ ۽ سنتن جي ڪلامن ۾ ڪيترا لفظ ڪم آندل آهن جن جي معنائن ۾ اڄ ڏينهن سوڏو وڏا ٿيپيد آهن. سنڌي علم ادب جي ماهرن جي هڪ ڪاميٽي مقرر ڪرڻ گهرجي، جي صحيح معنائون هٿ ڪري عام ماڻهن جي رهبري واسطي ظاهر ڪن.

هن وقت سنڌ ۾ اعرابن جي تڪرار سخت چوبول مچايو آهي. نهايت اگرو روپ اختيار ڪيو آهي. هن پيچيدي علمي مسئلي بابت سنڌي جي برک ڄاڻن ۽ ڪامل استادن جا جيڪي قيمتي رايا ۽ عالمانہ ويچار وقت بہ وقت "سنڌوءَ" ۾ پڻ ظاهر ٿيا آهن سي غور ڪرڻ جي قابل آهن. هتي عدم گنجائش سبب صرف ايترو چوڻ ڪافي ٿيندو تہ علم ادب جي پوتر ۽ پاڪيزه ڪاريہ کي ديني بغض ۽ اجائي، وڏاءِ کان بلڪل صاف ۽ آجو رکڻ گهرجي. ادبي ميدان ۾ ايڪتا ۽ اتفاق پيدا ڪرڻ ۽ ميل جول وڌائڻ واسطي هڪ نهايت وسيع ۽ ڪشادو دائرو آهي. سنڌ سونهاري ۾ جيڪي بہ ڪامل درويش ٿي گذريا آهن سي سڀ پنهنجن ڪلامن ۾ اتحاد ۽ الفت جو سر آلاپي ويا آهن. اسان انهن جا پويان جيڪي پاڻ کي عالم ۽ فاضل ٿا سمجهون سي جيڪڏهن علم ادب جي ڪاريہ ۾ بہ جاتيوار ڇڪتاڻ ۽ ڇيڙ ڇاڙ کي پري نہ رکنداسين تہ چئبو تہ پڙهيا آهيون پر ڪڙهيا ڪين آهيون. اهڙن عالمن لاءِ سگوري شاه ڪريم ڪهڙو نہ نيڪ فرمايو آهي!

"پڙهيو ٿا پڙهن، ڪڙهن ڪين قلوب ۾،
پاڻان ڏوهه چڙهن، جئن ورق روائن وترا."

(شاهه)

# سنڌي ٻوليءَ جون خصوصيتون

مسٽر ڏيارام وسڻ مل مير چنداڻي، بي اي

سنڌي ٻوليءَ جو ماڻهوڪو لباس غلط فهمي پيدا ڪندڙ آهي. هنوقت سنڌي ٻولي عربي _ پارسي لپيءَ ۾ لکي وڃي ٿي. جنهن ڪري ڪيترا ماڻهو ائين سمجهندا آهن ته انهيءَ ٻوليءَ جو بنياد شايد عربي آهي. پر ائين نه آهي. سنڌي ٻولي هندوستان جي ٻين مکيه ٻولين وانگر سنسڪرت مان نڪتل آهي. سنسڪرت ٻوليءَ مان عام ماڻهن جي ڳالهائڻ لاءِ 'پراڪرت'ٻولي نڪتي. انهي پراڪرت جا ڪيترا قسم هئا هڪڙو قسم هو 'اپڀرنش' يعني بگڙيل. تنهن مان ٿي وراچڊ اپڀرانش' ۽ تنهن مان وري ڦٽي نڪتي اسانجي سنڌي ٻولي. هندوستان جون مکيه ٻوليون جي سنسڪرت مان نڪتيون آهن سي آهن. مرهٽي. گجراتي، پنجابي، مارواڙي، هندي، بينگالي ۽ سنڌي پر جهڙي مشابهت سنڌيءَ جي پراڪرت ٻوليءَ سان آهي. اهڙي ٻيءَ ڪنهن به هندوستان جي ٻولي جي نه آهي. تنهن هوندي به جيتوڻيڪ ٻيون سڀ ٻوليون ديوناگري لپيءَ ۾ يا ان جهڙي لپي ۾ لکيون وڃن ٿيون ته به سنڌي کي هڪڙو ڌاريو لباس ڏنو ويو آهي. ڪيترا ماڻهو شايد ائين سمجهندا هوندا ته سنڌي ٻولي آد کان ٿي انهي آئيوبٽا ۾ لکبي پئي آئي آهي، پر ائين نه آهي. هن لپيءَ جي جاري ٿئي ٿورو عرصو ٿيو آهي. انگريزن جي سنڌ فتح ڪرڻ وقت سنڌي ٻولي فقط ڳالهائڻ ۾ ايندي هئي ۽ ان کي ڪا خاص لپي ڪانه هئي. پڙهيل مسلمان فارسي سکندا هئا ۽ هندو لوڪ. سواءِ ڪن سرڪاري نوڪرن جي، هندو _ سنڌي اکر ٻُٽا (ٻنا ماترائن جي) ڪم آڻيندا هئا. انهن جا به ڪئي قسم هوندا هئا جيئن ته: خدا بادي، شڪارپوري، ساکرو خواجا، ميمڻ هر ڪا قوم پنهنجا پنهنجا اکر ڪم آڻيندي هئي. ڪي ٿورا برهمڻ يا پنڊت لوڪ ديوناگري اکر ڪم آڻيندا هئا. سرڪار کي پنهنجي دفتر جي ڪم لاءِ سنڌي ٻولي لاءِ هڪ نئين آئيوبٽا ٺهرائڻ جو ضرور سوال اٿيو

تہ ڪهڙي قسم جي لپي سنڌي لاءِ تيار ڪئي وڃي. ديوناگري يا پارسي جنهن صورت ۾ سنڌ جي آدمشماريءَ گهڻو حصو مسلمان هو تنهن صورت مان آخري فيصلو ٿي آيو تہ سنڌي پارسي نموني تي آئيويٽا تيار ٿي وڃي. 1853ع ڌاري هڪ ڪاميٽي مقرر ٿي. جنهن هاڻوڪي ايڪونجاه يا ٻاونجاه اکري آئيويٽيا تيارڪئي. اِها. عربي فارسي اکرن ۾ ڦيريون گهيريون ڪري نقطا ۽ ٽبڪا ڏيئي بنائي ويئي ۽ سڀ ديوناگري، اُچار سنڌي جا خاص اُچار ٻئي اچار ان ۾ ڪم آندا ويا وري 1853ع ۾ انهي لپيءَ ۾ سڌارو ڪري هاڻوڪي صورت ۾ آندو ويو. ڪيترن ماڻهن جو رايو آهي تہ سنڌي آئيويٽا ۾ ايترن اکرن جو ضرور ڪونہ آهي. ساڳي اُچار لاءِ هڪ کان وڌيڪ صورتون ڪم آنديون ٿيون وڃن جهڙوڪ (ت، ط)، (ث، س، ص)، (هہ ح) (ز ظ ض). هاڻي ساڳي اُچار لاءِ هڪ کان وڌيڪ نشانيون رکڻ اجايو آهي. سنڌ ۾ لکين ماڻهو خاص ڪري مسلمان پڙهيل آهن ۽ بلڪل ٿورو حصو لکي پڙهي سگهن، تنهنڪري ضروري آهي تہ ٻولي ڪي جيتري قدر ٿي سگهي، اوتري قدر سولو ڪيو وڃي. جيئن ٿوري عرصي ۾ اڻ پڙهيا ان جو انداز گهٽ ٿي وڃي. هاڻوڪي ڊگهي ۽ طول طويل ”الف بي“ ڪري ٻارن ٺوڙي سڪندڙن کي ڏاڍي تڪليف ٿي ٿئي. آزمودي مان ڏٺو ويو آهي تہ ٻهراڙي ۾ ٻاراڻي، ڪلاس ۾ ڪي ڇوڪر ۽ ڇوڪريون تہ هڪ کان بہ وڌيڪ سال رهن ٿا تنهن ڪري آئيويٽا کي اهڙي طرح ٺاهجي جو هڪ حرف. فقط هڪ اُچار ٿي ڪم اچي. ائين ڪرڻ سان ست اکر نڪري ويندا ۽ ٻوليءَ ۾ باقي 44 اکر بچندا ان ڳالهہ ويچار لهڻو. ڪن جو شايد اعتراض هجي جيڪڏهن ائين ڪبو ۽ لفظن جي صورت بدلائبي تہ پوءِ خبر پئجي ڪانہ سگهندي تہ فلاڻو لفظ ڪهڙيءَ ٻوليءَ مان نڪتل آهي. اِنهي مشڪلات کي حل ڪرڻ جو اهو رستو آهي تہ لفظ جو بنياد يا لفظ جي اصلوڪي صورت ڊڪشنري يا ڪوش ۾ ڏنگين ليڪن ۾ ڏيکارجي.

**سنڌي ٻوليءَ ۾ اکر ٻن قسمن جا آهن:**

1. وينجين يا حرف صحيح 2. سر يا حرف علت. هيٺيان ڏهه سُر آهن جي اکرن مان لفظن ٺهڻ ۾ مدد ڪن ٿا: اَ، آ، اِ، ايِ، اُ، او، ايَ، آيِ، او، آو سنڌيءَ ٻوليءَ جي هر ڪنهن لفظ جي پڇاڙي هڪڙي نه ٻي سر سان ٿئي ٿي، پوءِ اهو لفظ نج يا اصل سنڌي هجي يا ٻيءَ ڪنهن ڌاري ٻوليءَ مان آيو هجي. مثال طور ڪي اسم وٺو : ڪٽ بلا، دري، پُٽ" زردالُو شي، پو وغيره. ٻوليءَ جي سڄي ويا ڪرڻي بناوت اِنهن پڇاڙي جي سرن تي منحصر آهي. جيڪڏهن ڪنهن اسم جي پڇاڙي ڪوي مونث آهي. جي اسم جي پڇاڙي اُ، او او آهي ته اهو اسم گهڻو ڪري مذڪر آهي. ساڳيءَ طرح واحد مان جمع ٺاهڻ لاءِ به اِهي نشانيون ويچار ۾ آڻيون ٿيون پون. وري وٺو فعل يا ڌاتو ڏسبو ته سيڪو فعل، جو امر واحد ۾ آهي، تنهن جي پڇاڙي يا 'اِ' يا "اُ" آهي. جيئن ته ڪر، مار وغيره. انهن جو مضارع ٿيندو: ڪريان، ماريان، چڏيان. وري "اُ" وارامثال وٺو: اُٿ، لڪ، رڪ انهن جو مضارع ٿيندو: اُٿان، لڪان، رڪان. ساڳيءَ طرح اسم حاليه، ماضي معطوفي بين ويا ڪرڻي صورتن ٺاهڻ ۾ ڌاتوجنهن جي پڇاريءَ ۾ 'اِ' آهي تن ڪي پنهنجو نمونو آهي ۽ جن جي پڇاڙيءَ ۾ 'اُ' آهي تن ڪي پنهنجو نموو آهي. جئين ته وٺو 'اِ' وارا مثال:

امر واحد _ مار، چڏ، پار

اسم حاليه _ ماريندو چڏيندو پاريندو

ماضي معطوفيڏ ماري، چڏي، پاري

وٺو 'اُ' وارا مثال:

امر واحد _ اُٿ، لڪ، رڪ

اسم حاليه _ اُٿندو لڪندو رڪندو

ماضي معطوفي _ اُٿي، لڪي، رڪي

مطلب ته ڪوبه لفظ سنڌيءَ ۾ اهڙو نه ليندو جنهن جي پڇاڙيءَ ۾ سُر نه هجي يا جو 'ساڪن' هجي. ڪيترا لفظ عربيءَ مان سنڌيءَ ۾ آيا آهن.

جهڙوڪ: نصيحت، طاقت، فرياد، انصاف، جائداد، روش. هنن لفظن جي پڇاڙي اصل ٻوليءَ ۾ ساڪن آهي، پر سنڌي ٻوليءَ ۾ انهن جي پڇاڙي سر سان ٿئي ٿي جيئن ته: نصيحت، طاقت، فرياد، انصافُ، جائداد، روش. ساڳي طرح وٺو ته چار انگريزي لفظ: بال، بورڊ، ٽڪيٽ، ٽرنڪ. اِهي لفظ سنڌي ۾ ڦري ٿيا آهن: بالُ، بورڊُ، ٽڪيٽ، ٽرنڪ.

جيڪي لفظ ٻين ٻولين مان سنڌي ٻولي ۾ اچن ٿا سي گهڻو ڪري پنهنجو روپ ۽ پنهنجو اچار قدري بدلائين ٿا. سنڌي ٻولي ۾ اُهائي بدليل صورت قائم هئڻ گهرجي. سنڌي ۾ اهڙن لفظن جو اصلوڪو اُچار ڪرڻ ڪل جهڙو ۽ بيهودو پيو لڳي، جيئن ته هينيان انگريزي لفظ سنڌي ۾ ٻي طرح سان اُچارڻ ۾ اچن ٿا: فوٽ بال، ٽرنڪ، ڪيلڪٽر، ريل، انجن، گوڊس، ٽڪيٽ وغيره. وري عربي ـ پارسيءَ جا ڪي مثال وٺو جي سنڌي ۾ ڦري ويا آهن ۽ چشم (سنڌيءَ ۾ چشم)، فضل (فضُلُ)، مهر (مهر)، شمع (شمع).

سنڌي ٻوليءَ جو بنياد جيتوڻيڪ سنسڪرت ئي آهي ته به جنهن صورت ۾ هيءَ پرڳڻو ڪيترين صديون مسلمان ۽ انگريزي حڪومت هيٺ رهيو آهي تنهن صورت ۾ اُن ٻوليءَ ۾ ڪئين عربي، پارسي، انگريزي لفظ گڏجي ۽ چالو ٿي ويا آهن. اِن ڪنهن به قسم جو اعتراض ڪونه آهي. سياڻيڪ طرح جيڪڏهن لفظ ٻوليءَ ۾ اچي وڃن ته بيشڪ اچن پر زور ڪري ڌارين ٻولين جا لفظ ڌيڻ، هڪڙو بيهودو ڪم آهي. ڪيترا مسلمان صاحب ته زور ڪري اجايا سجايا ڌڪيا عربي ـ پارسي لفظ ڪم آڻين. ساڳيءَ طرح ڪيترا پنڊت برهمڻ ڌڪيا سنسڪرت لفظ پيا ڪم آڻين. اهڙي قسم جا ماڻهو ميار جوڳا آهن. ٻولي اُها آهي جا سليس ۽ سٺي هجي ۽ جنهن ۾ خيال چٽيءَ طرح سان ظاهر ڪري سگهجن. شعر لکڻ ۾ به اڄڪلهه ڏسجي ٿو ته ڪي ڪي اجوڪي زماني جا اسرندڙ شاعر زور ڪري ڳرا ڳرا پارسي لفظ خوامخواه پيا ڪم آڻين. اهڙي قسم جو شعر بلڪل جٽاءُ ڪونه ڪندو. اهڙن نون زنده شاعرن جي شعر مان سبق سکڻ گهرجي.

# سنڌي ٻوليءَ جو ابتدائي احوال

سرڳواسي پهلاجراءِ ليلارام واسواڻي

۾ انگريز سرڪار جي حڪومت کان اڳ ٽالپرن جي صاحبيءَ ۾ گهڻو ڪري سرائڪي ٻولي ڳالهائڻ ۾ ايندي هئي جا بلوچڪي زبان ۽ سنڌي ٻوليءَ مان مرڪب ٿيل آهي. بلوچڪي زبان ٽالپرن جي مادري ٻولي هئي تنهن ڪري سندن وظيفه خوار گهرو نوڪر، عملي جا ماڻهو ۽ ٻيا خاصخيلي سڀ اها ٻولي ڳالهائيندا هئا ڇاڪاڻ تہ پنهنجن اميرن جي ٻوليءَ کي شرف ڏيڻ ۽ کين خوش ڪرڻ جي ارادي سان سرائڪي ٻولي ڳالهائڻ ۾ هو فخر ڄاڻندا هئا.

پڙهيل ماڻهو جن جو علم سان محاورو هو سي پارسي ٻولي ڳالهائيندا هئا ۽ ٻيا جي پنهنجي ڌنڌي مثلن واپار يا ڪنهن هنر ۽ ڪسب جي آسري تي هوندا هوا سي سنڌي ٻولي ڳالهائيندا هوا. باقي لکڻ پڙهڻ خواه دفتر جو ڪاروبار حساب ڪتاب ۽ حڪم احڪام سڀ پارسي ٻوليءَ ۾ هوندا هوا. هندو عامل ۽ ٻيا ميرن جا ڪامورا جي دفتر جامحافظ ۽ محرر هئا سي پارسي لکڻ جا يگانا هوندا هئا ۽ جيڪي ماڻهو پنهنجو واپار جو ڌنڌو ڪندا هئا سي ڳالهائيندا سنڌي زبان هئا مگر انهنجي لکپڙه ۽ حساب ڪتاب سمورو هندو سنڌي لاڪنا وارن ۽ ٻئن اکرن ۾ هوندو هو. انهن اکرن جا ٻہ ٽي قسم هئا. تنهن کان سواءِ برهمڻ ۽ ٻانيڻ ديوناگري اکر لکڻ پڙهڻ ۾ ڪم ايندا هئا. هن مان ڏسبو تہ ان وقت ۾ لکڻ پڙهڻ لاءِ عام طرح پارسي ۽ هندو سنڌي اکرن جي ڪم آڻڻ جو رواج هو.

پارسي ٻولي جي سيکارڻ لاءِ مڪتب يا مدرسا هئا ۽ هندو سنڌي سکڻ لاءِ ٻہ ڪي جايون هيون جن کي اوجها اسڪول ڪري چوندا هئا. اهي

انهي وقت ۾ سيدن جا ڪي پارسي مڪتب هئا جن ۾ ڪي مير سنياليندا هئا. ٻيا وري شاهوڪار ماڻهو پنهنجن ٻارن کي ملان يا قاضي رکي ڏيندا هئا. وڏا مدرسا متيارن، ٺٽي، روهڙي ۽ سيوهڻ ۾ هوندا هئا. انهي کان سواءِ ننڍين ڳوٺن ۾ جيڪي مڪتب هئا جن جو اندازو 1853ع تائين (600) کن هو. وڏن ڳوٺن ۾ جيڪي مڪتب هوا تنکي دائرا ڪري چوندا هوا. انهن ۾ تمام مٿاهين درجي جي تعليم ملندي هئي جهڙي طرح هاڻي ڪاليج يونيورسٽيون اعليٰ درجي جي تعليم لاءِ رکيل آهن.

اسين اسڪولن جي حالت جو فوٽو ۽ سندن تعليم ۽ ٻي ڪاروبار جي انتظام جو نمونو مفصل طور هن هيٺ ڏيکاريون ٿا جنهن ۾ جهوني تعليم جي سرشتي جو سمورو ذڪر اچي وڃي ٿو.

(1) **مڪتبن جو سرسري احوال:** جيئن هاڻوڪا اسڪول سرڪار جي طرفان کوليا ويا آهن تيئن اُهي ميرن جي پاران نہ کوليل هوا پر مسلمانن، مولوين، سيدن، قاضين ۽ آخوندن جي نظر هيٺ. جتي عام خاص ماڻهو ڪونہ پڙهندا هوا پر فقط ميرن ۽ جاگيردارن جا پٽ ۽ ملن ۽ قاضين ۽ سيدن جا ٻار ۽ جنجو موروثي ڌنڌو آخوند ڪو هوندو هو سي ۽ هندو عاملن جا ڇوڪرا جن جا مائٽ مير صاحبن جي دفتر جا ڪامورا هوا سي پڙهڻ لاءِ ايندا هوا. البت ٻين ننڍڙن ڳوٺن جي مڪتبن ۾ ڪي غريب ماڻهو بہ تعليم وٺندا هوا. مڪتب جي جاءِ مسجد جي اندر يا مسجد جي لڳ ڪا ڪوٺي هوندي هئي جنهنکي حجرو چوندا هوا يا مسجد جي اڳ کان ڪو وڏو سايہ دار وڻ هوندو هو تہ ان جي ڇانو ۾ لانڍي اڏي اتي مڪتب ٺاهي ملان ويهي پاڙهيندا هئا. يا تہ ڪنهن ديوان جي حويلي انهي کي پاڙهڻ لاءِ ملندي هئي جتي ويهي پاڙهڻ جو ڪم ڪندا هوا.

(2) **سکيا جو نمونو ۽ حد:** جيڪي ڇوڪرا پڙهڻ ايندا هئا تنکي فرهي تي

سو ۽ پوءِ گلستان بوستان شيخ سعدي وارا ۽ يوسف زليخا پاڙهيا ويندا هئا جيڪي هوشيار ڇوڪرا اهي سڀ ڪتاب پڙهي پورا ڪندا هئا ته انهن کي مثنوي مولانا رومي جي پڙهائي ويندي هئي. سيني حالتن ۾ يادگيري ۽ حافظي تي زور تمام گهڻو هوندو هو. نڪي هوندا هوا ڪلاس مقرر. نڪي حساب جا ڪتاب. نڪي جاگرافيون ۽ ٻيا ڪم رڳو متين ڪتابن مان جيڪو ڇوڪرو هڪڙو ڪتاب جڏهن پورو ڪندو هو تڏهن ٻيو ڪتاب کيس شروع ڪرائيو هو. باقي لکڻ تي تمام گهڻو ڌيان ڏنو هو. ڇاڪاڻ ته هو ڄاڻندا هوا ته اکر به اڌ علم آهي. پهريائين پٽين تي اندن پرائڻ جي استعمال ڪانپوءِ وري مشق جو استعمال ڪرايو ويندو هو. سنڌي قلم ۽ ڪاري مس ڪم آڻبي هئي. ڳاڙهي مس ڪڏهن ڪڏهن اکرن جي سهڻائي لاءِ وچ ۾ هيڊنگ لکڻ ۽ زيرن زبرن جا ۽ ٻيا نشان ڏيڻ جي ارادي سان ڪم آڻبي هئي. لوهي قلم ۽ رنگين مسون هر گز ڪين هيون. انهي وقت جي شاگردن جا اکر تمام تعريف جوڳا ڏسجن ٿا ۽ ڪيترائي دستخط لکيل ڪتاب ان وقت جا وڏين لئبررين ۾ نموني طور رکيل آهن. جٿن هاڻي ڊرائنگ اسڪولن ۾ سينگارجي ٿي تيئن انهي خوشنويسي جي سسٽم جو نتيجو هاڻوڪي ڊرائنگ جي سسٽم جون هر طرح سڌون پوريون ڪري سگهي ٿي. اسڪولن ۾ هاڻوڪي وانگر في ڪانه هوندي هئي. ڪتاب هٿ جا لکيل پاڙهبا هئا. ڪڏهين ڪڏهين ڪي شاهوڪار ماڻهو ڇاپي جا ڪتاب گهرائيندا هئا جي ايران کان ايندا هئا.

يادگيري تي ڪم ڪرڻ لاءِ زور گهڻو هوندو هو. حسابن جا ڪتاب اردو زبان ۾ خواه پارسي ۾ هوندا هئا جن تان ماپ ڪرڻ، ڪڻي جي ماپ ٻني جي ماپ ۽ اهڙي قسم جا حساب سيکو پاڻهي سکندو هو. تاريخون

جاگرافيون گرامر اصلي ڪونہ سيکارڻ ۾ ايندا هوا..

(3) **آخوند جو پيار ۽ مار ڪٽ**: آخوند جو پيار سيني ڇوڪرن تي سم درشت هوندو هو. ڇوڪرا بہ ابي امان جي سمان ان جو مان ۽ ادب رکندا هئا ۽ کيس پيار ڪندا هئا. جڏهين ڪو ڇوڪرو ڪتان ٻاهران گهمي ايندو هو تہ استاد کي پيرين پئي گڏبو هو.

ڪنهن کي بہ آخوند جي خدمت چاڪري يا سندس گهرو ۽ خانگي ڪمن ڪرڻ کان آر ڪونہ هوندو هو. جيئن تہ آخوند جي گهر جو ۽ مڪتب جو پاڻي ڀرڻ، ٻهاريون ڏيڻ، جهنگ مان ڪاٺيون ڇيٽا چوندي اچڻ. آخوند کي سمهڻ وقت زور ڏيڻ ۽ ٻيا ڪيترا ئي ڪم ڇوڪرا گهڻي خوشي سان ڪندا هئا ۽ ڇوڪرا خواه سندن مائٽ انهي ۾ پنهنجي سعادت مندي ڄاڻندا هئا. ڪنهنکي بہ وڏي ماڻهوءَ جي پٽ هجڻ ڪري آخوند جي خانگي ڪم ڪرڻ کان نفرت نہ هوندي هئي. جيڪڏهن ڪو ڇوڪرو گسائيندو يا حرڪت ڪندو هو يا سبق برابر ياد نہ ڪندو هو تہ ان کي طرحين طرحين جون سزائون يا نرم، جهڙيون آخوند کي وڻن اهڙيون ڏيندو هو. جيئن تہ لڪڻ جي مار ڏيڻ، اُس ۾ ٻهاري اٿ ويهہ تڪڙ سان ڪرائڻ، پٽ جي پرسان گوڏا نميل ڪرائي هٿ پٽ سان لڳائي ٻهارڻ، ڪن جهلائڻ، ٽنگائڻ ۽ ٻيون ڪيتريون سخت سزائون ڏيندو هو تہ بہ وري ڇوڪرن جي مائٽن کي ڪوبہ اعتراض ڪونہ هوندو هو. ڇاڻ چوندا هئا تہ استاد جي مار سنوار آهي. ڪٽي جيڪڏهين ڪو ڇوڪرو مائٽن کي دانهن ڏيندو هو تہ مائٽ ان کي وري ٻيهر سزا ڏينداهئا. جيتوڻيڪ سزائون اهي بيشڪ خوفناڪ ڏسڻ ۾ ايندوين هيون جن مان ڪڏهين ڪڏهين طرحين طرحين نقصان بہ ٿي پوندا هئا پر تہ بہ ڇوڪرن جي مائٽن کي ذرو بہ خيال ڪونہ ٿيندو هو.

آخوند جيڪو ڪم پاڙهيندو هو سو ڇوڪرن رات جو گهر ۾ وڃي پڙهيو يا نہ تنهن لاءِ ٻي ڏينهن تي سيڪو ڇوڪرو مائٽن کان سرٽيفڪيٽ جا ٻہ اکر لکائي آڻي ڏيندو هو جنهن ۾ لکيل هوندو هو تہ شب خوانده بود.

حيدرآباد جو مشهور آخوند نصر الله جو هڪڙو ٽنگ کان عذر وارو هو ۽ آخوند الهندو نابينہ ۽ آخوند مقيم اهي مشهور معروف هوندا هئا.

(5) **آخوند جو گذران ۽ پيدائش جو رستو:** ڪن ٿورن مشهور آخوندن کي ميرن جي سرڪار مان ڪي ڪجهہ قوت لاءِ ملندو هو باقي عام طرح انهن جو ڪو پگهار ڪونہ ٻڌل هو. انهن کي پيدائش جا رستا هئا (1) هر هڪ ڇوڪرو جمع ڏينهن هڪ ڏوڪڙ آڻي ڏيندو هو جنهنکي جمعگي چوندا هئا. (2) خميس جي ڏينهن ڇوڪرا گهرن مان ان وٺي ايندا هئا. (3) جيڪو ڇوڪرو نئون اچي وهندو هو تہ فرهي لکي ڏيڻ ڪري ان جا مائٽ پنهنجي وسعت آهر ڪجهہ نقد منائي طور آخوند کي ڏيندا هئا. جنهنکي فرهي جو حق ادا ڪرڻ چوندا هئا. (4) وڏن ڏينهن تي ڪجهہ ڪجهہ انهن کي ملندو هو ۽ رات جو سيڪو ماڻهو پنهنجي گهر ۾ جيڪي رڌيندو هو تنهن مان آخوند کي ڀاڪون ڀري موڪليندا هئا. اهڙي طرح ڏينهن جي ماني بہ موڪليندا هئا. انهن مان موڪلڻ کي ونڊ يا وظيفا ڪري چوندا هئا. سڄي ڳوٺ جا ماڻهو اها ماني ڏيندا هئا. پوءِ انهن جا ڇوڪرا آخوند وٽ رهندڙ هجن ٿوڙي نہ. اها ماني سڄي ڳوٺ مان آخوند کي ڏينهن رات لاءِ ايتري ملندي هئي جو ڪيس گهر ۾ کائڻ جو خرچ تہ ڪونہ ڪرڻو پوندو هو پر جيڪي پرديسي ڇوڪرا پڙهڻ لاءِ ايندا هئا تہ اهي بہ مڪتب ۾ انهن مانين تي گذران ڪندا هئا. انهي ڪري هاڻوڪي نموني بورڊنگ جاري هئي. (5) آبادگار ۽ ڪيتي وارا ماڻهو اَن ۽ ٻي ٻني جي پيدائش سيڪا حصي پٺاندر ٻين

ڪاسبين وانگر آخوند کي ٻ از خود پهچائي ويندا هئا جنهن کي ٽوپڪي ڪري چوندا هئا. پوءِ ايتري پيدائش مان جي انهن جو گذران ٿئي توڙي نه ٿئي ته ٻ هو لالچي ڪين هوندا هئا. هنن کي پنهنجي روزگار جي ڳڻتي نہ ڪا نہ هئي پر اٽلو گويا انهن وٽ سداورت جاري هو. اهوئي سبب آهي هندستان ۾ هوٽل ڪين هوندا هئا. ڪوبہ پرديسي ماڻهو يا ته مڙهي ٽڪاڻي ۾ وڃي ڪاٽيندو يا ته ڪنهن مسجد ۾ يا آخوند وٽ وڃي ڪاٽيندو.

سيني ماڻهن کي اها خاطري هئي ته آخوند ويچارا لالچي نہ آهن تنهنڪري انهن جا دستوري لوازما پهچائڻ پنهنجي فرضي ڊيوٽي ڄاڻندا هئا. انهن کي لوازمن پهچائيندي هو آخوند کي پنهنجو نوڪر يا پورهيت يا زيردست نہ ڄاڻندا هئا بلڪ ان جي تمام گھڻي عزت آبرو رکندا هئا. خوشي جي موقعن تي پهريائين ان کي دعوت ڏيئي، عزت آبرو سان گهرائي، سڄي مجلس جو سرڪردو ڪري وهاريندا هئا ۽ انهن ۾ پنهنجي سڳورائي ڄاڻندا هئا.

جڏهن انگريز سرڪار جي حڪومت ٿي تڏهين دفتر لاءِ اهڙا ماڻهو گهربل ٿيا جي انگريزي لکپڙه ڪري سگهن. تنهنڪري انهن اسڪولن جي ڏاڍي ضرورت هئي ان وقت جي عملدارن ٻ اهڙي صورت پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. 1845ع ۾ ڪرنل واٽبرن حيدرآباد جي ڪليڪٽر هند سرڪار کي لکيو ته هن ڪم لاءِ 3000 روپيہ منظور ٿين، جنهن تي ڪيترا سوال جواب هليا. پر مشڪلات اها هئي ته ماستر ملي ڪين ٿي سگهيا ۽ 3 سال لکپڙه هلي ماٺ ٿي ويئي. وري ڪپتان پريڊي صاحب ڪراچي جي ڪليڪٽر وڏيڪ ڪوشش ڪئي ۽ تورو ڪامياب ٿيو. هن ڪراچي ۾ هڪ اسڪول ڪراچي فري اسڪول نالي جاري ڪيو جنتي مفت تعليم ڏيڻ ۾ آئي ٿي ۽ خرچ سمورو ان صاحب پنهنجي جيب مان ڪيو ٿي. 1846ع ۾ هن

صاحب هڪ ڪاميٽي مقرر ڪئي جنهن ٺهراءُ ڪيو ته انهي سڪول ۾ بائيبل جا ياڱا پاڙهجن ۽ اهڙي طرح جو سچو پورو ٿي وڃي. 1845ع ۾ اهو اسڪول مشن سوسائٽي کي سونپيو ويو جو اڄ سوڌو انجي هٿ ۾ آهي. شڪارپور ۾ ٻه هڪ انگريزي اسڪول جاري ڪيو ويو. جنهنکي ڪپتان گولڊ سمٿ صاحب پئسي جي مدد ڪندو هو. انهي ڪانپوءِ جلد ئي ٺهراءُ ٿيو ته سرڪاري لکپڙه ۾ سنڌي ٻولي اچڻ گهرجي. جنهن ڪري سنڌي ٻولي لکڻ پڙهڻ جو رواج جاري ڪرڻ ضرور ٿيو. انهي وقت ۾ پارسي ٻولي لکڻ پڙهڻ جو رواج گهٽ ٿيندو ويو ۽ عربي سنڌي ڳالهائڻ جو دستور زور پوندو ويو. تنهنڪري سرڪار ارادو ڪيو ته لکپڙه جوسرشتو به بدلائي سنڌي ٻولي ۾ رکجي. پر سنڌ ۾ تمام ٿورا انگريز عملدار سنڌي ڳالهائي سگهندا هوا ۽ سندن منشي وري سنڌي ٻولي لکي ڪونه سگهندا هئا. ڪم ڪار لاءِ ترجمان مقرر هئا. دفتر سمورو پارسي خوش خط ۾ رکيو هو. 1851ع ۾ فريئر صاحب سنڌ جي ڪمشنر حڪم جاري ڪيو ته سڀني عملدارن کي مروج سنڌي ۾ امتحان پاس ڪرڻ کپي. پر سنڌي ٻولي سرڪاري لکپڙه ۾ ڪم اچي نٿي سگهي جيئن ڪ ان ٻولي جي آئيويٽا يا اکرن جي صفائي نه ٿيل هئي.

ڪپتان برٽن جو خيال هو ته عربي اکرن کي پڙيون ڏيئي وڌائي هڪ نئين سنڌي آئيويٽا بنائجي جنهن جي مدد سان ٻولي جا سڀ آواز ظاهر ڪري سگهجن. ڪپتان سٽئڪ جو سنڌي ٻولي ۾ هوشيار هو ۽ جنهن سنڌي ٻولي جو ويا ڪرڻ، ڊڪشنريون ديوناگري اکرن ۾ لکيون آهن انجو خيال هو ته هندو سنڌي آئيويٽا جي اڳيئي واپاري ماڻهو ڪم آڻيندا هوا ڪجهه ڦير گهير ڪري جاري ڪجي. انهي بابت مباحثه پئي هليو ۽ جيسين ان جو فيصلو نه ٿيو تيسين ڪي به نه ڪرڻ ۾ آيو. فريئر صاحب جو خيال هو

تہ هندو عربي آئيويتا کي ويجهو ڪين ويندا ۽ مسلمان وري هندو سنڌي آئيويتا کان پڇندا. نيٺ 1853ع ۾ ايسٽ انڊيا ڪمپني جي ڊئريڪٽرن جي جماعت ٺهراءُ ڪيو تہ في الحال عربي آئيويتا تجربي طور جاري ڪجي ۽ 10 هزار روپيہ تعليمي ڪمن لاءِ منظور ٿيا.

پوءِ مسٽر ايلس ڪن ڏيهي پڙهيلن جي مدد سان هڪ آئيويتا تيار ڪئي جنهن ۾ هن صاحب پارسي جا 32 اکر وڌائي سنڌي جا 52 اکر ٺاهيا. انهي آئيويتا ۾ پارسي آئيويتا کان سواءِ باقي بيا اکر سڀ انهن اکرن منجهان ڪن نشانين ڏيڻ سان فرضي ڪري ورتا ويا. انهي آئيويتا تيار ڪندڙن جي جماعت ۾ ميان محمد ان وقت جو مشهور عالم هو جنهن پهريون گرامر سنڌي ٻولي ۾ تيار ڪيو هو ۽ راءِ بهادر نارائڻ‌جگننات صاحب هو جنهن جي نالي تي ڪراچي جو هاءِ اسڪول آهي. تنهن کان سواءِ پوءِ ديوان پريداس ۽ منشي اڌارام ڪاتي جي لاءِ پهريون ٻيو ڪتاب تيار ڪيو. اهڙي طرح ويا وڌائيندا.

1847ع کان 1858ع تائين ليٿو ۾ ڪتاب ڇپيا هئا.

ڪل هيٺيان ڪتاب ٺهيا جدا جدا وقتن تي.

پهريون ميان گل محمد جو گرامر 1840ع ۾ ٺهيو. جنهن ۾ ميجر گولڊ سمٿ صاحب جي پڻ مدد ورتل آهي ۽ ان انگريزي ۾ ميان محمد جي خيالن کي چڱي طرح واضع ڪيو آهي. اهو اردو گرامر تان لکيل هو.

تنهن کانپوءِ سٽئڪ صاحب 1847ع ۾ سنڌي گرامر ديوناگري اکرن ۾ لکيو.

پوءِ ٽرمپ جو گرامر ٺهيو 1858ع ۾. 1866ع راٹلنڊ جو گرامر ٺهيو. منشي ننديرام باب نامو ٺاهيو.

ديوان پريداس اڌارام پهريون ۽ ٻيو ڪتاب ٺاهيا 1872ع ۾.

اها آئيويتا 1853ع ۾ ڇپجي تيار ٿي هئي. تنهن کان پوءِ پارسي،

اڙدو، گجراتي ۽ مرهٽي مان ترجمو ڪري اسڪولي ڪتاب تيار ڪيا ويا. ڊسمبر 1854ع ۾ مسٽر ايلس رپورٽ ڪئي ته ڪل 10 ڪتاب انگي حساب تاريخ جاگرافي ۽ ٻين ڪمن تي تيار ٿي ويا آهن ۽ ٻئي سال آڪٽوبر مهيني ۾ ڪراچي ۾ هڪ انگريزي اسڪول کوليو ويو جنهن ۾ شروع ۾ 68 ڇوڪر داخل ٿيا پر گهڻو ڪري انهن ۾ سنڌي ٿورا هئا. ساڳئي وقت حيدرآباد ۽ شڪارپور ۾ ٻه انگريزي اسڪولن ۽ ٻين 12 ننڍين ڳوٺن ۾ سنڌي اسڪولن جي عمارتن ٺهڻ لاءِ سرڪار منظوري ڏني. انهي ڪم ۾ سرڪار لوڪل فنڊ کان مدد ورتي ۽ ڪيترن سنڌ واسين پئسي جي مدد ڪئي، پر وڏي تڪليف هئي سيکاريندڙن جي اڻ موجودگي جي. ان مشڪلات جي پورائي لاءِ 1854 ۾ هڪڙو نارمل اسڪول ڪراچي ۾ کوليو ويو جنهن ۾ پونا ۽ ايلفنسٽن ڪاليج جا جيڪي جهونا شاگرد ان وقت سرڪاري نوڪرين ۾ هوا سي خانگي اسڪولن جي ماسترن ۽ ٻين ماڻهن کي ماستري جي ڏنڌي ڪرڻ جوخيال هو تن کي سکيا ڏيندا هئا. پوءِ اهو نارمل اسڪول ڦيرائي حيدرآباد ۾ ڪيو ويو. آخرين نتيجو اهو نڪتو جو 10 سالن کان پوءِ 1864 ڌاري سنڌ ۾ مڙيئي چار هاءِ اسڪول 3 مڊل اسڪول 56 ورنيڪيولر اسڪول ۽ هڪ ٽريننگ ڪاليج هوا. سيني اسڪولن ۾ 2440 شاگرد هوا. ايتري سرجوشي ڪندي به تعليم جو حال چڱو نه هو. جيئن ته ان وقت مسٽر مئنسفيلڊ صاحب رپورٽ ڪئي ته سنڌ ۾ فقط 12 انگريزي ۽ 5_6 سنڌي اسڪول چڱا آهن ۽ ٻين اجا سڌارو نه ڪيو آهي. انهي ڳالهه جو مکيه ڪارڻ هو سيکاريندڙن جي اڻاٺ. سنه 1863ع ۾ لوڪل فنڊ سنڌ ۾ جاري ٿيو جنهن ۾ ٽيون حصو ٻهراڙي جي تعليم جي لاءِ رکيو ويو. انهي ڪري 10 سالن جي رپورٽ ۾ چڱو واڌارو ۽ سڌارو ڏسڻ ۾

آيو. انهي عرصي ۾ ڇوڪرين جا اسڪول جاري ٿيا ۽ ڪيترا خانگي اسڪول جاري ٿيا جن کي سرڪار مان چڱائي گرانٽ ملندي هئي. 1874ع ۾ اهڙن اسڪولن جو انداز 20 هو. ڪل انداز اسڪولن جو 230 ۽ شاگردن جو انداز 14299ع. تنهن کان سواءِ 728 خانگي ڏيهي مڪتب سرڪار جي گرانٽ ڪاڻيندڙ هئا. 1872ع ۾ مسٽر فلٽن صاحب جدا سنڌ جو ايڊيوڪيشنل انسپيڪٽر صاحب ٿيو. ان کان اڳ اهو ڪاتو اسسٽنٽ ڪمشنر صاحب جي نظرداري هيٺ هو پر هو صاحب پنهنجي ڪم کان هن ڪاتي تي وڏيڪ نظرداري ڏيئي ڪين سگهندو هو. انهي ڪري ٻه واڌارو ٿي نٿي سگهيو. 1872ع تائين مسٽر فلٽن انهي ڪم تي رهيو پوءِ بدلي ٿي ويو جنهن ڪري ڪاتو وري ٻه اڳئين سرشتي موجب رهيو. انهي ڪري 1885ع تائين گهڻو واڌارو ڪونه ٿيو 1887ع ۾ مسٽر جائيلس صاحب کي سنڌ ۾ خاص تعليمي رپورٽ لاءِ مُوڪليو ويو ۽ ٻئي سال مسٽر جيڪب صاحب ايڊوڪيسنل انسپيڪٽر مقرر ٿيو ۽ ٻيا تعليم جي لاءِ انجي هٿ ۾ جد ا ناظم مقرر ٿيا. هي صاحب 7 سال رهيو پوءِ 1895ع ۾ مري ويو. هن جي ڏينهن ۾ گهڻو واڌارو ٿيو. ان جي وقت ۾ 375 مان وڌي 1616 اسڪولن جو انداز ٿيو ۽ پڙهندڙن جو تعداد 24159 مان وڌي 62595 ٿيو. هن جي وقت ۾ ڪيترن ئي ماڻهن کي نوڪرين ڏي راغب ڪري همتائي تعليم ڏيارڻ جا خاص اپاءَ ڪيا ويا. ان جي مڪتبن کي زور وٺايو ويو ۽ ماسترن کي جدا گرانٽ ڏياري ويئي. جيڪي ماستر ڪاميٽي امتحان ڇوڪرن کي پاس ڪرائيندا هوا تن کي چڱي طرح ڪشادي دل سان ان جو قل ڏيڻ ۾ آيو. نتيجو اهو نڪتو تہ اهڙي طرح سڀ ڪنهن نموني تعليم جو واڌارو ٿيو. هن صاحب تعليم کاتي جون اهڙيون رٿون چڏيون هيون جن مان هر طرح واڌاري

جي اميد هئي. ان جو نتيجو اهو ٿيو جو اڄ تعليم کاتي جي اسڪولن، ماسترن خواه ڇوڪرن جو تعداد روز ترقي جي حالت ۾ ٿيندو وڃي ٿو ۽ سال بسال جيڪي رپورٽون گورنمينٽ ۾ وڃن ٿيون تن ۾ اسڪولن خواه شاگردن خواه سيکڻهن ڳالهه جو واڌارو ڏسڻ ۾ اچي ٿو ۽ سال بسال تعليم کي واڌاري ڏيارڻ لاءِ نوان بندوبست ۽ رٿون عمل ۾ آنديون وڃن ٿيون جنهنڪري اهو تعليم کاتو جو ڪنهن زماني ۾ فقط جديشنل ڊپارٽمينٽ جي بالا آفيسر صاحب جي نظر هيٺ رهندو هو سو اڄ پنهنجي عملي ۽ اسٽيبلشمينٽ ۾ سڀ ڪنهن طرح ڀرپور ۽ اڄان بہ وڌندڙ آهي. اهو سڀ تعليم جي واڌاري ڪان ٿيو آهي. پر تنهن هوندي بہ ڏسجي ٿو تہ لکڻ پڙهڻ خواه علم وغيره جي هن وقت جي شاگردن ۾ لياقت گهٽ آهي. هاڻي انهي گهٽتائي جو ڪارڻ ڪهڙو ۽ ڇاڪاڻ پيدا ٿيو. سو هن هيٺ ڏيکارجي ٿو.

(1) **آخوند ۽ هاڻوڪا ماستر**: ڏسجي ٿو تہ هن وقت ۾ شريف ماڻهو ماستري جي ڌنڌي لاءِ خواهان نہ آهن تنهنڪري هن ڌنڌي ڪندڙن جو مان بہ گهٽو ماڻهن ۾ ڪونہ رهيو آهي تہ بہ اڳئين وقت ۾ آخوندن کي جيڪو مان ۽ آبرو ملندي هئي ۽ ماڻهن کي انهي لاءِ جو پيار هو تنهن ۾ ڪا انهن جي تورو يا پلائي ڪانہ هئي پر اُهو هو پنهنجي ئي شرافت ۽ لياقت هئڻ سبب ازخود ماڻهن جي دلين ۾ پيدا ڪندا هئا. جيڪا هلت چلت اُنهن جي ڀهرئين ڏينهن قائم ڪيل هوندي هئي تنهن ۾ وري ڦير ڦار ڪونہ ڏسبو هو.

"هر هر هلڪائي وڃڻ در دوستي بي" انهي قول موجب ڀهريائين تہ اها خوبي انهي ۾ هئي جو اهي سدائين پنهنجي جاءِ نشين ويٺا هوندا هئا. ڪهڙو بہ وڏو ماڻهو ڪٿي هجي يا ڪهڙو بہ آخوند کي ڏيڻ وٺڻ ڪندو هجي تہ بہ ڪڏهين ڪن خاص موقعن جهڙوڪ شادي غمي جي موقعي

ڏاري اُهي ڪنهن وٽ به ڪٿي ايندا ويندا ڪونه هئا.

شاديءَ يا ڪنهن خوشيءَ جي مجلس ۾ اچڻ لاءِ انهن کي ڀريائين اڳواٽ دعوت ڪوڪلبي هئي. سو به دعوت ڏيندڙ پاڻ پنهنجي سر 2_3 پيرا اچي ستائيندو هو ته مهرباني ڪري وقت تي ايندا تنهن کان پوءِ مقرر وقت تي 2_3 ماڻهو ڏياري موڪليندو هو يا پاڻ اچي وٺي ويندو هو ۽ گهڻيءَ عزت سان انکي مجلس جو بانيڪار يا سرڪردو ڪري وهاريندو هو ۽ موٽائڻ وقت ڪن تحفن يا نذراني سان ججهي عزت ڏيئي وري به سندس جاءِ تائين ڇڏي ويندو هو. انهي مان مراد آهي ته ايڏي عزت رڳو آخوند پنهنجي عزت پاڻهي رکڻ سان حاصل ڪندو هو. گويا آخوند جا قدم ماڻهن جي گهر ۾ گهمڻ ڪري هو فخر ڄاڻيندا هئا ۽ انهن کي راضي رکڻ ڪري دعا پنڻ جو گهر ڄاڻندا هئا ۽ انهن کي ناراض رکڻ ڪري متان تپي ڪري پاراتو ڏي ان جو بلڪل ڊپ رکندا هئا پر انجي ابتڙ هاڻوڪي وقت جي سيکاريندڙن جي ذرو به واقفيت ڪانهي. دعا پٽ ته هڪڙي پاسي رهي ۽ وڏن ڏينهن تي ماستر جي سنڀال ڪرڻ ته ٻي رهي، پر شادي يا ڪنهن خوشي جي موقعي تي به ماستر جو گهرائڻ گران بار ڄاڻي گويا اها رسم ئي دنيا مان لاٿي ويئي آهي. پر ڪٿي ڪٿي البت ڪن ماسترن کي ڪوٺ ٿيندي آهي سا به ماستريءَ جي ناتي ڪري. پر جڏهن اهو ماستر ان ماڻهوءَ وٽ گهڻو آيوويو هوندو ۽ سدائين سلام ڀريندو هوندو سو به ڪوٺ ڪهڙي نموني سان هونديس. اچڻ وڃڻ تي ماستر ئي ڏينهن ۾ 10 پيرا هريل هوندو سو جي اتي ملي ويو يا جيئن ماسترن ۾ سچو ڏينهن گهڻيون گهمڻ جي هير آهي تيئن جي ڪٿي ڪيس پنڌ ملي ويو ته چئي ڇڏيس پوءِ جي وقت تي پاڻهي آيو ته پٽ ڪائي ويندو جي نه آيو ته بس سندس مرضي سبب رڳو هيءُ ته ماستر پنهنجي جاءِ تي پنهنجو تڏو وٺي دم جهلي ويهي نٺو رهي پر وتي هيڏانهن هوڏانهن هر هڪ اوطاق تي ۽ بازار ۾ هٽن دڪانن تي واءِ سواءِ لهندو جنهن

ڪري سندس آخوندن واري واقفيت تہ بجاءِ خود، پر رسمي آبرو ي ملڻ جي اُميد ڪانہ ٿي رهي ۽ ماڻهن ۾ اُتلو ڪراهت ۽ نفرت پيدا ٿيو پوي، تنهن ڪان سواءِ اڳئين وقت جي سيڪاريندڙن ڪي (1) لالچ اصلي ڪانہ هئي ڪنهن بہ ماڻهوءَ کان ڪي ملڻ جي اميد ڪانہ رکندا هئا. ڪو ڏئي يا نہ ڏئي ان جي پرواه بہ ڪانہ هين جيڪي ملندو هو تنهن مان قناعت ۽ سادگي سان گذران ڪندا هئا نہ رڳو ايترو پر ڪيتري ساري ان مان موجودات ۽ بچت رکندا هئا. انهي لاءِ تہ پر اُپڪار جي ارادي سان غريب ۽ انائن جي واهر ڪن ۽ حرص جا بندا ٿي چوڪرن مان ڪنهن بہ ٻي رستي پئداڻش جا رستا ڳولي ڪڍڻ کان انهنکي نفرت هئي.

(2) هو ڄاڻندا هئا تہ ننڍڙي اوستا جي ٻالڪن جي زندگي سوارٿ ڪرڻ لاءِ اسين آيا آهيون ۽ اهوئي فرض آهي جو قرباني سان پورو ڪرڻ ڪري ٿي اسان جي حياتي سڦل ٿيندي. پر هاڻوڪا ماستر پگهارن جي ٿورائي ۽ ڏوڪڙن جي تنگي ڪري سدائين حرص ۽ لالچ جا ٻانها رهي وتن ٻي پيدائش جا رستا ڳوليندا پنهنجو تڏو ڇڏي شهر جي آسودن ماڻهن جو سلام بہ رڳو لالچ لاءِ وڃي پرين ٿا. ٻيو ڪو رستو هٿ نہ ايندن تہ بہ انهن جي چوڪري کي گهر ۾ پڙهائڻ (پرائيويٽ ٽيوشن) لاءِ حرص ڏيارڻ ۾ جيڪا تجويز ۽ حڪمت ڪري سگهندا ان ۾ پوئتي ڪين پوندا. يا ڇوڪرن کي مٿين درجن ۾ چڙهائڻ وقت مائٽن کان ڪي ملڻ جو آسرو ۽ ٻين ڪيترن حرصن ۾ مبتلا رهن ٿا. انهي ارادي سان تہ ڪنهن نہ ڪنهن رستي پگهار کانسواءِ ٻيا بہ ڪي 30۔ 40 روپيہ پيدا ڪجن جنهن مان بالائي خرچ سمورو ٻاهران ڪڍجي ۽ هلجي بہ وري جنٽلمين ٿي. بوٽ، سوٽ واچ ضرور گهرجي ۽ ٻي طرح بہ ٻين ڪاتن جي ڪامورن سان ڪلهو هڻي هجي ۽ انهن کان ڪنهن بہ طرح پنتي نہ پئجي. انهي حرص ۾ لڪا هنن کي پوزيشن جي پرواه رهي ٿي نڪي هو پنهنجو آبرو رکي ڏسن ٿا.

(3) اڳئين وقت جا سيڪاريندڙ ڪنهن شريف ذات جا ۽ پنهنجي پسند سا سيڪارڻ جو ڌنڌو ڪندا هئا. ٻڪ ۽ فاقي ۽ ڏوڪڙن جي تنگي جو ڪوبہ خيال ڪونہ هندو هئن. هاڻوڪي سيڪاريندڙن کي سيڪارڻ جي ڌنڌي لاءِ شروعات ۾ اصل چاه ڪونهي. هو انهي ڌنڌي کي تمام نيچ ڄاڻن ٿا جو سمجهن ٿا تہ ڏوڪڙ جي تنگي رهي ٿي تنهنڪري پهريائين تہ انهي نوڪري جي خيال ۾ رهن ٿا جتان ڪين ڀگهار ڪان سواءِ ٻي بہ پئدائش هجي پر پوءِ جڏهن ڪٿي بہ انهن کي اهرو وجهہ ملي نٿوسگهي تڏهين لاچار ٿئي ڪاتي کي پسند ڪن ٿا خاص ٻي روزگاري جي دفعہ ڪرڻ لاءِ.

(2) **آڳاٽي وقت جا سکندڙ ۽ هاڻوڪا سکندڙ**: آڳاٽن سيڪاريندڙن کي پنهنجي پوزيشن سنڀالڻ ڪري جيڪا عزت ۽ مان سکندڙن جي مائٽن کان ملندو هو تنهنجو سکندڙن تي بہ اثر پيو. پنهنجي مائٽن کي ڏسي هو بہ استاد جو ادب رکڻ ۽ پنهنجي ماتا پتا جي سمان ڄاڻي انهن سان پيار رکندا هئا جنهن ڪري استاد جي دل راضي رهڻ ڪري انهن تي اهڙو فيض وارو اثر ٿيو جنهن کان اهي سڀ ڪنهن قسم جي تعليم اخلاقي خواه روحاني جا عالم خدا ترس، نرم دل ۽ ٻين ڪيترن خاصيتن سان مخصوص ٿيا. نہ رڳو مڪتب ۾ رهڻ تائين پر ان کان پوءِ بہ توڙي پنهنجي ڪاروبار ۾ وڃي لڳا يا ڪنهن وڏي درجي واري نوڪري ۾ گهڙيا تہ بہ استاد جي لاءِ هميشہ انهن جي دل ۾ ادب هو. اعليٰ درجي جي حالت ۾ بہ استاد کي پيرين پئي ملندا هئا. اهڙا مثال سنڌ ۾ گهڻا ڏسبا جيئن تہ راءِ بهادر ديوان تارا چند ۽ ديوان ڏيارام گدو مل ۽ ٻيا ڪيترا عامل قوم ۾ پريا ٻڙس جي اڄا تائين حيات آهن تن شروعات ۾ اڪثر ملن جي مڪتب ۾ تعليم ورتي هئي. انهن کي اڄ سوڏو بہ پنهنجي استادن لاءِ گهڻو مانُ ۽ لحاظ آهي ۽ انهيءَ وقت جي جيڪا انهن تعليم پرائي آهي تنهنجو اڄ سوڏو بہ وٽن لاثاني ذڪر موجود آهي. اڄ ڪلهہ جي سکندڙن جي مائٽن جي مراد سيڪاريندڙن ڏي نہ ڏسي انهن جي دل

۾ به ڪنهن قسم جي مراد ڪانهي.

سيڪاريندڙ ٿيو لالچي ۽ ٻڌايائين پاڻ کي ماڻتن جي اڳيان طمع جو گرفتار ته سڪندڙن جو اعتقاد اڻ پڇو انهن مان ويو هو سمجهن ٿا ته ماستر گويا اسانجو گهرو نوڪر آهي. سائين سائين به ايستائين ڪندا جيسين ڪلاس ۾ هوندا پوءِ وري سلام به ڪونه ڪندا ۽ وڏي هوندي جي پنهنجي ڏنڌي ۾ خواه ڪنهن وڏي درجي جي نوڪري ۾ ٿيا ته اتلو کين نفرت هوندي ۽ نه عزت.

هاڻي جڏهن سيڪاريندڙ ٿيو طمع جو نيدي ۽ سکندڙن کي ٿي ڪائونس نفرت ته پوءِ تعليم جو ڪهڙو فيض انهن تي اثر ڪري سگهندو.

(3) **وقت جي حالت ۽ طبعي حالتون**: اڳئين وقت ۾ شڪر هوندو هو. ماڻهو هر طرح آسودي حال ۾ هوندا هئا ڪفايت ۽ سانگ صرفو ڪندا هئا. آڪڙ ۽ وڏائي ڪانه هوندي هئي جنهنڪري خرچ به ٿورا هوندا هئا.

رڳو تعليم جو خرچ به ايترو گهڻو ڪونه هوندو هو چاڪاڻ ته سيڪا شي پنا مس قلم ڪتاب سهانگو ملندو هو تنهن کان سواءِ چوڪرن جي ڪپڙن پوشاڪ وغيره تي خرچ گهڻو ڪونه ڪرڻو پوندو هو انهي ڪري علم سکڻ جو چاه منجهن گهڻو هوندو هو پر هن وقت ۾ سيڪنهن شي جي گراني ۽ ڏڪر جي رڙ لڳي ويئي آهي ماڻهو تنگ ۽ مفلس ٿي رهيا آهن تنهنڪري ڪيترا غريب ماڻهو ته ائين چوندا آهن ته چوڪرو جو اسڪول ۾ وڃي بيو ئي ڪجهه نه ڪجهه هرج وجهندو تنهن کان چڱو آهي ته سنجهيئي ڪنهن اهڙي پورهئي ۾ لڳي جتان چار پئسا ڪمائي سگهي انهي ڪري جيسين اجان چوڪرو ننڍو آهي تيسين اسڪول ۾ اچي ٿو پوءِ يڪدم اسڪول ڇڏيو وڃي.

اڳئين وقت ۾ جيڪي به سکيا وٺندا هئا تن مان ڪنهن کي اهڙي اميد ڪانه رکڻي پوندي هئي ته هرو پرو اسين نوڪري ڪرڻ لاءِ پڙهون ٿا. پر هو رڳو علم حاصل ڪرڻ لاءِ پڙهندا هئا ۽ علم حاصل ڪري ڪنهن هنر

يا ڏنڌي کي وچي لڳندا هئا. اتفاق سان ڪي ٿورا نوڪرين ۾ ويندا هئا.

هينئر جيڪو پڙهي ٿو تنهنجو خاص دل جو ارادو نوڪري ڪرڻ جو آهي. انهي ارادي سان سيئي ماڻهو پڙهن پيا. نوڪريون ٿيون ٿوريون ۽ نوڪري ڪندڙ ٿيا گهڻا. پوءِ ڪن کي نوڪريون مليون ويون ۽ ڪي بيڪار ويهي گهر جو اٽو کائڻ لڳا. پيو ڪوبہ نہ هنر يا ڏنڌو ڪونہ رهيو ۽ هاج ڪرڻ کان رهت ٿي ويا. نتيجو اهو نڪتو جو ماڻهو انهي کي چوڻ لڳا تہ پائي هي سڌريو ئي ڪين يعنيٰ نوڪري واري ماڻهوءَ کي سڌريل ۽ بنا نوڪري واري کي اڻ سڌريل ڄاڻندا هئا. هاڻي انهي هڪڙي کي بيڪار ۽ اڻ سڌريل ۽ بک مرندو ڏسي ٻين جي دل بہ ڪٽي ٿي ويئي انهي ڪري بہ تعليم تان چاه ڍرو ٿي ويو.

(4) **اسڪولن جي حالت:** اڳي نڪي هوندا هئا امتحان نڪي درجا چڙهڻ. تنهنڪري ڇوڪرا ويندا هئا درجا ٽپندا. هينئر امتحانن جي سختين ڪري ماستر بہ سچي تعليم کي ڇڏي نموني خاطر رڳو امتحاني تعليم لاءِ انهن کي تيار ڪرڻ لڳا. نتيجو اهو ٿيو تہ جيڪي ڇوڪرا تنهن هوندي بہ امتحان ۾ هڪ دفعو فيل ٿي پيا تہ وري ٻي دفعي لاءِ 12 مهينا رهڻ ڏکيو ڄاڻي دل ڪٽي ڪري پڙهڻ ڇڏي ڏنائون.

(5) **تعليم جا ڪم:** هينئر ڇوڪرن کي پڙهڻ جا ڪم ڏاڍا گهڻا ڪرڻا پون ٿا اُهي ڪم جنهن متي تي رکيا ويا آهن تنهن متي موجب تہ آڻي باقي وقت جي اندر انهن جي پورائي مشڪل آهي. انهي ڪري ڇوڪرن جي حافظي ۽ دماغي طاقت تي بار ٿيو پوي. جنهن مان يا تہ هو ڪم طاقت تي اپرا ۽ ضعيف رهن ٿا ۽ مٿاهين درجي جي تعليم لاءِ پاڻ کي ڪارائتو نٿا ڪري سگهن يا تہ شڪست دل ٿي ماڳهين ڪند ۾ موڳا ٿيو پون ۽ پوءِ تہ سڀ ڪنهن قسم جي تعليم پرائڻ کان ڇڙتي رهن ٿا.

# علم لغات يا شبد وديا

آسانند مامتورا، بي-اي

عام طور وديارٿين جي دلين ۾ اهو خيال ويٺل آهي تہ هر ڪا ٻولي مقرر ڪيل، اڻ ڦرندڙ حالت ۾ آهي. انهي جو سبب اهو آهي جو وديارٿين جو ڌيان فقط ٻولي جي اُنهي صورت ڏي ڇڪايو ٿو وڃي، جنهن ۾ ساهت درجہ ٿيل آهي، جا ٻولي جي ساهتڪ يا ادبي صورت آهي. قدرتن، انهي ڪري وديارٿي ٻولي کي اڻ ڦرندڙ ۽ محڪم صورت ۾ ٿو سمجهي. ٻولي جي سکڻ لاءِ قاعدا هن کي سکڻا پون ٿا تن جي سبب پڇڻ لاءِ هنکي همٿايو نٿو وڃي. خصوصن جنکي "نراليون حالتون" سڏيو ٿو وڃي، تن جي انهي حالت وٺڻ جو سبب پڇڻ کان هن کي هميشہ روڪيو ٿو وڃي. ائين برابر آهي تہ عملي نقطہ نگاه ان ٻولي جي اڀياس، تواريخي اڀياس کان نرالو آهي، انهي ڪري ٻولي سيکارڻ جا رواجي رستا آهن، تن تي سراسر نڪتہ چيني ڪرڻ عبث ٿيندي، پر ايترو تي جائي شد مد سان چوڻو ٿو پوي تہ ٻولي جي اڀياس کي ڪنهن معقل بنياد تي ٻڌڻ ۽ وديار ٿي ۾ تواريخي شناس پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي.

ويا ڪرڻ نويس اسان کي چون ٿا تہ فلاڻي لفظ جي فلاڻي حالت صورت ۾ صحيح آهي ۽ فلاڻي صورت ۾ غلط هاڻي ويا ڪرڻ نويس کي اهڙي دعوي ڪرڻ جو ڪوبہ حق ڪونهي. هن کي چڙو لفظ جي مروجي صورت يا حالت بيان ڪرڻي آهي. "صحيح" يا "غلط" سان هن جو ڪوبہ تعلق ڪونهي. درحقيقت، تواريخي نقطہ نگاه کان نرالي يا بي قاعدي حالت آهي ئي ڪانہ. اهي چڙو ڏسڻ ۾ ائين ٿيون اچن. ٻولي ۾ ڪجهہ بہ ڪنهن سبب کانسواءِ ڪونہ ٿو ٿئي.

ٻولي جي تواريخ ۾ مطلب آهي ٻولي جي ترقي، انهي ۾ جي شروعات کان وٺي اڄ ڏينهن تائين وقت بوقت تبديليون ٿيون آهن. انهي تفحص ۽

تحقيقات لاءِ ضروري آهي تہ جن قدرتي قاعدن موجب اُهي تبديليون ٿين ٿيون، اُهي ڳولي لهجن، ۽ اُهي قاعدا ڪسوٽي تي لڳائي محڪم پائي تي بيهارجن، ۽ انهي طرح معلوم ڪجي تہ ٻولي ۾ ڪهڙين رغبتن ۽ حالتن ڪري اهي ڦيرون گهيرون ٿين ٿيون.

ٻولي خيالن ۽ ڀاون جي هڪ ٻاهرين نشاني يا صورت آهي. اها خيالن ۽ ڀاون کي پڌري ڪرڻ لاءِ اشاري، تصوير ۽ پتلي جي پيٽ ۾ گهٽي گهٽ سڌيءَ طرح ڪارگر آهي، جو اشارن، نقش ۽ سنگتراشي جي وسيلي ڪوبہ دل جو ڀاءُ يا جذبو خواهش يا تمنا، يا ڪنهن بہ حادثي جي يادگيري اهڙي طرح پڌري ڪري سگهجي ٿي جو اُها سيني ملڪن جي ماڻهن کي سمجهڻ ۾ اچي ٿي. انهن جي پڌرائي معنيٰ ۾ عالمگير آهي. پر ٻوليءَ جون نشانيون ۽ ضرورتون ڇڙو اُهي سمجهي سگهن ٿا، جي انهن مان واقف آهن، جي ڪن خاص آواز جي روپن ۾ خاص معنيٰ سمجهن ٿا. قصو ڪوتاه تہ ٻولي هڪ من مان ٻئي من ڏي ويچارن ۽ ڀاون نيڻ لاءِ هڪ اڻ سڌي نشاني آهي، لکيل ٻولي تہ تهائين وڌيڪ اڻ سڌي نشاني آهي، جو اُها نشاني جي بہ نشاني آهي. لکيل نشاني ڦري جڏهن آواز جي صورت وٺي ٿي جنهن جي ڀاڻ نشاني آهي، تڏهن ئي منجهانئس معنيٰ ۽ مطلب نڪري سگهي ٿو.

اسان کي اهو ڪڏهين بہ وسارڻ نہ گهرجي تہ ٻولي جو سچو مطلب آهي "ٻوليل آواز" جو ٻولي جو ٻاهريون ۽ ٻڌڻ ۾ ايندڙ ڀاڱو آهي. در حقيقت ڪنهن بہ ٻولي جو تواريخي نقط نگاه کان اڀياس مدار رکي ٿو اسان جي آواز جي ڄاڻ پڇاڻ ۽ لکيل نشانين جي صورت مان انهي ۽ انجي ڦير گهير کي سڃاڻڻ تي. پر اسين ڪنهن بہ ٻولي جي تواريخ جي ڪيتري بہ ڪٽي کوجنا ڪريون، تڏهين بہ نيٺ ڪنهن اهڙي نقطي تي پهچون ٿا، جتي انهي ٻولي جون حدون ٻئي ڪنهن ٻولي سان رلڻ ملڻ لڳن ٿيون. اسان جي سنڌي ٻولي جو جڏهين تواريخي اڀياس ٿو ڪجي تہ معلوم ٿو ٿئي تہ انهي جو لاڳاپو

هندستان جي ڪيترن اپڀرنش ٻولين سان آهي، جي وري سنسڪرت سان تعلق رکن ٿيون. انهي ڪري اٿين ڪٿي چئجي ته سنسڪرت مول ڀاشا آهي، جنهن مان هندستان جون ٻيون سڀ ٻوليون نڪتيون آهن. علم لغات جي عالمن ته ثابت ڪري ڏيکاريو آهي ته ڪنهن پراچين سمي ۾ ڪا آريه ٻولي هئي، جنهن مان دنيا جون ڪيتريون ساريون ٻوليون نڪتيون آهن، ۽ انهي جي قديم ۾ قديم صورت جا اجا زنده آهي سا آهي سنسڪرت. اهي ٻوليون صدين بلڪ هزارن سالن کان جدا رهيون آهن ۽ پنهنجي پنهنجي نموني پئي ڦريون گهريون آهن؛ انهي ڪري منجهائن مائٽي ڳولي لهڻ مشڪل آهي. هرهڪ ٻولي کي پنهنجون عادتون ۽ ترقي جون رغبتون آهن. ڪا ٻولي هڪڙي اوائلي صورت جلدي مٽايو ڇڏي ته ٻي وري اها خصوصيت قائم رکندي اچي. ڪڏهن قضاني ٻولي مان جيتوڻيڪ ڪا خصوصيت غائب ٿيو وڃي، ته به ٻنيان پنهنجي هستي جي ڪانه ڪا نشاني پڙٻوئي ڇڏيو وڃي. انهي حالت ۾ اسين نتيجو ڏسي سگهون ٿا، پر ڪارڻ نه. نڪي وري اهو نتيجو سمجهائي سگهون ٿا، جيستائين ڪنهن ٻي ٻولي جو سهارو نٿا وٺون جنهن ۾ اها خصوصيت قائم رهندي آئي آهي.

ٻولي جي اڀياس لاءِ ضروري آهي ته زنده ٻولين جي واقفيت مان اهو محسوس ڪجي ته ٻولي جي "جيوت" يا "زندگي" ڇا آهي؛ ڪهڙيون رغبتون ٻولي ۾ ڦير گهير آڻين ٿيون. القصئه ته ٻولي ۾ جا سانده ڦير گهير ۽ ترقي پيئي ٿئي تنهن جا ڪهڙا سبب آهن ۽ اهي هر ڪنهن ٻولي سان لاڳو آهن يا نه.

ٻولي جي "جيوت" جا ٻه روپ آهن. هڪڙو جنهن جو تعلق انساني من سان آهي ۽ جو من وديا جي ڇاڻن جي تفحص ۽ کوجنا جو ميدان آهي؛ ۽ ٻيو جنهن جو تعلق پڌرائي جي نمونن سان آهي ۽ جو آهي آواز.

ٻولي ماڻهن جي شخصيت جو قدرتي اظهار آهي؛ انهي ڪري قدرتن، اها ماڻهن جي من ۽ تن جي ورتين ۽ عادتن ڦرڻ سان ڦرڻ ئي گهرجي.

توڙي جملي جي جوڙجڪ. جو انهيءَ قوم جي انهيءَ وقت جي قدرتي ٻولي جي عادت جي ورڌ آهي، سو انهي قوم ۽ انهي وقت لاءِ سراسر غلط آهي.

مٿين خيالن موجب سڀ ٻوليون مول توڙي انهن جون شاخون يڪسر چڱيون آهن. پر باوجود انهي جي، ٻولين جي مشابهتي فوقيت ٻن ڪسوٽين سان پرکي سگهجي ٿي، هڪ مطلق ۽ ٻي عارضي.

ٻولي ڪيتري قدر پڌرائي يا اظهار ڪرڻ ۾ سهوليت پري ۽ مائيم آهي، انهي تي ئي هن جي فوقيت دارو مدار رکي ٿي. جا ٻولي جي اُها ڳالهائين ٿا تن جا احتياج پورا ڪري ٿي ۽ خيالن ۽ جذبن جي باريڪ ۾ باريڪ رنگن ۽ روين کي ظاهر ڪري سگهي ٿي، سا اُنهي ٻولي کان وڌيڪ فوقيت واري ۽ ملائيم آهي جا اهي شرط پورا نٿي ڪري.

ٻولي جي فوقيت جي ٻي پرک جنهن کي اسان عارضي سڏيو آهي، سا آهي تہ سڀيہ سماج يا تهذيب پذير سوسائٽي جو صحيح محاورو. علم لغات جي مد نظر کان، جيئن اسين اڳيئي چئي آيا آهيون، جو محاورو اسين دهقالين جي واتان ٿا ٻڌون سو ڪنهن بہ سڀيہ انسان جي محاوري کان گهٽ درجي جو ناهي. پر سڀيہ سماج جو محاورو عام طور فوقيت وارو، نزاڪت ڀريو ۽ دل گهريو سمجهيو ٿو وڃي. لکڻ جي هنر انهي محاوري کي ڪنهن قسم جو شرف کٽي بخشيو آهي. پر جي تواريخي نظر نگاه کان ڏسبو تہ ٻوجهہ پوندي تہ اهو محاورو سڀيہ سماج جي ٻولي، نهايت ڳاڏوڙ ٿئي ٿي:

منجهس گهٽن ئي قسمن جا اثر اچيو ملن.

هاڻ سوال آهي تہ علم لغات يا شبد وديا جو ابياس ڪيئن ڪجي. سڀني ۾ سٺو طريقو آهي پنهنجي مادري ٻولي کٽي، اُنهي جون صورتون ۽ نحوي حالتون جاچجن. ۽ انهن جا سبب پڇندي، انهن جو بنياد اصلي آريہ ڀاشا مان ڳولي لهجي، پوءِ ڏسجي تہ انهي کانسواءِ ٻيا ڪهڙا اثر ٻولي تي ٿيا آهن ۽ انهن جا سبب ڪهڙا آهن.

# سنڌي ٻولي ۽ ديوناگري لپي

مسٽر ڏيارام وسڻ مل مير چنداڻي بي.اي

سنڌي ٻولي جو مول يا بنياد سنسڪرت آهي ۽ سڌيءَ طرح اپڀرنش پراڪرت مان نڪتل آهي. هندستان جون ڪيتريون ٻيون ٻوليون ٻه جهڙوڪ پالي، مرالي، گجراتي، پنجابي، مارواڙي، هندي ۽ بنگالي پڻ سنسڪرت مان يا سڌي طرح ڪنهن نه ڪنهن قسم جي پراڪرت مان نڪتيون آهن.

ڊاڪٽر ٽرمپ، جنهن جهڙو قابل ٻيو ڪو سنڌي ويا ڪلرڻ لکندڙ اجا ڪونه پيدا ٿيو آهي، سو پنهنجي سنڌي گرامر ۾ هن ريت ٿو لکي:-

"(1). سنڌي نج سنسڪرت ٻولي آهي. اتر هندستان جون جيڪي ٻه ٻيون ٻوليون آهن، تن مان ڪنهن ۾ به جيترا غير لفظ آهن، تن کان گهٽو گهٽ غير لفظ سنڌي ۾ آهن.

(2). ويا ڪرڻي روپن ۽ ناهه ۾ سنڌي ٻولي ٻين سيني پراڪرت زبانن کان گوءِ کڻي ويئي آهي، يعني جي روپ ٻين ٻولين ۾ گم ٿي ويا آهن سي اجا تائين سنڌي ۾ قائم آهن.

(3). سنڌي ٻولي جا لفظ اصل پراڪرت کي گهڻو ويجها آهن يعني ٻين ٻولين جهڙوڪ مراٺي، هندي، پنجابي يا بنگالي ۾ جي لفظ هاڻي ڪم اچن ٿا، سي اصل پراڪرت لفظن کان گهڻو مٽيل ۽ بدليل آهن، ايتري قدر جو انهنجو اصل سڃاڻڻ مشڪل ٿي پوندو آهي. پر سنڌي ۾ ائين نه آهي."

(ڏسو سنڌي "نئون ويا ڪرڻ) لکيل مسٽر جهمٽمل نارو مل جو سنه 1892ع

مطلب ته جيتري مشابهت سنڌي ٻوليءَ جي سنسڪرت يا پراڪرت سان آهي اوتري ڪنهن به هندستان جي ٻيءَ ٻوليءَ جي نه آهي. انهيءَ هوندي به جن پرڳڻن ۾ ٻيون ٻوليون جهڙوڪ بنگالي، مرهٽي گجراتي چالو آهن اتي

لوڪ ڪري هندو هندي ۽ سنسڪرت سکن ٿا ۽ انهن جو اڀياس ڪن ٿا سنڌ جا هندو گهڻو ڪري هنديءَ سان واهپو رکن ٿا. سنسڪرت سان، انهيءَ ڪري پنهنجي ڌرم ڪرم ۽ سڀيتا کان گهڻي قدر غير واقف آهن. جو ائين آهي تنهنجو مکيه ڪارڻ اهو آهي جو اسانجي سنڌي ٻولي جي عربي فارسي آهي ۽ نه ديوناگري ٻيون ٻوليون جيڪي پراڪرت جون ڌيئر آهن تن جي لپي يا ته ديوناگري آهي يا لڳ ڀڳ ديوناگريءَ جهڙي آهي. جهڙوڪ هندي، گجراتي، بنگالي ۽ مرهٽي. جن ملڪن ۾ ٻوليون چالو آهن جئن ته بنگال جا گڏيل علائقا، وچان علائقا، پنجاب، راجپوتانا، مهاراسٽر ۽ گجرات انهن جا ماڻهو سياويڪ طرح هندي ۽ سنسڪرت سکن ٿا. پر سنڌي جي لپي جو عربي فارسي نموني جاري ڪئي ويئي آهي، تنهنڪري اسان سنڌين کي نئين لپي، ديوناگري سکڻ ۾ عار ٿو ٿئي. اهو سبب آهي جو اسين سنڌي پنهنجي قديم ٻولي، سڀيتا ۽ ڌرم ڪرم کان محروم ٿي ويا آهيون. نه رڳو ايترو پر پنهنجي ٻوليءَ جي بنياد. تاريخ، بناوت، يا ڪهڙا لفظ سنسڪرت مان آيا آهن ۽ ڪهڙا غير ٻولين مان وغيره. انهن ڳالهين جي پڻ اسانکي پوري ٻوجهه نه آهي. انهن سڀني ڳالهين سمجهڻ لاءِ نهايت ضروري آهي ته اسين سنڌي لوڪ ديوناگري اکر سکون ۽ تن جو استعمال ڪريون.

ڪيترن ماڻهن منجهه اهو وهم ويٺل آهي ته سنڌي ٻولي اوائل کان عربي فارسي لپيءَ ۾ لکبي پئي آئي آهي، پر حقيقت ۾ ريت آهي ته چالو لپي انگريزن جي سنڌ فتح ڪرڻ کانپوءِ 1853ع ۾ سرڪاري طرح جاري ڪئي ويئي. انگريزن جي سنڌ فتح ڪرڻ وقت سنڌي ٻولي کي ڪا اصل لپي ڪانه هئي. ماڻهو هندو سنڌي ٻڻا اکر يعني ماترائن کانسواءِ ڪم آڻيندا هئا، جي پڻ ديوناگري جي ونيء هئا، ۽ مسلمان ماڻهو عربي فارسي لپي ڪم آڻيندا هئا. ان وقت سنڌي ٻولي گهڻو ڪري فقط ڳالهائڻ ۾ ڪم ايندي هئي ۽ لکيل ڪتاب ڪو ڇڏو پاڏو هئو.

پهريائين پهريائين هڪ هڏ ڏوکي ۽ خدا ترس انگريز ڪئپٽن سٽئڪ هڪ سنڌي گرامر ۽ ٻه سنڌي ڊڪشنريون تيار ڪيون، پر تنجي تيار ڪرڻ کان اڳي هن کي اها تڪليف درپيش آئي ته انهن ڪتابن لکڻ ۾ سنڌي لفظ ڪهڙيءَ لپيءَ ۾ لکجن ڇو ته سنڌيءَ کي ته پنهنجي لپي ان وقت ڪانه هئي. ويچاري کي ويچار ٿيو ته اڙدو الف بي، ڪم آڻيان يا ديوناگري نيٺ گهڻي ويچار کان پوءِ هن ديوناگري لپيءَ ۾ لکڻ مناسب ۽ صحيح سمجهيو. تنهن ٻه اٿين ڪيندو هو ڇو ته سنڌي اصل سنسڪرت نسل جي ٻولي آهي ۽ سنسڪرت شبدن جو انداز ان ۾ غير لفظن بنسبت تمام گهڻو آهي. هن صاحب اهي مٿيان ڪتاب لکي سچ پچ ته سنڌ سان وڏا ڀال ڀلايا آهن. هن جو سنڌي ويا ڪرڻ ۽ انگريزي سنڌي ڊڪشنري 1849ع ۾ ڇپجي پڌرا ٿيا پر سندس سنڌي انگريزي ڊڪشنري 1855ع ۾ سندس مرڻ کانپوءِ ڇپائي پڌري ڪئي ويئي. اها محنت ۽ اورچائي جا هن سنڌي ٻوليءَ جي کوجنا ۽ بنيادي ڪتابن لکڻ ۾ ڏيکاري تنهن سندس جيءَ جهوري وڏو جنهنڪري هو صاحب سگهوئي گذاري ويو.

تنهن کانپوءِ ڊاڪٽر ٽرمپ هڪ جرمن صاحب هڪ وڏو عمدو ڪارائتو ۽ قابليت ڀريو ويا ڪرڻ تيار ڪري سنه 1872ع ۾ جرمنيءَ ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو. هن ڪتاب ۾ هن صاحب سنڌي لفظن يا شبدن جي بنياد ۽ اصلوڪن سنسڪرتي موڙتن جي ڦير گهير ۽ ويا ڪرڻ جي قاعدن ۽ سندس لفظن جي ٻين پراڪرتي ٻولين جي شبدن سان ڀيٽ ۽ ٻين ضروري ڳالهين جو وڏو وستار ڪيو آهي. نه فقط ايترو پر پنهنجي ڪتاب ۾ سنڌي لفظن لکڻ ۾ ٻن قسمن جون لپيون ڪتب آنديون اٿس. هڪ ديوناگري ۽ ٻي اڙدو.

ڊاڪٽر ٽرمپ پنهنجي گرامر ۾ لکي ٿو ته "ڪابه لپي سنڌي ٻولي لاءِ اهڙي ڪارگر نه ٿيندي جهڙي ديوناگري، ڇاڪاڻ ته سنڌي سنسڪرت جي

سچي پچي ڏي آهي."

سنڌي ٻولي جي هاڻوڪي عربي فارسي لپي ڀرپائين 1853ع ڌاري جاري ڪئي ويئي. ڀرپائين تڪرار اُٿيو ته لپي ڪهڙي جاري ڪجي. عربي . فارسي ڏانو جي يا ديوناگري.

سنڌ ۾ ڪي صاحب هڪ جي فائدي ۾ هئا ته ڪي ٻيءَ جي. نيٺ ان ڳالهه جو فيصلو انگلينڊ ۾ ايسٽ انڊيا ڪمپني جي بورڊ آف ڪمپني جي بورڊ آف ڪنٽرول ڪيو ته جنهن صورت ۾ سنڌ ۾ آدم مسلمانن جو گهڻو آهي تنهن صورت ۾ عربي لپي ڪم آڻجي. اهو فيصلو واجبي نه هو ڇو ته سنڌي ٻولي سنسڪرتي آهي تنهنڪري انجي لپي به سنسڪرتي هئڻ کپندي هئي.

بنگال ۾ مسلمانن جو انداز هندن جيتروئي رهندو پي آيو آهي تڏهين به اتي سڀ مسلمان بنگالي ٻولي ڪم آڻين ٿا جا ديوناگري جهڙي لپي ۾ آهي. ساڳيءَ طرح دکني مسلمان ۽ يهودي مرهٽي ٻولي ۽ ووئنرا، ميمڻ، ڪڇي ۽ پارسي گجراتي ٻولي ڳالهائين ۽ پڙهن لکن ٿا، جن جون لپيون پڻ ديوناگري جهڙيون آهن. سنڌي ٻولي لاءِ بروقت ديوناگري لپي جاري ڪجي ها ته جيڪر ٻين پرڳڻن وانگر سنڌي، مسلمان توڙي هندو لپي ڪم آڻين ها ۽ اها عام مروج ٿي وڃي ها. هاڻي جنهن صورت ۾ عربي سنڌي آئيوينا سرڪاري طرح چالو ٿي ويئي آهي ته اِها پل ته قائم هجي ان سان گڏ سنڌي ٻولي ديوناگري لپيءَ ۾ پڻ لکي وڃي ٿي ۽ ائين هيٺيان فائدا ٿيندا:-

1). اسان کي لفظن جي بنياد تن جي اصلوڪي روپ ۾ جا ڦير پئي ٿي آهي تنهن جي پروڙ ٿي سگهندي.

2). سنڌي ماڻهو سنڌي ۾ جي اِها لپي استعمال ڪندا پوءِ هنن کي هندي يا سنسڪرت ۾ ڪا به اڙچڻ ڪانه ٿيندي ۽ پنهنجي هندو ڌرم سيپتا جي پوري ٻوجهه پوندي.

# پروفيسر ڀيرومل مهرچند جي سنڌي ڊڪشنري ۽ اعرابون

پروفيسر پوڄراج هوتچند ناگراڻي

ڪاڪي ڀيرو مل صاحب جا سنڌوءَ ۾ سنڌي ڊڪشنري ۽ اعرابون واري مضمون تي ٿي ليک گهڻي چاهه سان پڙهيا اٿم. هو صاحب سنڌي جي سهڻن ۽ ڀل ڀليرن شيوڪن مان هڪڙو آهي. انڪري جيڪي پاڻ لکي ٿو تنهن چڱو ڌيان لهڻو. مونکي سندس لاءِ هر طرح عزت آهي ۽ انڪري سنڌي ٻولي بنسبت، اڳئين چڪتاڻ وقت پڻ، جن ڪاڪي صاحب تي سخت ڪلامي ڪئي هئي انهن کي اخبارن دوران عرض ڪيو هوم ته ائين ڪرڻ کان باز رهن. مون تي هن صاحب پنهنجن ليکن ۾ جيڪي چوهه چنبيا آهن، انجو ڪوبه ارمان ڪين اٿم. سندس تجربو پدوي ۽ عمر کيس اهڙو حق ڏئي ٿي. ڏک فقط انهيءَ ڳالهه جو اٿم ته مونسان گڏ پروفيسر جيٺمل پرسرام تي پڻ جوش پري جلهيه ڪئي اٿس جو پڻ هن وانگي سنڌيءَ جو هڪ سليڇڻو خدمت گار آهي. هيءَ پرانت جي بدقسمتي آهي جو ساهت جا ڄاڻو هن طرح هڪ ٻئي تي جهليون ڪن ۽ جتي هوش کان ڪم وٺڻو هجي اُتي جوش کان ڪم نه وٺن.

ڊاڪٽر دائود پوٽو صاحب، جنهنجي بچاءَ ۾ پروفيسر ڀيرومل هميشه جهه عرصي کان قلم ٻي کنيون آهي، اهوپاڻ، ڪجهه به لکڻ، پنهنجي شان جي گهٽائي ٿو سمجهي. سرڪاري سنڌي ادبي صلاحڪار بورڊ جي ميمبرن تي کيس صحيح ٺهرائي، ٻي سندس بچاءَ ۾ ليک ۽ پترا لکيا آهن. ڳالهيون جن بنسبت کيس غلط سمجهن ٿا، انهن بابت چپن کي چُنو لاهي، مٿي به ماٺ، مُٺي به ماٺ ڪري ٻيا وقت خير جو گذارين. ان وقت پنهنجي وويڪ جو وات شايد هن دليل سان بند ٻيا ڪن ته سرڪاري ميمبرن کي شخصي طور ڪجهه به نه چوڻو آهي. اها اجازت ڪين فقط ڊاڪٽر صاحب جي پٺيرائي

لاءِ ئي مليل ٿي ڏسجي! نہ تہ، آهي ڪو انهن مان هڪڙو بہ، جنهن اڳين ڇڪتاڻ وقت ڪليءَ طرح لکيو تہ "خيال، معافي، خلقت" جهڙا لفظ "خيال، مُعافي ۽ خلقت" جيئن لکيا ويا هئا تيئن صحيح نہ آهن، لتہ اها عام جي ٻولي نہ آهي، تہ لفظ جيڪي سنڌي زبان ۾ ورتا وڃن انهنکي ائين ئي رکيو ويندو جيئن عام جي زبان آهي؟ روبرو اسانکي چيائون ٿي تہ اچار جي ڳالهہ ۾ اوهين صحيح آهيو پر ڪنهن کي بہ اها جريت ڪانہ ٿي ٿي جو اهڙي ڳالهہ ڪنهن بہ تقرير ۾ چون يا ان بنسبت ڪوبہ ليک لکن.

ڊاڪٽر صاحب ڪجهہ وقت ٿيو تہ شڪارپور ۾ آيو هو. اسانجي گفتگو اعرابن تي پڻ ٿي هئي پر اُها اڌوري رهجي ويئي. منهنجو خيال هو تہ ڪراچيءَ ۾ سنڌي ادبي صلاحڪار بورڊ جي ميمبرن اڳيان آءٌ پنهنجا سمورا دليل رکان پر اهو ٿئي ئي ڪونہ ٿي اُن کان اڳہ ٻڌم تہ ڪاڪي صاحب "سنڌو" ۾ ليک لکيو آهي. ڪراچيءَ ۾ ڪاڪي صاحب ٻڌايم تہ ڊاڪٽر دائود پوٽي ساڻس مونسان ٿيل گفتگو جو ذڪر ڇوريو هو. جنهن صورت ۾ سنڌوءَ جي دوران ڪاڪي صاحب اها صفائي پسند ڪئي، اُنڪري آءٌ ڪراچي ۾ روبرو ڪنهن سان ڪونہ مليس ۽ ساڳيوئي طريقو معاملي نرنيہ ڪرڻ جو آءٌ بہ وٺانٿو.

پنهنجي ڊڪشنري ۾ ڪاڪو صاحب ڇا لکندو اهو مٿس ڇڏيل آهي، هتي نقط هنڳالهہ تي ئي بحث هلي سگهي ٿو لتہ ڪيس ڇا لکڻ گهرجي. ڊڪشنري ۾ ٻوليءَ جا لفظ ڇاٽايا ويندا آهن ۽ اُنهنجي صحيح اُچار لاءِ اُچار جون نشانيون، ماترائون يعني اعرابون ڏبيون آهن. انڪري هر ڪنهن ڪوش جي ٻنهين ڳالهين سان واسطو ٿيندو. ان مد نظر ئي آءٌ پروفيسر پيرومل جي اُٿاريلن حجتن جو سنڌن پريو جواب ڏيان انکان اڳ بهتر ٿو سمجهان تہ اڳوات ڪانئس ڪي سوال پڇي ڪن ڳالهين جي صفائي ڪري

چڏيان جنهنڪري بحث مباحثو سولو ٿئي. اهي سوال هي آهن.

(1) ائين آهي يا نہ تہ صحيح لکڻ جو ڍنگ تڏهن ئي برابر ٿي سگهي ٿو جڏهن اُهو اُچار مطابق آهي؟

(2) ائين آهي يا نہ تہ هرهڪ ٻوليءَ جو روح يا دارومدار اُنجي سرن (Vowels) تي آهي؟

(3). ائين آهي يا نہ تہ عربي، (سيميٽڪ) مول ڀاشا جي شاخ آهي، ۽ سنڌيءَ جو واسطو سنسڪرت سان آهي. وري آريہ مول ڀاشا جي شاخ آهي؟

(4) مٿين ٻولين ۾ اُچار مطابق جيڪڏهن تبديل هجي تہ اعرابون ان مطابق رکي سگهجن ٿيون يا نہ؟

(5) اوهان پنهنجي ڪوشش ۾ خيال خلقت ۽ معاني لفظ اعرابون ڏيئي ڄاڻايا آهن؟

(6) اُهي لفظ جيڪي ڌارين ٻولين مان سنڌي ٻوليءَ کنيا آهن ۽ سنڌي زبان تي چڙهي ويا آهن انهن جي پڇاڙيءَ وارا اکر اوهان ڪيئن ڄاڻايا آهن؟

(7) لفظن جي اُچارن بنسبت مت ڀيد جي حالت ۾، اوهان ڪنهن بہ ليک يا نثر ۾ اهو ڪڏهن ڄاڻايو آهي تہ لفظن جا صحيح اُچار ڪهڙي اصول تي ٻڌجن؟

# سنڌي اعرابن ۽ پروفيسر ڀيرو مل مهر چند

(پروفيسر ڀوڄراج هوتچند ناگراڻي)

پروفيسر ڀيرو مل جي اعرابن نسبت للڪار سنڌي سڌار سڀا جي پتر نمبر 2 ڇپجڻ کان وٺي هلي آهي. هن صاحب جيڪي غلطيون ان پتري ۾ چاهي پنهنجي ڪتاب "سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ" ۾ ڪيون آهن اُنهنجي اُپٽار جو هينئر چڱو موقعو مليو آهي. مون وٽ هن صاحب جا لکيل گرامر پڻ آهن جن ۾ پڻ هن جيڪي لکيو آهي اهو ٻڌائڻ ضروري ٿيندو. سندس پتري واري للڪار کان پوءِ سنڌي ساهت سڀا جي ڪانفرنس تي هئي جتي پرسڌ ڪوي بيوس صاحب پنهنجي صدارتي تقرير ۾ پروفيسر ڀيرو مل ۽ ان سان هم خيال يارن جي حجتن جو جواب ڏنو هو. ان بعد سنڌ سرڪار هڪڙو ٺهراءُ پاس ڪيو هو ته ٻنهين طرفن جي عيوضين کي وهاري مت ڀيد وارين ڳالهين جو نبيرو ڪرائبو. جيسين ديوان نهچلداس وزيراڻي وزير هو تيسين اهي ڳالهيون هيون. جڏهن هو صاحب وزارت مان نڪتو تڏهن آنربل پير الاهي بخش ۽ اُنجي ساٿين خبر ناهي ته اسانجي طرف جا ڪهڙا عيوضي گهرايا جو فيصلو ڪيائون ته ڊاڪٽر دائود پوٽي جو عمل ۾ آندل سرشتو برابر آهي. هن طرح سرڪار پنهنجي انجام شڪني ڪئي. هن انجام شڪني ۽ ارهه زورآوريءَ نسبت ڪا ڪو سائين چوي ٿو ته "پوءِ سنڌ سرڪار کي هڪ سب ڪاميٽي مقرر ڪئي ...... هن سب ڪاميٽيءَ به اهو فيصلو ڪيو ۽ سنڌ سرڪار اهو بحال ڪيو ته پوءِ سنڌي جا ٻئي پروفيسر ڦڪا ڪانا چوپي ويهي رهيا." آءُ ٻاڻيانٿو ته ڪاڪي صاحب ڀاڳڪي اسانجي طرفان ان ڪاميٽيءَ تي عيوضي سمجهو هوندو. جيڪا ڳالهه نندڻ لائق آهي اها پروفيسر صاحب لاءِ فخر جو باعث آهي ۽ ان ڳالهه تي تڏي، اها دليل طور ڪتب آندي اٿس.

هن کان اڳ مون پروفيسر صاحب کان ڪي سوال پڇيا هئا پر

منهنجي سوال نامي جو جواب پروفيسر پيرو مل خير ڪو ڏنو آهي. ان بعد پڌو اٿم ۽ اخبارن ۾ پڻ پڙهيو اٿم ته نئين ٽيڪسٽ بوڪ ڪاميٽيءَ کي هدايتون ڪيون ويون آهن. ته اي ۽ اوُ ڪانسواءِ، آ جڏهن ڪنهن اکر جي پنيان اچي مثلا ٻا ٻا سو هيئنر ٻا ٻا وانگي لکجي. مونکي جاڻ ڪانهي ته انهيءَ نئين ٽيڪسٽ بوڪ ڪاميٽيءَ ۾ پروفيسر پيرو مل جي ڪهڙي حيثيت آهي ۽ سندس صلاح کي ڪهڙو وزن ڏنو ٿو وڃي، پر ان ۾ ته ڪوبه شڪ ڪونهي ته پروفيسر صاحب جا اُچار نبست اصول جي هن پنهنجي گرامر ۽ ٻين ڪتابن ۾ ڏنا ۽ ڏيڪاريا آهن. انهنکي النگهن ڪندي نوان نمونا ڪتابن ۾ رکيا ويا آهن پر تنهن هوندي به هن انهي برخلاف نڪي تقريرن دوران ۽ نه وري ليکڪن ذريعي ئي ڪو پنهنجو آواز اعتراض طور ڪڏهن به اُٿاريو آهي. هن نسبت منهنجي اٿاريل سوالن کي نظر انداز ڪري فقط ايترو لکيو اٿس ته اهي ڏٺ ڏوراپا پوءِ ڏٻا. في الحال اعرابن جي ڳالهه ڪريو. ٿي سگهي ٿو ته هن صاحب اُچارن نسبت ڪاميٽيءَ کي پنهنجي صلاح ڏني هجي ۽ اها سويڪار نه ڪئي ويئي هجي ۽ پروفيسر صاحب سياڻپ جو اهو نمونو سمجهيو هجي ته اچارن نسبت يارن جي اوگهڙ نه ڪجي باقي اعرابن نسبت مخالفين تي ڇوهه ڇنڊجن. زمانو ڦرندڙ آهي ۽ ان سان گڏ اسانجو ڪاڪو صاحب پڻ ڦريو آهي.

هن بعد پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ پنهنجو ”ڪچو ڦڪو جواب“ پنهنجي اُستاد صاحب پروفيسر پيرومل کي ڏنو آهي جنهن ۾ پنهنجي خيالن ۾ دليلن سان گڏ هن هڪ ڳالهه چئي آهي جنهنکي آءُ وري به دهرائڻ چاهيانٿو ته ڪاڪي صاحب درسي ڪتابن ۾ ڦريل اعرابن درج ٿيڻ جو جيڪو سبب ڄاڻايو آهي سو ٻاراڻو آهي ۽ دليل ڏيندڙ کي کلڻ هاب ٻڌائي ٿو. جڏهن هن سوال نسبت ڇڪتاڻ هلي هئي تڏهن پهرين مارو سرڳواسي

ديوان پريمچند تي هو پوءِ ان جي ڪلارڪ کي ڏوهي ٺهرايو ويو آهي. جي ڪلارڪ اُتارڻ ۾ چوڪون ڪيون جي ڏنيون ڪنهن ڪونه. ائين ئي ڇاپي ۾ اچي ويئون ۽ پريس ۾ پلٽجي ويئون ۽ سڀ ڄاڻو سرڳواسي مسٽر پرمانند ميوارام ۽ ٻيا تن نڪي هن ڳالهه جي اوگهڙ ڪئي ۽ نه وري ڪاڪي سائينءَ ڪجهه ڪڇيو سيني ست وچن مهراج ڪري ڪٽي ڳالهه قبول ڪئي. ڏٺيءَ مونکي جيڪا سمجهه ڏني آهي ان موجب ته آءٌ اها ڳالهه وسمي نٿو سگهان ۽ نه وري سمجهانٿو ته ڪوبه سياڻو اها ڳالهه اعتبار ۾ آڻيندو.

**پروفيسر ڀيرو مل جون غلطيون**

مون ڪاڪي صاحب کان اعرابن نسبت چار سوال پڇيا هئا جي هيٺيان آهن.

(1) ائين آهي يا نه ته صحيح لکڻ جو ڍنگ تڏهن ئي برابر ٿي سگهي ٿو جڏهن اهو اچار مطابق آهي؟

(2) ائين آهي يا نه. ته هرهڪ ٻوليءَ جو روح يا دارومدار اُنجي سُرن (Vowels) تي آهي؟

(3) ائين آهي يا نه ته عربي، شامسي (سيميٽڪ) مول ڀاشا جي شاخ آهي ۽ سنڌيءَ جو واسطو سنسڪرت سان آهي جا وري آريه مول ڀاشا جي شاخ آهي؟

(4) مٿين ٻولين ۾ اُچار مطابق جيڪڏهن تبديل هجي ته اعرابون ان مطابق رکي سگهجن ٿيون يا نه؟

ڪاڪي صاحب مٿين سوالن نسبت جواب ڏنو آهي ته مون پنهنجي جوڙيل ڪتاب "سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ" ۾ اهي ۽ ٻيون اهڙيون ڪئين ڳالهيون چٽيءَ ريت کولي ٻڌايون آهن. پوءِ ڇو ويهي "سنڌوءَ" جا صفحا ڪارا ڪجن ۽ پنهنجو به وقت وڃائجي؟

سنڌوءَ جا پڙهندڙ جن اڳيان هيءَ ڇڪتاڻ ڪاڪي صاحب نئين

سر شروع ڪئي سي هرويرو ساڳيا نہ آهن جن پروفيسر صاحب جا مٿيان ڪتاب پڙهيا هجن ان ڪري بهتر ٿئي ها. جي پروفيسر صاحب سلسلي وار ڳالهہ ڪري ها تہ پوءِ مونکي پڻ جواب ڏيڻ سولو ٿئي ها پر جنهن صورت ۾ پاڻ هنن ڳالهين جو سنبنڌ نٿو سمجهي ۽ مونکي صلاح ڏني اٿس تہ مٿيان ڪتاب پڙهان اُن ڪري ضروري آهي تہ پروفيسر صاحب جي ڪتابن مان حوالا ڏئي ڳالهين جي اپٽار ڪريان جنهنڪري غلطيون درست ٿين.

(1). سوال ڀرين لکڻ ۾ مقصد اهو آهي تہ لکڻ جو نمونو ۽ ڍنگ اُچار مطابق ٿي هئڻ گهرجي ۽ جيڪڏهن ڪنهن بہ ٻوليءَ جي آئيوٽا وٺجي تہ هرويرو ضروري نہ آهي تہ جنهن نموني ۾ ڀرين ٻوليءَ ۾ اعرابون ڪتب اچن ٿيون ان نموني ۾ ٻي ٻوليءَ ۾ لکڻ لاءِ اسين ٻڌل آهيون. پنهنجي گهرجن پٽاندر اسين انهن ۾ ڦير گهير ڪري سگهون ٿا. عربيءَ جي پيٽ ۾ اهڙي تبديل سنڌي ۾ سرن لکڻ نسبت اڳ ۾ ٿي آهي. جڏهن مسٽر آءِ. آءِ قاضي صاحب جي زير صدارت ڪاميٽي وهاري ويٺي هئي تڏهن مونکي لکيو ويو هو تہ آءٌ پڻ ان ڪاميٽيءَ اڳيان اچي شاهدي ڏيان. مون جواب ۾ لکيو تہ جيڪڏهن اوهين اهو اصول قبول ڪريو تہ اعرابون انهيءَ طرح ڏنيون وينديون جيئن سنڌي ٻوليءَ جو اچار نہ ڦري ۽ اهڙو فيصلو ڀرين ڪندا تہ پوءِ آءٌ شاهدي ڏيڻ لاءِ تيار آهيان. پر سياڻن سمجهيو تہ مان ڪن خاص لفظن جي اُچارن جو ٿو سوال اُٿارين اُنڪري چيائون تہ خلقت، خيال، معافي وغيره اهڙا لفظ ڪيئن بہ اچاريون انهيءَ ڳالهہ جو اعرابن سان ڪهڙو واسطو آهي؟ منهنجي دعوي هئي ۽ هاڻ بہ آهي تہ عربيءَ جا حرف علت هڪڙا ۽ آنڊو آرين ٻولين جا سر (جن ۾ سنڌي پڻ هڪ آهي) ٻيا آهن. تہ انهن جي اُچار ۾ پڻ تفاوت آهي. انڪري عرب پاٺرن جي حرف علت ظاهر ڪرڻ جو

نمونو علحدو آهي ۽ سنڌن ٻوليءَ لاءِ وگيانڪ (Scientific) پر اسانجي سرن (Vowels) ظاهر ڪرڻ لاءِ اڻپورو ۽ نقصدار آهي. اها هڪ سڌانتي ڳالهه آهي جنهن نسبت ڊاڪٽر دائود پوٽو صاحب ۽ سندس پنيرائي ڪندڙ ۽ اسين مت ڀيد رکندڙ آهيون. ڳالهه علمي آهي ۽ نه فرقيپرستيءَ جي. نڪي اسلام خطري ۾ آهي نڪي ڪي هندو پٽي ڪي ڪا باهه ٽي لڳي. اسلام ۽ هندو ڌرم اسانجي اختلافن کان لوڏي ۾ نه ايندا.

آءُ پاڻکي ڪنهن به ڳالهه نسبت ڪا آخري سند نٿو سمجهان. مونکي پروفيسر ڀيرومل صاحب، ڊاڪٽر دائود پوٽو صاحب، مسٽر لعلچند امر ڏنو مل ۽ ٻيا جي اسانجي رائي جا نه آهن انهن سڀني لاءِ عزت آهي. پر هيءَ منهنجو نماڻو رايو آهي ته هن ڳالهه ۾ هو ڀليل آهن. هنن ٻي طرف جا خيال ۽ رايا نڪي ٻڌا ۽ سٽيا ۽ نه وري ٻڌڻ لاءِ تيار هئا. عملداري زور سنڌن طرف هو انڪري غلط کي صحيح ڪري اٿيا. پروفيسر ڀيرو مل هن ڳالهه بابت گهڻن هنڌ لکيو آهي، انڪري سندس لکيت مان حوالا ڏئي جيڪي سندون هٿ آيون اٿم انهنجي آڌار تي دليل بازي ڪندس. مان ته جيڪر وري به عرض ڪريان پروفيسر ڀيرومل صاحب ۽ ٻين کي ته شخصي جلهين کي ڇڏي هن معاملي تي ڪن اصولن کان ويچار ڪريو ۽ خاص ڪري عربي دان کي منهنجو نماڻو عرض آهي ته هن ڳالهه تي ڪافي روشني وجهو. ڊاڪٽر دائود پوٽي کي ڪيي ته پاڻ قلم هٿ ۾ کڻي؛ پروفيسر ڀيرومل ڪو عربيءَ جو ڄاڻو ڪونهي، انڪري سندس وائي کي ڪوبه وزن ڪونهي.

ڪاڪو صاحب ۽ انجا هم خيالي سمجهن ٿا ته سنڌي ۽ عربيءَ ٻنهين ۾ ساڳيا ڏهه سُرَ (Vowels) آهن، ته انهنجو اچار ساڳيو آهي، قدرت ۾ ٻيائي ڪانهي، اُنڪري جنهن صورت ۾ اسان عربن جي آئيويٽا ڪنئي آهي، اُن ڪري اسانکي سرن ظاهر ڪرڻ جو نمونو پڻ ساڳيو اختيار ڪرڻ گهرجي.

اسانجي حجت آهي تہ عربي ۽ سنڌيءَ ۾ ساڳيا 10 سر ڪونهن. نہ وري سيني جو اُچار ساڳيو اهي، قدرت ۾ تفاوت آهن ان ڪري جيتوڻيڪ اسان عربن وارو لکڻ جو نمونو اختيار ڪيو آهي تہ بہ اسان کي هرڪو حق آهي تہ پنهنجن گهرجن آهر انهن ۾ اهڙيون تبديليون آڻيون جو لکڻ جو مکيہ اصول "تہ اعرابون اهڙيءَ طرح ڪم آڻيون جو سنڌي ٻوليءَ جو اُچار قائم رهي" ان جي برابر پيروي ٿئي ۽ انڌ ۾ پئي اجائي ٻوٿلگي نہ ڪريون. هر ڪا ڦير گهير ڪنهن اصول تي هئڻ گهرجي.

آءٌ ڪاڪي صاحب ۽ انجي ساٿين سان بي انصافي ڪانہ ٿو ڪريان. اڃو تہ سندن لکيتون ڏسون.

هلچل ۽ چڪتاڻ وقت ٻنهي طرفن پنهنجا پنهنجا پترا ڪڍيا. پروفيسر پيرومل سنڌي سڌار سڀا جي سهاري هيٺ پترو نمبر 2 ڪڍيو جنهن ۾ هن "اعرابن تي ويچار" ظاهر ڪيا. ان ۾ صفحہ 9 تي "قدرت ۾ ٻيائي ڪانهي" واري سري هيٺان لکي ٿو:_

(الف) تہ "سنسڪرت ۾ هرهڪ اچار لاءِ رڳو هڪڙو اکر ٺهرايل آهي. تنهنڪري بہ حرف علت گڏ ڪم نہ آڻيندا آهن. سنڌي لاءِ عربي سنڌي آئيويتا ڪم اچي ٿي تہ اعرابن جو استعمال بہ ضرور عربي جي نموني ڪرڻو پوي ٿو جو عربيءَ جي حالت ۾ اهوئي صحيح ۽ وگيانڪ (Scientific) نمونو آهي. جيڪڏهن اڄ ڪلي فيصلو ڪريو تہ آئيندي سنڌيءَ لاءِ رومن اکر(Roman Characters) ڪتب اچن تہ انهيءَ حالت ۾ ضرور رومن نمونو اختيار ڪرڻو پوندو. پر ياد رکڻ گهرجي تہ سيني ٻولين جا اهي اچار پيدا ڪرڻ جا نمونا قدرت جي قاعدن پٽاندڙ ٺهيل آهن.

(ب) صفحہ 9 ساڳيو پترو سٽ چوٿين عربيءَ ۾ ايہ آي (آءِ)، او ۽ آو (آءُ) جي اُچارن لاءِ بہ بہ حرف گڏ ڪم آڻين ٿا. انهيءَ ريت ا_و_ي مان ڏهہ حرف علت قدرت جي قاعدي پٽاندڙ جڙيا آهن.

(ب) "سنڌيءَ جي تاريخ" (لکندڙ پروفيسر ڀيرو مل) صفحو 321 سٽ 2 ، عربي ۾ اي آي (آءِ)، او ۽ آو (آءُ) جي اُچار لاءِ ٻه ٻه حرف گڏ ڪم آڻين ٿا. سنسڪرت ۾ هرهڪ حرف علت کي رڳو هڪڙو اُچار آهي.

(پ) "سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ" صفحا 321، فقرو 288. هن باري ۾ هيءَ ڳالهه ڌيان ۾ رکڻ گهرجي، ته سيني ٻولينجيڪي حرف علت آهن ان سيني کي پنهنجو پنهنجو اُچار آهي، تنهنڪري عربي ۽ پارسي ۾ ڪنهن ٻه حرف علت کي اعراب نه ڏيندا آهن.

مان في الحال فقط مٿين چئن ڳالهين کي کٽي ڪاڪي صاحب جون غلطيون ڏيکاريندس ڇوجو انهن چئن ڳالهين جو اسانجي سوال سان واسطو آهي.

سنڌي ٻوليءَ کي عربي سنڌي سڏڻ ڀل آهي. هن وقت اسانجي لکڻ جو نمونو ئي فقط عربي آئيويتا وارو آهي. عربيءَ جا 28 اکر اسان کنيا، چار پارسيءَ مان ورتاسين تنهن هوندي به پورت نه ٿي. آخر ويهه ٻيا اکر جڙهن پنهنجا ٺاهي گڏياسين تڏهن اسانجي زبان جا اُچار پورا ٻيٺا. سر (Vowels) جي حالت ۾ عربي ٻوليءَ ۾ او جا آواز آهن ئي ڪونه ۽ وري اُهي جي اي ۽ او جي ٻين سرن سان ميلاپ سان ٺهن ٿا سي ڪي آهن: جئن آي ۽ آو. اهي سر (Vowels) سيني انڊو آرين ٻولين ۾ آهن.

ڊاڪٽر ٽرمپ صاحب پنهنجي سنڌ گرامر ۾ لکي ٿو:

"As the Arabic is destitute of the unds (اي) and o (او), a great dificulty arises in Sindhi as well as Hin dustani (ee)

a. from o (اُو) and n (اي) e from

آءٌ وڌيڪ سندون هن ڳالهه لاءِ پيش ڪونه ٿو ڪريان. سنڌي ماڻهو عربي سکي ائين سمجهندا آهن ته آواز جهڙا سنڌيءَ جا، اهڙا عربيءَ جا ۽ عربيءَ کي سنڌي نموني اچاريندا آهن. هلچل جي وقت ڪيترن مولوين

جو ڪاڻ نہ آب هوا ۽ نہ اُچار قدرت ۾ بياني آهي.

عرب هڪ جانٺي قوم آهي. سندن ملڪ وارو پاسو جتي پاڻيءَ جي اڻاٺ آهي. ان ملڪ جي آب هوا پنهنجي آهي. جيڪڏهن قدرت هنن ڳالهين ۾ بيائي رکي ٿي تہ انهن ڳالهين جو اثر ماڻهن جي زبان تي پڻ پوي ٿو.

ڊاڪٽر تارا پور والا پنهنجي ڪتاب "Elements of the Science of language" ۾ چڪوي ٿو لتہ ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ انسانن

حيوانن جي آوازن ۾ ڪا مڙيئي مشابهت آهي. عربن جو خاص جانور اُٺ آهي جنهنجي ڳلي ۾ آواز جڻ تہ اٽڪي ٿو ۽ هندستاني وري وات قاڙي گانءِ مثل آواز ڪري ٿو يعني تہ عربي ٻوليءَ ۾ زور (اُچارن ۾) حرف صحيح تي ڏجي ٿو ۽ انڊو اربن ٻولين ۾ جن مان سنڌي هڪ آهي، سڄو ساهہ سرن اُچارن مهل ئي ڇڏجيٿو. عربي شامي جي شاخ آهي جن ٻولين ۾ اُچارن وقت پنهنجو سمورو زور حرف صحيح تي ڇڏين ٿا جنهن ڪري سرن (Vowels) جو اُچار سر وجي ٿو. پالي،مرهٽي، گجراتي، سنڌي، پنجابي، مارواڙي هندي ۽ بينگالي سڀ سرن واريون ٻوليون آهن يعني هنن ٻولين جي اُچار جو دارومدار سرن (Vowels) تي آهي ۽ عربي ونجنن واري ٻولي (Consontal language) آهي، جنهن جي اُچار ۾ شد يعني زور اچي ونجنن تي (Consonants) ۽ سر وجن سسندا. هيءَ ڳالهہ اسانکي چڱيءَ طرح ڌيان ۾ رکڻ گهرجي، ڇو جو اهي صاحب جيڪي سمجهن ٿا تہ اسان جي ٻولي ۽ عربي ٻوليءَ جا سر ساڳيا آهن، اچار ۾ ڪوبہ تفاوت ڪونهي، ۽ جئن اهي ٿا لکن تئن اسين بہ لکون تن لاءِ هيءَ هڪ خاطريءَ جهڙو جواب آهي. در حقيقت تہ جڻ عربيءَ ۾ سر آهن ئي ڪونہ. سندن حرف علت لکڻ وارو نمونو اختيار ڪرڻ سان اسانکي اکرن جي وچ ۾ پڻ ساڳئي نسبت رکڻي پوندي، حرفن جي پڙن تي پڻ ساڳيو زور (Accent) ڏيڻو پوندو ۽

جنهن صورت ۾ اسانجي ٻوليءَ جو روح ۽ دارو مدار سرن (Vowels) تي آهي ۽ نه حرف صحيح تي ۽ عربي ونجنن واري ٻولي آهي ۽ نه سرن واري انڪري سندس نمونو اختيار ڪرڻ سان اسين نسبت آٿي ٻوليءَ کي جيڪڏهن ان لکيت موجب اچاريندا سين ته انکي آرين ٻولي، مان ڪٽي، شامي ٻولين ڏي ويندا سين. ساڳي ڳالهه ٻوليءَ جي جاڻن ٻيءَ طرف ظاهر ڪئي آهي جڏهن چيائون ته سنسڪرت ۽ ان مان نڪتل انڊو آرين ٻولين تن ۾ زور ڏيڻ جي ترتيب يا نمونو سر سان اُچارڻ وارو آهي ( pitchor musical accent) پر شامي مول پاشا وارين ٻولين جن مان عربي هڪ آهي. زور ڏيڻ جي ترتيب شدّ واري (strassance) آهي مسٽر جي _ آر_ ڊرائيور آڪسفورڊ يونيورسٽيءَ جو اينسئڪلو پيڊيا برٽنيڪا ( Encyclo Paedia Brittanics) ۾ شامي ٻولين تي ليک لکندي ڄاڻائي ٿو ته شامي ٻولين ۾ ساه جو سڄو زور حرف صحيح يا ونجن (Consonant) اچارڻ ۾ لڳي ٿو ۽ حرف علت ۾ سوس ٿئي ٿي.

منهنجي حجت آهي ته نه فقط اي ۽ او ۽ آي ۽ اُو جا اُچار عربيءَ ۾ ڪونهن پر اي ۽ اُو (ee,oo) جا اچار پڻ ساڳيا ڪونهن جا لاءِ جو اُچارڻ ۾ عرب سمورو زور ڏي حرف صحيح اُچارڻ ۾، ان ڪري پنئين حرف علت ۾ سوس ٿيو وڃي. انڊو آرين ٻولين ۾ سمورو زور آهي سُر تي جنهن ڪري وات وڏو اُچار ڪرڻو پوي ٿو. ڊاڪٽر تارا پور والا پنهنجي مٿين ڪتاب Elements of the science of langluage صفحه 276، فقري 134 ۾ هينئين ريت لکي ٿو.

'In Speech we neither utter all the words in a sentence nor all the syllables of a world in the same tone.

Usually in a sentence we emphasise a particular word which we regard ` as important. Thus the sentence "he shall go tomorrow to Bombay", might mean different things according to the different words on which strees laid smilarly in aword also a particular part is emphasized.The emphasis thus laid upon particular parts of a word or sentence is called accent.

Accent may be of two kinds. One variety is called the pitch or the musical accent and the other is called the strees. In the pitch accent the voice is raised .

lowered according as the syllable is accented or not.

So that a language which has the pitch accent pred ominant sounds very `sing song` to a strnger. In strees accent all the force of breath is spent on the accented syllable so that the accent all the force of breath is spent on the accented syllable so that the accentes syllable sounds louder. The effect of a strees accent language on the ear of a stranger is like that of successive clones of a hammer.

Amont langage with pitch accent may be mentioned vedic Sanskrit, Homerick Greek and most of the Indo Aryan vernaculars."

تہ ونجنن يا حرف صحيح تي زور ڏيڻ يا سمورو ساهہ ڇڏڻ سان

پنهنجون حرف علت يا سر مسبب ويندو اها ڳالهه ڊاڪٽر تارا پور والا هن طرح ٻڌائي ٿو. صفحه 278, فقرو 136, سر .Effect of the strees language

The Phonetic effects of these two Varieties of accent are very different.

With the strees accent there is tendency to resuce or drop the syllable (i.e, vowels) in the immediate neighbourhood of the streesser syllable.

The reason is quite obvious. The stresses syllablennedsall the volume of breath and thus leaves very little or nane for its immediate neighbour.

صفحي ٢٩٧ تي فقري ١٣٧ ۾ سري واري ٻوليءَ ۾ سر سان اچارڻ واري ترتيب نسبت لکي ٿو:

`The effect of pitch accent is markedly different. It changes the nature of the vowel. Generally it tends to make a close vowel more open.

مٿين سندن ڏيڻ ڪانپوءِ آءٌ فقط هڪ ڳالهه جي اُپٽار ڪندس جنهنجو اسانجي ڳالهه سان واسطو آهي. ڪاڪي صاحب جي غلطي بيان ڪرڻ بعد ٻي ليکه ۾ سندس مونجهارو اعتراض ۽ دليلبازي سمجهڻ جي ڪوشش ڪنداسون. ڪاڪو صاحب پنهنجي نمبر 2 'اعرابن تي ويچار' جي صفحه 4 تي لکي ٿو ته "ا، و ۽ ي تي حرف علت آهن. پر اهي ساڳيا حرف صحيح تي به ڪم اچن ٿا. جنهنڪري چئبو ته اهي رڳو نالي جا حرف علت آهن (ڏسو ڪانگا جو پارسي گرامر صفحه 5) ٻوليءَ ۾ سيڪنهن حرف علت

ڪي پنهنجو پنهنجو اُچار آهي، تنهن هنن ٽن اکرن کي به آهي."

آءٌ ٿو پڇان ته اهي حرف علت فقط نرم (Soft letters) لفظ آهن ڪين اسانجي سرن (Vowels) وانگي آهن، جنکي پنهنجو اُچار آهي ۽ پاڻ حرف صحيح جي اُچارڻ جو ڪارڻ آهن؟ جي سرن وانگي آهن ته پوءِ عربيءَ ۾ انهن تي جزم ڇو ٿي ڏني وڃي؟

جزم اسين اُنهن اکرن کي ڏيون ٿا جنهنجو آواز ڊيميل ٿئي ٿو ۽ اڳئين اعراب مان ئي آواز ڪڍي ٿو. اسين انگريزيءَ ۾ انکي quintessence يا مائو لفظ چئون ٿا. سوال آهي ته ڪڏهن سُر يعني ( Vowels) به مائو ٿيو آهي ڇا؟ هو ڪنهن شعر جاڻندڙ يا ڇند شاستر (Prosody) جي جاڻوءَ کي پتو آهي ته جو اکر مائو آهي اهو اڌ ڪري ڳڻيو وبندو آهي ۽ ان جي اچارڻ ۾ وقت پڻ اڌ لڳي ٿو. سنسڪرت ۽ سنڌيءَ ۾ انجي اچارڻ ۾ اڌ ماترا لڳندي اُن ڪري وڏا آواز اي ۽ اُو وارا جي عربيءَ ۾ اي او ڪري لکجن ٿا انهنجي اُچارڻ ۾ ڏيڍ ماترا لڳندي ۽ نه ٻه ماترائون جي اسان جي اي ۽ اُو اُچارڻ ۾ لڳن ٿيون. سـ ـ ان جو صاف آهي، عربي ونجنن واري ٻولي آهي،سر (Vowels) جيئن سـسـڪرت ۽ انڊو آرين ٻولين ۾ ٿين تيئن منجهس ڪونهن. ٻوليءَ ونجن (Consonant) اُچارڻ ۾ ڏجي ٿو جنهن ڪري حرف علت کي مائو رکئو ٿو پوي ڇو جو اهو آواز سـبو وڃي. اهوئي سبب آهي جو حرف علت تي جزم ڏني وڃي ٿي ۽ نه جيئن پروفيسر ڀيرو مل لکي ٿو ته عربيءَ ۾ هر ڪنهن حرف علت کي پنهنجو آواز آهي ان ڪري عربيءَ ۾ سُر ڪونهن، حرف علت يا نرم لفظ آهن ۽ اهي پڻ مائا رکيا وڃن ٿا. سنڌي ۾ سُر آهن ۽ سُر مائو نٿو ٿي سگهي. در حقيقت ته سر جي معنيٰ ئي آهي: اهو جنهن کي پنهنجو آواز هجي، جو پاڻ ونجن (Consonant) کي آواز ڏئي. هتي عربيءَ ۾ سنڌيءَ واريون ڳالهيون ڏسڻ ائين آهي جيئن اُٺ جو آواز ۾ ڳائڻ جو

آواز ٻڌڻ، انهنجي پيٽ تہ تي ڪانہ تي سگهي فقط تفاوت ٿي جاچي سگهجن ٿا، مون ان ڪري هن ليک ۾ عربي ۽ سنڌي هيٺيون ڳالهين ڏانهن ڌيان ڇڪايو آهي.

1. عربي شامي مول ڀاشا جي شاخ آهي جنهن جي اُچارڻ ۾ زور حرف صحيح تي ڏجي ٿو ۽ حرف علت مانو ٿيو وڃي. سنڌي سنسڪرت مان نڪتي آهي جا وري انڊ آريہ مول ڀاشا جي شاخ آهي ۽ ٻين انڊور آرين ٻولين سان گڏ سندس اُچارڻ ۾ سمورو زور سرن تي ايندو آهي، ان ڪري سر ڪڏهن مانا ٿئا ٿين.

2. عربيءَ جي حرف علت ۽ اسان جي سرن ي اُچار ۾ تفاوت آهي. عرب جي اي ۽ او جي اُچار ۾ ڊيڊ ماترا تہ اسان جي اُچار ۾ ٻہ ماترائون ٿيون لڳن، ڇو جو ساهہ سچو حرف صحيح جي اُچار ۾ ٿي جو سر اُچارن ۾.

3. عربيءَ ۾ اي ۽ او ۽ ان مان نهندڙ آواز اي ۽ او ڪين آهن پر اسان وٽ ٻوليءَ جو بنياد 10 سنسڪرت سرن تي آهي، انڪري لکڻ ۾ جا مشڪل ظاهر ٿئي تي ۽ ان لاءِ اسان کي ڪي ڦير ڦار ڪرڻيون پونديون.

4. جي اسين عربن وارو لکڻ جو نمونو اختيار ڪنداسون تہ لفظن جي پدن جي نسبت پڻ ساڳي ٿيندي جي ٻولي صحيح اچارينداسين تہ اسانجا سر ٻڻ ائين ٿيندا جئن عربيءَ جا آهن ۽ زور سرن بدران حرف صحيح تي ٿيندو، اسين انڪري ٻولي سرن واري ٻٽائڻ بدران شد واري (strees accents) بنائينداسين بلڪل غلط ٿيندو.

5. عربن جي لاءِ بيشڪ اهو لکڻ جو وگيانڪ (scientific) ۽ صحيح رستو آهي جو وٽن حرف علت مانا آهن ۽ حرف صحيح ڏاڍا، حرف صحيح جو اُچار زور حرف علت جو مانو ڍلو ۽ نرم آهي، ان ڪري پنهنجي حرف

علت کي جزم ڏني آهي. اسان لاءِ اهو نمونو ڏينگ اٹپورو جهاليت وارو ٿيندو.

6. اسانکي ٻولي پنهنجي اچارن مطابق لکن گهرجي ۽ نہ ٻئي ٻوليءَ جي اچار مطابق ان سبب عربن جي نموني جي پوئواري ڪرڻ غلط ٿيندو. اسانجي ٻوليءَ ۾ سرن ترتيب (vowel system) سنسڪرت واري آهي ۽ عربيءَ ۾ ڪاڪي ڀيرو صاحب جي ڏنل سند (ڪانگا گرامر واري) جڻ تہ حرف علت نالي ماتر آهن.

آءُ ٻي لڪ ۾ ڏيکاريندس تہ اسان پنهنجي گهرجن آهر حرف صحيح ڪانگا وارو ظاهر ڪرڻ ۾ وڌيڪ اکر گهڙيا آهن اهڙي طرح سرن ظاهر ڪرڻ ۾ پڻ ڪيئن ڦير ڪريون.

# اعرابن بابت منهنجا ڪي ويچار

پروفيسر منگها رام ملڪاڻي، بي- اي

ڪي مهينا ٿيا جو حيدرآباد ڪلچر گروپ جي سهاري هيٺ "سنڌي ٻولي جي سڌاري" بابت ڳالهائيندي مون چيو هو تہ ٻولي جي سڌاري ۾ اعرابن جو سوال سولي ۾ سولو ۽ خسيس ۾ خسيس آهي جو ايڏي ڇڪتاڻ ۽ ترشي جي لائق ئي ڪين آهي. آخر "ٻڪري" لفظ ۾ جي زير 'ڙ' اکر هيٺان ڏني، يا ي هيٺان ڏني، يا "چتون" لفظ ۾ پيش ت يا و مٿان ڏنو تہ انهي مسئلي تي ڪو سج اُبري لهي ڪو نٿو نڪو بادشاهتون ڪٽجن هارائن ٿيون. جائين اُچار ساڳيو ٿا ڪيون، تہ پوءِ ماترا هڪڙي اکر تي ڏني يا ٻئي تي يا تي، يا ماڳهين ٻنهي ڏرين کي خوش ڪرڻ لاءِ، ڪٿي ٻنهي اکرن جي وچ ۾ ڏني، تہ اُن ۾ اچي وڃي تہ ڪي ڪين ٿو. ٻولي جي سڌاري بابت سچا اهم مسئلا آهن آئيويتا، اُچارن، جنس، عدد ۽ ٻين وياڪرڻي صورتن بابت جن تي مون زياده زور ڏنو هو. مون سمجهو تہ اعرابن جو سوال جنهنتي پروفيسر جيٺمل 1940ع ۾ طوفان کڙو ڪيو هو سو ماٺو ٿي ويو. پر تازو جو پروفيسر پيرومل اِنهي مسئلي جي باقاعدي ۽ تفصيل وار ڇنڊ ڇاڻ ڪئي. ("سنڌو، اپريل، مئي ۽ جون 1945) تنهن وري ان وشيہ تي ڌيان ڇڪايو. مٿان جو تئين پروفيسر ناگراڻيءَ ("سنڌو"، سيپٽمبر 1945ع) پنهنجو سوال نامو پروفيسر پيرومل کي پيش ڪيو آهي، جنهنجو جواب بہ هن صاحب ("سنڌو"، نومبر 1945ع) ڏنو آهي، تڏهن مان چوٿون پروفيسر ملڪاڻي وڌيڪ صبر ڪري نہ سگهيو آهيان، ۽ هن خسيس مسئلي تي پنهنجا خسيس ويچار پڙهندڙن اڳيان پيش ڪريان ٿو. مسٽر پيرو مل جي للڪار (Challenges) ناگراڻي قبول ڪري نہ ڪري، (هن ڪان پوءِ هر هر

پروفيسر لقب ــ لڳائيندس. نہ تہ مضمون پيٽو ٿي پوندو) پر ملڪاڪٽي پنهنجي جهوني ۽ معزز استاد کي هي ڪچو ڦڪو جواب ٿو ڏئي.

ڪاڪي صاحب اعرابن جو بنيادي اصول نهايت چٽيءَ طرح سان مثالن سميت سمجهايو آهي تہ: ٻوليءَ ۾ حرف صحيح (Consonantas) آهن گونگا اکر جي پاڻمرادو پنهنجو اُچار ڏيئي نٿا سگهن. تنهنڪري اُنهن سان حرف علت (Vowels) جنکي پنهنجو اُچار آهي، سي ملائڻا ٿا پون تہ منجهائن ڪو اُچار نڪري. پر سنڌي آئيوٽا ۾ حرف علت آهن ٽي ٽي: ا، و ۽ ي. جن مان سڀ اُچار نڪري نٿا سگهن. تنهنڪري ٽي ٻيون اُچار ڪيڻ جون نشانيون ٺاهيائون: زبر، پيش ۽ زير جنکي اعرابون ٿو چئجي. پر انهن ٽن اعرابن مان فقط ننڍا يا هلڪا اُچار ٿا نڪرن. تنهنڪري ڊگهن اُچارن ڪيڻ لاءِ انهن ٽن اعرابن کي ڪٽي ٻٽو ڪيائون تہ ٿي ڊگهيون اعرابون (دو علتون) ٿهي پيون: آ، اُو ۽ اي. هاڻي معاملو جيڪو متو آهي سو نہ ننڍين اعرابن بابت، نڪي ڊگهي اعراب بابت، چو تہ اُهي سڀ هڪڙيئي حرف صحيح مٿان يا هيٺان سڌڪيون سنواٽيون ڏيئي سگهجن ٿيون. پر جهيڙو لڳو آهي پڇاڙي وارين ٻن ڊگهين اعرابن اُو ۽ اي تان جي ٻن اکرن کي ڏنيون ٿيون وڃن ۽ فيصلو ڪرڻو آهي تہ اُهي پهريائين اکر کي ڏجن يا ٻئي کي: يعني جيئن مون مٿي لکيو آهي تيئن لکجي، يا او ۽ اي ڪري لکجي جيئن مسٽر پيرو مل صاحب ٿو لکي. چتونءَ (يا خود اُستاد جو نالو پيرو مل) ۽ ٻڪري جا مثال ٻہ انهي ڪشمڪش ڪري مشهور ٿي ويا آهن، ۽ سوال آهي تہ "چتون" (يا "پيرو مل") ۽ "ٻڪري" لکجي، يا "چتُئون" يا "پيرُو مل" ۽ ٻڪري. استاد صاحب جو دليل آهي تہ اهو ٻٽو پيش يا زير نہ پڇاڙي واري حرف علت کي ڏيڻ کپي جنهنکي اُنجي درڪار آهي ۽ جا ان حرف صحيح سان ٺي ٿي لڳي ۽ اُنجي

برابر آهي. پر مان ٿو چوان ته اِيءَ جو ڏکيو اُچار نڪو فقط يا هيٺان زير ڏيڻ سان نڪرندو نڪو فقط الف هيٺان زير ڏيڻ سان نڪرندو پر ٻنهي جي هيٺان گڏيءَ زير ڏيڻ ان نڪري سگهندو. هاڻي، چوڻ سولو آهي ته ٻنهي يا ٽنهي اکرن کي هڪڙي ئي اعراب ڏيڻي هڪڙو ئي آواز ڪيڻو آهي، پر سوالن ۾ سوال آهي ته لکڻ ۾ ڪيئن سيني اکرن کي هڪڙيئي اعراب ڏيڻي سگهبي؟

هن خسيس پر پيچدار مسئلي تي جيڪڏهن حقي واجبي فتوي ڏجي ته جيڪر "ٻڪري" واري ر ۽ ي جي وچ ۾ هڪ خال ڇڏي اُن ۾ زير ٽنبي ڇڏجي؛ ۽ "چتون" واري ت، و ن مٿان هڪ ڏنگي ليڪ (bracket) ڏيئي اُن تي پيش ڏيئي ڇڏجي. پر مان قبول ٿو ڪريان ته اهو فيصلو لکڻ ۽ ڇاپي ۾ ڪارگر نه ٿيندو ۽ چگوئي بد زيبو لڳندو. تنهنڪري هڪ عملي طريقو مونکي سجهي ٿو جو سکي سگهجي ٿو ٻاراڻي درجي واري ماستر صاحب کان، جو ٻارن کي هجيئون سيکاريندو آهي. ماستر صاحب چوي ٿو ته ٻارو "ٻڪري" جي هِجي لکو. ٻ زير ٻه (ٻار لکن ٿا). ڪ — زير — ري (لکيائون). پر ڪيئن لکيائون؟ جيئن ماستر صاحب چيو ته سياويڪ طرح سان، ر_ ي_ زير — ري. يعني زير پڇاڙيءَ ۾ ي جي هيٺان لکايائين. جا ٻارن "ري" ڪري لکي. ڪهڙو چريو ماستر هندو جو زير پڪاريندو "ي" هيٺان ۽ اُميد رکندو ته ٻار پاڻمرادو "ي" بدران "ر" هيٺان ڏيئي ڇڏيندو؟ يا ڪهڙو چريو ٻار هوندو جو ٻڌندو هڪڙي هجي ۽ لکندو ٻي؟ ساڳيءَ طرح سان "چتون" جي هِجي لکائيندي ماستر صاحب چوندو ت. و. ن. پيش_ تون. ۽ ٻار سياويڪ پيش نُ مٿان، يعني پڇاڙي واري اکر مٿان ڏيندو نه ن لکي، پوءِ اکر ٻه اکر پٽني موٽي، پيش وجي ت مٿان نڪاءِ ڪندو! منهنجي خيال ۾ "چتون" وارو پيش نڪو "ت" تي ايندو نڪو "و" تي، پر ماڳهين پڇاڙيءَ واري

اکر "ن" تي ايندو جيئن اُنجي هجي سيکاري وڃي ٿي.

هان! ماستر صاحب جيڪڏهن "ٻڪري" جي هجي ۾ "ر- زير - ي- ري" چوندا هجن، ۽ "چتون" جي هجي ۾ "ت- پيش- و- ن = تون" سيکاريندا هجن (يا هن کانپوءِ سيکارڻ لاءِ مجبور ڪيا وڃن)، ته پوءِ ڪاڪي صاحب وارو سرشتو صحيح آهي. پر جيڪڏهن سيکارڻ جو نمونو اهوئي آهي جو مون ڄاڻايو آهي ته پوءِ ٻڃاڙيءَ جي اکر کي اعراب ڏيڻ کانسواءِ (پوءِ چاهي اُهو ٻڃاڙيءَ جو اکر حرف صحيح هجي يا علت)، ٻيو ڪوبه ڪارائتو نمونو ڪونهي.

اعرابن جي سؤلي سوال تي ڪٿن هيڏي غلط فهمي پيدا ٿي تنهنجو تاريخي بيان به مسٽر پيرو مل ذري پرزي سمجهايو آهي. پر تنهن مان ته مرڳو منهنجو انومان پختو ٿو ٿئي ته ويا ڪرڻ طور ڪٿي ڪاڪي صاحب وارو اعرابن جو طريقو صحيح هجي، ته به عمل طور مسٽر جيٺمل وارو نمونوئي نيڪ آهي. اُستاد چوي ٿو ته سورهين صديءَ کان وٺي ساندهه چار صديون سنڌي ڪتابن ۾ اهوئي جهونو اعرابن ڏيڻ جو نمونو اختيار ڪيو ويو جنهنکي ڊاڪٽر ٽرمپ ۽ شرٽ صاحب جهڙن ڌارين عالمن، توڙي ديوان ڪوڙيمل، ديوان ڏيارام ۽ ديوان ليلا رام سنگهه جهڙن ڏيهي عالمن پڻ استعمال ڪيو. پر 1903ع ۾ هڪ عجيب ادبي حادثو ڪاڪي صاحب ٻڌايو آهي: هڪ "ٽيڪسٽ بوڪس ريوين ڪاميٽي" مقرر ڪئي وئي، جنهنجا مکيه عيوضي هٿا ڪاور نٽن صاحب ۽ ديوان پريمچند آڏناڻي، جن درسي ڪتاب سڌاري منجهن نئون اعرابن جو سرشتو جاري ڪري ڇڏيو. جو وري مسٽر پرمانند ميوا رام جهڙي عالم، خود ڪاڪي پيرومل جهڙي ڄاڻوءَ پڻ اختيار ڪيو هو (جو مرڳو پنهنجي نالي لکڻ ۾ ٿي

"ز" بدران "و" مٿان پيش ڏيئي چوڪ ڪري وڌائين!) اهو درسي ڪتابن وارو سڌارو جنهن ۾ اعرابون ڀرئين اڪر تان ڦيرائي ڀوئين اڪر تي ڏنيون ويون، تنهنڪي پيرو مل صاحب هاڻي غلط ٿو سمجهي ۽ اهو ڏوهه سنڌي ڪلارڪ تي ٿو مڙهي، جنهن غلط فهمي ڪان اهي اعرابون ڏنيون. "ديوان پريمچند ۽ مسٽر ڪاورنٽن هڪ هڪ سبق بلڪل خبرداريءَ سان ٿي پڙهيو، پر هن اعرابن جي ڳالهه ڪنهنجو ڌيان نه ڇڪيو." مسٽر پيرو مل ادبي ڪوجنا وارو عالم آهي، تنهنڪري هيءَ حقيقت ضرور سند واري هوندي، پر ڏهن به حيرت آهي جو تعليم کاتي جي ٻن بالا عملدارن هڪ هڪ سبق خبرداري سان پڙهندي به اعرابن تي ڌيان ڪيئن نه ڏنو! پر سمجهو ته آفيسرن برابر لاپرواهي ڏيکاري تڏهن به هڪ ڪلارڪ ايڏي غلط فهمي ڪيئن ڪئي جو سيني درسي ڪتابن ۾، هر هڪ سبق ۽ سٽ سٽ ۾، سمورو سرشتو ڦيرائي، اعرابن جو بنهه نئون عملي اُصول قائم ڪري ڇڏيائين! اهو نامعلوم ڪلارڪ به سنڌيءَ جو ڪو گوهر هوندو!! شاٻس هجي هن جي جرئت ۽ يقيني ڪي جو سنڌي ٻوليءَ ۾ ايڏو سڌارو ڪري ويو!!! پر هاڻي وري ڊاڪٽر دائود پوٽي جي رهنمائيءَ هيٺ هڪ نئين "ٽيسڪسٽ بوڪ رويين ڪاميٽي" درسي ڪتاب سڌاري رهي آهي، ۽ اعرابن جو نئون عملي طريقو ڇڏي جهونو علمي طريقو اختيار ڪري رهي آهي. تنهنڪري ڪاڪي پيرو مل صاحب کي منهنجو عرض آهي. اعرابن بابت منهنجي مٿين خام خيال مان جيڪڏهن ڪو سندس دل سان لڳي وڃي پنهنجي ڪميٽي اڳيان رکي، نه ته هيءَ ليک نظر انداز ڪري ڇڏي.

## سنڌي لغات تي ودوانن جا وڏيڪ رايا

ڊاڪٽر دائود پوٽي کي جواب

منوهر داس ڪوڙومل

مهربان ايڊيٽر "سنڌو" ڊاڪٽر دائود پوٽہ صاحب "سنڌي لغات" جي موجودگي جي ضرورت تي جيڪو رايو ڏنو آهي ۽ جو اوهان پنهنجي نامور مخزن جي جنوريءَ واري پرچي ۾ ڇپيو آهي، ان ۾ جيڪي بہ تي خيال ظاهر ڪيا اٿس سي پڙهندي اسانکي سچ پچ نا اميدي وٺي ويئي آهي.

مرحوم لالا هاسا نند پنجابي جي لغات ۾ خواه سهج ڪوش ۾ قبول ٿو ڪجي تہ خاميون آهن. سچ آهي تہ ڪنهن بہ هڪ انسان جي ڪم ۾ (پوءِ چاهي اهو ڪم ڪهڙيءَ بہ جاکوڙ ۽ جفا ڪشيءَ سان سرانجام ٿيل ڇو نہ هجي) ٿوريون يا گهڻيون ڀلون اوس ٿيڻيون آهن. ڊاڪٽر صاحب بہ هروڀرو پارسي ۽ عربي تي خاص هڪ طرفو زور ڇو ٿو ڏئي؟ ائين آهي ڇا تہ هو صاحب هندي ۽ سنسڪرت جي بنياد وارن لفظن (جن مان ڪيترا اڃيتائين سنڌي ٻوليءَ ۾ مروج آهن ۽ خود شاه لطيف بہ پنهنجي ڪلام ۾ سهج سياءَ ڪتب آندا آهن) کي نظر انداز ڪرڻ واجب ٿو سمجهي؟

لالا هاسانند جي لغات ۾ گهڻو ڪري هندي ۽ سنسڪرت جا لفظ جهجهي تعداد ۾ ڪم آيل آهن پر تن سان گڏ پارسي ۽ عربي نسل جا لفظ بہ موجود آهن جن جي واجبي نقطچيني ڊاڪٽر صاحب ڪري رهيو آهي. جيڪڏهن هڪ طرف جي لفظن يعني پارسي ۽ عربي لفظن ۾ چڪون آهن ۽ ڊاڪٽر صاحب جي چوڻ موجب عربي لفظن کي پارسي ۽ پارسي کي عربي لفظ ڪري ڄاڻايو ويو اهي تہ اهي ويهي سڌارڻ گهرجن.

گهٽ ۾ گهٽ اهڙي سڌاري لاءِ ڪا عملي تجويز پيش ڪرڻ گهرجي. ائين ڪرڻ جي بدران ڊاڪٽر دائود پوٽہ صاحب هڪ ئي ڌڪ سان مذڪور لغات کي ردي ڪاغذن جي ٽوڪريءَ ۾ داخل ٿيڻ جهڙي سمجهي نہ فقط اُن وقت، ان لاءِ حڪومت کي سفارش نہ ڪري سگهيو پر هاڻي بہ انهي عمر جي پورهئي جي قدر داني جي سچي عملي ثابتي ڏيڻ کان پيو ٿو ڪيٻائي. افسوس!

جهڙي طرح لالہ هاسانند جي لغات ۾ ڊاڪٽر صاحب پارسي ۽ عربي لفظن جي نسبت ۾ نقص ڏيکاريو آهي ساڳئي طرح مرحوم ماستر سهجرام جي لغات مان پڻ ڪا هڪ اڌ ظاهر ظهور اوڻائي بيان ڪري ها تہ بهتر هو.

ڊاڪٽر صاحب فرمائي ٿو تہ ڪامل لغات هئڻ لاءِ ساري پرڳڻي جا قديمي خواه موجود لفظ محاورا ۽ اصطلاحون هڪ يا ٽڪيا هئڻ کپن ۽ تنهن لاءِ هڪ اجگري رٿ ڏني اٿس تہ هڪ پڙهيلن جي منڊلي سنڌيءَ جي سموري ساهتيہ کي ويهي اُٿلائي پٿلائي. اهي برجستا ۽ هوشيار ماڻهو ڪير مقرر ڪري جو لفظن، ورجيسن ۽ عبارتن جو گهربل ذخيره گڏ ڪن ۽ ڪٿن ۽ ڪڏهين اهو شاهي ڪم برثواب ٿئي تنهن لاءِ ڊاڪٽر صاحب ڪوبہ اشارو ڪونہ ڪيو آهي. ماستر سهجرام جي لغات ۾ اهڙو گهڻوئي مصالحو موجود آهي خصوصن اصلوڪي دستخط ۾ اهو سمورو درج ٿيل هو پر ڪيترن سنڌيءَ جي صاحبن جي صلاح تي، ڪثرت سبب انهي مصالحي جو گهڻو حصو پاڻ لغات مان ڪڍي ڇڏيائين جنهنڪري سندس لغات گهٽي ننڍي ٿي پيئي آهي. هينئر بہ جيڪڏهن جاڻن جو رايو ٿئي تہ گڏ ڪيل لفظن، محاورن ۽ اصطلاحن جو ذخيره ورائي بہ "سهج

ڪوش" ۾ گڏجي ته ائين سنهنجائيءَ سان ٿي سگهندو. اسانکي اها به خبر آهي ته ماستر سهجرام پنهنجي لغات ٽيڪسٽ بوڪ ڪميٽيءَ کي پيش ڪرڻ کانپوءِ منجهس اشتقاق پڻ درج ڪيا آهن.

ڊاڪٽر صاحب جو چوڻ آهي ته هي ڪم مهيني ماس جو نه پر ورهين جو آهي. تنهنجي معنيٰ ته اڳيون پورهيو ٻنهي لغاتن جو ڪٽ ٽيو ۽ هاڻي وري نئين سرڪ ڪم تيار ٿئي جو به سال گهري. ڪهڙا اهڙا ماڻهو آهن جي اهو ڪم ڪن ۽ وقت ڏين وڏيون ڳالهيون ته گهٽائي پيا ڪن پر ڪرڻ لاءِ هڪڙو صاحب به تيار نه آهي.

مطلبْ ڳالهه جو ته ڊاڪٽر دائود پوٽه صاحب جي رٿ موجب "سنڌ" ملڪ کي پنهنجي مادري زبان ۾ اهڙي هڪ ڊڪشنري هئڻ لاءِ جڳهه گهرجي ۽ ويچاري غريبڙي "سنڌي" ڪو زمانو ته اهڙي هڪ ڊڪشنري کان محروم رهي ۽ ڪوبه واڌارو ڪري نه سگهي!

## 28، 29 ۽ 30 مارچ 1941ع تي

# ڪراچي ۾ ٿيل سنڌي ساهت سميلن ۾

## ڪشنچند بيوس جي صدارتي تقرير

سنڌڙيءَ ۽ سنڌيءَ جا سڄڻوا

هندستان جي هن ڏاڍي سهڻي ۽ سنڌ جي تخت گاهه ڪراچي شهر ۾ سنڌ پرانتڪ (پرڳڻي) جو هي پهريون سميلن ٿيو آهي. عجب آهي ته صدر ٿيڻ جو شرف مون جهڙي هڪ اهڙي شخص کي مليو آهي، جو نه سنڌيءَ جو وڏو ماهر يا ليکڪ اهي ۽ نه جنهن وٽ عهدي، سند، دولت ۽ قربانيءَ جهڙين لياقتن مان هڪ به موجود آهي!

هن ساموندي ساحل تي سنڌي ساهت (ادب) سينگاريندڙ سهسين موتي موجود هئا، تن هوندي به ' هڪ ڪوڏ چونڊي ڪڍڻ' شاهه صاحب جي چوٽي ياد ڏياري ٿو ته:

"آکهيو ڪائو ڪچ، ماڻڪن موٽ ٿي."

شايد ونجوڳ، مان ئي واڌارو ٿئي ٿو. مئگنا چارٽ جهڙو منو ميوو ڪنگ جان ۽ پارليامينٽ جي ونجوڳ مان ئي انگلنڊ کي مليو. هيٺي هنڌ تي ڌڪ لڳي ٿو انهيءَ لاءِ ته اُهو مقابلي لاءِ وڌيڪ موافق ۽ مضبوط ٿئي. تنهن ڪري ته اها ٻاجهاري جي ٻاجهه ڇٽي جو سنڌي درسي ڪتابن ۾ ڦير ڦار آڻائي. هن واهه تي گذريل ٽورن مهينن کان سنڌ ٽڪڙو ٽڪڙو هلي رهي آهي. سندس ڪيترن شهرن ۾ "سنڌي ساهت سڀائون" ڪوليون ويون آهن، جن جا متا هيٺيان آهن:

1. سنڌي ٻولي ۽ ساهت (ادب) جي ترقي
2. نج ۽ سياوڪ سنڌيءَ کي قائم رکڻ
3. سنڌي سڀيتا (تهذيب) جي ڪوجنا

انهن سڀائن جي سهاري هيٺ اڄ تائين ست چوپڙيون ۽ ڪي نهرائن جا پترا نڪتا آهن. سفارتون سرڪار تائين پهتيون آهن. "سنڌي ادبي صلاحڪار بورڊ" ٻڌيو آهي. تنهن ڪانسواءِ عام طرح اخبارن توڙي پڙهيل طبقي به هن نازڪ سوال ۾ گهڻي دلچسپي ڏيکاري آهي.

هي اڄوڪو سميلن به انهيءَ عام جاڳرتا جو چٽو نشان آهي.

صاحبو! مٿين ٿن متن مان پهريون آهي سنڌي ٻولي ۽ ساهت (ادب) جي ترقي. انهيءَ مطلب حاصل ڪرڻ لاءِ هن سميلن ۾ خاص ڌيان ڏيڻ ۾ ايندو. سنڌ جي جدا جدا سڀائن جي عيوضين ڪي پنهنجا پنهنجا ويچار ۽ رايا پيش ڪرڻا آهن. البت هن ڪم جي پورائيءَ لاءِ "مرڪزي سنڌ ساهت سڀا" ڪي پئسي جي گهرج پوندي. سنڌيءَ جي سڄڻن ڪي وقت ۽ پئسو ٻنهي جي قرباني ڪرڻي پوندي، منهنجيءَ نظر ۾ هيٺين ڳالهين سان آرنڀ (ابتدا) ٿيڻ کپي.

1.سنڌي ساهت ۾ شبد ڀنڊار لفظي ذخيرو (Vocabulary) وڌائڻ ۽ اُهو اهڙو ڀرپور ڪرڻ جو تعليم جي ڪنهن به باب مثلاً "حساب، الجبرا، جاميٽري، ٽرگناميٽري، تاريخ، جاگرافيءَ ۽ سائينس" وغيره ۾ اسين پنهنجا خيال چٽيءَ طرح ۽ مقرر لفظن ۾ ظاهر ڪري سگهون. ڪو وقت هو جو انگريزي ستين درجي ۾ مٿين ڪمن جو اڀياس انگريزيءَ ۾ ڪرڻ ۽ امتحان وقت جواب به انگريزيءَ ۾ ڏيڻ لازم هو. پر پوءِ اختياريءَ وارن محسوس ڪيو ته شاگرد مادري زبان ۾، انگريزيءَ جي ڀيٽ ۾، ڪو به ڪم سولائيءَ سان جهٽيندا ۽ وڌيڪ خوش چهري سان امتحان ڏيندا، 1927ع ۾ هن ڳالهه جو تجربو ڪيو ويو. جڏهن ڪو به شاگرد پنهنجي مادري زبان ۾ فقط تاريخ جي پيپر جو جواب ڏيئي سگهيو ٿي. ڏهن سالن جي آزمودي اهو تجربو مفيد ثابت ڪيو. تنهن تي 1937ع ۾ پورن (مڪمل) اجازت ڏني ويئي ته شاگرد سواءِ انگريزيءَ جي ٻئي ڪنهن به ڪم جو جواب

پنهنجي مادري زبان ۾ ڏيئي سگهن ٿا.

جڏهن اهو ٻڌرنامو نڪتو تڏهن مٿين ڪمن تي انگريزيءَ تان سنڌيءَ ۾ ترجما ٿيڻ لڳا، سنڌيڪارن کي اُن وقت اها خاص اڙچڻ (تڪليف) ٿي لڳي تہ انگريزي مقرر ٿيل مڪاني لفظن جي بدران سنڌيءَ ۾ ايترا لفظ ڪٿان ايندا. انهن لفظن موجود ۽ مقرر ڪرڻ جي ڪابہ ڪوشش سرڪار خواه سنڌي ماهرن پاران ڪرڻ ۾ نہ آئي، نتيجو اهو ٿيو جو ڌار ڌار مصنفن جي ساڳيءَ (مضمون) تي لکيل ڌار ڌار ڪتابن ۾ ساڳئي مڪاني لفظ لاءِ ڌار ڌار لفظ ڪم آندا ويا؛ مثلاً هڪ ڪتاب Density کي گهرائي، تہ ٻيو ڳوراڻ، تہ ٽيون گهاٽائي ۽ چوٿون وري نهراڻ لکي ويو.

انهيءَ گهٽتائيءَ کي منهن ڏيڻ لاءِ سنڌ سميلن اڳيان عملي رٿ آهي تہ تعليمي ماهرن جي هڪ جماعت مقرر ڪجي. جا انگريزيءَ ۾ هڪ سڄي ياداشت مڪاني مقرر لفظن ۽ اصطلاحي لفظن جي تيار ڪري ۽ اُنهن لاءِ سنڌيءَ ۾ پورا پورا لفظ مقرر ڪري. جيترو ٿي سگهي اوترو اهي لفظ نج سنڌي هجن، پر جي نج سنڌي نہ ٻلي سگهن تہ سنڌيءَ جي لاڳاپيدار ٻولين مثلاً پراڪرت، سنسڪرت، هندي، اڙدو فارسي ۽ عربي ٻولين تان وٺڻ گهرجن. اهڙن گهربل لفظن جون ياداشتون اخبارن ۾ ظاهر ڪجن ۽ جيڪي انهن جي برابر سرلا، سَولا ۽ سُهائيندا لفظ لهي ڏين، تن کي انعام ڏجن.

2.اختياريءَ وارن کي عرض ڪري مڃائجي تہ انهن ڪمن جا پيپر انگريزيءَ بدران مادري زبان ۾ ٿين.

3.مادري زبان يعني سنڌي لکندڙ شاگرد وچ ۾ انگريزي لفظن جي ٽنب ٽنب ڪندا آهن، سا هرگز نہ ڪن.

4.پاڙهيندڙن کي بہ وچ ۾ ڪو انگريزي لفظ ڪم آڻڻ نہ گهرجي.

5.انگريزيدان عام طرح هڪ ٻئي سان گفتگو اڪثر انگريزيءَ ۾

ڪن ٿا، تنهن جي بدران سنڌيءَ ۾ ڪن.
سڄي گفتگو سنڌيءَ ۾ هجي، وچ ۾ انگريزي لفظ به ڪم آڻڻ نه کپن.
6.سنڌي ماڻهو خط پٽ سنڌيءَ ۾ لکن.
7.علم طبعي جي علم ڪيميا (رسالن وديا) وارن ڪتابن ۾ مفرد خواه مرڪب شين لاءِ نشانيون پڪيءَ طرح مقرر ڪري ڇڏجن، جيئن رڳو اُهيئي ڪم اچن جيئن ته، Platirum لاءِ پَل Argon آرگان لاءِ آ وغيره
8.تعليم کاتو رڳو اُهيئي ڪتاب منظور ڪري، جن ۾ اهڙيءَ طرح مقرر ٿيل لفظ ڪم ۾ آندا ويا هجن ۽ نه ٻيا.
9.سرڪاري دستاويزن ۽ دعوائن ۽ ڪورٽن جي لکپڙهه ۾ جا گڏريل جهوني ۽ پُٽي سنڌي ڪم آندي ٿي وڃي، تنهن ۾ سڌارو آڻڻ، جيئن اُها ٻولي اڄڪلهه جي سڌريل ٻوليءَ سان ٺهڪي اچي.
10.رفته رفته ڪاليجي سائنس ۽ ايڪانامڪس، لاجڪ وغيره جا ڪتاب به ترجمو ڪرائي، سنڌيءَ ۾ آندا وڃن ۽ انهيءَ ڪم لاءِ چڱا انعام آڇيا وڃن.
11. ناول نويسيءَ ۾ ترجمن کان اصليت کي زياده همٿائجي.
12.شاهه جي رسالي ۽ ٻين جهونن ڪلامن ۾ ڪن لفظن جي معنائن ۾ وڏو اختلاف آهي، اُهو اختلاف دور ڪري، ڪا هڪ صحيح معني مقرر ڪرڻ.
13.ڪاسبي ماڻهو هنر وارا ۽ ڌنڌن وارا، جي پنهنجي اوزارن، وَسلن وغيره تي عجيب ۽ مقرر لفظ ٿا ڪم آڻن، سي ڇپائي پڌرا ۽ عام ڪرڻ. مثلاً "نار کوهه اٺٺ، گاڏي ۽ ٻين انيڪ شين جا پرزا ۽ انهن جا نالا ظاهر ڪرڻ.
14.ٻهراڙين ۾ اهڙا ڪيترائي لفظ ڪم آندا وڃن ٿا، جن جي.

شهري ماڻهن کي جاڻ ڪانه آهي، اُهي لفظ هٽ ڪرڻ ۽ ڪم آڻڻ.

15.درسي ڪتابن ۾، جي غلط واقفيت، گرامر ۽ ٻوليءَ جون ڪيتريون ڇُڪون ۽ صورتخطيءَ جون غلطيون موجود آهن، تن ڏانهن اختياريءَ وارن جو ڌيان ڇڪائڻ ۽ اُهي درست ڪرائڻ.

16.سڌريل ملڪن ۾ زماني جي ترقيءَ جي رفتار موافق جلد جلد نوان درسي ڪتاب ڇپجن ٿا.

جن ۾ ساهتيه (ادب)، هنرن ۽ راڄنيتي ڳالهين بابت سيڪنهن قسم جي نئين واقفيت ڏني ويجي ٿي. جنهن ۾ پڙهندڙن کي نه رڳو سندن ملڪ پر ٻين ملڪن ۾ هلندڙ ڳالهين کان به واقف رکيو ويجي ٿو. جنهن ۾ پرهندڙن کي نه رڳو سندن ملڪ پر ٻين ملڪن ۾ هلندڙ ڳالهين کان به واقف رکيو ويجي ٿو. پر سنڌ ۾ سال بسال ساڳيائي 40_50 سالن جا جهونا درسي ڪتاب هليا اچن. گويا ايتري ساري عرصي اندر به سنڌ ۾ حالتون پنهنجيءَ جاءِ تي ڇپ هڻي ويٺيون آهن! انهيءَ گهٽتائيءَ جو پورائو ڪرڻ.

17. سنڌي ٻوليءَ کي دنيا جي مالدار ٻولين مان هڪ بنائڻ.

هاڻوڪي سنڌ هڪ درياءَ وانگر آهي، جنهن ۾ سنسڪرت، پراڪرت، فارسي، عربي ۽ انگريزي ٻولين جون ڀرتي ڪندڙ شاخون اچي ملن ٿيون. اهو ميلاپ کيس مالدار ۽ شاندار به ڪري سگهي ٿو ته وري سندس اصليت گنوائي کيس نابود به ڪري سگهي ٿو.

سنڌيءَ کي ڪائي متارو ٿيڻ لاءِ برابر اڳيان گهڻو مال موجود آهي. پر گهرج ۽ پرهيز کان سواءِ بنا تميز کائيندو رهڻ به جِند لاءِ جوکو آهي. ڇا کڻڻ ۽ نه کائڻ کپي، تنهنجي جاڻ به هاضمي کي قائم ۽ سگهاري رکڻ لاءِ بيحد ضروري آهي. پاڳي جي پلي لاءِ سڄي کي سهسائڻ نه کپي. وات جي چشڪي لاءِ سرير کي ستائڻ سياڻپ نه آهي.

هاڻي سوال آهي ته ڪهڙي متي تي ٻين ٻولين جا اُصول، اکر، لفظ ۽

محاورا سنڌيءَ ۾ درج ڪجن.

مذهبي جذبي ۽ ڌرمي ڪٽر وچان ڌپڙدوڻس ڪري فقط فارسي، عربي، سنسڪرت، پراڪرت ۽ انگيزيءَ جا ڳاتي ڀڳا، ٽڙي ڦوڙ لفظ استعمال ۾ آڻڻ سو ٿيو ساهت ۾ بغض ڪرڻ. علم ادب کي ته خاص طرح ديني بغض کان آجو رکڻ کپي. ادبي ميدان ۾ ئي فرقيپرستيءَ جي متجي وڃڻ ۽ ايڪتا قائم ٿيڻ جي اُميد آهي. تعصب وچان اصلوڪيءَ سنڌيءَ جي سهڻي ۽ سولي صورت مٽائي کيس چوُن چوُن جو مربو بنائڻ مادري زبان جي پيار وارن لاءِ لائقيءَ جي روش نه آهي. ڌارين لفظن جي سهڻي ۽ برابر ميلاپ جي پرک ڪن کي ڪرڻي آهي. پارکو ڪنئين خوش آواز ۽ بد آواز سهي ڪري سگهي ٿو. ڪن کي ئي فتوي ڏيڻي آهي ته فلاڻو لفظ ٻوليءَ سان سر ۽ ڪوملتا مطابق ملي هڪ ٿي سگهي ٿو يا نه.

هن خوش آواز واري ميلاپي اصول تي سنڌيءَ جو لفظي خزانو وڌائڻ ئي "مرڪزي سنڌي ساهت سڀا" جو فرض ٿيندو.

18. درسي ڪتابن واري نظمي ڀاڱي جي ڇڪاس ڪرڻ ته اُهي تازن سڌريل خيالن سان ٺهي اچن ٿا يا نه. جيئن ته: "خوف ڪر ڊڄ کان خدا ٻيو سڀ ڦڪو ڪر ڪار ڪم". خدا کان خوف ڪرڻ ۽ ڊڄڻ! جنهن کان ڊڄبو تنهن سان محبت پئدا ڪيئن ٿيندي؟ اهڙي نموني وارن نظمن بدران ڪنهن سٺي مطلب وارا نظم چونڊڻ ۽ ڳوڙهي مطلب وارا ڏکيا تصوي نظم ڪڍي شاگردن جي سمجهه آهر داخل ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ.

19. سنڌ جي ڇاپخانن مان جيڪي به ڇپجي نڪرن سو سنهنجو اُهو ڀاڱو جو سنڌي ساهت جي سچي شيوا ڪندڙ سمجهڻ ۾ آيو تنهن کي هيءَ سڀا پنهنجو ڪري ڄاڻندي. اُن کي پنهنجين گهرجن آهر ۽ پڻ پرچار لاءِ ڪم آڻيندي. اُن کي خاص خاص همٿا ٿيندي. اُن ۾ جيڪي لفظ، اصطلاح، محاورا، استعارا، تشبيهون وغيره ڏاريا خواه پنهنجا نيڪ نظر

ايندا، تن جو داخلو رڪندي. اُهي ڪئنا ڪري معني، مطلب ۽ ڪم آڻڻ جي طريقي سميت عام واقفيت لاءِ ڇپائي پڌرا ڪندي.

20. ويا ڪرڻ (گرامر) ۾ سڀ نج سنڌي لفظ ڪم آڻڻ لاءِ واٽ ڳولي لهندي.

هيءَ مرڪزي سڀا سمجهي ٿي ته چڱو عرصو انهيءَ ميدان تي ڪم ڪرڻ بعد ئي هڪ پورن (مڪمل) سنڌي لغت يا ڪوش ٺاهڻ جو ڪم هٿ ۾ ڪٺي سگهبو. هن سڀا جو اهو پڪو نسخو (پَڪُ) آهي ته انهن ڳالهين جي پورائي ڪرڻ کان اڳ سنڌي لغت ٺهرائڻ تي ڪوبه وقت ڏيڻ يا خرچ ڪرڻ وئرٿ (اجايو) ويندو.

**2_ نج ۽ سڀاويڪ سنڌيءَ کي قائم رکڻ**

سنڌي ساهت سڀائن جو هي ٻيو متو آهي ۽ اهو جيتري قدر ڀهرئين متي سان ڳانڍير آهي، اوتري قدر اُنجي اُپٽار ڀهرين متي جي اُپٽار ڪندي ٿيندي آئي آهي. وڌيڪ اُپٽار اڳتي ڪجهه ٿي:

سوال ٿو اُٿي ته نج ۽ سڀاويڪ سنڌيءَ کي قائم رکيو نٿو وڃي ڇا؟ جواب آهي ته قائم رکيو نه ويو آهي، ڦيرايو ويو آهي. ڪاليج جي چوٽيءَ کان وٺي، ويندي ٻاراڻي ڪلاس تائين سنڌيءَ جي بنياد ۽ بيهڪ کسي بدلايو ويو آهيا سنڌيءَ کي ڦيري چوٽ ڪاپار کان پيرن تائين آرپار رسائي وئي آهي. وڏو عجب هن ڳالهه تي ٿو اچي ته درسي ڪتابن ۾ ايترين سارين موٽ مار ڦيرين گهيرين کي دائودپوٽو صاحب رڳو "درستيون" ڪري ٿو ڪوٺي، جنهن کي "الوحيد" وري 9 جنوري 1941ع جي عيد نمبر ۾ معمولي ۽ صحيح درستيون ڪري سڏيو آهي!!! ۽ چوي ٿو ته انصاف ۽ عقل مسٽر جيٺمل پرسرام کي اجازت نه ٿا ڏين ته ڪو هو علمي ڳالهيون

عام لوڪن جي اڳيان رکي ۽ منهن مٿو پٽي، چوي ته لوڪوا ڏسوا "اسانجي سڀيتا (تهذيب) خطري ۾ اچي وئي."

درد ڪان دانهن ڪرڻ جي به اجازت نه ملي.
بند گلو ڪست بلا مان پيو ڪنبايل ورٿو.

(سامونڊي سپون)

تحقيق، معمولي، بلڪل معمولي، درستيون، رڳو رواجي راند: هتي تلاءَ ۾ پٿرن اُڇلائڻ واري ڳالهه ٿي. ٻار جڏهن ڪافي پٿر تلاءَ ۾ اُڇلي چڪا، تڏهن پاڻيءَ مان ڏڪندڙ سر ٻاهر ڪڍي هڪ وڏو ڏيڏر ڪين چوڻ لڳو ته ابا هي ڇا پيا ڪريو اسان بيگناهه گگدامن کي ماريو ڇو پيا؟ ته ٿو هڪڙو ٻار جواب ڏئيس: ڇي اسين ڇا ٿا ڪريون، اسين ته رڳو راند پيا ڪريون. ويچارو وڏڙو ڏيڏر هيءَ ورندي ٻڌي واٺڙو ٿي ويو. ڇي واهه توهان جي راندا تلاءَ ۾ اندر ته هلي انهيءَ راند جو رڱ ڏسو. اسان منجهان سون ويچارن کي صفا ماري ڇڏيو اٿؤ. سوَن کي ڦٽيو اٿؤ. سون کي منڊو ٽُنڊو ڪري رکيو اٿو. سڄي تلاءَ ۾ روج راڙو ۽ ماتم مچي ويو آهي، اجا چئو ٿا ته اسين ڇا ٿا ڪريون، اسين ته رڳو راند ٿا ڪريون. مروان موت، ملوڪان شڪارا هيءَ به اُها ڪار ٿي.

ڇا درسي ڪتابن ۾ هي معمولي درستيون هيون، جن سنڌ ۾ هيڏو ٻارڻ ٻاريو. ملڪ جي هڪ ڇيڙي کا ٻئي تائين بجليءَ جي هڪ تيز رفتار لهر ڊوڙي وئي. اخبارن جا ڪالم ڪارا ٿيڻ لڳا. جي اخبارون فرقيوار ترشيءَ ۽ ڪشمڪش تي ئي پلجنديون آهن، تن هڪ تحرڪ کي فرقيباريءَ جو رنگ ڏيئي، مخالف ڌر وارن تي شخصي حملا ڪرڻ ۽ ڊوڙيو وسائڻ شروع ڪري ڏنو. هندو- مسلم سازيءَ جي بانيڪار اخبارن به صاف لکيو ته هن نازڪ وقت هن قسم جي ڇيڙ ڇاڙ ڪرڻ جو نه آهي. وڏن شهرن ۾ سنڌي ساهت سڀائون جاري ٿيون. انهن جا ڪيل نهراءَ

ڇپجي پڌرا ٿيا. انهن ٺهرائن مان ڪن ۾ تہ ڪاميٽيءَ پاران خود سرڪار کي چتاءُ ڪيو ويو آهي تہ جيڪڏهن اڳين درسي ڪتابن کي وري قائم ڪرڻ جي ڳھر قبول نہ ڪئي ويندي تہ انهيءَ تحرڪ هلڻ جو انديشو آهي تہ انهن ڪتابن جو اسڪولن ۾ بهشڪار (بائيڪاٽ) ڪيو وڃي. ڪن ٺهرائن ۾ ڄاڻايو ويو تہ درسي ڪتابن ڦيرائڻ جو ڪم بلڪل بي قانوني ٿيل آهي، جنهن لاءِ قاعدي دانن سان صلاح ڪرڻ بعد قانوني قدم کڻڻ گهرجي. ڪن ٺهرائن ۾ زوردار رايو ڏيکاريو ويو آهي تہ سنڌ جي ڊي. پي. آءِ ڊاڪٽر دائود پوٽي کي هن ريت درسي ڪتابن ڦيرائڻ جو ڪو حق ڪونہ هو هن جي هيءَ ڪارروائي حڪومت جي اُصولي بنياد کي ڊاهي ٿي، تنهن ڪري سرڪار جو فرض آهي تہ هن باري ۾ جاچ ڪري جوڳو قدم کڻي. هڪ ٺهراءَ ۾ ظاهر ڪيو ويو آهي تہ چوڪين 52 حرفن کي ڪنهن واجبي عددي حد تي بيهارجي. جنهن جو مطلب شايد اهو هجي تہ ث، س، ص ٽن حرفن بدران رڳو "س" قائم ڪجي وغيره.

ادبي بورڊ سرڪار کي ٺاهڻو پيو مگر عام ماڻهن ان کي تسليم نہ ڪيو ڇو تہ اهو بورڊ فرقيوار توراٽيءَ ۽ گهٽائيءَ واري اصول (10 مسلمان ۽ 6 هندو) تي ٻڌل هو. سنڌ سرڪار کي پريس نوٽ ڪڍڻا پيا. مڪاني نوٽ سنڌي ساهت سڀائن پاران ڪيترا پتر ۽ ٺهراءَ ڇپجي ظاهر ٿيا. سنڌ سرڪار جي مقرر ڪيل درسي ڪتابي ڪاميٽيءَ جا حق ۽ فرض ويچار هيٺ آيا، وغيره وغيره. ڇا ڇا نہ ٿيو؟ هي نڪتو آهي معمولي درسنين جو نتيجو. ڪي سائينءَ جا سنواريا يا اهڙا بہ آهن، جن هن سموري گنڀير معاملي کي هڪ تماشو سمجهي، ٻن ڌرين جا ويس ڌاري کڻي ٻڌايا آهن: هڪ چينمل ائنڊ ڪو ٻيو دائود پوٽو ائنڊ ڪو، وري انهن ڌرين بابت وهم بہ عجيب آهن:

مسٽر جيٺمل جي ڏر بابت اهو وهم آهي تہ هيءَ بيجاءِ هلچل رڳو مسٽر جيٺمل جي هلايل آهي، جنهنجو مطلب آهي تہ ڊاڪٽر دائود پوٽي کي سنڌ مان ڪڍي ڇڏجي، ڇاڪاڻ تہ هو مسلمان آهي.

ڊاڪٽر دائود پوٽا ڏر بابت وهم آهي تہ هُو مذهبي خيال کان ڄاڻي ٻجهي سنڌيءَ کي عربي جامو ٿو پهرائي، اهي ٻئي وهم ڪنهن فهم سان آهن يا نپٽ فهم کان خالي، تنهنجو جواب آءٌ پنهنجي سر هڪ ٽِئي جي حيثيت ۾ ڏيڻ نٿو چاهيان.

مگر مسٽر جيٺمل سچو صوفي ۽ هندو مسلم اتحاد جو ڪوڙيو آهي، جا ڳالهہ مثالن سان ثابت ڪرڻ آهي يا ڏياٽين سان سچ کي ڏيکارڻ. هن جهڙو مسلم دوست هندو سنڌ ۾ ڳوليو ڪو ليي.

باقي جنهن ڳالهہ ۾ ڪو نقص ڏسندو آهي، تنهن بابت سواءِ لِڪي ڇپيءَ جي کليو کلايو مخالفت ڪندو آهي. هن معاملي ۾ هن کي جيڪي ڪرڻ کپندو هو تنهن جي ڪا پتي بہ ڪري نہ سگهيو آهي، ڇاڪاڻ تہ ڊي- ڀي- آءِ مسلمان آهي. پر جي ڊي- ڀي- آءِ هندو هجي ها تہ سندس ڪم بلڪل بي ڌڙڪيءَ سان هلي ها. ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ واري شاہ جي رسالي تي هن شخص ساندهہ مهينن جا مهينا دليريءَ سان مخالفت ڪئي هئي، جو نہ رڳو سندس ذات ڀائي هندو هو مگر دوست بہ سندس وڏو هو. تنهن مان ظاهر آهي تہ هن جو ڪنهن سان بہ شخصي جهڳڙو ٿيندو ئي ڪونهي. هن جو جهڳڙو آهي سرشتي سان، اُصول سان. آءٌ اکين ڏٺي شاهد جي حيثيت ۾ شاهدي ٿو ڏيان تہ جڏهن جڏهن مسٽر جيٺمل کي هن معاملي ۾ ڪو گفتگو ڪرڻو پيو آهي، تڏهن ائين پئي چيو اٿس تہ مونکي ذڪر ڪندي شرم ٿو اچي، ٻُڏي ٿو مران، انهيءَ لاءِ تہ انهيءَ مان متان ڪو شخص ضديت سمجهي، متان ڪو هندو مسلم نفاق جو

ممڻ مڇي، پر ڇا ڪريان، بنيادي اُصول جي ڳالهه آهي، وغيره

هيڏانهن اسان جو شمس العلما ڊاڪٽر دائودپوٽو بلڪل هندو دوست، مسلم ۽ هندن جو پيارو ٿي چاتو ويو. جنهن وقت سندس ڪتاب "سرها گل" سندس ميلاپي منڊي سياءَ سان واسجي نڪتو، ان وقت ته سندس ٻي . پي. آءِ ٿيڻ تي، هندن ۾ هيڪاري سرهائي جاڳي، مبارڪباديءَ جون تارون ڪيائون، خوشيون ملهايائون. هندن کي بخوبي خبر آهي ته سنڌ ۾ چالو حڪومت جي سرشتي هيٺ ضرور ڪو مسلمان صاحب ئي انهي وڏي عهدي تي مقرر ٿيندو، تنهنڪري ڪنهن کي به حسد ڪرڻ جو سبب نه هو. هيڪاري هيءَ چونڊ نعمت ڄاتائون، جو ڊاڪٽر صاحب جي اعليٰ تعليم ۽ هندو مسلم ميلاپي طبيعت سان ٺهڪي ٿي آئي. پر انساني سياءَ جا عجيب لاها چاڙها آهن. ڊاڪٽر محمد اقبال جهڙو ودوان، فراخ دل، سمجهو ۽ رلڻو ملڻو اعليٰ شاعر به آخر مذهبي اثر هيٺ اچي ويو. پاڻيپٽ جو نامور شاعر به آخر مذهبي اثر هيٺ اچي ويو. پاڻيپٽ جو نامور شاعر الطاف حسين حاليءَ جهڙو ديش ڀڳت شاعر به آخر عليگڙهه يونيورسٽي تحريڪ جي اثر هيٺ اچي ويو. تڏهن ڊاڪٽر دائود پوٽي جي ڪهڙي نرالي ڳالهه. جو هو مسلم اثر هيٺ اچي، "ابيات سنڌيءَ" جهڙو ڪتاب تصنيف ڪري، ان بعد ئي هندو سمجهڻ لڳا ته اسان ڊاڪٽر صاحب ۾ هندو- دوست مسلم هميشه لاءِ وڃايو.

سنڌ وزارت جي ناپائداريءَ ڪيترائي سبق سنڌ کي سيکاريا آهن، جن مان مکيه هي آهن:

"حق وٺڻ ۽ اختياري ماڻڻ ڏانهن چاهه، پر فرض پالڻ ۽ جوابداري محسوس ڪرڻ ڏانهن ناهه."

انهيءَ سبق ويچارڻ مان جيڪو اثر ٿيندو سو اثر تي عمل ۾ اچي

سنڌ ۾ ٻڪي وزارت يا حڪومت قائم ڪندو.

مسلمان ڪي وڏي عهدي تي رهڻ لاءِ اول ٿيٽو پوندو "جوابدار عهديدار" پوءِ "هندو"، پوءِ "مسلمان"، ۽ هندوءَ کي وڏي عهدي تي قائم رهڻ لاءِ اول ٿيٽو پوندو "جوابدار عهديدار"، پوءِ "مسلمان" ۽ پوءِ "هندو". انهيءَ سونهري اُصول تي ئي صوفياڻيءَ سنڌڙيءَ جي سونهن ۽ سڌاري جو مدار آهي. انهيءَ سنڌ جي سندو سڀيتا جي امر جوئي جڳڻ جو مدار آهي. انهيءَ ساڏنا ساڌڻ مان ئي اُها نئين سنڌ نڪري نروار ٿيندي، جنهنجو ذڪر 9 ڊسمبر 1936ع تي پروفيسر اجواڻيءَ سنڌ ڪاليج ۾ پنهنجي تقرير وقت ڪيو آهي. مذڪوره پروفيسر ٻڌائي ٿو ته چوڏهينءَ صديءَ ۾ انگلينڊ انگريزي ساهتيہ ٺاپيو تنهن ڪانپوءِ نئون انگلنڊ ٺهيو. ساڳيءَ طرح نئين سنڌ لاءِ اول اول ضروري ڳالھ آهي سنڌي ٻولي ۽ سنڌي ساهتيہ جي پيڙھ ۽ واڌارو. سنڌ کي اُميد هئي ته سنڌ جي تعليم کاتي جي چارج وٺڻ بعد ڊاڪٽر دائود پوٽو ئي اهي سڪون لاهيندو جنهن بابت چيو وڃي ٿو ته "هو نہ رڳو انگريزي، عربي پارسي ۽ اڙدو ٻولين جو عالم فاضل آهي، ليڪن لٽن، فرينچ ۽ سنسڪرت زبانن جو بہ ماهر آهي. انهيءَ صاحب جي علمي ۽ ادبي لياقتن جهڙا آدمي هندستان، ايران، عربستان ۽ انگلنڊ ۾ بہ ڪي ٿورا ٿيندا.

جيڪڏهن انهيءَ ۾ ڪوبہ مبالغو نہ آهي ته ايتري سموري اٿاھ طاقت سنڌ جي في سيڪڙي 95 جيڏي بي علميءَ جي انڌاري کي روشن ڪرڻ ۾ لڳائڻي هئي، يا "ابيات سنڌي" ڪَئَر شرحون لکي، ڪاليجي اسٽرائيڪن ڪرائڻ ۾، ۽ درسي ڪتاب ڪاميٽيءَ جي رضامنديءَ يا ٻئي ڪنهن بہ طلب ڪان سواءِ درسي ڪتاب ڦيرائي هندو مسلم ڇڪتاڻ وڌائڻ ۾ لڳائڻي هئي؟

ڇا شمس العلماءِ اهو بہ ڏسي نٿو سگهي تہ هي نازڪ وقت انهيءَ قسم جي ڇيڙ ڇاڙ ڪرڻ جو آهي يا نہ؟ نازڪ وقت، تحقيق، بلڪل نازڪ

ڄاڻايل آهي تہ ”سنڌي ٻوليءَ جو رُوپ ۽ اُچارَ ڪٿن تا ڦيرايا وڃن.“

۽ پترو نمبر پهريون، ٻيو چوٿون، پنجون، ڇهون، ستون ۽ سنڌي ساهت سڀا حيدرآباد جا ڏهہ نهراءَ بہ پڙهڻ ڪپن.

**اعرابون ۽ ماترائون:**

سنڌيءَ ۾ سڀجا سارا 52 اکر آهن، جن کي حرف صحيح ڪري ڪوٺيو وڃي ٿو. اهي سڀ اکر يا حرف صحيح بي آواز بجا آهن، يعني انهن کي ڪوبہ اُچار يا آواز يا سُر ڪونهي.

انهن اکرن مان آواز يا اُچار تڏهن نڪرندو جڏهن ساڻن اعرابون يا ماترائون لڳنديون. سنڌيءَ ۾ ماترائون يا اعرابون ٻن نمونن جون آهن، هڪڙيون ننڍي آواز لاءِ زبر، زير پيش (ـَ ـِ ـُ) ٻيون ڊگهي آواز لاءِ ا، و ي جن کي حرف علت چون ٿا. تنهنڪري ا، و ي حرف صحيح بہ آهي ۽ حرف علت طور بہ ڪتب آيل آهن.

نئون سڏارو ڪندڙ هڪ وصف ٻڌائين ٿا تہ ا، و ي حرف صحيح تڏهن آهن، جڏهن سندن مٿان يا هيٺان اعراب اچي ۽ جي اعراب نہ ايندي تہ حرف علت آهن. مثلاً ٻڪريءَ ۾ جي ي هيٺان اعراب ايندي تہ حرف علت ٿي نہ رهندو پر خودحرف صحيہ ٿي پوندو .اها سمجهاڻي يا وصف 20 ڊسمبر شام جو مسٽر آءِ. آءِ قاضي صاحب چيئرمن صلاحڪار بورڊ جي بنگلي تي مسٽر لالچند امرڏنومل جڳتياڻي، مسٽر جيٺلي کي ٻڌائي ٿو)

مسٽر جيٺلي کي سنڌيءَ ٻوليءَ جي واقفيت ڪانہ هئي، سو جواب ڏيئي ڪونہ سگهيو جنهنڪري هتي مان سندس پاران جواب ڏيان ٿو:

”يار“ هن ۾ مسٽر لالچند جي وصف موجب پهرين (ي) تي ڪابہ اعراب يعني زبرـ زيرـ پيش ڪانہ آهي، تنهنڪري اها حرف علت ٿي!!!

پر جيڪڏهن هن جو جواب مسٽر لالچند اِهو ڏئي تہ ناهي يا کي

پٺيان وارو "الف" ڏکهي، اعراب اچي ٿو. تنهنڪري پهرين ي حرف صحيح ٿيو. (ڏاڍو چڱو تڏهن ا، و ي اعرابون به آهن؟)

هاڻي چئبو ته وصف ڦري هن طرح ٿي: ا، و ي حرف صحيح تڏهن آهن، "جڏهن سندن مٿان يا هيٺان يا پٺيان ڪا به اعراب يا ڪو به حرف علت اچي."

ساڳئي بنگلي تي اُن وقت چيئرمن صاحب مسٽر جيٽلي کي ٻڌايو ته اسانجي سنڌي الف بي عربي تان ورتل آهي، تنهنڪري اعرابن جو سرشتو به اسان کي عربيءَ واروئي اختيار ڪرڻو آهي، اهو به سون!

عربيءَ ۾ "يَا" هن طرح لکيو آهي يعني ي تي زبر ڏيئي، اُنکي حرف صحيح بڻائي، پوءِ الف پٺيان ڳنڍيو آهي. پر سنڌي ۾ (يا) اچا به لکڻ قائم رکيو ويو آهي. هن مان قاضي صاحب ڏسندو ته عربيءَ وارو اعرابن جو سرشتو سنڌيءَ ۾ اختيار ڪون ڪيو ويو آهي.

وري قاضي صاحب چيو ته "سنڌيءَ ۾ حرف علت کي ٻٽي ڪرڻ جو رواج آهيئي ڪون." برابر پر سائين عربيءَ ۾ ته حرف علت کي ٻٽي ڪرڻ جو رواج آهي.

مثال طور عربيءَ ۾ السّآ - عآ تجلي، ·جزء عم صفح 38) ۽ سنڌيءَ ۾ به اعلي، تعالي، معني جهڙا لفظ آهن، جن ۾ حرف علت کي ٻٽو ڪيو ويو آهي، انگريزيءَ ۾ ته هڪ ٻئي پٺيان ٻه ٽي حرف علت گڏ اچن ٿا. پوءِ جي سنڌيءَ ۾ ي حرف علت هيٺان هڪ اعراب ته آئي ته ڪهڙو اُصول ٽٽو؟

تنهن ڪانسواءِ چيئرمن صاحب جي چوڻ موجب ي ۾ جي حرف علت ٻٽو ٿئي ٿو ته چئبو ته زير به حرف علت آهي. ( هٽن به اُچار ڏيڻ ڪري حرف علت ٿيو). انهيءَ موجب به زيرون جنکي تنوين ڪري ڪوٺيو وڃي ٿو سي به ٻٽو حرف علت ٿيون ۽ انهن کي اُچارڻ جي طاقت هيڪاري رڳو

1. سڀ (ي ۽ ۋ) معروف جي لکڻ جي تعداد ۾ پريسن ۾ موجود آهن، سي اجايا ويندا.

2. هزارها ڪتاب جي هيل تائين نڪري چڪا آهن، سي منسوخ ٿي ويندا. چاڪاڻ تہ 9 جنوري 1941 واري الوحيد جي 19 صفحي تي ڏيکاريل آهي: "هيءَ واويلا انهيءَ ڪري ٿي اُٿي هجي تہ شڪ نہ آهي، جو تازو تعليم کاتي وارن مصنفن کي آگاه ڪيو آهي تہ ڪتابن ۾ جي هجي جون چوڪون (هاٺوڪي نموني پٽاندر) هونديون تہ ڪتاب منظور نہ ڪبا، شايد ڪي ڪتاب رد ٿيا هجن."

شايد ڪي ڪتاب ڇو سيئي رد ٿيڻ کپن، هاڻي ايترا سارا انعامي، لئبرري، درسي وغيره ڪتاب رد ٿي ويندا! ۽ جي رد نہ ٿيا يا منظوريءَ جي لسٽ تان لهي نہ ويا، مگر قائم رهيا، يا ٻيا جيڪي لسٽ کان ٻاهر هزارها ڪتاب آهن، سي موجود رهيا تہ پڙهندڙ ٻن قسمن جون هجيئون ڏسي پيا منجهندا.

3. ڇپائيءَ تي وقت، پورهيو لاڳت ۽ تڪليف وڌندي، پنا بہ زياده کپندا.

4. پبلڪ جو ناراضپو بہ آئيندي الاجي ڪهڙا گول ڪڍي.

5. 35 سالن کان هريل استعمال کي ناحق ٽوڙي نئين استعمال تي هيرائڻو پوندو.

6. ايڏي ساري نقصان جي پيٽ ۾ ٻئي طرف ڪو بہ اُصولي يا ضروري يا طلب ڪندڙ فائديمند وزندار سبب آهيئي ڪونہ!! هيڪاري ڳروڙن نہ ڀرين طرف آهي.

حاڪمو! هلجو هتي دامن سنڀالي خون کان

ڪ اندر اين رهہ ڪشتہ بسيار اند کربان شبا. (سانگي)

## اُچار

اُچارن تي دليلبازي ڪرڻ ٻاراڻو کيل سمجهي مان ڇڏي ٿو ڏيان، اها ڳالهہ ظاهر ثابتي آهي تہ ڪابہ ٻولي ڌارئي لفظ کي پاڻ ۾ جذب ڪرڻ کان اڳ

پنهنجو سياءُ ۽ گڻ منجهس وجهندي ۽ ضرور وجهندي. ڇاڪاڻ تہ هوءَ زنده آهي. سنڌي ٻوليءَ جو اهو مخصوص گڻ آهي تہ سندس هر هڪ اکر اُچارَ يا آوازَ هيٺ ضرور ايندو. جنهن لاءِ جزم وغيره جي ضرورت نہ ڇاڻي اهي ڪيترو وقت اڳي ڪڍي ڇڏيا ويا آهن. پلا نون سڌاريل درسي ڪتابن ۾ صبح جي ص کيُ پيش ۽ ب کي ساڪن رکڻ سان جو صب ٻڌايو ويو آهي، سو ساڳي هنڌ بيت ۾ منجهي صبح ٿي ازخود متحرڪ ٿي وڃي ٿو.

"ٻيو ڪتاب سبق تيرهون" بيت

"صبح جي چڱي مهل آهي گهٽي" صُ بُح جي = فعولن. مثايل نموني موجب بيت منجهي "چڱي صبح جي مهل آهي گهٽي" ٿئي ها، اهڙيءَ طرح اڳتي: "نشانيون صبح جون ٿيون ظاهر ٿين."

۾ بہ اهو حال آهي.

سڌاريندڙ جي بيحد قابليت وري ڏسو ٽيون ڪتاب سبق اٺون: "عقل ۾ اڪابر جي آهيو اُوهين" هتي بہ جنهن ق کي ساڪن رکڻ لاءِ سعيو ٿيل، هو سو متحرڪ ٿي ويو ع قل ۾ = فعولن،

ٻيا مثال: "وهائي اکين مان ٿو پاڻي گرم" گرم = فعول،

"دنيا سان رک يار ياري ڪڏهن." هن ۾ دنيا فعل منجهي فعو ٿيو.

اهڙا نون درسي ڪتابن جي شعرن ۾ ڪيئي لفظ آهن، جي عربي پارسي هوندي بہ سنڌي ٿيو وڃن. ديوان گل مان، ديوان سانگي مان، شمس العما ميرزا قليچ بيگ جي شعرن مان اهڙا ڪيترا ئي لفظ پنهنجا قاعدا واري سنڌي ٻوليءَ جي قاعدن هيٺ اچي ويا آهن، اهو انهيءَ ڪري جو سنڌ ۾ لفظ جو هرهڪ اکر اچار هيٺ اچي ٿو جزم وارو يا ساڪن رهي نٿو سگهي.

خود نئين ٻارائي ڪتاب ۾ ڏارين ٻولين جا لفظ جن ۾ سندن اصلوڪي صورت ۾ ڪي اکر ساڪن ٿين ها، سي سڀ متحرڪ ڪيا ويا آهن. جيئن تہ:

"حجم، حاڪم، حيوان، عينڪ، رڃ، ميز، قلم، ضامن ۽ ظالم ۽ صُورت."

پر سنڌي لفظ، جن جو سنڌيءَ ٻوليءَ جي سڀاءَ ۽ اُصول موجب هرهڪ لفظ متحرڪ ٿيڻو آهي، تن ۾ ڪي اکر ساڪن ڪيا ويا آهن، جيئن ته:

اَڪ، آڳر، ٻولڙو، ٻپ وغيره

ڪهڙي اُصول هيٺ ائين ٿيو آهي، سو نه آءٌ هاڻي سمجهي سگهيو آهيان ۽ نه سؤ سال هن کان پوءِ سمجهي سگهندس. ٻاراڻي ڪلاس ۾ پهرين پهرين ٻارن کي آواز سيکاريا آهن، جي بنا سُر يا اعرابَ جي ڪئن اُچاري سگهبا؟

خَلقت ڦيري خِلقت ڇو ڪيو ويو؟

چي عربيءَ ۾ خَلقت معنيٰ خلقڻ ۽ خِلقت معنيٰ خلق يا سرشتي آهي.

پر ياد رکڻ کپي اسين سنڌي مصدر خَلقڻ مان ٿا ڪڍون ۽ نه عربي مصدر مان

**صورتخطي:**

اهڙيءَ طرح ڪن لفظن جي صورت خطي به ڦيرائي وئي آهي، جئن سمر بدران ثمر وغيره. اڙدوءَ ۾ گذر ۽ پته انهن ٻن لفظن جي ڇڪاس ڪندي ڏنائون ته اهي ٻئي صورت خطي ۾ غلط آهن. گذر ۾ گ نج پارسي آهي ۽ ذ نج عربي ائين ٿي نه ٿو سگهي، تنهنڪري گذر لکڻ کپي، اهڙيءَ طرح پته هندي لفظ آهي، جنهن جي پُٺيان ه هئڻ نه کپي، پر پتا لکڻ کپي. توڙي اها سمجهاڻي برابر هئي ته به رواج کي شرف ڏيئي گذر ۽ پته قائم رکيا ويا.

**ٿيون متو سنڌي سڀيتا (تهذيب) جي کوجنا:**

سنڌي سڀيتا جو مطلب وڏو ڪشادو آهي. مگر هتي سندس دائرو قديم زماني جي ٻوليءَ کان وٺي اڄ جي چالو ٻوليءَ تائين آهي: سنڌي

ٻولي، جا اڳوڻي زماني جي سنڌ جي اوج وقت ڏور ڏور ڏيهن ۽ ڏيساورن ۾ ڳالهائڻ ۾ ايندي هئي ۽ جا اڄ تائين هاڻوڪي سنڌ کان ٻاهر ڪچ ۽ ج، توڙي ڪانياواڙ جي اُتر طرف ڳالهائڻ ۾ اچي ٿي، تنهنجي کوجنا ڪرڻ.

1. سنڌ ۾ پهاڪو آهي ته ٻارهين ڪوهين ٻي ٻولي. انهيءَ جو مطلب آهي ته سنڌ جو سنڌ ۾ ڌار ڌار هنڌن تي ڌار ڌار ڪي سنڌي جا لفظ ڪم اچن ٿا، انهن جي کوجنا ڪرڻ

2. اهي جهونا ڪلام جي سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ درگاهن، بارگاهن ۾ يا جهونن شاعرن جي دستخطن ۾ يا ڪن ماڻهن جي ڪٻاٽن ۾ موجود آهن، سي هٿ ڪرڻ ۽ ٿي سگهي ته ڇپائڻ

3. سنڌي لفظن جا اصلوڪا بنياد يا اشتقاق ڳولي لهڻ

4. موجود اشتقاقن ۾ جي اڻ پورايون آهن، سي پوريون ڪرڻ

5. سنڌي ٻوليءَ جي ٻين قديم ۽ چالو ٻولين سان ڪهڙو ناتو آهي ۽ ڪهڙي ڏي وٺ ٿي آهي.

6. جهونائيءَ اندر نوائي ۽ نوائي اندر جهونائيءَ جو نظارو ڏسڻ ۽ نرنءِ (قبول) ڪرڻ.

7. جهونائي ۽ نوائيءَ مان سنڌي ساهت جو پنڌار پرپور ڪرڻ

8. سنڌي ساهتيه جي قديم شيواڌارين (خادمن) جون سوانح عمريون هٿ ڪرڻ، ڇپائڻ ۽ سندن يادگار ملهائڻ.

## تکي تاڻ:

ٿي ٽٽي تار تنبوري جي تکيءَ تاڻ ڪري،
تار انيو ٿي ٽٽي محض گهٽيءَ چاڻ ڪري.

گهٽيءَ چاڻ جي تاڻ ايڪتا تنبور تي ٻنهي طرفن کان ٿي رهي آهي. تار جي طاقت کي وڌيڪ تاڻ

هندو، مسلم سازيءَ جو ساز ميلاپ جو منڙو آواز ڏيڻ بدران ٽاٽيل تار سبب

شال نہ ٿئي!

رعايت سان ڊِر ڏيئي، تار ڊريءِ ڪرڻ ٻنهين پاسن ضرورت آهي.

ڪنهن کي بہ ڪنهن جي نيڪ مقصدن کي بدگمانيءَ سان ڏسڻ نہ گهرجي.

صوفي سنڌ جا مشتاق ڪَنَ ساهت جي سندر ساز مان سريلي سُر وارو ميلاپ جو مٺو گيت ٻڌڻ لاءِ هميشہ هيراڪ آهن.

هن ڏکئي ويلي، ڪو ڪرامتي ڪلا ڌاري اچي سر چاپين کي اُبتو ڦيرو ڏيئي ڊريرو ڪري ساز ٻڌائي.

اهڙو ملهائتو ۽ مهلائتو هتي ڏيندڙ هٿ. هارائي ڏيندڙ نہ، کٽي ڏيندڙ نہ، بلڪ ٻٽائي ڏيندڙ هٿ چئبو.

ورهاڱي کان اڳ ۽ خاص طور تي ورهاڱي کان پوءِ سنڌي لسانيات تي جديد انداز سان قابل قدر ڪتاب، مضمون ۽ مقالا شايع ٿيا آهن. هن ڪتاب ۾ جيڪي به مضمون گڏ ڪيا ويا آهن، سي سنڌي لسانيات جي تاريخ جو اهم حصو آهن. هنن مضمونن جي مطالعي سان اسان کي جهونن ليکڪن ۽ دانشورن جا ان وقت جي لسانيات جي موضوعن موجب دانشمندانه ويچار معلوم ٿين ٿا. ان وقت جي سموري تحقيقي نوعيت ۽ علمي صورتحال کي سمجهڻ جو موقعو ملي ٿو. اهڙيءَ طرح لسانيات جي موضوع تي بحث مباحثي لاءِ هنن مضمونن مان اسان کي ڪيترائي علمي ۽ فني نُڪتا ۽ دليل ملن ٿا، جيڪي وقت گذرڻ سان چڻ فراموش ٿي ويا آهن.

**ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو**

سنڌي ٻولي ۽ لسانيات تي ٿيل سموري ڪم جو احاطو ڪرڻ جي لاءِ اٿارٽيءَ پاران گهڻو وقت اڳ هڪ رٿا شروع ڪئي وئي، جنهن لاءِ طئي ڪيو ويو هو ته سنڌي ٻولي ۽ لسانيات بابت شايع ٿيل مضمون ۽ مقالا گڏ ڪري شايع ڪيا ويندا. هن سلسلي ۾ سڀ کان پهرين ڊاڪٽر انورفگار هڪڙي کي گذارش ڪئي وئي هئي ته هو صاحب ورهاڱي کان اڳ خاص طور تي "سنڌو" رسالي ۾ شايع ٿيل مقالا سهيڙي ڏئي. اسان بعد ۾ هنن مقالن سان گڏ ورهاڱي کان پوءِ شايع ٿيل مقالا پڻ هٿ ڪري سهيڙيا آهن، جيڪي پڻ جلد پڌرا ڪيا ويندا. سنڌي ٻوليءَ تي جامع تحقيق لاءِ هيءَ رٿا بنيادي ثابت ٿيندي ۽ هن قسم جي مضمونن جي اشاعت، سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ کي منظم ڪرڻ ۾ مدد ڏيندي.

**عبدالقادر جوڻيجو**

gn: Intel Communications, Hyd.